
واٽ ويندي
(هِندُ سِندُ جو سفرنامو)
الطاف شيخ
پوپٽ

# وات ويندي

## (هند سنڌ جو سفر نامو)

الطاف شيخ

پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور- سنڌ
2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**POPAT BOOK NO. 135**

**وات ويندي**

(هند سنڌ جو سفر نامون)

ليکڪ: الطاف شيخ

ڇاپو پهريون: 2018ع

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

لي آئوٽ: آصف نظاماڻي

ڪمپوزنگ: عرفان ڀٽو

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون:0243-552913

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور ـ سنڌُ.

ملهه: -/500 روپيه

**WAAT'A WENDE'Y**

(Hind Sindh Jo Safar Namo)

By: **Altaf Shaikh**

First Edition: 2018

Quantity: 1000 Copies

Title Design: Saeed Mangi

Lay'out: Asif Nizamani

Composing: Irfan Bhutto

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913

Published by: Popat Publishing House, Mall Road, Khairpur – Sindh.

Price: **Rs. 500 /-**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"واٽ ويندي"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب ناماري سفرناما نگار ۽ مئرين انجنيئر **الطاف شيخ** جو هند سنڌ بابت سفرنامو آهي. الطاف شيخ لکي ٿو:

"منهنجي هن ڪتاب "واٽ ويندي" جي مونکي پاڻ خبر نٿي پوي ته ان کي ڇا سڏجي ـ سفرنامو، تاريخ، ڳالهه ٻولهه، قصو، ڪهاڻي يا ڪجهه ٻيو؟ هي سڄو ڪتاب ڏنو وڃي ته دهليءَ جي هڪ شامَ جي ڪهاڻي آهي."

الطاف شيخ صاحب جو هي سفرنامو هندوستان جو ڪوئي روايتي سفرنامون ناهي، بلڪ هي تمام گهڻي تحقيق سان لکيل هڪ اهڙو ڪتابُ آهي، جيڪو ننڍي کنڊ جي تاريخَ، هتان جي حڪمرانن جي تاريخَ، انهن جي حڪمرانيءَ جي طور طريقن کي پڻ واضح ڪري ٿو.

هي ڪتاب 2018ع ۾ پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور پاران ڇاپيو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سائين الطاف شيخ صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.
اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# انتساب

## ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي نالي

هي ڪتاب سنڌي ادب جي هڪ خاموش خدمتگار سائين عبدالغفار سومري جي نالي منسوب ٿو ڪريان. حيرت اٿم ته هڪ سرڪاري ڪامورو ٿي ڪري عبدالغفار سومري لکڻ لاءِ ڪيئن وقت ڪڍيو ۽ موڊ ناهيو. منهنجي خيال ۾ عبدالغفار سومرو اهو سرڪاري ڪامورو آهي، جنهن تمام گهڻو لکيو آهي، ۽ ان لکڻ لاءِ هن وڏي محنت ڪئي آهي، تمام گهڻو وقت وقف ڪيو آهي. ائين به نه آهي ته اسان وٽ ڪنهن ٻئي سرڪاري ڪاموري نه لکيو هجي.... عبدالقادر منگي، بروهي، تاجل بيوس، فضل الله قريشي، ماهتاب راشدي، امتياز منگي، اي ڊي خواجا، شمس جعفراڻيءَ، جهڙن ڪجهه آڳرين تي ڳڻڻ جهڙن بيوروڪريٽن ضرور لکيو آهي پر اسان وٽ گهڻائي انهن جي آهي جيڪي اهڙن ڪمن کان ڏور آهن. هنن لاءِ زندگي فقط پنهنجي صاحبي قائم رکڻ، عوام تي لٺ رکڻ، غريبن جي زندگيءَ تي راڳا ڪرڻ ۽ نڙڪو عيش ڪرڻ جوئي نالو آهي. هنن کي ڪٿي آهي ادب يا انسانيت جهڙين شين سان دلچسپي. ڪٿي آهي هنن کي مذهب جي جاڻ ۽ خدا جو خوف!

عبدالغفار سومرو انهن سڀني کان مختلف طبيعت جو ۽ صحيح طرح پڙهيل ڳڙهيل آفيسر آهي. هو بيحد سادگي پسند انسان آهي. ادريس راجپوت وانگر ڪراچيءَ ۾ هو منهنجو پاڙيسري آهي. هن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ مان ڪنهن به قسم جي وڏائي يا شوبازي نٿي ظاهر ٿئي ته هي شخص ڪمشنر يا ان کان به مٿاهين پوسٽ جو ڪامورو آهي...... نه ته اسان جي ملڪ ۾ حالت اها آهي جو اهڙين آفيسن جا معمولي ڪلارڪ به پاڻ کي الائي ڇا ٿا سمجهن.

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو ٻهرين سيپٽمبر 1951ع تي ڳوٺ خيرپور جوسي (ضلعي قمبر) ۾ ڄائو. هن بنيادي تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي. سنڌ يونيورسٽيءَ مان مئٽس ۾ ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان فلسفي ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي. 1976ع ۾ پاڪستان حڪومت طرفان ورتل مقابلي واري امتحان ۾ ڪامياب ٿي سول سروس ۾ داخل ٿيو.

سال 1994ع کان 1996ع تائين ڪمشنر حيدرآباد ۽ ان کان اڳ نواب شاهه ۽ بدين ضلعن جو ڊپٽي ڪمشنر رهيو. سنڌ سرڪار ۾ ڪيترن اعليٰ عهدن تي رهڻ بعد سال 2011ع ۾ وفاقي سيڪريٽري صنعت ۽ پيداوار جي منصب تان رٽائرڊ ٿيو.

سومري صاحب تمام گهڻو لکيو ۽ تحقيق جو ڪم ڪيو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين اهو ڪم جاري رکندو اچي. لڳي ٿو ته هو وندر جو وڏو عرصو اسانجي اسٽيريو ٽائيپ بيوروڪريٽن وانگر دعوتن، شراب ۽ شباب جي محفلن ۾ گذارڻ بدران لکڻ پڙهڻ ۾ گهاري ٿو. سائينءَ جي ابتدائي تحريرن ۾ ادب سان گڏ سائنس جا موضوع پڻ شامل آهن. ليڪن سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن خاص طور شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ سان غير معمولي دلچسپيءَ سبب "شاهه عبداللطيف ۽ مولانا روميءَ جي فڪر جو تقابلي مطالعو" جي موضوع تي ڊاڪٽر بلوچ جي زيرنگراني سال 1998ع ۾ ڊاڪٽوريٽ جي سند حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ سنڌ ۾ تصوف جا اهم فڪري ماخذ سندس خاص موضوع آهي ۽ انهيءَ سلسلي تحت سنڌ جي وڏن صوفين جا هيٺيان ڪتاب سندس تحقيق سان شايع ٿي چڪا آهن.

1. بيان العارفين ملفوظات شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو
2. مڪمل شرح ابيات سنڌي شيخ عبدالرحيم گرهوڙي
3. منهاج المعرفت شاهه لطف الله قادري

4. رسالہ فتحيہ مخدوم فتح محمد
5. احوال و آثار عبدالقادر بيدل (فارسي)
6. ينابيع الحياة الابديہ ابوالحسن ڏاهري ـ ٽي جلد

ڊاڪٽر صاحب سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ ۽ فڪر بابت اعليٰ تحقيقي معيار کي برقرار رکيو آهي، جنهن جي اعتراف ۾ پاڪستان سرڪار کيس 2011ع ۾ ’ستاره امتياز‘ سان پڻ نوازيو آهي. سومرو صاحب سنڌي ادبي بورڊ ۽ اقبال اڪيڊمي لاهور جو ميمبر آهي. پاڻ ڊاڪٽر نبي بخش سنڌ ورثي جي تحقيقا تي اداري “Institute of Heritage Research” جو اعزازي چيئرمين پڻ آهي. جنهن جي سرپرستي سنڌ سرڪار ڪري رهي آهي.

عبدالغفار سومرو صاحب پنهنجو هر ڪتاب مونکي موڪليندو رهيو آهي ۽ آئون سندس پورهئي جو قدر ڪندي، سندس ڳڻ دوستن وٽ ڳائيندو رهيو آهيان، پر مون کي سڀ کان گهڻي خوشي ۽ حيرت تي جڏهن مونکي سندن تازو ڪتاب “شاهہ جو رسالو” (سمجهاڻي ۽ مفهوم سميت) اسانجي ڪامن دوست سائين ادريس راجپوت هٿان مليو. رسالي واري سائيز جو هي ڪتاب 1220 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ شاهہ جي هڪ هڪ بيت جي سمجهاڻي ڏنل آهي. سچ تہ هي ڪتاب حاصل ڪري مونکي بيحد خوشي ٿي. دل ئي دل ۾ چيم تہ ”زنده باد ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب! تو جڻ منهنجي دل جي مرادپوري ڪري ڇڏي“. مون کي بہ ڳالهيون ڏاڍو پريشان ڪنديون هيون. هڪ اها تہ ننڍي هوندي اسان کي ڳوٺ ۾ قرآن صحيح طرح نہ پڙهايو ويو. ظاهر آهي اڄ وانگر نہ مدرسا هئا ۽ نہ صحيح پڙهائڻ وارا عالم. جهاز جي نوڪريءَ دوران يا ملائيشيا وغيره ۾ ڪناري جي نوڪريءَ ۾ قرآن شريف جي سنڌي، اڙدو يا انگريزيءَ ۾ معنيٰ ۽ تفسير تہ پڙهندو رهيس پر اصل قرآن جو عربي ۾ هڪ صفحو بہ صحيح طرح پڙهي نٿي سگهيس. ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. يورپ جي ملڪن ۾ جڏهن گورن کي عربيءَ ۾ قرآن پڙهندي ڏٺم تہ اجان بہ گهڻي شرمندگي ٿي ۽ پوءِ 55 سالن جي ڄمار بعد قرآن کي عربيءَ ۾ پڙهڻ جو پڪو پهہ ڪيم ۽ بنا شرم ڪرڻ جي ننڍي وڏي کان پنهنجي درستي ڪرائيندو ۽ سبق وٺندو وڃي پار پيس. ٻي ڳالهہ جنهن جو مونکي افسوس ٿيندو هو. اها شاهہ جا بيت صحيح نموني نہ پڙهي سگهڻ آهي. ننڍي عمر ۾ جڏهن اسان شاهہ لطيف جا درسي ڪتابن وارا بيت ياد ڪري ورتا، اتي جيڪر اسان کي.... گهٽ ۾ گهٽ مونکي منهنجا والدين يا ٽيچر ڪجهہ وڌيڪ ياد ڪرائين ها تہ ڪيڏو سنو ٿئي ها. اها منهنجي هميشہ خواهش رهي. هيستائين شاهہ جو بيت پڙهڻ مهل هِن هُن کان...... خاص ڪري ڏوڪريءَ جي انور ڏنگڙائيءَ کان معنا پڇندو رهيس ٿي. دل چوندي هئي تہ اهڙو ڪو شاهہ جو رسالو ڇپجي جنهن ۾ هر بيت جي معنا هجي ۽ هاڻ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري طرفان هن ڪتاب ملڻ تي مونکي ڪيڏي خوشي ٿي هوندي! هاڻ آئون هر وقت شاهہ جو رسالو پڙهي سگهان ٿو ۽ ڪنهن بہ بيت جو مطلب سمجهڻ لاءِ ٻي وقتو انور ڏنگڙائي، تاج بلوچ، ڊاڪٽر مانجهي، امداد حسيني، سائين الانا ۽ انور فگار کي پاڪستان مان يا ٻاهران فون ڪرڻ جي ضرورت نہ اٿم. عبدالغفار سومري جڻ تہ اسان جي دل جي رهيل مراد پوري ڪري ڇڏي ۽ اهڙي ماٿهوءَ لاءِ جنهن هيڏي محنت ڪري هي ڪتاب يا مٿيان ٻيا ڪتاب لکيا آهن، مونکي بلڪل جڳائي ٿو تہ آئون پنهنجو هي ڪتاب کيس منسوب ڪريان. شاهہ جي ڪلام جو هي سمجهاڻين وارو ڪتاب ڊاڪٽر صاحب جو شاندار علمي ڪارنامو آهي. سندس هيءَ ڪاوش، شاهہ جي ڪلام کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي سلسلي ۾ سنگ ميل ثابت ٿيندي. هي ڪتاب اهڙو آهي جو ڳرو هجڻ جي باوجود آئون سفر ۾ بہ ساڻ کڻان ٿو ۽ جنهن وقت چاهيان ٿو ان وقت شاهہ لطيف جي گهربل بيت جو مطلب معلوم ڪري وٺان ٿو. مثال طور رات شاهہ لطيف جو هڪ بيت ڌيان ۾ آيو:

ڪُو ڪِئو پُڇي ڪوهُ، هَئي هَئي ڪِئو هَتَڙا هَٽي،
سا ڏُکايِي نہ ڏِئي نہ ڏِئي مَٿي ڏيرَنِ ڏوهُ
رائو روئِي روهُ، مُنڌَ ڳوڙهِن سين ڳَجُ ڪِئو

يڪدم عبدالغفار سومري جي سمجهاڻين جو ڪتاب کنيم ۽ جنهن نموني سان هن مثنوي روميءَ مان مثال ڏئي سمجهايو آهي, ان جو اندازو توهان به لڳائي سگهو ٿا......

سمجهاڻي: سسئي کو ڪارون ڪريو پيئي پهاڙ ۾ پچائون ڪري ۽ هاءِ هاءِ ڪريو پيئي منهن مٿو پٽي. اهڙي ڏکوئل حالت ۾ به هوءَ پنهونءَ جي پائرن تي ڏوهه نه پيئي ڏئي (هُنَ کي پنهونءَ جي جدائيءَ لاءِ ذميوار نه پيئي سمجهي) پر سسئي روئي روئي (ايتري رُني جو) جبل ۾ رائي ريتيءَ کي پنهنجن ڳوڙهن سان پُسائي آلو ڪري ڇڏيائين.

مثنوي روميءَ ۾ پڻ ساڳئي قسم جي تشبيهه ملي ٿي. جڏهن بخارا ڏانهن ويندڙ عاشق پنهنجو حال هن ريت بيان ڪري ٿو:

هر ڪجا يا بي تو خون بر خاڪها
پي بري باشد يقين از چشم ما

معنا رستي تي جتي به رت هاريل ڏسين, سمجهي ڇڏ ته اُهي اسان جي اکين جا ڳوڙها آهن.

هڪ ٻئي هنڌ چوٽو:

شب همي جوشم در آتش همچو ديگ
روز تا شب خون خورم مانند ريگ

معنا مان سڄي رات باهه تي رکيل ديڳ وانگر ڪڙهائن ٿو ۽ صبح کان رات تائين ريتي وانگر پنهنجو خون پسينو پيئان ٿو

شاهه جي سر رامڪليءَ مان هڪ ٻئي بيت جي معنا پئي ڳوليم...... بيت هن ريت آهي:

مُنَا جَنِ محرابُ, جُسو جامِعَ تَنِ جو
قِبلہ گاهَ قَلب ڪري تَنَ ۾ ڪَنِ تواب
تحقِيقَ جي تَڪبِير چَئي جِسمان تِنَا جوابُ
تَنِ کِهَڙو ڏوهه ثوابُ, جَنِ هِنيڙي هادي حَلُ ٿِئو

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب مٿئين بيت جي سمجهاڻي هن ريت ٿو لکي ته: هنن درويشن جا اُيا گوڏا (سندن ويهڻ ۽ مراقبي واريءَ حالت ۾) جڻ محراب آهن ۽ هنن جو جسم جڻ جامع مسجد آهي. هو پنهنجي دل کي قبلو ڪري, پنهنجي تن اندر طواف (تواب) ٿا ڪن. هنن تحقيق (حقيقت) واريءَ منزل ۾ تڪبير چئي (پاڻ کي کهي ڇڏيو آهي) ۽ هن ظاهر جسم جي (تقاضائن ۽ خواهشن) کان پنهنجي ذاتي حقيقت کي الڳ ڪيو آهي. اهڙن (فنا في الله) سالڪن کان ڪهڙو گناهه ۽ ثواب ٿي سگهي ٿو جن جي دل ۾ پرين پاڻ موجود آهي (جن پاڻ پرينءَ کي اربي يا سونپي ڇڏيو آهي).

ڊاڪٽر عبدالغفار ان ڏس ۾ مثنوي روميءَ بابت لکي ٿو ته ان ۾ ڪيترا اهڙا شعر آهن جن ۾ هن بيت جو مفهوم سمايل نظر اچي ٿو. هڪ هنڌ هو اوليا الله جي بدن کي مسجد سان هيئڻ پيٽ ڪري ٿو:

مسجدي ڪان اندرون اولياست
سجده گاهه جمله است, آنجا خداست

ساڳئي هنڌ ٻئي شعر ۾ چوي ٿو خبردار! هيءَ مجازي نه پر حقيقي ڳالهه آهي ته اوليا الله جون دليون ئي خدا جو گهر آهن (انهن ڏانهن رجوع ڪريو). وڌيڪ چوي ٿو ته دوزخ ۽ جنت خود انهن اوليائن جي ڪري آهن. تون هنن جي باري ۾ جيڪو گمان رکين ٿو هو ان کان مٿي آهن.

دوزخ و جنت همہ اجزائي اوست
هرچہ انديشي توان بالائي اوست

هاڻي بيت جي آخري سٽ تي غور ڪريو تہ مفهوم واضح ٿي ويندو.
تڪبير جي باري ۾ روميءَ هيئن چيو آهي:

معنيءِ تڪبير اينس اي اميم
ڪاي خدا پيش تو ما قربان شويم

معنا: تڪبير جو مطلب هي آهي تہ اسان پاڻ کي خدا جي آڏو قربان ڪري ڇڏيو آهي.
عبدالغفار سومري سان منهنجي پهرين جي ڪاڻ سڃاڻ يا واقفيت نہ هئي. منهنجي خيال ۾ 1995ع ۾ منهنجي ساڻس پهريون دفعو اوچتو ملاقات ٿي، جڏهن هو حيدرآباد جو ڪمشنر هو. آئون ملائيشيا کان ڪراچي آيو هوس، جتي منهنجي شاهہ پنجوءَ جي دوست، جسٽس غلام نبي سومري جي پاڻتي جي شادي يا ڪو بيو ڪاج هو. موڪلائڻ وقت غلام نبي سومري سان گڏ سائين عبدالغفار بہ بيٺو هو. منهنجو نالو ڪٺي هن مونکي کيڪاريو ۽ آئون بہ گرمجوشيءَ سان ساڻس مليس پر هو منهنجي خالي خالي سوچن مان سمجهي ويو تہ آئون تڪلف طور هن سان ضرور مليس، پر سڃاتم ڪو نہ. کلي چيائين: ”سڃاتوَ؟“

”نہ سائين“. مون سچ ڳالهايو. ”لڳي ٿو ڏيان تان لهي ويو آهي. توهان ئي پاڻ بابت ٻڌايو“.
عبدالغفار نہ ٻڌايو. اسان جو ميزبان دوست غلام نبي تہ ٻين مهمانن کي خدا حافظ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. آئون عبدالغفار سان ضد لائي بيٺس تہ هو پنهنجو تعارف ڪرائي. پر عبدالغفار جواب ۾ فقط مرڪندو رهيو ۽ چيو تہ آئون پاڻ معلوم ڪريان. مونکي عبدالغفار جي خوش اخلاق ۽ شرميلي طبيعت ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ ڪيترا ئي ڏينهن آئون سوچيندو رهيس تہ ٿي سگهي ٿو اسانجو ڪو پيٽارين هجي، ڳوٺ جو هجي، اديب شاعر هجي، ڪٿي ولايت ۾ مليو هجي، فارين سروس ۾ هجي، غلام نبيءَ جو واقفڪار هجڻ ڪري ڪو وڪيل يا جج هجي..... هو ڪير ٿي سگهي ٿو ۽ پهرين ڪٿي ملاقات ٿيل آهي..... ڪجهہ ياد ڪري نہ سگهيس. ان بعد اٽڪل ستن اٺن سالن کانپوءِ اسان جي پرواري ڳوٺ پاٽوٺ جي شاهہ محمد شاهہ جي ڪنهن بار جي شاديءَ ۾ مون هن کي پري کان ڏسي ورتو. گڏريل دعوت ۾ مون سندس تصوير ڪڍي ورتي هئي، جنهن کي ڏسي سندن چهرو ياد ٿي ويو هو. پاڻ ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر انعام شيخ سان گڏ هيو. آئون سڌو هنن وٽ آيس.

”سائين! آئون نہ سڃاڻي سگهيو آهيان“. مون چيو.
جواب ۾ پاڻ وري مرڪندو رهيو. بهرحال هن پيري بہ مون سندن فوٽو ڪڍيو ۽ دل ۾ سوچيم تہ گهر پهچي فون تي انعام شيخ کان پڇندس. ڏينهن پنيان ڏينهن گذري ويو مونکان ڳالهہ وسري وئي. ڪجهہ ڏينهن بعد عبدالغفار صاحب جن جو ڪتاب ادريس راجپوت هٿان مليو ۽ خبر پيئي تہ پاڻ هتي اسان جي پاڙي ۾ ئي رهن ٿا. ان بعد اسان جي ملاقات ٿي. اسان ڏاڍو ڪلياسين جو منهنجي ساڻس نہ پهرين جي ملاقات هئي نہ سڃاڻپ. عبدالغفار صاحب کي چيم تہ يار! توهان مونکي وڏي امتحان ۾ وجهي ڇڏيو ۽ آئون خبر ناهي ڪنهنجو ڪنهنجو سوچيندو رهيس.
ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب سان چند ملاقاتن مان اهو اندازو لڳايم تہ هي بيحد ماٺيڻو ۽ خاموش طبيعت انسان آهي. هو خلوص ۽ پيار ڏيڻ وارو آهي. سرڪاري ڪامورو، صوبائي ۽ فيڊرل ليول جو سيڪريٽري هجڻ جي باوجود هن ۾ نہ ڪو تيز نہ اسان جي ملڪ جي ڪامورن واري روايتي ٺون ٺان آهي. هو گهٽ ڳالهائڻ وارو ۽ هر هڪ جي مدد ڪرڻ وارو آهي. ڪتاب هن جا دوست ۽ ساٿي آهن. هن کي هر وقت علم حاصل ڪرڻ جي جاکوڙ رهي ٿي. بقول اسان جي هڪ ٻئي ڪامن دوست دادوءَ جي منير چنا جي ”اسانجو عبدالغفار سومرو بنا ڏاڙهيءَ

وارو عالم آهي. هو رسول الله صلعم جو سچو عاشق ۽ شاه لطيف جو اعليٰ پارکو آهي“. بنا ڪنهن شڪ جي ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صحيح معنيٰ ۾ جينٽلمين آهي.

ڊاڪٽر صاحب سيڪريٽريل گروپ جو رٽائرڊ آفيسر آهي. پاڻ سيڪريٽري انڊسٽريز ۽ پروڊڪشن رهيو. ان بعد سيڪريٽري اسپورٽس ڊويزن به رهيو. 2014ع ۾ رٽائرمينٽ بعد هن سعودي پاڪ انڊسٽريل ائنڊ ائگريڪلچر انويسٽمينٽ ۾ پڻ ڪم ڪيو. پاڻ 26 جولاءِ 2016ع کان اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان (ECP) جو ميمبر آهي ۽ اڄ ڪلهه اسلام آباد ۾ رهي ٿو.

**الطاف شيخ**

**ـــ ڪراچي**

**3 مئي 2018ع**

# سٽاءُ


- **پبلشر نوٽ:** قربان منگي
- **پيش لفظ:** امر اقبال
- **ليکڪ طرفان:** الطاف شيخ

- **سفرنامو**

# پبلشر نوٽ

پنهنجن انمول سفرنامن وسيلي سِنڌُ واسين کي سموري دُنيا جو مشاهدو ڪرائيندڙ سنڌي ٻوليءَ جي اڻ ٿڪ ۽ اورچ ليکڪ محترم الطاف شيخ جو نئون سفرنامو ”وات ويندي“ اوهان جي مهربان هٿن ۾ آهي.

الطاف شيخ صاحب جو هي سفرنامون هندوستان جو ڪوئي روايتي سفرنامون ناهي، بلڪ هي تمام گهڻي تحقيق سان لکيل هڪ اهڙو ڪتابُ آهي، جيڪو ننڍي کنڊ جي تاريخَ، هتان جي حڪمرانن جي تاريخَ، انهن جي حڪمرانيءَ جي طور طريقن کي پڻ واضح ڪري ٿو. تاريخَ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ هي ڪتابُ نهايت اهميت وارو ڪتابُ آهي. نئين نسل کي هي ڪتابُ ضرور پڙهڻ گهرجي ته جيئن هُو تاريخ جي اونداهين گهٽين کي محسوس ڪري سگهن گذريل ڪجهه ڪتابن جيان الطاف شيخ صاحب جو هي ڪتابُ ڇاپيندي اسان تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون.

**قربان منگي**
چيئرمين
پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور

# مڇيءَ جي اک سان سمندر ڏسندڙ: الطاف شيخ

حسن درس جي نظم جون سٽون:

پوڙهو جهاز ران
مڇيءَ جي اک سان
سمندر ڏسي ٿو

جڏهن جڏهن به پڙهيو هوندم، منهنجي تصور ۾ سائين الطاف شيخ جو چهرو ٿي اڀري آيو هوندو... پر وري ٻئي لمحي ٿي اهو به سوچيو هوندم ته: ”الطاف شيخ ”پوڙهو“ ڪٿي آهي.... هُو ته اڄ به جوانن کان جوان آهي........“.
سائين الطاف شيخ جي حڪم تي پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور پاران شايع ٿيندڙ سندس سفرنامي ”بنارس کان برمودا“ ۽ هينئر سندس هن نئين سفر ڪٿا ”واٽ ويندي“ جا پروف پڙهندي، مان مسلسل حيران ٿيندو رهيس ته الطاف صاحب هن عُمر ۾ به مسلسل لکي رهيو آهي ۽ سندس لکڻيون محض ڪي ”حالَ احوالَ“ ئي نه ٿيون هُجن.... هُو زبردست پلاننگ ۽ تحقيق ڪي پنهنجين لکڻين ۾ شامل ڪري، انهن جي اهميت ڪي وڌائي ٿو ڇڏي. ذڪر ڪيل ڪتابن جي تياريءَ دوران اڪثر سائين الطاف شيخ سان منهنجي فون تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي ۽ ”هيلو“ کان وٺي ”الله واهيءَ“ تائين، سندس آوازُ، سندس جُملا، مون هميشه شفقت ۽ ٻاجهه ڀريا ئي محسوس ڪيا آهن. الطاف صاحب سان رُوبرو ملاقات اڃان ٿي ناهي سگهي، ڪجهه عرصو اڳ خيرپور ۾ سندس ڪتابَ ”مونکي موهيو ملائيشيا“ جو مهورت ”پوپٽ“ طرفان ٿي ٿيو. سائين خيرپور آيو پر اتفاقَ سان مان ان ڏينهن ۾ ڪنهن ضروري ڪمَ سبب ڪراچيءَ ۾ ترسيل هُيس.... ۽ ائين انهيءَ يادگار تقريبَ لاءِ اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرض، جيڪي مون کي نڀائڻا هئا، مان نڀائي نه سگهيس. ائين به آهي ته ”الطاف شيخ“ سان ملاقات هَرويَرو ضروري به ناهي.... ”الطاف شيخ“ سان منهنجي ملاقات ته پنجٽيهه سال اڳ، اسڪول ائج ۾ ئي ٿي وئي هُئي، جڏهن گرمين جي وئڪيشن ۾، پنهنجي ڳوٺ واري گهر جي ٻِڌرَ ۾ بيٺل ڪَٻرَ جي جهوني وَڻَ جي تارين ۾، اسان ٻارن پاران ٺهرايل جوڙيل مَڏ ۾ ويهي، مون سندس سفرنامي ”بندر ديسان ديس“ جو اوائلي ڇاپو پهريون دفعو پڙهيو هو. ڪٻرَ جو اهو جهونو وَڻُ اڳتي هلي ڪٽجي ويو.... پَرَ الطاف شيخ جي لکيل ڪتابن جي ڇانوَ اڳي کان به گهاٽي ٿيندي پئي وڃي.
هُو هِنَ وقت تائين پنهنجي ڇانءَ وند ڪتابن جا سؤ جي قريب درخت پوکي چُڪو آهي، جن جون جڙون سنڌي ڪتابَ پڙهندڙن جي جيءَ ۾ لتل آهن.
لکڻ الطاف صاحب جو ”وچاٽو ۽ وهاٽو“ آهي ـ هُنَ هِڪَ ڇمارَ ۾ ڪيترين ئي ڇمارن جيترو ڪمُ ڪري ڇڏيو آهي. هُنَ ”ماءُ“ ۽ ان کان پوءِ ”زال“ جي ڪڇ ۾ عُمر ڳاري ڇڏيندڙ ”سنڌي نوجوانن“ کي، دُنيا جهانَ جا ڏَس پتا ڏنا آهن، ۽ انهيءَ دنيا جهانَ کي ووڙڻ لاءِ همٿايو آهي. الطاف شيخ جي سفرنامن کي پڙهي پڙهي سنڌ جي نوجوانن دنيا جي گولي کي پنهنجي آڱر تي ڦيرائڻ شروع ڪيو. سندس سفرناما اڄ به سنڌ ۾ Best Seller ثابت ٿين ٿا ۽ هُو مهورتن ۽ نُمائش جي ڇَڱرن کان بي نياز ۽ بي پرواهه رهندي، مسلسل لکڻ ۾ مصروف آهي. الطاف صاحب غضب جو Utilitarian ماڻهو آهي، لکڻ وقت هُو پَنِي جو هِڪُ پاسو به ضايع ناهي ڪندو. هُو ونڊڻ ۽ ورهائڻ وارو ماڻهو آهي. تنوير عباسيءَ جي سٽن ”ڪجهه ڏئي ويندا سي، ڪُجهه نه ڪٺي ويندا سي“ وانگر، الطاف شيخ صاحب پنهنجون مُحبتون، دُنيا جهانَ مان خريديل ننڍين ننڍين تحفن، ڪتابن، رسالن جي صورت ۾ دوستن ۽ در آيل مهمانن ۾ ورهائيندي، دلي قرار محسوس ڪندو آهي. الطاف شيخ دوستين ۽ رشتن ناتن جي حفاظت ڪرڻ جو هُنر خُوب

ڄاڻي ٿو. سندس شخصيت ۾ اجرڪ جي ڦلڙين جهڙو سياءُ شامل آهي ۽ سندس ڪتابَ. سنڌي ادب جي شاندار عمارت ۾ جڙيل ڪاشيءَ جي ٽائيلس جيان آهن.

الطاف شيخ جو ذهن هِڪ قابل مئرين انجنيئر وارو ذهن آهي، پَر سندس دِل هِڪ محبت ڪندڙ شاعر واري دل آهي. سندس مَنُ ڪبير ۽ ميران جي دوهن جهڙو آهي. ساڻس نہ ملي بہ مون محسوس ڪري ورتو آهي تہ هُو صفا سادو آهي، مِٽيءَ جهڙو يا وري پاڻيءَ جهڙو. پنهنجي پروفيشنل عمر گذاري، ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ بہ سمنڊ سان هُنَ جو ياراڻو ٽُٽو ناهي. مون کي وري بہ حسن درس جون سٽون ياد ٿيون اچن:

سمنڊ ٿو مون کي سڏي
مان هليو ويندس هتان

روز ٿو سوچي چوان
روز ٿو قاسي پوان

.........پَرَ الطاف شيخ کي سمنڊ جڏهن جڏهن بہ سڏي ٿو هُو سوچ جي سراب ۾ قاسي نہ ٿو پوي، دل جي غوراب کي هڪلي، هِڪَ نئين سفر جو سانباهو ڪري نڪري پوي ٿو ۽ واپسيءَ تي هِڪَ نئين ڪتابَ جي صورت ۾ ساهہ ۾ سانڍڻ جهڙي سوکڙي کڻي ٿو اچي.

الطاف صاحب سنڌ جي مختلف درسگاهن ۾ سِنڌُ جي نئين رَتُ، سنڌ جي آئيندي، سنڌ جي نوجوانن سان رهاڻيون ڪري، انهن جي ڪيرئر ڪائونسلنگ بہ ڪندو ٿو رهي. سندس دِل سنڌ سان گڏ ڌڙڪندي ٿي رهي. دانگيءَ جي پوئين پاسي جهڙين سياسي روايتن، انتظامي جوڙجَڪ جي نابينائيءَ، ڪرپشن جي ڪميٽي ڪاروبار، سنڌ جي وسيلن جي ڦيلَ، ميرٽ جي قتل عامَ، مڙهيل مهانگائي، هَٿَ سان پوکيل بيروزگاريءَ ۽ اهڙن ٻين مسئلن تي سندس دل ڏکندي ۽ جهڄندي ٿي رهي ۽ هُو انهن مِڙني مامرن جو اظهار پنهنجين لکڻين ۾، ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ڪندو ٿو رهي.

سائين الطاف شيخ جو هي ڪتابُ سفر ڪهاڻيءَ جي رُوپ ۾ ننڊي ڪنڊ جي رُتُ هاڻي تاريخَ جو آئينو آهي. مذهب جي نالي ۾ ٿيل بدماشيون، محلاتي سازشون ۽ تاريخَ جا پيا ڊيچاريندڙ اُلٽيءَ جهڙا رُوپ هِنَ ڪتابَ جي صفحي صفحي تي وکريا پيا آهن. الطاف صاحب ڳالهين ڳالهين ۾ تاريخي جي ڳُرڙِيُن، رَتَ ڳُڙِيُن جهڙين حقيقتن کي چِٽو ڪيو آهي ۽ نئين نَسلُ جي ذهن کي، حقيقتن جي صاف پاڻيءَ سان ڌوئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان سمجهان ٿو تہ هي ڪتابُ Researchers لاءِ ڪنهن وڏي وَٿ کان گهٽ نہ هوندو.

سائين الطاف شيخ، لطيف سائينءَ جي لفظن ۾ اهو ”ناڪئو“ آهي، جنهن ”ايڏا سور سهي“ هِڪُ پَلُ بہ ”ننڊ“ ناهي ڪئي. شالَ سندس ”جاڳ“ سلامت رهي ۽ اها جاڳَ اسان کي ”ماڳ“ رسائڻ واري سفر ۾ پنهنجو حصو پِڻي ائين ئي شانَ مانَ سان ڳنڍيندي رهي.

**امر اقبال**
— خيرپور - سنڌ
1 جولاءِ 2018ع

# ليکڪ طرفان

منهنجي هن ڪتاب ”وات ويندي“ جي مونکي پاڻ خبر نٿي پوي ته ان کي ڇا سڏجي ـ سفرنامو تاريخ، ڳالهه ٻولهه، قصو ڪهاڻي يا ڪجهه ٻيو؟

هي سڄو ڪتاب ڏٺو وڃي ته دهليءَ جي هڪ شامَ جي ڪهاڻي آهي. دهليءَ ۾ ڪيترن ئي ڏينهن کان رهيو پيو هوس. سڄو ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن چڪر هڻندو رهيس ـ ٻين لفظن ۾ رلندو پنندو رهيس پر ڪجهه لکڻ لاءِ نه موڊ ٿي ٿيو ۽ نه سمجهه ۾ ٿي آيو ته دهليءَ ۾ ڏٺل وائٺل جڳهن ۽ ملاقات ڪيل ماڻهن مان ڪنهن تي لکان. منهنجي لاءِ (۽ منهنجي خيال ۾ ته ٻين ليکڪن لاءِ به) اها عام ڳالهه آهي ته ڪنهن شهر ۾ به ٽي ٽي دفعا اچڻ بعد به مون ڪجهه نه لکيو هوندو. ڪڏهن ڪڏهن ڇئن پنجن مهينن جي ساموندي سفر ۾، ڪيترن ئي بندرگاهن ۾ رهڻ ۽ ڪيترائي سمنڊ ڪراس ڪرڻ جي باوجود هڪ اکر به نه لکيو هوندو...... ۽ هاڻ هي انڊيا جو سفر به ائين ئي بنا لکڻ جي پورو ٿي رهيو هو ته آخري ڏينهن ۾ دهليءَ جي ڪناٽ پليس جو چڪر هڻندي، ڪجهه اهڙين ڳالهين دماغ ۾ Click ڪيو جو انهن بابت اهو سوچي لکڻ ويٺس ته سنڌي اخبار ”ڪاوش“ يا اڙدو اخبار ”امت“ لاءِ پنج ڇهه صفحن جو ڪالم ٿو لکان..... پر ڳالهه مان ڳالهه ائين دماغ ۾ ايندي وئي جو دهليءَ ۾ رهائش جا باقي ڏينهن ته لکندو رهيس، پر ان بعد جيڪو مهينو ڏيڍ ملائيشيا ۾ اچي رهيس، اهو ڏينهن رات هن So Called ڪالم ۾ لڳائي ڇڏيم. نتيجي ۾ هي ڪالم نه پر هڪ ڪتاب ٺهجي پيو آهي.

هن ڪتاب نما ڪالم ۾ آئون پڙهندڙن سان ائين مخاطب آهيان جيئن نئين بندرگاهه اچڻ کان اڳ سمنڊ تي پنهنجي جونئر اسٽاف کي پنهنجي چارٽ مطابق ايندڙ بندرگاهه ۽ ان ملڪ جي تاريخ، جاگرافي، سياسي ۽ معاشي حالتن بابت ٻڌائيندو آهيان. هن ڪتاب ۾ ڪيترين ئي ڳالهين مون Flash Back ۾ ڏٺيون آهن ۽ ماڻهن، ملڪن، حاڪمن ۽ حڪومتن بابت منهنجا پنهنجا Views آهن. ٿي سگهي ٿو اهي حقيقتون هجن يا منهنجي خام خيالي.... ۽ ٿي سگهي ٿو ڪيترا ان سان سهمت نه هُجن. هونءَ به آئون هڪ مئرين (جهاز هلائڻ وارو) انجنيئر آهيان ـ ڪو محقق، مؤرخ يا سياستدان نه آهيان. منهنجا خيال هڪ عام ماڻهوءَ جا آهن. ڪڏهن اهو سوچي خوش ٿيندو آهيان ته بلي ! هندوستان تي مسلمانن جو هيترا سال راڄ هو..... ڪڏهن اهو سوچي باهه وٺندي آهي ته حڪومت ته مسلمانن جي هُئي پر هنن عوام لاءِ ڇا ڪيو؟ پيو ته نهيو هنن پنهنجن مسلمان کي ئي موچڙا هنيا ۽ سخت غربت ۾ رکيو. انهن حاڪمن جو سڄو زور محل ۽ مقبرا ٺهرائڻ تي رهيو. يعني هنن پنهنجي ئي لئي رکي. تعليمي ادارا، انصاف ۽ امن امان قائم رکڻ جا ادارا ۽ عمارتون ڏارين قائم ڪيون. عوام جي بچاءَ لاءِ ته پري جي ڳالهه، هنن پنهنجي حڪومت بچائڻ لاءِ يا پنهنجي بچاءَ لاءِ به ڪجهه نه ڪيو......

بهرحال هن ڪتاب ۾ منهنجا رول خيال آهن.... ٻين لفظن ۾ جيڪي دل ۽ دماغ ۾ آيو اٿم لکندو ويو آهيان. اهو ئي سبب آهي جو ڪتاب پروف پڙهڻ واري دوست امر اقبال کي چيم: ”سائين! ڳالهه ٻڌو..... هن ڪتاب ۾ دم آهي يا نه. سمجهو ٿا ته ڪم جو ناهي ته پوءِ نه ئي ڇپيو“...... موٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ امر اقبال ۽ قربان منگيءَ هن ڪتاب کي پسند ڪيو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ٻيا به ڪن. بهرحال هن ڪتاب لکڻ ۾ نه فقط منهنجي محنت جو حصو آهي پر امر اقبال جو به ــ جنهن پروف ڏسڻ دوران نه فقط ٽائپسٽ جون چڪون دور ڪيون آهن پر منهنجي اسپيلنگ جون ۽ گرامر جون غلطيون پڻ درست ڪيون آهن. پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور طرفان ڇپايل منهنجي اڳئين ڪتاب ”بنارس ڪان برمودا“ کي پڻ امر اقبال ئي ماڻهپي ۾ آندو هو ۽ سعيد منگيءَ سهڻو ٽائيٽل ٺاهيو هو. اميد ته هن ڪتاب جو ٽائيٽل به سعيد ئي ٺاهيندو.

**الطاف شيخ**

Adress: House 2/2, 8th Gizri Land
Phase 4, DHA, Karachi – 75500
(Tel: 0300-9241666)
Email: altafshaikh2005@gmail.com

# سفر نامو

دهليءَ جي ساڌو واسواڻي انٽرنيشنل گرلس اسڪول ۾ جڏهن پهريون دفعو ان اسڪول جي صلاحڪار پروفيسر چندر ڏاسواڻيءَ سان ملاقات ٿي ته هن مونکي هڪ سک ٽئڪسي ڊرائيور سان چاڻ سڃاڻ ڪرائي.

”اروادیپ سنگهه ٽئڪسي ڊرائيور سنو گائيڊ به آهي. هو پڙهيل ڳڙهيل نوجوان آهي ۽ تواريخ جو سٺو ڄاڻو آهي“. ڊاڪٽر ڏاسواڻيءَ منهنجي پڇڻ تي اهو ٻڌايو هو. پاڻ زبان جو ڄاڻو (Linguist) آهي. جنهن ۾ هن آمريڪا جي مشهور يونيورسٽي ڪارنيل مان Ph.D ڪئي آهي. پاڻ دهلي يونيورسٽي، جواهر لعل نهرو يونيورسٽي ۽ يونيورسٽي آف پوني ۾ پڙهائڻ کان علاوه ڏهاڪو کن سال پروفيسر ۽ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ به ٿي رهيو آهي. انهن ڏينهن ۾ هو سنڌين جي هن اسڪول، جنهن ۾ ڪي جي، نرسريءَ کان ٻارهين ڪلاس تائين پڙهايو ويجي ٿو ائڊوائيزر هو. هن اسڪول بابت پنهنجي هندوستان جي پهرين سفر نامي ”دهليءَ جو درشن“ ۾ تفصيلي احوال لکي چڪو آهيان. ساڌو واسواڻي انٽر نيشنل اسڪول ممبئي، ۽ سينٽ ميران اسڪول پوني جو احوال مُنهنجن ڪتابن ”بمبئي منهنجي ياڪر ۾“ ۽ ”هلي ڏسجي هندوستان“ ۾ اچي چڪو آهي.

هن ڀيري دهليءَ ۾ ڏينهن به پنهنجي مرضيءَ تي شهر جي سروي ڪرڻ بعد. اروادیپ سنگهه ٽئڪسي ڊرائيور کي فون ڪري گهرائي ورتم. انڊيا جو ريبو جيتوٽيڪ اسانجي پوٽن ٻن رپين برابر آهي، ان هوندي به ڪراچيءَ جي مقابلي ۾ دهلي، ممبئي، پوني يا انڊيا جي ٻين شهرن ۾ ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو گهٽ ٿو لڳي. بس ۽ ٽرين جو ته صفا ٿورو لڳي. سو ايران وانگر انڊيا ۾ به ٽئڪسيءَ ۾ سفر ڪندي افسوس نه ٿيندو اٿم. جتي دل چوندي آهي اتي بيهاري فوٽو ڪيندو آهيان. بلڪ ان ڪم ۾ ٽئڪسي ڊرائيور به مدد ڪري ٿو ۽ آخر ۾ ٿوري ٽپ ڏيڻ تي هو خوش ٿيو وڃي ۽ جي ٽئڪسي ڊرائيور هن سک اروادیپ سنگهه جهڙو شهر جي عمارتن، باغن، روڊن ۽ انهن جي تواريخ کان به واقف آهي ته ٻيو ڇا کپي؟! مون جهڙي ليکڪ کي سفرناما لکڻ لاءِ ڪافي مواد مليو وڃي.

مون ڪناٽ پليس جي آنند ريسٽورنٽ ۾ ويهي هن ”تو ان ون“ يعني ”ٽئڪسي ڊرائيور پلس گائيڊ“ سک کي فون ڪيو ته هو جي ويجهو هجي ۽ ٻيو ڪو ڀاڙو نه هجيس ته ٻه ٽي ڪلاڪ مونکي ساڻ وٺي اوسي پاسي جون اهم جايون ڏيکاري. آنند ريسٽورنٽ، ڪناٽ پليس ۾ اٿل گروو روڊ تي، پرڪاش منائيءَ واري جي دڪان پرسان آهي. هيءَ هڪ Non-Vegetarian هوٽل آهي، جتي گهٽ ۾ گهٽ چڪن برياني ته ملي ٿي. مون ڪافي گهرائي ۽ اَن جو آخري ڍڪ پي رهيو هوس ته سک ٽئڪسي ڊرائيور داخل ٿيو ۽ مونکي هلڻ جو اشارو ڪيائين. ڪافيءَ لاءِ چيو مانس ته چوڻ لڳو ته ڪنهن ٻئي هنڌ ڪٽي پيئنداسين.

ريسٽورنٽ مان ٻاهر نڪري اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويناسين. سک سردار جي ڪو پنجابيءَ تي ’آٿوسيٽ‘ هو. اردو يعني هنديءَ ۾ چيو مانس ته ”سردار جي! پنجابي ته مونکي ايتري نٿي اچي. هنديءَ ۾ ڳالهاءِ“.

”اها مونکي ايتري نٿي اچي. ڪجهه هندي، ڪجهه انگريزيءَ جي مکس پليٽ هلندي. پنجابيءَ جو رڳو سلاد يا چٽني استعمال ڪندس“.

”بلڪل صحيح آهي ڇو جو ٽئڪسي ڊرائيور ته ٻيا به ملي ويندا. مون توکي گائيڊ طور ڪنيون آهي ۽ جي تنهنجي ڳالهه نه سمجهي سگهندس ته پوءِ ڪهڙو فائدو؟!“. مون چيو مانس.

سردار جيءَ ٺهڪ ڏئي پنهنجي سائي رنگ جي ڪپڙن سان مئچ پڳڙي ناهي ۽ مون ڏي ڏٺو. آئون سنڌس پرواري ئي سيٽ تي ويٺل هوس، جيئن سامهون جو View صاف نظر اچي ۽ ڊرائيور سان ڳالهه ٻولهه ۾ به آساني رهي. سردار جي پڙهيل ڳڙهيل ته ضرور هو پر انگريزي لهجو به واهه جو هوس.

”سردار جي! لڳي ٿو ته ننڍي هوندي ڪنهن ڪانوينٽ اسڪول مان پڙهيو آهين؟“. چيو مانس. ”نه بابل! آئون پنجاب جي هڪ ڳوٺڙي مان پڙهيو آهيان. پر اهو ته اسان جي ڳوٺن جا اسڪول شهرن جي گرامر ۽ ڪانوينٽ

اسڪولن کان گهٽ ناهن“. هن وراٽيو ۽ ڪناٽ سرڪل جي رائونڊ ابائوٽ کان نڪرندڙ هڪ روڊ ”منٽو روڊ“ تي چڙهيو.

”ڪيڏانهن هلندؤ سرڪار!؟“.

”ڪيڏانهن به نه. بس هن ڪناٽ پليس جي پسگردائيءَ واريون ڪجهه جايون ڏيکاري، مون کي منهنجي هوٽل تي هلي لاهجانءِ. باقي سڀاڻي صبح جو جي اچي سگهين، ته نظام الدين اولياء جي پاسي واري علائقي ۾ وٺي هلجانءِ“.

ڪناٽ پليس دهليءَ جو مرڪزي اميرترين علائقو آهي. جيئن انگريزن جي راڄ کان ڪراچيءَ جو صدر وارو علائقو ڪمرشل ۽ بزنيس سينٽر رهيو آهي. اسان جي صدر يا ڪلفٽن جي تجارتي علائقن کان هي تمام وڏو ۽ اعليٰ قسم جو علائقو آهي. ڪناٽ پليس سڄي علائقي جو نالو آهي، جنهن ۾ شاپنگ سينٽر، وڏين ڪمپنين جون آفيسون ۽ ريسٽورينٽ موجود آهن ان جي چوڌاري جيڪو رستو ڦري ٿو اهو ”ڪناٽ سرڪس“ سڏجي ٿو. وچڙائيءَ ۾ هيٺ جيڪا زير زمين ميٽرو ريلوي اسٽيشن ٺهي آهي، ان جو نالو راجيو گانڌي جي ياد ۾ ”راجيو چوڪ“ رکيو ويو آهي. هونءَ هاڻي ڪناٽ پليس ۾ اچڻ جو سولو ۽ سستو طريقو ميٽرو آهي. توهان دهليءَ جي ڪنهن به ميٽرو اسٽيشن تان چڙهو سڌو ”راجيو چوڪ اسٽيشن“ تي اچي لهو. گهمي ڦري وري واپس اتم نگر، سياش نگر، ٽئگور گارڊن، راجوري باغ، لڪشمي نگر، پريت وهار، آدرش نگر، وشوا وڏيالا، پٽيل چوڪ، راڄ ڌاني پارڪ، يمنا ڪناري، اشوڪ نگار، قطب مينار، تغلق آباد يا شهر جي ٻي ڪنڊ پاسي تائين، جتي ميٽرو اسٽيشن آهي منٽن ۾ پهچي سگهو ٿا.

دهليءَ جي هيءَ ڪناٽ پليس، جيڪا انگريزن 1929ع کان 1933ع تائين ٺهرائي، اها انگريز حاڪم جي نالي ضرور آهي، پر ”ڪناٽ“ ان جو نالو ناهي. ڪناٽ، آئرلئنڊ جي هڪ صوبي جو نالو آهي، جنهن جي ڊيگهه 105 ميل ٿيندي ۽ ويڪر 92 ميل. ڪناٽ پليس يا ڪناٽ سرڪس يا هانگ ڪانگ ۾ ڪناٽ روڊ، مهاراڻي وڪٽوريا جي ننڍي پٽ شهزادي آرٿر (آرٿر وليم پئٽرڪ البرٽ) نالي آهن. راڻي ڪٽوريا جي جنم جو سال 1819ع آهي. ارڙهن سالن جي ٿي ته 1837ع ۾ انگليند جي تخت تي ويٺي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين، يعني 1901ع تائين 63 سال ويٺي. ان وچ ۾ 1876ع کان 1901ع تائين 25 سال برٽش انڊيا جي مهاراڻي به رهي. ڪناٽ پليس سندس جنهن پٽ شهزادي آرٿر نالي آهي، اهو سندس ٽيون ٻار هو. سندس پهريون ٻار ”شهنشاه ايڊورڊ ٽيون“ ته سندس مرڻ بعد انگليند ۽ انڊيا جو بادشاهه ٿيو جنهن جي تصوير وارا چانديءَ جا رپيا مشهور آهن. اسان ننڍا هئاسين ته اهي ڏٺاسين ۽ تنهن وقت جا ڪجهه رکيل سڪا اڄ به مون وٽ موجود آهن ۽ انهن جي قيمت اڄ هڪ رپيو نه، پر چانديءَ جي تولي جي اگهه مطابق 650 روپيا آهي. ٻه چار روپيا ته راڻي وڪٽوريا جي ڏينهن 1890ع جا به آهن، جن تي راڻي وڪٽوريا جي پيءُ شهنشاهه وليم چوٿين جي تصوير آهي.

راڻي وڪٽوريا جو هي ٽيون ٻار، شهزادو آرٿر سڄي ملڪ انگليند جو بادشاهه ته نه ٿيو هو پر ننڍي هوندي کان هن جي حوالي آئرلئنڊ جو هڪ صوبو ڪناٽ ۽ اسڪاٽ لئينڊ جو صوبو اسٽراٿرن ڪيو ويو هو. ان ڪري هن کي ”ڊيوڪ آف ڪناٽ ائنڊ اسٽراٿرن“ سڏين ٿا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هو قابل ماڻهو هو.

1850ع ۾ لنڊن ۾ ڄائو ۽ 1942ع ۾ سري شهر ۾ وفات ڪيائين. فوج ۾ هو فيلڊمارشل جي رئنڪ تائين پهتو. هو بمبئي آرميءَ جو ڪمانڊنگ آفيسر به ٿي رهيو. پهرين وڏي لڙائي (World War) ۾ پڻ حصو ورتائين. ان کان علاوه سال 1911ع کان 1916ع تائين ڪئناڊا جو گورنر به ٿي رهيو جڏهن سندس ڀائٽيو جارج پنجون انگليند ۽ انڊيا جو شهنشاهه هو. جارج پنجون شهزادي آرٿر (ڪناٽ) جي وڏي ڀاءُ ايڊورڊ ٽئين جو پٽ هو. 1901ع ۾ مهاراڻي وڪٽوريا جي مرڻ بعد ايڊورڊ ٽيون بادشاهه ٿيو ۽ 1901ع ۾ سندس وفات بعد سندس پٽ جارج پنجون بادشاهه ٿيو. جارج پنجين 1936ع ۾ وفات ڪئي. ان بعد سندس پٽ ايڊورڊ اٺون تخت تي ويٺو جنهن کي ڏهن مهينن بعد

تخت تان لاهي سندس ڀاءُ جارج ڇهين کي تخت تي ويهاريو ويو. جنهن جي ڏينهن ۾ هندوستان کي آزادي ملي ۽ ان سان گڏ سندس ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو.

انگلئنڊ جي اڄ ڪلهه واري راڻي ايلزبيٿ ٻي شهنشاهه جارج ڇهين جي ڌيءَ آهي ۽ 1952ع ۾ جارج ڇهين جي وفات بعد انگلئنڊ جي راڻي بڻي ۽ اڃان تائين هلندي اچي. هن جي ماءُ — يعني شهنشاهه جارج ڇهين جي زال جو نالو به ايلزبيٿ هو — سڄو نالو ايلزبيٿ اليگزينڊرا مئري آهي. ڪيس چار ٻار: چارلس، ائني، ائنڊريو ۽ ايڊورڊ آهن.

---

- مهاراڻي وڪٽوريا: (جنم: 1819ع ـ وفات: 1901 ع)، انگلئنڊ جي راڻي: 1901ع ـ1837 ع . (انڊيا جي مهاراڻي: 1910ع–1901 ع ).
- ايڊورڊ ستون (وڪٽوريا جو وڏو پٽ)، (جنم: 1841ع ـ وفات: 1910ع)، انگلئنڊ ۽ انڊيا جو شهشاهه:(1910ع ـ1901ع).
- جارج پنجون (ايڊورڊ ستين جو پٽ، (جنم: 1865ع ـ وفات: 1936 ع)، انگلئڊ ۽ انڊيا جو شهنشاهه: 1936ع ـ1910ع.
- ايڊورڊ اٺون (جارج پنجين جو پٽ)، (جنم: 1894ع ـ وفات: 1972ع )، انگلئنڊ ۽ انڊيا جو شهشاه جنوري 1936ع کان ڊسمبر 1936ع).
- جارج ڇهون (پنجين جو ٻيو پٽ): (جنم: 1895ع ـ وفات: 1952 )، انگلينڊ جو بادشاهه 1952ع ـ 1936ع، انڊيا جو شهنشاهه 1947ع ـ 1936ع
- ايلزبيٿ اليگزئنڊرا ميري ٻي، (جارج ڇهين ۽ ابلزبيٿ بوئيز ليان):

(ڄم: 1926ع، اولاد: چارلس، ائني، اندريو ۽ ايڊورڊ

ڪناٽ پليس جي ٻاهرين سرڪيولر روڊ تان نڪرڻ مهل سک ٽئڪسي ڊرائيور ٻڌايو ته ”هي يورپ جو ڏيک ڏيندڙ ڪناٽ پليس 1929ع کان اڳ هڪ ويران جهنگل هو جيڪو ديوين (ڪيڪر) جي ڪنڊن وارن وڻن سان ڀريل هو جن ۾ سوئرن ۽ لومڙن جو ديرو هو. ڪمشنر گيٽ ۽ سول لائنز جا رهاڪو موڪل وارن ڏينهن تي تترن جي شڪار لاءِ هتي ايندا هئا. هنومان مندر ڪري اوسي پاسي جا پوڄاري هر هفتي اڱاري ۽ ڇنڇر تي هن پاسي آيا ٿي ۽ پر سج لهڻ کان اڳ موٽي ٿي ويا. هن جهنگل جي پاسن کان مڌو گنج، جئه سنگهپور ۽ راجا ڪار بازار ڳوٺن جي ماڻهن کان گهر خالي ڪرائي، ڪناٽ پليس جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو....“.

”پوءِ انهن ماڻهن کي ڪيڏانهن موڪليو ويو؟“. مون ٽئڪسي ڊرائيور کان پڇيو.

”انهن سيني کي اڄ واري ڪئرول باغ ۾ رهائش ڏني وئي. ان بعد چون ٿا ته انگريزن هر شئي تڙپٽ ڪري ڇڏي. سواءِ ٽن شين جي جيڪي اڄ به موجود آهن: هنومان مندر، جئسگهپور وارو جين مندر ۽ جنتر منتر“.

”زبردست“. مون ٽئڪسي ڊرائيور کي داد ڏنو. جيئن بحريا ٽائون ڪراچيءَ وارن سپر هاءِ وي جهنگ صاف ڪري، نئون خوبصورت شهر اڏيو آهي، تيئن انگريزن پنهنجي راڄ ۾ انڊيا جي گاديءَ واري شهر دهليءَ ۾ هي علائقو ”ڪناٽ پليس“ ائين ٺاهيو جيئن برطانيا جي ڪجهه شهرن ۾ آهي. ان لاءِ هنن هن سڄي علائقي جي صفائي ڪرائي. پينانگ ۽ سنگاپور بيٽ کي به هنن ائين ٺاهيو. مٿيون ٽي شيون، جيڪي آڳاٽيون ٺهيل هيون، انهن جو نالو نه ورتو جو ڇوڏاري جهنگ هوندي به ماڻهو تڏهن به ان کي ڏسڻ ايندا هئا ۽ اڄ به ان کي ڏسڻ لاءِ اچن ٿا. انهن مان هڪ ته سج چنڊ تارن جي روز جي چر پر ۽ اڀرڻ لهڻ واري آبزرويٽري آهي. اڄ ڪلهه ته اسان وٽ اليڪٽرانڪ دور بينون آهن، ڪمپيوٽر آهن، نيويگشن سيٽلائيٽ ۽ خلا ۾ سگنل موڪليندڙ راڪيٽ آهن، جن جي ذريعي علم فلڪيات (Astronomy) جي ڄاڻ ملي ٿي، پر 300 کن سال اڳ جڏهن سائنس اڄان ايتري ترقي نه ڪئي هئي، ان وقت هن قسم جي آبزرويٽري (جنتر منتر) ٺاهڻ ڪمال جي ڳالهه ئي چئبي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هن قسم جي شئي جو شوق مغل شهنشاهه محمد شاهه کي هيو پر وڏو ڪريڊٽ ته امبر سلطنت، جيڪا بعد ۾ جئپور جي نالي سان سڏجڻ لڳي، جي هندو راجپوت حاڪم مهاراجا جئه سنگهه کي ڏجي، جنهن دماغ کان ڪم ورتي، دهليءَ جو هي جنتر منتر 1724ع ۾ ٺهرايو. ان بعد هن ٻيا به چار کن اهڙا جنتر منتر انڊيا جي شهرن جئپور، اجين، مترا ۽ بنارس (وارنسي) ۾ ٺهرايا. هن راجپوت بادشاهه مهاراجا جئه سنگهه کي علم فلڪيات، عمارت سازي ۽ حساب (Mathematics) سان ننڍي هوندي کان وڏي دلچسپي هئي. هي ائين آهي جيئن تيمورلنگ جو پوٽو ۽ شاهه رخ جو پٽ الغ بيگ مئيٿميٽڪس ۽ ائسٽرانامي ۾ هوشيار هو. جنهن جون ٺاهيل ٽرگناميٽريءَ جون جدولون اڄ به اسان جي جهاز نيويگيشن ۾ استعمال ٿين ٿيون. الغ بيگ جو تفصيلي احوال ايران واري سفرنامي ۾ ڪري چڪو آهيان. سندس ان هوشياريءَ ڪري ڪيس هر ڪو مهاراجا سوائي جئه سنگهه سڏيندو هو. ڪيس اهو لقب مغل شهنشاهه اورنگزيب ڏنو. جئه سنگهه جي هوشياري ۽ قابليت جي هاڪ جو ٻڌي مغل گهراڻي جي ڇهين شهنشاهه اورنگزيب 1699ع ۾ هن کي پنهنجي دهلي دربار ۾ گهرايو ۽ هن مهاراجا جي ذهانت کان متاثر ٿي ”سوائي“ جو لقب ڏنو ۽ بعد ۾ ته مهاراجا جئه سنگهه لڙائين ۾ به پاڻ کي سوائي ثابت ڪيو. يعني عام ماڻهو سير هو ته هي سوا سير. اها ڳالهه به ڌيان ۾ رهي ته 1699ع ۾ جڏهن مهاراجا جئه سنگهه جي مغل شهنشاه سان ملاقات ٿي ته هن جي عمر يارهن سال هئي. ان سال هن جي پيءُ مهاراجا بِشن سنگهه جي وفات ٿي ۽ هن کي ان ننڍي عمر ۾ تخت تي ويهاريو ويو هو.

اورنگزيب 1618ع ۾ ڄائو هو ۽ 1658ع ۾ تخت تي ويٺو. 1707ع ۾ وفات ڪيائين. يعني هن وفات کان 8 سال اڳ مهاراجا جئه سنگهه کي دهليءَ گهرائي ملاقات ڪئي هئي. اهو به لکندو هلان ته بابر کان اورنگزيب تائين مغل شهنشاهن چڱيءَ طرح حڪومت ڪئي، ان بعد هڪ ٻئي پويان واڻڙا ايندا رهيا. ڪڏهن هڪ ٻئي کي ماريائون ته ڪڏهن ڪين مرهٽن ۽ ٻين موچڙا پئي هنيان. اورنگزيب 1707ع ۾ وفات ڪئي، ان بعد مهاراجا جئه سنگهه جو قدر مغل شهنشاهه محمد شاه ڪيو ۽ ڪيس 1721ع ۾ نه رڳو هي جنترمنتر ٺاهڻ لاءِ چيو پر ڪيس ”سرمدِ راجائي هند“

جي لقب سان پڻ نوازيو. 1723ع تي هي جنترمنتر ٺهڻ تي هن کي ٻيا به لقب ڏنا. جيئن ته ”راج راجيشور“، ”شري شنتانوجي“ ۽ ”مهاراجا سوائي“.

هڪ ڳالهه غور مطلب آهي ته هي شهنشاهه محمد شاهه 1702ع ۾ ڄائو ۽ 1719ع ۾ تخت تي ويٺو. يعني اورنگزيب جي 1707ع ۾ وفات بعد 1719ع تائين، فقط 12 سالن جي عرصي ۾ پنج مغل بادشاهه تخت تي ويٺا ۽ لٿا. جيئن ته بهادر شاهه اول، جهاندار شاهه، فرخ سيار، رفيع الدرجات ۽ شاهه جهان دوم.... يعني مهاراجا سوائي جئه سنگهه پنهنجي زندگيءَ (1688ع کان 1748ع تائين)، اورنگزيب ۽ محمد شاهه سميت ست مغل بادشاهه ڏٺا. محمد شاهه جي وفات مهاراجا جئه سنگهه جي وفات کان 5 سال پوءِ 1748ع ۾ ٿي. بهرحال دهليءَ ۾، يا جئپور، مترا يا بنارس جهڙن شهرن ۾، توهان جو وڃڻ ٿئي ته اتي جو جنترمنتر ضرور ڏسجو. جيڪو هن هندو راجپوت مهاراجا ۽ مغل بادشاهه محمد شاهه جي سوچ ۽ ڪوشش ڪري ٺهيو. جنهن کي انڊيا حڪومت اڄ به ٽوئرزم ۾ استعمال ڪري فائدو وٺي رهي آهي. هر روز هزارين ٽوئرسٽ ٽڪيٽ خريد ڪري جنترمنتر ڏسن ٿا.

دهليءَ جي هن خوبصورت مرڪزي علائقي ڪناٽ پليس وٽ جنترمنتر کان علاوه ٻي آڳاٽي شئي هنومان مندر آهي. جنهن لاءِ ڪيترائي هندو ڌرم جا پوئلڳ اهو ئي چون ٿا ته اهو مندر مهاڀارت جي ڏينهن جي پنج پراڻن مندرن مان هڪ آهي. باقي چار مندر آهن: هڪ ڪاليءَ جو مندر جيڪو دهلي شهر جي ڏاکڻين علائقي ۾ آهي، ٻيو يوگ مايا مندر جيڪو قطب مينار جي پر ۾ آهي، ٽيون ڀيراءُ مندر جيڪو دهليءَ جي پراڻي قلعي وٽ آهي ۽ چوٿون نگم بوڌگهاٽ وٽ نيلي ڇتري مهاديو (شوَ جو مندر) آهي.

”سر! مهاڀارت ڌرمي ڪتاب ۾ جن پانڊوئن ۽ ڪوروئن جي لڙائيءَ جو احوال لکيل آهي.....“، هنومان مندر وٽان لنگهندي منهنجي سک ٽئڪسي ڊرائيور پلس گائيڊ ٻڌايو. ”.......انهن جي سلطنت هن علائقي ۾ هئي“.

هن ٻڌايو: ”دهليءَ جو هي شهر يمنا نديءَ جي ڪناري تي ٻڌرايو ويو هو جيڪو مهاڀارت ۾ ذڪر هيٺ آيل پانڊوئن ”اندر پراستا“ جي نالي سان اڏايو. پانڊوئن هن شهر مان حڪومت پئي ڪئي ۽ ڪوروئن درياهه جي ٻي پار هستناپور مان. ٻئي هڪ ئي ڪورو خاندان جا هئا. پر پوءِ ڇڪي راند ۾ پانڊوئن پنهنجي سلطنت هارائي ڇڏي ۽ کين 12 سال ملڪ بدر رهڻو پيو......“.

بهرحال اسانجي ڊرائيور جو مطلب هو ته هي مندر انهن ڏينهن ۾ هتي ٺهيو. مون دل ۾ سوچيو ائين ته پوءِ هي مندر هڪ هزار سالن کان به پراڻو ٿيو! اسان وٽ ڪراچيءَ جي سولجر بازار واري علائقي ۾ ڪليٽن روڊ جي پرواري سنهڙي رستي ”مکي چيئترام روڊ“ تي به هندن جو هڪ آڳاٽو هنومان مندر آهي، جيڪو ”پنج مک هنومان مندر“ سڏجي ٿو. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته 1500 سال پراڻو آهي. هن ۾ رکيل نيري ۽ سفيد رنگ جي مجسمي لاءِ هندو ڌرم جي عقيدتمندن جو اهو چوڻ آهي ته ڪنهن ماڻهوءَ جو ٺهيل ناهي پر اهو مندر واري جاءِ وٽان زمين ۾ پوريل مليو. دهلي يونيورسٽيءَ جي هڪ پروفيسر ٻڌايو ته دهليءَ جي ڪناٽ روڊ وارو هي مندر مغل بادشاهه اڪبر جي حڪومت (1542ع-1605ع) ۾ امبر جي مهاراجا مانسنگهه (1540ع-1614ع) ٺهرايو. ان بعد مهاراجا جئه سنگهه (1688ع-1743ع)، 1724ع ۾ ان کي وري ٺهرايو. يعني انهن ئي ڏينهن ۾، جن ۾ هن جنترمنتر ٺهرايو. ان کان پوءِ اڄ تائين هن مندر ۾ ڪيترين ئي تبديليون آنديون ويون آهن.

ٽئڪسي ڊرائيور ٻڌايو: ”هن مندر جي اها به خاص ڳالهه آهي ته پهرين آگسٽ 1964ع کان وٺي چوويهه ئي ڪلاڪ لڳاتار ”سري رام، جئه رام، جئه جئه رام“ جي وڏي آواز تسبي پڙهجي رهي آهي ۽ رڪارڊ طور اها ڳالهه ”گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊس“ ۾ به اچي چڪي آهي.

1929ع ۾ جڏهن انگريزن دهليءَ ۾ بحريا ٽائون جهڙو هي خوبصورت ڪناٽ پليس ٺهرايو ته اتي موجود هر ڳوٺ، عمارتن، مندرن، مسجدن ۽ چوڏاري ڦهليل جهنگ تي بل ڊوزر هلرائي، پٽ ڪي ليول ڪيو ويو سواءِ ٽن عمارتن جي.... انهن مان ٻن جو احوال پهرين لکي چڪو آهيان. ٽئين عمارت جين ڌرم جي ماڻهن جو ساڍيون ٽي صديون پراڻو 1558ع ۾ ٺهيل ڳاڙهي رنگ جو جين مندر آهي. هي مندر لال قلعي جي بلڪل سامهون نيتاجي سياس

روڊ ۾ چاندني چوڪ جي ڪراسنگ تي آهي. گذريل دفعي جڏهن آئون هي مندر ڏسڻ لاءِ آيو هوس ته مونکي مندر جي ٻاهران دڪانن تي ۽ مندر اندر ڪيترائي مني ۾ اسلام ڪوٽ پاسي جا سنڌي هندو مليا. هنن ٻڌايو ته شروع کان ٿرپارڪر ضلعي ۾ نه رڳو جين رهن ٿا، پر انهن جا اتي مندر (جين مندر) به آهن.

ملائيشيا ۾ به آڳاٽي وقت کان (جڏهن ملائيشيا ملايا سڏبو هو) انڊيا کان، هندن کان علاوه جين ڌرم جا پوئلڳ پڻ، پيراق، ڪيداح ۽ پيرلس جهڙين رياستن ۾ اچي رهيا هئا. ملائيشيا ۾ جين ڌرم وارن جا به وڏا ۽ مشهور مندر آهن. هڪ پيراق رياست جي ايوح شهر ۾، جيڪو ڏکڻ اوڀر ايشيا جو پهريون جين مندر آهي ۽ چنتاماني پارشواناٿ جين مندر نالي سان مشهور آهي. ايوح جي ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ جڏهن به وزٽنگ ليڪچرار جي حيثيت ۾ ويندو هوس ته منهنجو "تمن پرتاما" علائقي ۾ رهڻ ٿيندو هو جتي هي مندر آهي. ڪجهه مهينا اڳ منهنجو اتي وڃڻ ٿيو ته مٿئين جين مندر جي سارسنڀال لهندڙ پرت ڪمار جاساني نالي انچارج (فون 0060165574007) ٻڌايو ته ملائشيا ۽ سنگاپور ۾ 5000 کن جين رهن ٿا، جيڪي سڀ تامل آهن. هو جين ڌرم جو وڏو ڏينهن "مهاوير جنم ڪليانڪ" وڏي ڌام ڌوم سان ملهائين ٿا. مهاوير، جنهن کي "ورڌ مان" يا "ورڌ من" به سڏيو ويجي ٿو. جين مت جو چوويهون ۽ آخري روحاني پيشوا تير ٿنڪر آهي. جيڪو جين ڌرم جو ابو به سڏيو ويجي ٿو. سندس جنم 599 ق م ڌاري، انڊيا جي الله آباد شهر کان 72 ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي، چتراڪوٽ ۾ ٿيو. سندس انتقال 72 سالن جي ڄمار ۾ 527 ق م ۾ بهار رياست ۾ ٿيو. يعني سڪندر اعظم جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو هيءَ ان کان به سؤ کن سال اڳ جي ڳالهه آهي. ملائيشيا ۾ ٻيو جين مندر هاڻ ڪوالالمپور جي بنگسار علائقي ۾ ٺهيو آهي. هي مندر "جالان معروف" (شاهراهه معروف) تي انڊين ريسٽورنٽ "اناپرنام چيٽي نند ريسٽورنٽ" جي پرسان آهي.

دهليءَ جي لال جين مندر لاءِ اهو به لکندو هلان ته ان جي پرواري بلڊنگ پکين جي اسپتال " Avian Veterinary Hospital " هن مندر جي ڪري "جين برڊس هاسپيٽل" سڏجي ٿي.

پراڻي دهلي مغل شهنشاهه شاهه جهان (1658ع-1628ع) ٺهرائي، جتي هن پنهنجي رهائش لال قلعي جي سامهون، چاندني چوڪ روڊ ٺهرايو. هن مغل بادشاهه اگروال ڪميونٽيءَ جي جين واپارين کي چاندني چوڪ جي ڏکڻ واري علائقي ۾ رهائش لاءِ زمين ڏني ۽ هنن کي هي مندر به ٺاهڻ جي اجازت ڏني.

لفظ 'جين' سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ 'جينا' مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'فاتح'..... تنهن ڪري جين کي "فتح ڪرڻ وارو" به چئي سگهجي ٿو. ٻين لفظن ۾ اهڙو شخص، جنهن پنهنجو پاڻ کي وس ۾ ڪيو ۽ ڇوٽڪارو يا نجات حاصل ڪئي. جين مت مان مراد آهي ته جنهن پنهنجي حوس ۽ نفساني خواهش کي فتح ڪيو ان ڄڻ سڄي دنيا تي سوڀ ماڻي. جين ڌرم ۾ سيني ساهوارن جي تعظيم ڪئي ويجي ٿي. جينين جي مَتيءَ موجب ڪنهن به ساهه واري شئي کي ايذائڻو ناهي ۽ امن قائم رکڻو آهي. اهنسا (Non Violence) سندن اهم اخلاقي ضابطو آهي. جين ڌرم جا پوئلڳ ٻوڌين وانگر ڳائو ٻاڪرو گوشت ته نٿا کائين پر پلي مڇيءَ کان به پرهيز ڪن ٿا ۽ منهنجي خيال ۾ هو ماڪوڙي، مڇر يا ڇيلاٽي، وڇونءَ کي مارڻ به ڏوهه جو ڪم سمجهن ٿا.

جين مندر وٽان لنگهندي، منهنجي سک ٽئڪسي ڊرائيور اتي ٽئڪسي بيهاري مون کي مندر ۾ هلڻ ۽ فوٽو ڪيڻ لاءِ چيو پر مون ڪيس اڳتي هلڻ لاءِ چيو. "اڳتي تنهنجي ڌرم جو گرودوارو آهي، ان ۾......". "گرودواري ۾ ڇو پلاءِ دراسر ۾ ڇو نه؟!". سک حيرت مان پڇيو.

جيئن سکن جي مندر کي گرودوارو يا ٽڪاڻو تو سڏجي، ائين جين ڌرم جي مندرن کي اسان وٽ سنڌ ۾ توڙي گجرات ۽ راجستان ۾ دراسر (Darasar) سڏين ٿا ۽ ڪرناٽڪا، ڏکڻ هندوستان ۽ ملائشيا پاسي باسادي (Basadi).

سک جي سوال تي مرڪي چيو مانس: "ان ڪري جو تنهنجي مندر ۾ مونکي فقط مٿي تي رومال يا ڪپڙو رکڻو پوندو".

اهو ٻڌي سک ٽئڪسي ڊرائيور ٺهڪ ڏنو. ظاهر آهي هو هتي رهي ٿو ۽ گائيڊ به آهي، سو هن کي خبر آهي ته جين ڌرم جي مندر ۾ وڃڻ جون سخت پابنديون آهن. پڇاري يا ٽوئرسٽ کي مندر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ نه فقط جوتا لاهڻا

پون ٿا. پر جوراب، بيلٽ، واچ جو پٽو ۽ ٻٽون (جي چمڙي جا، يعني ڪنهن جانور جي کل جا آهن ته) اهي به ٻاهر جمع ڪرائڻا پون ٿا. جين ڌرم مطابق ڪنهن به جانور کي، ان جو گوشت کائڻ يا ان جي کل مان ڪا شئي ٺاهڻ لاءِ، مارڻ، سخت گناهه سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪري ٻٽون يا بيلٽ جهڙي چمڙي مان ٺهيل شئي تي پابندي آهي. ايئرپورٽ تي به اسڪئنگ وقت بيلٽ لاهڻ تي مون کي اعتراض هوندو آهي، جو هر هڪ جي پينٽ ان جي جسم تي ٽائيٽ نٿي رهي. پوءِ هنن مندرن ۾ مون جهڙن ڪيترن جو هڪ هٿ پينٽ ۾ هوندو آهي ته ٻئي هٿ سان فوٽو ڪڍندا وتندا آهن.

”توهان وٽ پاڪستان ۾ به جين مندر آهي؟“. سک سوال ڪيو.

انڊيا ۾ رهندڙن کي ته ڇا پر اسان جي ملڪ جي به ڪيترن ئي ماڻهن کي اها خبر ناهي ته اڄ به پاڪستان ۾ ڪيترائي جين رهن ٿا. ماضيءَ ۾ ته تمام گهڻا رهيا ٿي. خاص ڪري سنڌ جي ڏکڻ واري علائقي ۾، جتي اڄ به جين مندرن جا نشان آهن. ان معاملي ۾ سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي جو شهر ننگر پارڪر وڏي اهميت رکي ٿو. مِٺي شهر کان 130 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هي شهر آڳاٽن هندو ۽ جين مندرن جي ڪري مشهور آهي، جتي هند سنڌ جا ماڻهو تيرٿ (Pilgrimage) لاءِ اچن ٿا. ياد رهي ته اسانجو ٿر وارو علائقو انڊيا جي گجرات ۽ راجستان سان ڳنڍيل پيو آهي. جڏهن گڏيل هندوستان هو ته ٻنهي پاسن جا ماڻهو پئي آيا ويا. ننگر پارڪر شهر انڊيا جي بارڊر کان 20 کن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ڪارونجهر ٽڪرين جي قدمن ۾ آهي. هن علائقي ۾ ڪيترائي جين مندر آهن، جن مان ”گوڙيءَ جو مندر“ مشهور آهي. ان کان سواءِ ننگر پارڪر توڙي اترئين پاسي پوڏيسر ۽ ويرا واهه ۾ به جيني مندر موجود آهن. جين ڌرم بابت اهو لکندو هلان ته اهو ٻن فرقن ۾ ورهايل آهن.

- سويتا مبر
- ڊگا مبر

سويتا مبر فرقي جا جين سون چانديءَ ۽ هيرن سان سينگاريل بتن جي
پوڄا ڪن ٿا ۽ عبادتگاهه جا پيشوا اڇا سبيل لباس پهرين ٿا.

ڊگامبر فرقي جا ماڻهو اگهاڙن بتن جي پوڄا ڪن ٿا ۽ سندن خاص عبادتگاهه جا پيشوا به اگهاڙا رهن ٿا.

سوشل ميڊيا تي ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ وڊيو عام ٿي هئي جنهن ۾ ڊگامبر فرقي جا پيشوا الف گهاڙا ٿي مندر جي ڏاڪڻين تان لهي رهيا آهن ۽ هنن کي هڪ هٿ ۾ سندن مقدس ڪتاب آهي ۽ ٻئي ۾ مور ٽڪين جو ٺهيل ٻهارو. اها وڊيو مون پنهنجي ويهارو کن اديب دوستن کي موڪلي... سواءِ امر جليل جي سڀ پڇندا رهيا ته هي ڪهڙي ملڪ ۽ ڌرم جا ٻاوا آهن. اهو به لکندو هلان ته ٻاون جي ان اگهاڙي واڪ جي ٻنهي پاسي رڳو عورتون ۽ نوجوان ڇوڪريون بينل ڏيکاريل آهن، جيڪي هنن پيشوائن اڳيان هٿ ٻڌي جهڪي رهيون آهن. مغل شهنشاهه اڪبر جي ڏينهن ۾ بابا ڌرم داس نالي هڪ درويش قسم جو جين تمام مشهور ٿيو جنهن جو تعلق سيالڪوٽ ضلعي جي ’پاسرور‘ شهر سان هو. سندس پوئلڳ سندس جم ۽ موت جو ڏينهن ملهائين ٿا. بابا ڌرم داس ڪپڙي جو واپاري هو. هو گهوڙي تي ڪپڙا رکي ٻهراڙيءَ ۾ وڪڻندو هو. هڪ ڏينهن هن کي پرواري ڳوٺ ۾ ڪپڙو وڪڻڻ وقت قتل ڪيو ويو. هندوستان جي ورهاڱي بعد سندس سڀ پوئلڳ جين انڊيا لڏي ويا. بابا ڌرم سنگهه جي پوئلڳن سندس خاص ڏينهن تي پاڪستان اچي رسمون ملهائڻ بدران هاڻ سندس سيالڪوٽ واري مقبري جهڙو هِڪُ دهليءَ جي پرسان ميرٺ شهر ۾، ۽ ٻيو پنجاب جي لڌيانا شهر ۾، هوبهو (Replica) مقبرو ٺاهيو آهي، جتي سڄي انڊيا جا جين هر سال پوڄا پاٺ لاءِ گڏ ٿين ٿا.

هندوستان جي ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۽ پنجاب ۾ جين ڌرم جي ماڻهن ۽ سکن جو وڏو تعداد رهيو پئي، جيڪي 1947ع کانپوءِ انڊيا هليا ويا. اسان ننڍا هئاسين ته اسان جي ڳوٺ جا ڪجهه گهورڙِيا (ڇٻڙيءَ ۾ شيون رکي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ وڪڻڻ وارا) ۽ منائي ۽ ٻين شين جا دڪاندار (جيڪي پاپڙا / پاٻڙا سڏبا هئا)، اسانجو ڳوٺ هالا ڇڏي ويا. پر سندن ذڪر اڪثر ٿيندو رهندو هيو. خاص ڪري ڪن مخصوص گهرن ۾. انهن گهرن جا پاتي

خوبصورت ڪاٺ جي پينگهن ۽ پلنگن لاءِ ٻڌائيندا هئا تہ هنن اهي لڏي ويل پاپڙن کان خريد ڪيا. پاپڙا خاموش طبيعت ۽ خوشحال سمجهيا ويندا هئا. هنن لاءِ اهو مشهور هو تہ وڏو پئسو هجڻ جي باوجود، هو شور/ترڙ پائي نٿا ڪن. يعني Low Prifle رهن ٿا. شايد سندن ان خصلت ڪري اها چوڻي مشهور ٿي تہ ”ڏءُ هڪ مينهن جهلي ۽ پيو پاپڙا“. هالا ۾ مهاجر چوڪ وٽ هڪ پاڙو پاپڙا اڄ بہ دراصل هڪ بزنيس ڪميونٽي آهي، جنهن جو تعلق واپار ۽ تجارت سان آهي. جيئن کٽي چڻجي تہ چنيوٽي ڪميونٽي يا پنجابي دهلي سوداگران. پاپڙا بيحد آڳاٽي واپاري ڪميونٽي آهي، جيڪا اصل ۾ پنجاب سان تعلق رکي ٿي ۽ هن ڪميونٽيءَ جي ماڻهن جو تعلق جين ڌرم سان آهي. ننڊيا هئاسين تہ ڳوٺ جي ماڻهن کان اها ڳالهہ ٻڌندا هئاسين تہ: ”وڃون، جي اڳيان لنگهي ويندو تہ مسلمان توڙي هندو هن کي ماري رکندو، پر پاپڙو هر گز نہ“. اهو ان ڪري نہ تہ ڪو پاپڙا ڏجڻا ٿين ٿا، پر ان ڪري جو هنن جي جين ڌرم ۾ ڪنهن ڳئون، ٻڪري يا ڪڪڙ کي تہ ڪهڻ جي اجازت ناهي، پر ماڪوڙي، مک يا مڇر کي مارڻ جي بہ سختيءَ سان منع آهي. پنجاب جي سيالڪوٽ، گجرانوالا، لاهور، ميانوالي ۽ راولپنڊيءَ ۾ تہ تمام گهڻا پاپڙا رهيا ٿي، ۽ انڊيا جي ورهاڱي کان اڳ سندن ڪيترائي جين مندر هئا. هتي اهو بہ لکندو هلان تہ پنجاب، سنڌ ۽ انڊيا جي جين مندرن ۽ تامل نادو، ڪيرالا، ڪرناٽڪا..... يعني ڏکڻ هندوستان جي رياستن، سري لنڪا، ملائيشيا جي جين مندرن ۾ هڪ اهم فرق آهي. هڪڙا ”شڪار بانڌي جين مندر“ ٿين جن مٿان گنبذ ٿئي ۽ ٻيا بنا گنبذ جي ٿين جيڪي ”گهر جين مندر“ سڏجن ٿا.

سيالڪوٽ ضلعي جو پاسرور شهر تہ هڪ جين ڌرم جي پاپڙي زميندار ٻڌرايو جنهن کي اها زمين راجا من سنگهہ طرفان عطا ڪئي وئي هئي. گجرانوالا جون بہ پراڻيون جين لئبرريون لالا ڪرم چند پاپڙي هلايون ٿي. لاهور جي هڪ گهٽي جيڪا اڄ بہ ”ٿڙي پاپڙيان“ ۽ ”گلي پاپڙيان“ جي نالي سان سڏجي ٿي، ان ۾ جين مندر هوندا هئا. راولپنڊيءَ جي پاپڙا بازار اڄ بہ مشهور آهي، جنهن جي پاسن کان پاپڙن جا پراڻا گهر اڄ بہ دنيا جا ٽوئرسٽ ڏسڻ اچن ٿا.

سعدپوري دروازي مان گهڙڻ بعد جيڪا سجن سنگهہ حويلي اچي ٿي، اها 1893ع ۾ راءِ بهادر سجن سنگهہ ٺهرائي، جيڪو پنجاب جو هڪ امير واپاري هو. مشهور انڊين ليکڪ خوشونت سنگهہ هن جو پاٽيو ٿئي. هن حويليءَ بعد هتي جي خوبصورت پاپڙا بازار شروع ٿئي ٿي، جنهن جون اڄ بہ اڏو گابريون بچيل عمارتون ۽ دڪان پاپڙن جي شان ۽ اوج جي شاهدي ڏين ٿا. پاپڙا واپاري، امپورٽر، ايڪسپورٽر ۽ سونارا هئا، جيڪي اڄ جي موتي بازار ۽ صرافا بازار ۾ ويهندا هئا. سندن پئسي دولت جو ڏيک هنن جي حويلين ۽ جين مندرن مان اڄ بہ ظاهر آهي. جيتوڻيڪ اڄ انهن حويلين ۽ دڪانن ۾ اهي پاپڙا موجود نہ آهن.... اهي انڊيا لڏي ويا... انهن جي جاين تي انبالا، لڏيانا ۽ چنڊيگڙهہ جا ماڻهو امرتسري ۽ ڪشميري ڪلچا ۽ چاٽ، امبالا جي ڪيرٽي ۽ مٺائي، لڏيانا جو حلوو پوري ۽ ڪچوريون وڪڻندي نظر اچن ٿا. بقول جون ايليا جي:

اس گلی نے یہ سن کے صبر کیا
جانے والے یہاں کے تھے ہی نہیں

يا اهو بہ جون ايليا جو شعر آهي تہ:

شہر دل میں عجب محلے تھے
ان میں اکثر نہیں رہے آباد
جانے کیا واقعہ ہوا کیوں لوگ
اپنے اندر نہیں رہے آباد

دهليءَ جي سک ٽئڪسي ڊرائيور ۽ گائيڊ جي پڇڻ: ”آيا پاڪستان ۾ جين ڌرم جا ماڻهو ۽ مندر آهن؟“، تي هي سڀ ڳالهيون نڪتيون. دراصل سک ته ڏاڙهي، پٽڪي ۽ سندن نالي مان سڃاڻڻ سولا آهن، پر جين ڌرم جي ماڻهن کي اڪثر هندو سمجهيو وڃي ٿو. پاپڙن جو ذڪر ڪري اهو به ٻڌائڻ ضروري سمجهيم ته جين ڪي غريب نه آهن. انهن ۾ ڪيترائي بزنيس مين، پڙهيل ڳڙهيل ۽ امير آهن ۽ هو جتي جنهن صوبي ۾ رهن ٿا، اتي جي ٻولي پنجابي، سنڌي، تامل، مرهٽي، ڪشميري وغيره ڳالهائين ٿا.

هڪ مشهور سنڌي جين گلو لالواڻيءَ جو به ڪجهه احوال لکان ٿو جيڪو 1939ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڄائو. اڄ هو 80 سالن جو آهي. واپار ۽ پئسي جي حوالي سان ڪيس دنيا ڄاڻي ٿي. هو رهي لنڊن ۾ ٿو پر سندس پائرن، پٽن، پاڻٽين جو واپار سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. مون به سندس نالو 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ٻڌو هو جڏهن اسانجو جهاز انگلنڊ جي بندرگاهن: لنڊن، لورپول، هل، ڊنڊي وغيره لاءِ سامان کڻي ايندو هو.... تن ڏينهن ۾ اتي رهندڙ پاڪستاني اڪثر گلو لالواڻيءَ جي تعريف ڪندا هئا ته ڪراچيءَ جو هي رهاڪو وڏو پئسي وارو آهي ۽ پاڪستان توڙي انڊيا کان آيل شاگردن ۽ ٻين ضرورتمندن جي ڪافي مدد ڪري ٿو. ڪي چوندا هئا ته سنڌي هندو آهي، ڪي چوندا هئا ته آغاخاني آهي يا پارسي، بوهري.... يا سک آهي، جو سندس پاءُ ڊاڪٽر ڪرتار سنگهه کي ته سکن واري ڏاڙهي هوندي هئي.

گلو لالواڻيءَ جي مشهوري ليڊي ڊائنا جي حادثي بعد به ٿي. ليڊي ڊائنا 1961ع ۾ ڄائي. هن جي ويهن ورهين جي ڄمار ۾، اڄ جي انگلنڊ جي راڻي ايلزبيٿ جي وڏي پٽ چارلس سان 1981ع ۾ شادي ٿي. چارلس جي ڄم جو سال 1948ع آهي ۽ ڊائنا کان 13 سال وڏو هو. ڊائنا خيراتي ڪمن ۽ بيمارن جي خدمت ڪرڻ جي ڪري سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي ۽ سندس هنن ڪمن کي ساراهيو وڃڻ لڳو. ٻئي طرف هن جي ۽ سندس مڙس جي تعلقات ۾ ڏار پوڻ لڳا. ان دوري ۽ ناپسنديدگيءَ جو ڪيترائي ماڻهو اهو ئي سبب ڏين ٿا، ته هڪ ته چارلس ڊائنا کان گهڻو پوڙهو هو ۽ ٻيو ته چارلس جو ڪوميلا پارڪر سان معاشقو هلي رهيو هو. 1996ع ۾، ڊائنا جي فرانس ۾ ڪار حادثي ۾ مرڻ بعد، 2005ع ۾ نيٺ، چارلس، ڪوميلا پارڪر سان شادي ڪئي.

ليڊي ڊائنا کي چارلس جي پوڙهي هجڻ جو غم شايد نه هجي پر هن کي چارلس جي معاشقي جو دل ۾ غم ۽ غصو ضرور هو جو سندس وفات کان ڪجهه عرصو اڳ 1995ع ۾ چارلس ۽ ڪوميلا جي هلندڙ دلپشوريءَ بابت هڪ انٽرويوءَ ۾ چيو هو ته:

“Well, there were three of us in this marriage, so it was a bit crowded”.

بهرحال عشقن، دلپشورين ۾ دل ڏيڻ جهڙن ڪمن ۾ چڱي زالَ ليڊي ڊائنا به نٽي لڳي. چارلس سان شادي شده هجڻ جي باوجود هڪ انگريز فوجي هَيوِٽ (James Lifford Hewitt) سان سندس معاشقو ايڏو ته کلئي عام هليو جو خود هن کي ٻڌائڻو پيو ته هن جا ڊائنا سان تعلقات آهن. 1994ع ۾ انگريز صحافي عورت پنهنجي بيسٽ سيلر ڪتاب ”Princess in Love“ ۾ ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته ليڊي ڊائنا ۽ جيمس هيوٽ جو 1986ع کان 1991ع تائين معاشقو هليو. مزي جي اها ڳالهه ته ان بيان جي ترديد ڪرڻ بدران ليڊي ڊائنا 1995ع ۾ انگلنڊ جي مخزن ”پئنوراما“ کي ڏنل انٽرويو ۾ ان جي تصديق ڪئي.

انگلنڊ ۾ رهندڙ پاڪستاني دل جي ڊاڪٽر حسنات خان سان ڊائنا جي دل لڳي ته تمام مشهور آهي. حادثي کان اڳ ڊائنا جو هڪ امير عرب بزنيس مئن ڊوڊي فهد سان معاشقو پئي هليو ۽ ٻئي مري ويا.

ڊائنا جي گهر جو ڪجهه سامان چوري ڪرڻ جو الزام، پال بريل (Paul Burral) نالي گهر جي بٽلر (بورچيءَ) تي لڳايو ويو هو جيڪو ڪجهه عرصو جيل ۾ رکيو ويو هو. ڪيس آزاد ڪرڻ وقت هن پوليس کي جيڪي ڊائنا بابت سنسني خيز خبرون ٻڌايون، اهي دنيا جي اخبارن ۾ شد مد سان ڇپيون ويون ۽ انهن ئي خبرن ۾ اسان جي ڪراچيءَ جو اصل رهاڪو گلو لالواڻي مشهور ٿيو.

ڊائنا جو بٽلر، پال ٿو ٻڌائي تہ: ”ليڊي ڊائنا جو پاڪستاني ڊاڪٽر حسنات سان انڌو عشق هو. هوءَ هن پنيان چري هوندي هئي ۽ ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ هوءَ ڊاڪٽر حسنات کي منٿون ڪندر رهندي هئي“.

بٽلر پال ٻڌائي ٿو تہ ليڊي ڊائنا پنهنجي برٿ ڊي تي ڊاڪٽر حسنات سان بنا ڪپڙن جي، صرف فرڪوٽ ۾ ملڻ وئي. هوءَ لڪ چوريءَ عمران خان جي معرفت ڊاڪٽر حسنات جي خاندان سان ملڻ لاءِ پاڪستان بہ وئي. هن ڊاڪٽر حسنات لاءِ سائوٿ آفريڪا ۾ نوڪريءَ جو بندوبست ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي، جيئن هوءَ هن سان شادي ڪري هن سان گڏ اتي وڃي رهي.

بٽلر پال پوليس کي اهو بہ بيان ڏنو تہ ڊاڪٽر حسنات کي ساڙڻ ۽ هن جي دل ۾ رقابت جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ هن دنيا جي مشهور ڪمپني بيناٽون جي چيئرمين گلو لالواڻيءَ سان بہ معاشقو ڪيو ۽ هن جي قيمتي ڪارن ۾ نہ رڳو گهمڻ ڦرڻ لڳي، پر هن سان گڏ فوٽو بہ ڪيرايائين. جيڪي پوءِ اخبارن ۾ اچي ويا. انگريز فوجي هيوٽ ۽ ڊاڪٽر حسنات عمر ۾ وري بہ ڊائنا جيڏا هئا، پر گلو لالواڻي تہ شهزادي چارلس کان بہ پوڙهو ۽ ڊائنا کان 23 سال وڏو ٿيو.... بهرحال گلو لالواڻي پنهنجي موبائيل فونن جي ڪمپني بيناٽون ۽ پئسي ڏوڪڙ سبب برطانيا جي هڪ مشهور شخصيت تہ ضرور هيو پر ڊائنا جي بٽلر پال جي جيل مان آزاد ٿيڻ بعد، ڊائنا جي ٻڌايل قصن بعد، جهلم (پنجاب) جي ڊاڪٽر حسنات سان گڏ، اسانجي ڪراچيءَ جو گلو لالواڻي بہ دنيا ۾ مشهور ٿي ويو.

چون ٿا تہ گلو لالواڻيءَ جي ليڊي ڊائنا سان دوستي ان وقت ٿي جڏهن اليڪٽرونڪ جي هن شهنشاهہ (tycoon) ڊائنا کي ڪنهن خير جي ڪم لاءِ تمام وڏي رقم ڏني. ان بعد ٻئي ڇٽا ملندا رهيا، پر دنيا کي ان وقت خبر پئي، جڏهن هڪ رات گلو ليڊي ڊائنا کي لنڊن جي هڪ هاءِ ڪلاس ڪلب انابيل (Annabel) ۾ ڊنر ۽ ڊانس لاءِ وٺي ويو جتي ہن ڄڻن جي ڊنر جو بل اسانجا 25000 رپيا ٿين ٿا. هو سڄي رات ڊانس ڪندا رهيا. ڪجهہ اخباري نمائندن لڪ ڇپ ۾ سندن فوٽو بہ ڪڍي ورتا، جن مان هڪ فوٽو سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي ويو جنهن ۾ هوءَ گلوءَ سان بيحد خوش نظر اچي رهي آهي. ايتري قدر جو ان بابت گلوءَ جي پهرين طلاق يافتہ زال وملا، ڪمينٽس ڏنا تہ: ”منهنجو سابق مڙس گلو لالواڻي تمام سٺو ڊانسر آهي ۽ ڊائنا تمام گهڻو لطف ورتو هوندو“.

“At the movement I believe Gulu & Diana are just friends-but you never know what might happen”.

ان ملاقات جي فاش ٿيڻ تي جڏهن صحافين گلو لالواڻيءَ کي سوڙهو ڪيو تہ جواب ۾ هن ٻڌايو تہ هنن جي وچ ۾ ڪيترين ئي ڳالهين هڪ جهڙيون آهن....”She is divorced….. and I am divorced“. گلوءَ چيو هو.

گلوءَ جي اڳوڻي زال اهو بہ ٻڌايو تہ گلو ۽ ڊائنا جي دوستي ڇهن سالن کان هلي رهي هئي ۽ ڪيترن ئي فنڪشنن ۾، خاص ڪري خيرات لاءِ چندو جمع ڪرڻ جي محفلن ۾، گلو پنهنجن ٻارن، ’ڏنو‘ ۽ ’ڊويا‘ سان گڏ ڊائنا سان ملندو پئي رهيو. پر ان رات انابيل ڪلب ۾ ٻنهي کي گڏ ڏسي ماڻهن کي شڪ ٿيو تہ هنن جي دوستي فقط دوستي ناهي. ان رات اڍائي بجي تائين ڪلب ۾ رهڻ بعد گلو پنهنجي سوا لک پائونڊن (يعني بہ ڪروڙ رپين) واري ڪاري رنگ جي بينٽلي (Bentley Azure) ڪنورٽيبل ڪار ۾ ڊائنا کي ڪينسنگٽن محل ۾ ڇڏڻ لاءِ آيو. اخبارن ۾ هو تہ، اها خبر نہ پئجي سگهي، تہ گلو اتي ڪيترو وقت ترسيو پر ڊائنا ٻئي ڏينهن دير تائين ستي رهي. جيتوڻيڪ هن وڏي عرصي کان لنڊن جي علائقي ”Neasden“ ۾ هڪ هندو مندر گهمڻ جو پروگرام ناهي رکيو هو. بهرحال دير سان ئي سهي ڊائنا شري سوامي نارائين مندر (انڊيا کي ڇڏي باقي دنيا جي هندو مندرن مان وڏي ۾ وڏي مندر) ۾ ڏيڍ ڪلاڪ گذاريو ۽ هوءَ بيحد سٺي موڊ ۾ نظر اچي رهي هئي.

گلو جڏهن ڪراچيءَ کان لنڊن آيو هو تہ هن کي رهائش ۽ کائڻ لاءِ خاص پئسو نہ هو. 1958ع ۾ هن پنهنجي پيءُ جي ”بيناٽون“ نالي ڪمپني ناهي. ان مان هو ايڏو امير ٿي ويو جو اڄ انگلينڊ جي امير ترين ماڻهن ۾ ٻارهون نمبر آهي. شروع کان سندس دوستن ۾ وڏا ماڻهو ۽ سهڻيون عورتيون رهيون آهن. ڊائنا سان دوستيءَ کان 30 سال اڳ

هو هر وقت انڊيا جي مس ورلڊ ريتا فِاريا کي پاڻ سان گڏ وٺي هلندو هو. پاڻ ڪيترا دفعا ان ڳالهه جو اظهار ڪري چڪو آهي ته ڏنڊي ۾ گهڻو مشغول هجڻ ڪري، هو پنهنجي زال وملا کي اهو قرب ۽ وقت نه ڏئي سگهيو ۽ سندس بي قدريءَ جي ڪري ئي طلاق ٿي وئي. وملا اڄ ڪلهه يوگا سيڪاري ٿي ۽ ڪيس جڙي ٻوٽين مان ٺهيل سينگار (Herbal Cosmetics) جو ڪاروبار آهي. وملا جي ماءُ هوائي (آمريڪا) جي هئي.

شروع ۾ لکي آيو آهيان ته مونکي اها خبر هئي ته گلو لالواڻي ڪراچيءَ ۾ ڄائو ۽ اتي ئي هن ننڍپڻ گذاريو. پر اها خبر نه هئي ته هو مسلمان آهي يا هندو؟ آغا خاني آهي يا پارسي؟ هينئر ويجهڙائيءَ ۾، ٻه ٽي سال اڳ بئنڪاڪ جي 'منهوڙا هوٽل' جي سک مالڪ (جنهن جو پيءُ پڻ ڪراچي، شايد منهوڙي ۾ رهيو ٿي..... جتي اڄ به سک رهن ٿا) جي پٽ ٻڌايو ته گلو لالواڻي جين ڌرم جو آهي ۽ هن جي مادري ٻولي مارواڙي آهي. پر ڪراچيءَ ۾ رهڻ ڪري هو سنڌي ۾ ڪچي به ڳالهائي ٿو.

گلو لالواڻي اڄ ڪلهه ٿائلئنڊ جي اهم شخصيت آهي، جو هن ٿائلئنڊ جي هڪ بيٽ، "پڪيٽ" تي 32 ملين پائونڊن (5 ارب رپين) جي "رايل پڪيٽ مئريانا" ناهي آهي. اها 350 هيڪٽرن تي ڦهليل آهي جنهن ۾ هُنَ 60 ڪن هوٽلون، ڪيترائي ريسٽورينٽ، خوبصورت فليٽن جون عمارتون (Condominiums) ۽ شاپنگ سينٽر ٺهرايا آهن. ڏنو وڃي ته هي جين ڌرم جو واپاري وڏو خوش نصيب آهي، جو هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪاروبار ذريعي ايڏي وڏي ملڪيت ناهي. گلو لالواڻي پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪاميابيءَ جي ڏاهپ هميشه ٻين سان Share ڪندو رهي ٿو. ڪجهه سال اڳ هن هڪ اخبار ۾ لکيو هو ته:

"What his company "Binatone" has done Could be achieved by any UK company that is looking to achieve quality yet bring its costs down".

هونءَ گلو لالواڻيءَ بابت لکندي، اهو خيال پئي آيم ته اسانجي سنڌي، اڙدو ۽ انگريزيءَ جي مشهور ليکڪ امر جليل کي فون ڪري، هن کان به گلولالواڻيءَ بابت پڇان. ٿي سگهي ٿو امر جليل گلوءَ کي سڃاڻندو هجي، جو ٻئي همعمر آهن. 1939ع ۾ ڄاوا آهن. ٻنهي جو ڪراچيءَ ۾ ننڍپڻ گذريو. ٻنهي جا والد واپار بدران نوڪرين ۾ هئا. امر جليل جو والد تعليم کاتي ۾ آفيسر هو ۽ گلوءَ جو فارماسيٽ ۾. ٻئي "رامسوامي" جي آسپاس واري علائقي ۾ رهيا ٿي ۽ ٿي سگهي ٿو ته ٻنهي پرائمري تعليم هڪ ئي اسڪول مان ورتي هجي.

هتي اهو به لکندو هلان ته وِملا کي طلاق ڏيڻ بعد گلوءَ ترڪيءَ جي هڪ مشهور ماڊل ۽ ڳائڻي سيمي راميز پيڪان سان شادي ڪئي، جيڪا 2005ع ۾ گذاري وئي. گلوءَ جي ٻين پائُن، پينرن جا نالا آهن:

ڪرتار لالواڻي (جيڪو پوءِ سک ٿيو ۽ ڪرتار سنگهه سڏائڻ لڳو. ان دور ۾ ڪيترائي سنڌي هندو پڻ پنهنجي هڪ پٽ کي خالصو يعني سک بڻائيندا هئا)، بينا لالواڻي، پرتاپ لالواڻي ۽ موهني باوا.

گلوءَ جو پٽ ڏنو (Dino) ۽ ڌيءَ ڊوريا، ۽ ڪرتار سنگهه جي پٽ تيج لالواڻيءَ بزنيس ۾ وڏو نالو ڪيو. ڊوريا جي لنڊن ۾ زوما (Zuma) نالي ريسٽورنٽ آهي. ڏنو پيءُ جي ڪمپني بيناٽون جو ايم ڊي آهي ۽ هن جي گذريل سال مشهور بالي ووڊ فلم ائڪٽريس ليزا هيڊن سان شادي ٿي آهي. هوءَ انڊيا جي سپر ماڊل ۽ فيشن ڊزائينر پڻ آهي. سندس اڄ ڪلهه جي تازي فلم "اي دل هي مشڪل" تمام ٽاپ تي پئي وڃي. ان کان اڳ هن جي فلمن مان ڪجهه هي آهن: آئشا، راسڪلس، ڪُئين، شوقين، سئنتا بئنتا ۽ هائوس فل.

گلو لالواڻيءَ جو وڏو ڀاءُ 1931ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڄائو. هن پيءُ وانگر فارمئسي پڙهي. MSc لنڊن مان ڪرڻ بعد پي ايڇ ڊي جرمنيءَ مان ڪئي ۽ هن اڳتي هلي 1971ع ۾ انگلئنڊ ۾ "Vitabiotics" نالي دوائن جي ڪمپني ناهي، جيڪا وٽامن جون گوريون ناهڻ سبب دنيا ۾ مشهور آهي.

دهلي گهمائيندڙ سک ٽئڪسي ڊرائيور ارواديپ سنگهه جي پڇڻ ”آيا پاڪستان ۾ جين مندر آهن يا نه؟“ تي آئون نه فقط سنڌ ۽ پنجاب جي جين مندرن جو احوال لکي ويٺو آهيان، پر جين ڌرم جي ڪجهه پوئلڳن جو پڻ. پنهنجي ”تو ان ون“ سردار جي، يعني ”ٽئڪسي ڊرائيور پلس گائيڊ“ کي ٻڌايم ته ٻڌ ڌرم وانگر جين ڌرم به بيحد آڳاٽو آهي جيڪو هندو، سنڌ ۾ ڦهليل هو.

ڏٺو وڃي ته سکن جو ڌرم ته سڀ کان ويجهڙائيءَ وارو ڌرم آهي. جنهن جو باني گرو نانڪ آهي. گرونانڪ 1469ع ۾ ڄائو ۽ 1539ع ۾ وفات ڪيائين. هي ڌرم ڏهن گروئن مڪمل ڪيو. ڏهون گرو گوبند سنگهه هو جيڪو روحاني پيشوا، جنگي جوڌو شاعر ۽ فيلسوف پڻ هو. هي آخري گرو 1666ع ۾ ڄائو ۽ 1708ع ۾ وفات ڪيائين. ان حساب سان سکن جو ڌرم تي صديون کن پراڻو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ ٻڌ ڌرم جو باني گوتم ٻڌ ته حضرت عيسيٰ عليہ السلام ۽ يونان جي سڪندر اعظم کان به اڳ، 500 کن سال قبل مسيح ڄائو. سنڌ ۾ به ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ ٿوڙي رهيا پئي. ٿي سگهي ٿو راجا پورس هندو نه ته ٻوڌي هجي.... يا جيني.... يعني جين ڌرم جو هجي. مونکي اها خبر ناهي ته جين ڌرم ڪڏهن کان شروع ٿيو پر ٻڌ ڌرم وانگر ڪافي آڳاٽو ٿو لڳي، جو سڪندر اعظم جڏهن ايران فتح ڪري اسانجي علائقن ۾ آيو ته هن کي سنڌو ماٿريءَ ۾ جين ڌرم جا ماڻهو به مليا، جن جو احوال سندس تاريخدان به ڪن ٿا.

سڪندر اعظم جي جنگي سوين جو احوال، ان سان گڏ گڏ هلندڙ ۽ بعد ۾ ٻين تاريخدانن جام ڪيو آهي. انهن ۾ هڪ پلوتارڪ (Plutarch) کي آئون وڌيڪ لائق فائق ٿو سمجهان. پلوتارڪ ايران کان علاوه، عرب دنيا ۾ به هڪ قابل يوناني مؤرخ، بايوگرافر ۽ فيلسوف سمجهيو وڃي ٿو. هن جا ڪتاب "Moralia" ۽ “Parallel Live” عربيءَ ۾ به ترجمو ٿيل آهن. عرب ڪيس ”فلوطرخس“ سڏين ٿا.

پلوتارڪ، سڪندر اعظم جي وفات کان ٽي صديون کن پوءِ سن 46ع ۾ ڄائو ۽ 73 سالن جي ڄمار ۾ 120ع ۾ وفات ڪيائين. پاڻ وچ يونان جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ خيرونيا (Chaeronea) ۾ ڄائو. هن پنهنجي يوناني ڪتاب “Moralia” (جيڪو انگريزيءَ ۾ “Morals” جي نالي سان ترجمو ٿيو آهي) ۾ سڪندر اعظم جي ڀلي ڀاڳ ۽ قابليت “on the fortune or the virtues of Alexander the Great” تي ڪافي لکيو آهي. سندس سڪندر اعظم بابت هڪ جملو ٿو ياد اچي ته:

“He desired not pleasure of wealth, but only excellence and glory”

هو لکي ٿو ته سندس سنڌو نديءَ جي ڪناري تي پيشوائن / ٻاون سان ملاقات ٿي. پلوتارڪ، جين مذهب جي اگهاڙن ٻاون لاءِ يوناني لفظ “Gymnosophists” استعمال ڪيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”اگهاڙا فيلسوف“ يا ”اگهاڙا ڏاها“. مٿي لکي آيو آهيان ته جين ڌرم جا به فرقا آهن، هڪ اهي جيڪي هيرا موتي لڳل بت پوڄين ٿا ۽ انهن جا پيشوا اڇا سبيل ڪپڙا اوڍين ٿا.

جين ڌرم جي ٻئي فرقي جا پوئلڳ بنا ڳهن ڳٺن وارا بت پوڄين ٿا ۽ ان فرقي جا ٻاوا الف گهاڙا رهن ٿا. پلوتارڪ جي ان قصي مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ نه فقط جين ڌرم هو پر ان جا پوئلڳ ۽ پوڄاري پنڊت سنڌ ۾ موجود هئا، تڏهن ته سڪندر اعظم جي انهن سان ملاقات ٿي. يوناني بايوگرافر پلوتارڪ ان ملاقات جو به تفصيلي احوال لکيو آهي ته سڪندر اعظم انهن ڏهن اگهاڙن ڏاهن کي چيو ته: ”آئون هر هڪ کان هڪ هڪ سوال ڪندس. جيڪو ڏاهپ جو جواب نه ڏيندو، ان کي اتي جو اتي قتل ڪندس“.

سڪندر اعظم انهن کان سوال ڪري ٿو ۽ سندن ڏنل جوابن مان متاثر ٿي نہ فقط سندن جان ٿو بخشي پر انعام بہ ڏئي ٿو.

سڪندر اعظم انهن اگهاڙن جين ٻاون (Gymnosophists) کان جيڪي سوال پڇيا آهن، اُنهن مان بہ چار هن ريت آهن:

- هن دنيا ۾ اڄ جيڪي جيئرا آهن، انهن جو تعداد وڌو آهي يا انهن جو جيڪي اڄ ڏينهن تائين مري ويا آهن؟
- سمنڊ، گهڻا ساهوارا جانور مهيا ٿو ڪري، يا ڌرتي؟
- ڏينهن اڳ آيو يا رات؟
- ڪو ڇاهي تہ انسان مان ديوتا ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟
- زندگي وڌيڪ طاقتور آهي يا موت؟
- هڪ انسان لاءِ ڪيڏو عرصو جيئرو رهڻ بهتر آهي؟ وغيره وغيره.

پلوتارڪ پنهنجي ڪتاب ۾ نہ فقط سڪندر اعظم جا اهي سوال لکيا آهن، پر انهن جا جواب پڻ، جيڪي جين ڌرم جي اگهاڙن پيشوائن ڏنا. هن اهو احوال پنهنجي ڪتاب ”The Parallel Lives“ ۾ ”لائيف آف اليگزينڊر“ واري چيپٽر ۾ لکيو آهي. اهو بہ لکندو هلان تہ هن يوناني تاريخدان، بايو گرافر ۽ فيلسوف جو جنهن ڳوٺ سان تعلق هيو، (ڳوٺ تہ ان وقت هو جڏهن هو ڄائو هو، اڄ بہ هزار سالن بعد خيرونيا (Chaeronea) دنيا جي وڏن ۽ سهڻن شهرن مان هڪ آهي) ان ڳوٺ ۾ پلوتارڪ (جنهن کي عرب فلوطرخس سڏين ٿا) جو تمام وڏو مجسمو (Statue) رکيل آهي. يونان ۾ اسان جا ڪيترائي پاڪستاني رهن ٿا، خاص ڪري پناڻ..... پلوتارڪ (فلوطرخس) جو شهر ”خيرونيا“ اسانجي پاڪستاني پناڻن جي ڪري بہ مشهور آهي، جن مان گهڻن جي وڏن جو واسطو يونان جي جهازران ڪمپنين سان رهيو.

اسان اڄان ڪناٽ پليس واري علائقي ۾ ئي هئاسين، جيڪو دهليءَ جو خوبصورت علائقو ۽ ايئن مرڪز آهي، جيئن ڪراچيءَ جو صدر وارو علائقو..... صدر واري علائقي کي انگريزن جي حڪومت ۾ ترقي وٺرائي وئي. ان ۾ ڪالونيل اسٽائيل عمارتون، اعليٰ هوٽلون ۽ آفيسون قائم ڪيون ويون، جيڪي هاڻ نہ رهيون آهن، جو اسان جي حڪومتن انهن تي توجهہ نہ ڏنو. ايمپريس مارڪيٽ بہ گند جو ڍير ٿي ويو آهي. پر انڊيا جي حڪومت انگريز دور جي عمارتن ۽ علائقن کي نہ فقط قائم رکيو آهي پر وڌايو ۽ وڌيڪ سهڻو بڻايو آهي. هونءَ بہ دهليءَ جو ڪناٽ پليس وارو علائقو اسانجي ڪراچي ۽ صدر واري علائقي کان تمام وڏو آهي، جنهن ۾ هوٽلن، ريسٽورنٽن، سئنيما هالن، شاپنگ مالن کان علاوہ ٻيون بہ ڪيتريون ئي شيون ڏسڻ وٽان آهن، جن کي ڏسڻ لاءِ، جيڪڏهن ڪوئي تاريخ جو ڄاڻو آهي تہ ڪيس ڏينهن کپن، نہ تہ اڻ ڄاڻ لاءِ هر عمارت پٿيون، در دريون، گنبذ منارا آهي. دهليءَ جو شهر گهمڻ جهڙو آهي. ٿورن ڏينهن جي لاءِ ٽِڪڻو هجي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪناٽ پليس ۽ ان جي آس پاس جو چڪر ضرور هڻجي، پر شرط اهو آهي تہ پاڻ سان ڪو مڪاني گائيڊ ڪڍجي يا گهران نڪرڻ کان اڳ دهليءَ بابت ڪو گائيڊ بڪ يا سفرنامو پاڻ سان ضرور ساڻ ڪڍجي ۽ ان سان گڏ انڊوپاڪ جي تاريخ جو بہ مطالعو ڪجي.

’ڪناٽ پليس‘ ۽ ’ڪباٽ سرڪس‘ جا نالا دهليءَ ۾ نون اينڊز ٽوئر ستن کي منجهائيندا هوندا. ”ڪناٽ پليس“ دراصل دهليءَ جي ان صدر يعني مرڪزي علائقي جو نالو آهي. اسان وٽ تہ (جيئن مٿي لکي آيو آهيان)، اهو علائقو ننڍو آهي، جنهن مان ٽي چار سنها رستا اتر ڏکڻ وهن ٿا تہ ٽي چار اوير اولهہ وهن ٿا. جن رستن ۽ گهٽين کي انگريزن ٺهرايو ۽ انهن جا نالا ايلفنسٽن اسٽريٽ، پريڊي اسٽريٽ، مئنسفيلڊ اسٽريٽ، برنس روڊ، فريئر روڊ رکيا پر پوءِ اسان ان رفتار سان وڌيڪ روڊ تہ نہ ٺهرايا، پر انهن جا نالا ضرور بدلائي ڇڏيا. 1960ع واري ڏهاڪي تائين بہ ڪراچيءَ جو صدر وارو علائقو (توڙي حيدرآباد جو صدر) ڇا تہ خوبصورت هو. ڪراچيءَ جي ايلفنسٽن اسٽريٽ، جيڪا هاڻ زيب النساءِ اسٽريٽ سڏجي ٿي، ڇا تہ رونق واري هئي. عمارتون، دڪان ۽ فارينر ڏسي هيءَ گهٽي لنڊن

جي ڪا گھٽي لڳندي هئي. اڄ منهنجي عمر جا ماڻهو ڪراچيءَ جي اها سونهن ياد ڪري افسوس ڪن ٿا. علي رضا اقبال نالي ڪراچيءَ جي ڪنهن ليکڪ اڄ جي زيب النساءِ (اڳوڻي ايلفنسٽن) اسٽريٽ لاءِ خوب لکيو آهي ته:

"Before population and pollution explosions in Karachi, it was called picadilly circus of London by foreigners as it is lived with historic colonical buildings from the British Rajera….."

بهرحال هتي دهليءَ جي ڪناٽ پليس ۽ ڪناٽ سرڪس بابت سمجهائڻ ٿو چاهيان ته ڪناٽ پليس دهليءَ جي ان خوبصورت مرڪزي ۽ ڪاروباري علائقي جو نالو آهي، جيئن اسانجو سچو صدر يا ڪلفٽن وارو سچو علائقو. ڪناٽ سرڪس ڪنهن علائقي، بلڊنگ يا سرڪس جو نالو نه آهي، پر ڪناٽ پليس واري علائقي جي چوڌاري گول روڊ جو نالو آهي. ان قسم جي گول ڦرندڙ رستن کي "Ring Road" سڏجي ٿو. رنگ روڊ مان اها فائدو آهي ته توهان ٻئي شهر يا علائقي مان ان گول رستي تي پهچي، پوءِ اتان اندر ويندڙ رستي تي، مرڪز تائين جلد پهچي سگهو ٿا. اڄ ڪلهه جيڪي به نوان شهر ٺهن ٿا. انهن ۾ هڪ ٻه، ويندي ٽي Ring روڊ ٺاهيا وڃن ٿا. اسان وٽ به اسلام آباد، لاهور ۽ ڪراچيءَ جي نون شهرن بحريا سٽي يا DHA سٽي ۾ اهو سسٽم رکيو ويو آهي. ڪيترن امير ملڪن جي وڏن شهرن ۾ وڏو خرچ ڪري چلن جي صورت ۾ Ring روڊ ٺاهيا ويا آهن. جتي شهر جو اهم علائقو وچ ۾ رکي، ان جي چوڌاري هڪ ٻئي کان وڏا چلن جي صورت ۾ گول Ring روڊ ٺاهيا ويا آهن. ان سسٽم سان هڪ ته ٽرئفڪ روان رهي ٿي ۽ ٻي ڳالهه ته ان مشغول هنڌ تي ٻاهران ايندڙ جلدي پهچي وڃي ٿو ۽ وڃڻ وقت به ڪنهن ننڍڙي روڊ تان پهرين گول روڊ تي اچي ٿو، جتان پوءِ ڪنهن ٻئي ننڍڙي روڊ ذريعي ٻاهرين رنگ روڊ ۾ پهچي وڃي ٿو، جتان پوءِ هو ٻين شهرن ڏي روانو ٿيو وڃي. ڪن شهرن ۾ ته ٽيون آئوٽر روڊ به ٺئي ٿو.

ملائيشيا جي نئين شهر 'پتراجايا' جي شروعات ڪرڻ کان اڳ پهرين ٽي Ring روڊ ٺاهيا ويا، جيڪي Middle, Inner ۽ Outer رِنگ روڊ سڏجن ٿا. اسان جي ماڻهن لاءِ ان کي سمجهڻ لاءِ مڪي شريف ۽ مديني منوره جو مثال ڏئي سگهجي ٿو جتي اهو سسٽم (Ring Roads) ٺهڻ بعد، هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ سولائيءَ سان ۽ جهٽ پٽ پهچي سگهجي ٿو. مثال طور مڪي ۾ حرم پاڪ کي مرڪز سمجهجي، جتي هر طرف کان ماڻهو اچن ٿا ۽ جتان واپس پنهنجن گهرن ڏي يا مزدلفا، منا، مديني، جدي ۽ ٻين شهرن ڏي وڃن ٿا. حرم پاڪ جي چوڌاري جيڪو پهريون گول چڪرو (Ring Road) آهي، يعني اندريون گول روڊ، اهو " ڪنگ عبدالعزيز روڊ" آهي، جنهن جو ڪجهه حصو سرنگهه مان لنگهي ٿو، جيڪو "السوق الصغير" سڏجي ٿو. هن رِنگ روڊ جي ٻاهر هڪ ٻيو وڏو رنگ روڊ آهي، جيڪو مڊل يا سيڪنڊ رنگ روڊ سڏجي ٿو ۽ اهو " نفق السليمانيه"، "السوق الصغير" ۽ "نفق شعب عامر" نالي سرنگهن (Tunnels) مان به گذري ٿو. اندرين رنگ روڊ مان ٻئي رنگ روڊ ۾ پهچڻ لاءِ "ام القريٰ" يا "ابراهيم خليل" جهڙا رستا اختيار ڪري سگهجن ٿا. اهڙيءَ طرح حرم پاڪ جي چوڌاري هڪ صفا ٻاهريون، ٽيون رِنگ روڊ به آهي، جنهن جي اندر تقريبن مڪي جو سڄو ضلعو: العزيزه، ڪدي، الرصيفه، الهنداويه جرهم ۽ المسفله جهڙا علائقا اچي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح مڪي ۾ چوٿون رِنگ روڊ به آهي.

مديني ۾ مسجد نبويءَ جي چوڌاري هڪ ٻئي کان پري ٽي Ring roads آهن. پهريون گول روڊ، مسجد نبويءَ جي چوڌاري آهي، جنهن ۾ حرم پاڪ کان علاوه ٻروارو البضاعته (Badaat) وارو علائقو اچي ٿو وڃي، جيڪو مسجد نبويءَ جي اترئين دروازي "باب فهد" جي اتر ۾ آهي ۽ اهو دنيا جي وڏين هوٽلن جي ڪري مشهور آهي. جيئن هوٽل الانصار، هوٽل الايمان، موون پڪ، ايلاف الهدا هوٽل، انٽر ڪانٽيننٽل، هلٽن، رامادا، ميريڊين، هاليڊي وِلا هوٽل، التقويٰ هوٽل، اوبيراءِ هوٽل وغيره. مديني جي هن اندرين پهرين رِنگ روڊ کي "ڪنگ فيصل روڊ" سڏين ٿا. ان بعد ڪجهه ٻاهر ٻرو جيڪو گول (Ring) روڊ آهي، ان جو نالو "ڪنگ عبدالله روڊ" آهي. ان ٻئي گول روڊ جي اندر مسجد قبا، قربان، بني ظفر ۽ العنابس جهڙا علائقا اچي وڃن ٿا. اندرين (پهرين) گول روڊ کان ٻئي گول روڊ ۾ پهچڻ لاءِ ڪنگ فهد روڊ، ڪنگ عبدالعزيز روڊ، ابوبڪر الصديق روڊ ۽ هاءِ وي 356 جُڙيل آهن. ٻئي گول روڊ مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ عمر

بن الخطاب روڊ ۽ علي ابي طالب روڊ پڻ آهن. ان کان پوءِ ٻاهريون گول روڊ ”ڪنگ خالد روڊ“ (طريق الملڪ خالد) آهي.

اهڙيءَ طرح دهليءَ جي مرڪزي علائقي ڪناٽ پليس جي آخري ۽ سڀ کان ٻاهر واري گول (Ring) روڊ جو نالو ”ڪناٽ سرڪس“ آهي. ڪناٽ پليس جي بلڪل وچ ۾ نيويارڪ جهڙو سينٽرل پارڪ آهي. ان کان علاوه ٻيون مشهور شيون پڻ.... جن مان هڪ ”راجپوٽ چوڪ ميٽرو اسٽيشن“ آهي. مون کي حيرت ٿي جڏهن اتي هڪ بئنڪ جو نالو ’انڊس سنڌ بئنڪ‘ پڙهيم. سينٽرل پارڪ کان علاوه هڪ ٻيو ننڍڙو پر سهڻو پارڪ ”سلطانپور نئشنل پارڪ“ آهي. ننڍڙو پر ڪراچي ڪلفٽن جي ويران ”بينظير پارڪ“ کان وڏو ۽ وٽن. گل گلڪارين ۾ ڇهڄ سائي ڇٻر سان مالا مال آهي. منجهس. ستل موالين ۽ چرسين بدران. فارينر ۽ مقامي مرد. عورتون ۽ ٻار سير ڪندي نظر اچن ٿا. انگريزن جي ڏينهن جي صدر واري ”Kwalti ريسٽورنٽ“ جهڙيون ڪيٽريون ئي نالي واريون ۽ تاريخي ريسٽورنٽون (جن سان ڪيترائي قصا. ڪهاڻيون وابسته آهن - جيئن ڪنهن زماني ۾ حيدرآباد جي ڪيفي اي ون. ڪيفي جارج. رٽز ۽ ونڊسر بار ريسٽورنٽ سان وابسته آهن) نظر اچن ٿيون جيئن: ٽي لائونج. ڪيفي ڪافي ڊي. Comesum. پاٽ پوري. غربين نائيٽ. ٽفني سنيڪ بار وغيره. ان بعد جيڪو ڦيريون. اندريون (Inner) رِنگ روڊ سڏجي. ان جو نالو ”راجيو چوڪ رِنگ روڊ“ آهي. ان بعد ٻيو ٻاهريون رِنگ روڊ اچي ٿو. اهو مڊل سرڪل آهي.

راجيو چوڪ واري گول دائري ۽ مڊل سرڪل واري دائري جي وچ ۾ وڏو علائقو اچي وڃي ٿو. جنهن ۾ چا ته سهڻيون عمارتون. گل گلڪاريون. مشهور بئنڪون. نالي برانڊن جا دڪان. ريسٽورنٽون. ايئرلائين آفيسون موجود آهن. ڪجهه نالا عجيب هجڻ ڪري هن وقت به ياد اچي رهيا آهن:

پنجابي باءِ نئچر ريسٽورنٽ. فرضي ڪيفي. سموڪ آن واٽر ريسٽورنٽ. زعفران ڪيفي. خان چاچا ڪيفي. جين بڪ ڊيو. The Colonade. ڊومي مل آرٽ سينٽر. بان تان آءِ ويئر وغيره. ان بعد جيڪو ٻاهريون رِنگ روڊ اچي ٿو (جيڪو لکي چڪو آهيان ته وڏو آهي) اهو آهي ”ڪناٽ سرڪس“. دهليءَ جا اهم روڊ ڪناٽ سرڪس رِنگ روڊ مان ڦٽن ٿا.

مختلف شهرن ۾ موجود Ring روڊن جي ڳالهه ڪندي اهو لکي چڪو آهيان. ته دهليءَ جو ”ڪناٽ سرڪس“ دراصل رِنگ روڊ آهي. جيڪو دهليءَ جي مرڪزي تجارتي علائقي ”ڪناٽ پليس“ جي چوڌاري ڦري ٿو. پوءِ هن چلي (Ring) جهڙي گول روڊ مان مختلف هنڌن تان اتر. ڏکڻ ۽ ٻين طرفن ڏي دهلي شهر جي مختلف علائقن ڏي رستا ڦٽن ٿا. ان مان اهو فائدو آهي ته دهليءَ ۾ توهان ڪٿي ڪهڙي به علائقي ۾ هجو ڪناٽ پليس ۾ پهچڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ بدران ڪناٽ سرڪس روڊ ڏي ايندڙ ڪو سڌو روڊ وٺي. ڪناٽ سرڪس روڊ ۾ داخل ٿيو. ان بعد ڪناٽ پليس جي مختلف دڪانن. هوٽلن. ريسٽورنٽن. آفيسن يا پارڪن ۾ پهچڻ لاءِ اندرين گول Ring روڊن ۾ هليا اچو. جن جا نالا ’مڊل سرڪل روڊ‘ ۽ ’راجيو چوڪ روڊ‘ آهن.

’ڪناٽ سرڪس‘ رِنگ روڊ جي ذڪر ۾ سڀ کان اهم روڊ ”جان پاٿ روڊ“ آهي. جيڪو انگريزن جي ڏينهن ۾ ”ڪُئين (Queen) روڊ“ سڏبو هو. اها راڻي ڪير هئي؟ اها انگلئنڊ ۽ انڊيا جي انگريز راڻي وڪٽوريا هئي. جيڪا اسان وٽ مهاراڻي به سڏجي ٿي وئي. انگلئنڊ جي اڄ ڪلهه راڻي ايلزبيٿ آهي. پر دهليءَ جو هي ڪُئينس روڊ يا ڪراچيءَ جو ڪئينس روڊ (جيڪو هاڻ مولوي تميز الدين روڊ ٿو سڏجي) يا سکر جو ڪُئينس روڊ جيڪو ملاڪا. هانگ ڪانگ. پينانگ شهر وانگر اڄ به ”Queen’s Road“ سڏجي ٿو راڻي ايلزبيٿ نالي ناهي. جو اها ته انڊيا جي ورهاڱي بعد 1953ع ۾ تخت تي ويٺي. ان کان اڳ راڻين ۾ مهاراڻي وڪٽوريا ئي ڪُئين بڻي. وچ ۾ چار بادشاهه ٿيا: ايلزبيٿ کان اڳ هن جو پيءُ جارج ڇهون 1936ع کان 1952ع تائين بادشاهه ٿيو. جنهن جي ڏينهن ۾ انڊيا جو ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان جنم ورتو. ان کان اڳ راڻي ايلزبيٿ جو چاچو ’ايڊورڊ اٺون‘ ڪجهه مهينن لاءِ بادشاهه رهيو ۽ ان کان اڳ ڏاڏو ’جارج پنجون‘ 1910ع کان 1936ع تائين هو. ان کان اڳ ايلزبيٿ جو پڙ ڏاڏو ’ايڊورڊ ستون‘ 1901ع کان 1910ع تائين رهيو. جنهن کان اڳ هن بادشاه جي ماءُ راڻي وڪٽوريا نه فقط راڻي رهي. پر هڪ وڏي

عرصي 1837ع کان 1901ع تائين راڻي رهي، جنهن جي دور حڪومت ۾ 1857ع ۾ انڊيا ۾ بلوو ٿيو. 1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ دنيا جي ٻين به ڪيترن ئي ملڪن ۽ ٻيٽن کي انگريزن پنهنجي قبضي ۾ آندو. يعني وڪٽوريا نه فقط انگلئنڊ جي راڻي ٿي رهي، پر انڊيا، برما، سري لنڪا، ملائيشيا، هانگ ڪانگ، سنگاپور، ڪئناڊا، آسٽريليا، جئميڪا، برمودا، فجي...... ڪيترن ئي ملڪن جي راڻي هئي.... حق تي ”مهاراڻي“ سڏي تي وئي! راڻي وڪٽوريا کي ’ايمپريس آف انڊيا‘ به سڏيو ويو. جيئن سندس پٽ ايڊورڊ ستين يا پوٽي جارج پنجين ۽ ٻين بادشاهن کي ”Emperor of India“ يعني ’شهنشاهہ هند‘ سڏيو تي ويو. سو ڪراچيءَ جو ڪُئينس روڊ (جيڪو هاڻ ايم. ٽي. خان روڊ سڏجي ٿو)، وڪٽوريا روڊ (عبدالله هارون روڊ) يا ايمپريس مارڪيٽ (جيڪا هاڻ ڪي. ايم. سي مارڪيٽ سڏجي ٿي) هن مهاراڻي وڪٽوريا نالي آهن. وڪٽوريا، ڪئين ۽ ايمپريس جي نالن سان توهان کي روڊ، پارڪ، فوهارا، عجائب گهر، ڪاليج، پليون، ڪامن ويلٿ جي ملڪن جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ملنديون..... ويندي چاڙهيون به..... جيئن هانگ ڪانگ ۽ پينانگ ٻيٽن تي ڪُئينس چاڙهي Incline آهي...... جيئن حيدرآباد جي هڪ چاڙهي، انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ واري هڪ متوالي، قوم پرست، ٽيچر، سوشل ريفارمر ۽ وڪيل بال گنگاڌر تِلڪ (جيڪو لوڪ مانيا تِلڪ به سڏيو هو) نالي ”تِلڪ چاڙهي“ آهي. سندس واسطو بمبئيءَ سان هو ۽ انهن ڏينهن ۾ سنڌ بمبئيءَ سان لاڳاپيل هئي. جيئن سنگاپور مدراس سان هو.

جان پاٿ روڊ، ڪناٽ سرڪس واري گول ڦرندڙ روڊ کان ان هنڌان شروع ٿئي ٿو جتي پليڪا بازار آهي ۽ هيٺ ڏکڻ طرف ’ونڊسر پليس‘ واري چوراهي تان ٿيندو اڳيان راج پاٿ مارگ تان ٿيندو مولانا ابوالڪلام روڊ تائين پهچي ٿو. پاليڪا بازار، ڪناٽ پليس جي اندرين ۽ ٻاهر رِنگ روڊ جي وچ ۾ انڊر گرائونڊ مارڪيٽ آهي. هڪ جهوني پاليڪا بازار ممبئيءَ ۾ به آهي. بهرحال دهليءَ جي هن پاليڪا بازار ۾ 400 کن هاءِ ڪلاس دڪان آهن، جن ۾ پانت پانت جون شيون ملن ٿيون. هيءَ بازار انگريزن نه ٺهرائي، پر انهن جي وڃڻ بعد 1970ع ۾ ٺهي.

ڪناٽ پليس جي ٻاهرين رِنگ روڊ کان ’ونڊسر پليس‘ واري چوراهي تائين، ڏيڍ ميل جي فاصلي ۾ ’جان پاٿ مارڪيٽ‘ آهي، جيڪا ملڪي توڙي غير ملڪي ٽوئرسٽن جي پسنديده مارڪيٽ آهي. فائرلين گهٽي ۽ امپيريل هوٽل جي وچ وارو حصو ”تبتي مارڪيٽ“ سڏجي ٿو. هن ۾ تبت ۽ نيپال پاسي جا چيني ۽ گورکا (خاص ڪري عورتون) همالايا پاسي جون آرٽ ۽ ڪرافٽ جون شيون وڪڻندي نظر اچن ٿيون. ڪئالالمپور (ملائيشيا) ۾ به هن قسم جي مارڪيٽ مشهور آهي، جيڪا پيٽا لنگ اسٽريٽ ۾ آهي. دهليءَ جي هن تبتين مارڪيٽ پويان ٽالسٽائي مارگ تي ئي ’جنترمنتر‘ آهي، جنهن جو احوال شروع ۾ تي چڪو آهي. پڙهندڙن لاءِ هتي اهو به لکندو هلان ته جيئن ملائيشيا ۾ روڊ بدران ملئي لفظ ”جالان“ استعمال ٿئي ٿو يا ايران ۾ ”شاهراهه“، تيئن انڊيا جي ڪيترن شهرن ۾ رستي لاءِ سنسڪرت جو لفظ ”مارگ“ استعمال ٿئي ٿو. مان پنهنجي انڊيا جي اڳوڻن سفرنامن ’هلي ڏسجي هندوستان‘، ’بمبئي منهنجي پاڪر ۾‘ ۽ ’بنارس کان برمودا‘ ۾ تفصيل سان لکي چڪو آهيان ته اسان وٽ سنڌيءَ ۾ به رستي، راهه، واٽ لاءِ ”مارگ“ لفظ استعمال ٿئي ٿو جيڪو شاهه لطيف پنهنجن ڪيترن ئي بيتن ۾ آندو آهي.

ونڊسر پليس وارو چوراهو جتان جان پاٿ رستو ڪراس ڪري ٿو ان ۾ مختلف طرفن کان چار ٻيا روڊ به اچي لڳن ٿا: اوپر کان فيروز شاهه روڊ، شايد فيروز شاهه تغلق نالي ئي هوندو جنهن دهليءَ تي 1351ع کان 1388ع تائين حڪومت ڪئي. ان کان اڳ دهلي سلطنت تي سندس سوٽ محمد بن تغلق جي حڪومت هئي. محمد بن تغلق 1324ع کان 1351ع تائين دهليءَ جو سلطان رهيو. 1351ع ۾ هن جو ٺٽي ۾ موت ٿيو جتان پوءِ سندس لاش تغلق آباد (اڄ واري دهلي) ۾ دفن ڪرڻ لاءِ پهچايو ويو. فيروز شاهه جو مقبرو ”حوض خاص“ واري ڪامپليڪس ۾ آهي، جتي مسلمانن جي قبرستان کان علاوه مسجد، مدرسو ۽ گنبذ آهن. هن علائقي جو نالو ”حوض خاص“ پاڻيءَ جي ٽانڪيءَ جي ڪري پيو. هيءَ ٽانڪي علاوه والدين خلجيءَ جي دور حڪومت (1296ع کان 1316ع) ۾ ٺهي. فيروز شاهه به هن ٽانڪيءَ (حوض) جي صفائي ڪرائي ۽ کيس وڌو ڪرايو. فيروز شاهه يادگار شيون ٺهرائڻ جي ڪري به مشهور آهي.

دهليءَ جي مرڪزي ۽ تجارتي علائقي ”ڪناٽ پليس“ کان ڏکڻ ڏي ويندڙ اهم روڊ جان پاٿ جي ڳالهه ڪري رهيا هئاسين. جيڪو هڪ ٻئي اهم روڊ راج پاٿ کي ڪراس ٿو ڪري. راج پاٿ روڊ انگريزن جي ڏينهن ۾.... يعني 1947ع کان اڳ. انگريزن جي رکيل نالي ”ڪنگ روڊ“ سان سڏبو هو. هن روڊ تي وائسراءِ جو رهائش گاهه ”وائسراءِ هائوس“ هو جتي هاڻ انڊيا جو صدر رهي ٿو ۽ ان گهر جو نالو ”راشتر پتيڀون“ آهي. پهرين وڏي لڙائي ۽ ٻي اينگلو افغان لڙائيءَ ۾ وفات ڪيل فوجين جي ياد ۾ نهيل انڊيا گيٽ به هتي آهي. راج پاٿ کي ڪراس ڪرڻ کان اڳ، جان پاٿ جنهن چوواٽي کي ڪراس ڪري ٿو ان جي اوپر ۾ به رستا وڃن ٿا، انهن مان هڪ فيروز شاهه تغلق روڊ آهي، جنهن جو بورڊ ڏسي تغلق گهراڻي جو مشهور حاڪم محمد بن تغلق ياد اچي ويو جيڪو فيروز شاهه جو سوٽ هو ۽ فيروز شاهه کان اڳ 1324ع کان 1351ع تائين دهليءَ جو سلطان هو. جيئن اڪبر جي عمرڪوٽ ۾ ڄمڻ ڪري، اسان سنڌ جي ماڻهن کي اها ڳالهه ڏيان ۾ رهي ٿي، تيئن محمد تغلق به ياد رهي ٿو جنهن جو موت ٺٽي ۾ ٿيو.

هن وقت آئون اها ڳالهه سوچي رهيو آهيان ته تاريخ کان اڻ واقف اسانجي نوجوانن کي ٺٽي جي اهميت جي کهڙي خبر. اڄ جي ڪسمپرسيءَ واري ٺٽي کان، اسلام آباد ته ڇا، ٽنڊوالهيار ۽ ٽنڊو محمد خان به وڌيڪ سهڻا، سکيا ستابا شهر آهن. هونءَ ننڍي ڪنڊ جي ڪيترن شهرن لاءِ چئي سگهجي ٿو ته اهي انگريزن جي ڏينهن ۾ آباد ٿيا ۽ اسلام آباد وانگر هاڻ جا آباد ٿيل شهر نه آهن. اسان جا ائبٽ آباد، لائل پور، جيڪب آباد، مونٽگيمري، اهڙا ئي شهر آهن. سنگاپور، ڪوالالمپور، پينانگ، ويندي ڪينيا جي گاديءَ وارو شهر نئروبي وغيره انگريزن جي ڏينهن ۾ آباد ٿيا ۽ اهي سڀ ڪي به سؤ سال کن مس پراڻا ٿيندا. اهڙن شهرن جو توڙي ممبئي ۽ دهليءَ جهڙن شهرن جو ٺٽي سان ڇا مقابلو؟ انگريز ته ڇا، پورچوگالي (جيڪي انگريزن کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ سال اڳ انڊيا آيا) به جڏهن ننڍي ڪنڊ ۾ آيا ته ٺٽو آباد هو.

ٺٽي جو سوچجي ٿو ته پورچوگالين، انگريزن کان ته اڳ، پر مغل سلطنت کان به اڳ جو آباد هو. مغل سلطنت جو اورنگزيب، شاهجهان وغيره ته ٺٽي ايندا رهيا، پر بابر جنهن 1526ع ۾ انڊيا ۾ مغل حڪومت قائم ڪئي، ان کان اڳ جي حاڪمن جي ڏينهن ۾ به ٺٽو نه فقط ننڍي ڪنڊ جو پر دنيا جو مشهور ۽ هر ڳالهه ۾ خوشحال شهر هو. انهن ڏينهن ۾ دنيا فقط يورپ جي هينين (ڏاکڻي)، ايشيا ۽ آفريڪا جي مٿين حصي تائين محدود هئي. يورپ جي اُترين ٿڌن علائقن ۾ ڪنهن کان ٿي ويو جو ٿي آيا، آفريڪا جو صحرا بيابان لتاڙي، هيٺ ڏکڻ ڏي وڃڻ ڪنهن کان ٿي پڳو. ماڻهن کي اها ئي خبر نٿي پئي ته نيل ندي ڪٿان ٿي نڪري يا ڪليمنجارو جهڙو آفريڪا ۾ ڪو جبل به آهي...... جتي برف پوي ٿي. ٺٽو خوشحال هو تڏهن ته دهليءَ جي سلطان محمد تغلق کي اوڏانهن وڃڻو ٿي پيو. سنڌ جي حاڪمن ان کي گاديءَ جو شهر ناهيو..... انهن ڄامشوري ۽ ڪوٽڙيءَ کي ڇو نٽي گاديءَ جو شهر ناهيو؟ ان ڪري جو انهن شهرن جو تڏهن وجود ئي نه هو. انگريزن جي اريگيشن سسٽم، پليون ناهڻ، آگبوٽ ۽ ريل گاڏيون هلائڻ ڪري اهڙن شهرن جو نالو ٿيو..... معنيٰ چوڏهين صديءَ کان به آڳاٽو مشهور شهر هو. آمريڪائون وغيره سڀ پوءِ دريافت ۽ ڊيولپ ٿيون آهن.

دهليءَ جي سلطان محمد بن تغلق ۽ سندس گهراڻي جي سلطنت تي به اڪر لکندو هلان، ته ترڪ انڊين نسل جي هن گهراڻي دهلي سلطنت تي 1320ع کان 1413ع تائين حڪومت ڪئي ـ انهن ڏينهن ۾ بابر بادشاهه جهڙا ڇاوا به ڪو نه هئا، پورچوگالين ۽ انگريزن کان خواب ۾ به ”ڪيپ آف گڊ هوپ“ ڪراس نٽي ٿيو ۽ نه ڪين اها سُڌ به هئي

تہ يورپ کان انڊيا پهچڻ جو خشڪيءَ کان علاوه ڪو ساموندي رستو بہ آهي. هوائي جهاز تہ اڃان ايجاد نہ ٿيا هئا. وڏ ۾ وڏ ماڻهو لغڙ اڏائي گڊ گڊ ٿيندا هئا.

محمد بن تغلق 1324ع کان 1351ع تائين دهليءَ جو سلطان رهيو. تغلق گهراڻي جو بنياد محمد بن تغلق جي پيءُ غياث الدين تغلق 1320ع ۾ دهليءَ جي تخت تي قبضو ڪرڻ بعد رکيو. هن گهراڻي اٽڪل هڪ صدي، 1413ع تائين حڪومت ڪئي. 1325ع ۾ غياث الدين تغلق جي اوچتي موت بعد، سندس وڏو پٽ محمد بن تغلق، دهليءَ جي تخت تي وينو. ڪن تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ، تخت تي ويهڻ جي لالچ ۾ محمد بن تغلق پنهنجي پيءُ کي ماريو هو. ٿي بہ سگهي ٿو. تخت ۽ تاج جي چڪر ۾..... يا ٻين لفظن ۾ پاور جي بک ۾ پيءُ جو پٽ کي، پٽ جو پيءُ کي، يا ڀائرن ڀائٽين کي مارڻ، انڌي ڪرڻ، اغوا ڪرڻ جي ڪهاڻين سان هند سنڌ توڙي دنيا جي تاريخ ڀري پئي آهي. خود غياث الدين تغلق پاڻ دهليءَ جو تخت هٿ ڪيئن ڪيو؟ غياث الدين تغلق جو پيءُ ترڪ نسل جو غلام هو ۽ ماءُ انڊيا جي هندو هئي. خلجي گهراڻي جي راڄ ۾ غياث الدين ديپالپور جو گورنر هو. ديپالپور اسان واري پنجاب جي اوڪاڙا ضلعي ۾ آهي. خلجي گهراڻي جي حاڪم علاؤ الدين خلجيءَ جي 1316ع ۾ وفات تي، هن جي پٽ مبارڪ خلجيءَ کي تخت تي ويهڻو هو. پر خسرو خان نالي هڪ فوجي، علاؤالدين جي پٽ جو قتل ڪري، پاڻ دهليءَ جو سلطان ٿي وينو ۽ خلجي گهراڻي جو خاتمو آندو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ خسرو خان هلي نہ سگهيو.

ڪجهہ سالن بعد 1320ع ۾ ”حوض خاص“ واري لڙائيءَ ۾ شڪست کائڻ تي ديپالپور جي گورنر غازي ملڪ هن کي گرفتار ڪري، سندس سر سسيءَ کان ڌار ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ غياث الدين جي نالي سان دهليءَ جو سلطان ٿيو ۽ تغلق گهراڻي جو بنياد رکيو. خسرو خان، خلجي گهراڻي جي فوج جو هندو جنرل هو جيڪو بعد ۾ مسلمان ٿيو هو. تخت تي ويهڻ بعد غياث الدين تغلق دهليءَ کان 6 ڪلو ميٽر پري ڏکڻ ۾ نئون شهر ”تغلق آباد“ ٻڌرايو. اتي هن هڪ مضبوط قلعو اڏرايو جيئن منگولن جي حملن کان محفوظ رهي سگهي. هتي اهو بہ لکندو هلان تہ غياث الدين تغلق جي دور حڪومت ۾، سنڌ جي سومرا قبيلي دهلي سلطنت خلاف بغاوت ڪئي ۽ ٺٽي تي قبضو ڪري ورتو. سيوهڻ ۽ بکر (سنڌ) ۾ غياث الدين تغلق جو ڪنٽرول رهيو جتي هن پنهنجا گورنر مقرر ڪيا.

محمد بن تغلق لاءِ چون ٿا تہ علاج ۽ دوائن جي هن کي وڏي ڄاڻ هئي ۽ ڪيترين ئي ٻولين کان واقف هو. جيئن فارسي، عربي، ترڪش ۽ سنسڪرت وغيره. پاڻ 1324ع کان وٺي 1351ع ۾ مرڻ تائين، دهلي سلطنت تي حڪومت ڪيائين. هونءَ تہ تغلق گهراڻي بہ ظلمن ۽ ناانصافيءَ جي بازار گرم رکي پر محمد بن تغلق لاءِ مشهور آهي تہ هن ڪجهہ چڱا ڪم بہ ڪيا ۽ سندس دور حڪومت وري بہ ٻين کان بهتر رهيو. خاص ڪري 1330ع کان 1335ع وارا پنج ڇهہ سال وڏي اوج وارا ڇيا وڃن ٿا. جن ۾ موراڪو جو مشهور سياح ابن بطوطا بہ هن جي دربار ۾ آيو هو ۽ هن پنهنجي سفر نامي ۾ تغلق گهراڻي جي راڄ بابت ڪافي لکيو آهي.

ابن بطوطا افغانستان جي جابلو علائقن کان ٿيندو 1334ع ۾ انڊيا پهتو. رستي تي هن کي خبر پئي تہ سلطان محمد بن تغلق اها ڳالهہ تو پسند ڪري تہ هن وٽ جيڪي مهمان اچن ٿا اهي هن لاءِ تحفا کڻي اچن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو ان جي بدلي ۾ پاڻ بہ مهمانن کي ٻيڻا ٽيڻا تحفا ڏئي ٿو. ان ڪري ابن بطوطا محمد بن تغلق سان ملڻ وقت اٺ، 30 ڪن گهوڙا، تيرڪمان، غلام ۽ ٻيون شيون تحفي ۾ ڏنيون. موٽ ۾ محمد بن تغلق ابن بطوطا کي ٻہ هزار چانديءَ جا دينار، فرنيچر سان سينگاريل گهر ۽ جج جي نوڪري ڏني، جنهن لاءِ ساليانو پگهار پنج هزار چانديءَ جا سڪا مقرر ڪيو ويو پر ان لاءِ ابن بطوطا کي چيو ويو تہ اهو پگهار دهليءَ جي ڀرسان ٻن هندو ڳوٺن تي مقرر ڪيل ٽئڪس مان حاصل ڪجانءِ.

ابن بطوطا دهليءَ ۾ چڱا سال رهيو ۽ هن قطب مينار ۽ ان سان لاڳو ’مسجد قوت السلام‘ جو احوال لکيو آهي. هن دهليءَ جي ڏڪار بابت بہ لکيو آهي، جيڪو هن جي پهچڻ کان سال رکي پيو ۽ 1335ع کان وٺي ست سال هليو. جنهن ۾ هزارن پنيان هزار ماڻهو مرندا ويا. پر سلطان محمد تغلق باغين کي چٿڻ لاءِ ويو هنن مٿان حملا ڪندو. هن نہ هندن کي ٿي ڇڏيو نہ مسلمانن کي. اهو ڪو هفتو خالي نٿي ويو جنهن ۾ مسلمانن جو رت نہ ٿي وهيو ۽ محلات

اڳيان وهندڙ واهن ۾ ماڻهن جي لاشن جا عضوا نتي نظر آيا. هن جي حڪم تي هن جي چاڙتن زنده ماڻهن کي ڪپي ٻه اڌ تي ڪيو سندن جسم تان کل تي لاٿي. مترڪن سان مٿا تي ڦاڙيا ۽ سندن لاشن کي بانس جي ڏنڊن تي پئي ٽنگيو جيئن ٻين جي دلين ۾ خوف پئدا ٿئي ۽ عبرت حاصل ڪن ته هن سلطان خلاف ٻڙڪ به ڪڇڻي ناهي. هاٿين جي نيشن (Tusks) ۾ خنجر ٻڌي آڪاڙي ۾ قيدين مٿان ڇڏيو تي ويو. جيئن اهي جانور قيدين کي چيري ڦاڙي پنهنجي وزني جسم سان لتاڙي ماري ڇڏين.....

اهو سچو احوال ابن بطوطا جي سفرنامي ”Travel Memoirs“ جي باب ”Delhi1334-1341“ ۾ ملي ٿو.

هن سفرنامي ۾ هڪ ٻئي هنڌ ”Chapter 25 Rihla (Delhi)“ ۾ ابن بطوطا ٻڌائي ٿو ته محمد بن تغلق ڪنهن کي به قتل ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار تي رهيو.هن وڏن توڙي ننڍن ڏوهن تان وڏيون وڏيون سزائون پئي ڏنيون. هن ان جو خيال نه تي رکيو ته آيا اڳلو عادي مجرم آهي يا هن کان اهو ڪم پل چڪ يا معصوميت ۾ تي ويو آهي. هو واقعي چور نڱ آهي يا پڙهيل ڳڙهيل عالِم دين. هر روز سوين ماڻهو گهٽو ڪري شڪ جي بنياد تي, گرفتار ڪيا تي ويا. هنن کي هٿڪڙيون لڳايون تي ويون تي يا پيرن ۾ زنجير ٻڌا تي ويا ۽ ڪورٽ ۾ پيش ڪيا تي ويا. ڪن کي ڦاهي ڏني تي وئي, ڪن اڳهاڙو ڪري گهليو تي ويو ته ڪن کي ڏنڊن سان ڪٽيو تي ويو. بغاوت ڪرڻ جي شڪ ۾ مولوين ۽ دين جي خدمت ڪندڙ عالمن کي به نه تي بخشيو ويو. مثال طور ابن بطوطا ان وقت جي عالم شيخ شناب الدين بابت لکي ٿو ته هن کي ذهني ۽ جسماني طرح تڙپائي ماريو ويو. جيل ۾ قيد شيخ شناب الدين احتجاج طور جڏهن چوڏهن ڏينهن ماني نه کاڌي ته سلطان محمد تغلق کاوڙ ۾ اچي سپاهين کي حڪم ڏنو ته مولوي صاحب کي انسان جي ڪرفتي پاڻيءَ ۾ ملائي زوريءَ کارائي وڃي. سپاهين هن کي پٺيءَ ڀر ليٽائي, زوريءَ وات کولرائي پنهنجي سلطان جي حڪم جي پوئواري ڪئي, پر ان تي به سلطان جو غصو گهٽ نه ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن شيخ صاحب جو تلوار سان سر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو.

ابن بطوطا لکي ٿو ته سلطان جا ڪامورا هر وقت, ڪانئس به, بخشش جي نالي تي رشوت گهرندا ئي تي رهيا ۽ انعام اڪرام ۾, سلطان جيڪو ڪيس ڏيندو هو ان جو ڏهه سيڪڙو ڪورٽ جا درٻاري رکي ڇڏيندا هئا. آخري ڏينهن ۾ هڪ صوفي درويش سان دوستي رکڻ تي تغلق گهراڻي جا شاهي عملدار ابن بطوطا کي شڪ جي نگاهن سان ڏسڻ لڳا. ابن بطوطا ۽ صوفي درويش کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ابن بطوطا کي هندوستان ڇڏڻ لاءِ چيو ويو. صوفي درويش جي ڏاڙهيءَ جا وار هڪ هڪ ڪري پٽيا ويا. ان کان پوءِ هن کي دهليءَ مان ڏيهه نيڪالي ڏني وئي. ڪجهه عرصي کان پوءِ هن کي وري درٻار ۾ گهرايو ويو پر هن جي انڪار ڪرڻ تي هن کي وري گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس سخت جسماني اذيتون ڏيڻ بعد تلوار سان سندس گردن ڪٽي وئي.

آئون جڏهن غلامن جي وڪري جي ڳالهه ڪندو آهيان, ته ان ڪاروبار ۾ نه فقط آمريڪن, يورپين ۽ آفريڪا جي سردارن پوتارن حصو ورتو پر اسان جي ننڍي کنڊ جي حاڪمن, ترڪن ۽ عرب دنيا جي مسلمانن به حصو ورتو. ان تي ڪجهه دوست اعتراض ڪندا آهن ته اهو ڪم مسلمان حاڪم نه ڪندا هوندا. بهرحال اهو الڳ بحث آهي..... گذريل وقت جي هندوستاني حاڪمن ۽ اميا, عباسي ۽ ٻين گهراڻن جي خليفن ۽ حاڪمن چا چا ته غير اسلامي ڪم پئي ڪيا ۽ عوام لوڙيو پئي. حاڪمن رڳو تاريخ لکندڙن کي خوش ڪري پنهنجي تعريف پئي لکرائي. جيئن اڄ ڪلهه جا حاڪم ٽي وي اينڪرن ۽ صحافين کي مال کارائي, پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن تي پڙدو ڏياريو وينا آهن.

هتي رڳو تغلق گهراڻي کي ٿو ڏسجي ته غياث الدين تغلق کان محمد بن تغلق (۽ فيروز شاه تغلق) جي ڏينهن ۾ به, نه رڳو غلامن جو وڪرو قائم رهيو پر انهن سلطانن ان مارڪيٽ کي Patronized به پئي ڪيو. اوسي پاسي جي هر ننڍي حڪومت تي چڙهائي پئي ڪئي وئي. مقصد مال غنيمت ۽ غلام هٿ ڪرڻ هوندو هو. هي مارڪيٽون, جن ۾ چوپايي مال ۽ مڪاني هندوستاني ۽ ڏارين ملڪن جي غلامن جو وڪرو ٿيندو هو 'النخخاص' عربي نالي سان سڏيون ويندیون هيون. تغلق گهراڻي جي دور حڪومت ۾ ته هي مارڪيٽون وڏي اوج ۾ هيون. جن جو ذڪر نه فقط

يورپي ۽ چيني تاريخدان ڪن ٿا، پر اسان وارو مسلمان سياح ابن بطوطا ۽ سندس شامي مسلمان همعمر تاريخدان العمري به ڪري ٿو.

ابن بطوطا موراڪو جي شهر طنج (Tangier) ۾ 1304ع ۾ ڄائو ۽ العمري (شهاب الدين ابو العباس احمد بن فضل العمري) دمشق ۾ 1300ع ۾ ڄائو. سندس والد مملوڪ سلطنت ۾ ڪاتب هو. العمري تمام گهڻو لکيو آهي ۽ سندس ڪتاب ۾ صلاحون، مصر ۽ شام جي انهن علائقن ۾ پڙهايا ٿي ويا، جتي مملوڪن جي حڪومت هئي. العمري پنجاهه سالن جي ڄمار ۾ 1349ع ۾ گذاري ويو ۽ ابنِ بطوطا 64 سالن جي ڄمار ۾ 1368ع ۾ وفات ڪئي. ٻنهي ڄڻن پنهنجي يادگيرين ۾ دهليءَ جي غلامن جي مارڪيٽ جو احوال لکيو آهي. العماري لکي ٿو ته:

”سلطان محمد بن تغلق کي هر وقت ڪافرن سان جنگ جوٽڻ جو جنون رهي ٿو. هن کي هر وقت مال لٽڻ ۽ غلام بنائڻ جي لوڙ لڳي رهي ٿي. دهليءَ ۾ هر روز هزارين غلامن جو سستي اگهه تي وڪرو ٿئي ٿو. پر وارين سلطنتن سان جنگين ۾ قابو ڪيل، ايترا ته قيدي غلام بنائي کين وڪرو ڪيو ٿو وڃي جو دهليءَ ۾ غلامن جو اگهه ٻنهه ڪري پيو آهي.....“.

**(شهاب الدين العمريءَ جي ڪتاب ”مسلڪ الابصار“ تان)**

ابنِ بطوطا به پنهنجي عربي ڪتاب ”الرحلة“ (جنهن جي انگريزي ترجمي جو نالو ”The Travels“ آهي) ۾ لکي ٿو ته هن وٽ به غلام ڇوڪريون هيون، جن مان هن کي هڪ هڪ ٻار به ٿيو. هڪ يونان جي غلام ڇوڪري هئي، ٻي هن دهلي سلطنت ۾ رهڻ دوران دهليءَ جي مارڪيٽ مان خريد ڪئي هئي. ان ڪان علاوه هن انڊيا جي هڪ مسلمان گهراڻي جي ڇوڪريءَ سان شادي پڻ ڪئي هئي، جنهن مان هن کي هڪ ڌيءَ هئي. ابن بطوطا ان باب ۾ اهو به لکيو آهي ته سلطان محمد تغلق جڏهن به پنهنجا سفارتڪار ٻين ملڪن جي حاڪمن خاص ڪري چين ملڪ ڏي موڪليا ٿي، ته انهن ڏي ٻين تحفن سان گڏ غلام ڇوڪرا ۽ غلام ڇوڪريون به موڪليون ٿي.....

ابنِ بطوطا ۽ العمريءَ کي اتي ٿا ڇڏيون..... اسانجي مسلمان توڙي انگريز راڄ ۾ انگريزن کي هند سنڌ ۾ گاديءَ جو هنڌ بدلائڻ جو به وڏو خفو رهيو آهي. 1843ع ۾ انگريزن جو سنڌ تي قبضو ٿيو ته پهريون ڪم اهو ڪيائون ته ميرن جي گاديءَ واري شهر کي ڇڏي، ٻئي بهتر شهر جي ڳولا ڪيائون. انگريز تڏي ملڪ جا، سڄي سنڌ ۾ اونهاري ۾ سخت گرمي، ڏوڙ ۽ آرڙيون..... آخر اوس پاس جو جائزو وٺي ڪراچيءَ جي چونڊ ڪيائون جتي سمنڊ جي ڪري ٿاڪ منجهند جي وقت به ايتري گرمي نٿي ٿئي. سيارو به مزيدار رهي ٿو. هوڏانهن انڊيا ۾ سياري ۾ ته دهلي بهتر رهي ٿي، پر اونهاري جي گرميءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ گرميءَ جا اهي ڪجهه مهينا دهليءَ جون سڀ آفيسون ۽ ڪامورا ڪلرڪ شملي پهچي ٿي ويا. هوڏانهن ڏکڻ ۾ به، سياري ۾، بمبئيءَ ۾ سرڪاري آفيسن ڪم ٿي ڪيو ته اونهاري ۾ اهي پوني شفٽ پئي ٿيون. پوني جيٽوٽيڪ ممبئيءَ جي پرسان ئي آهي، پر ٽڪرين تي، متاهين Altitude تي هجڻ ڪري، اتي ممبئيءَ کان وڌيڪ ٿڌڪار رهي ٿي.

گاديءَ جا هنڌ سنڌ جي حاڪمن ته تبديل ڪيا، پر انگريزن کان اڳ جي حاڪمن مغلن ۽ ٻين به ڪيا. انهن مان هڪ محمد بن تغلق به آهي. جنهن موسم جي خيالن کان نه، پر منگولن جي خيال کان، گاديءَ جو هنڌُ، اتر انڊيا جي شهر دهليءَ کان پري ڏکڻ ۾، اڄ جي رياست مهاراشٽرا جي شهر دولت آباد ۾ رکيو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اتر کان افغانستان جا جبل لتاڙي منگول ۽ ٻيا ايندا ٿي رهيا. ويندي بابر به ڪتان آيو. انڊيا جي پرسان برما، ٿائلنڊ، ملايا ۽ ٻئي پاسي سري لنڪا، مالديپ ۽ آفريڪا جا به ملڪ آهن، پر اتان ڪو به بکيو بدمعاش، ڦورو لٽيرو دهليءَ تي حڪومت ڪرڻ يا لُٽَ ڦر ڪرڻ لاءِ نه آيو. نادر شاهه به اتر کان ايران افغانستان اچي دهليءَ کي ساڙيو، ٻاريو ۽ ڦريو ته محمود غزنوي به افغانستان کان آيو. سنڌ ۾ به ائين ٿيندو رهيو. تڏهن ته سنڌ ۾ اهو چوڻي مشهور ٿي ته ”سنڌڙي توکي قنڌارئون جوکو“ ۽ ”گهوڙا ڙي گهوڙا“ وارو محاورو پڻ جڙيو - حملو ڪندڙ ظالم گهوڙن تي چڙهي آيا ٿي ۽ گهوڙن جي ٽاپ ٻڌندڙن، رڙيون ڪري ٻين کي خبردار پئي ڪيو ته ”گهوڙا ڙي گهوڙا“.... يعني اچن پيا حملو ڪرڻ وارا.

هونءَ اهو آهي تہ تغلق گهراڻي جي هٿ ۾، نہ فقط دهلي يعني اتر انڊيا جو علائقو هو پر هيٺ ڏکڻ وارو بہ. جتي محمد بن تغلق پنهنجي پيءُ غياث الدين تغلق جي دور حڪومت ۾ رهي چڪو هو. 1324ع ۾ تخت تي ويهڻ سان محمد بن تغلق پنهنجي گادي ڏکڻ ۾ ڪرڻ جو سوچيو جتي جون زمينون بہ سرسبز هيون ۽ جتي منگولن کان بہ پري رهي سگهيو ٿي. ٽن سالن بعد 1327ع ۾ محمد بن تغلق پنهنجي گادي دهليءَ کان دولت آباد شفٽ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو.

دولت آباد شهر اورنگ آباد کان ڏهن ميلن جي فاصلي تي مهاراشترا رياست ۾ آهي. جنهن رياست ۾ ممبئي، پوني، مهاپليشور، ناشڪ ۽ سولاپور جهڙا شهر آهن. کنڊالا، لونا والا وانگر دولت آباد بہ اڄ ڪلهہ ٽوئرسٽ اسپاٽ آهي. هن جو اصل نالو ديواگري هو. دولت آباد جي چوڌاري جيڪي ٽڪريون آهن، انهن تي هندن جو يقين آهي تہ شِو ديوتا رهيو هو. ان ڪري هن شهر جو نالو "ديوگري" رکيو ويو. جنهن جي معني آهي "ديوتا جون ٽڪريون". ممبئي کان اورنگ آباد آسانيءَ سان اچي سگهجي ٿو ۽ اورنگ آباد کان اِلورا، غارن واري شهر ڏي ويندي، دولت آباد نئشنل هاءِ وي تي ٿو اچي.

بهرحال سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ اڄ ڪلهہ تہ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچڻ لاءِ تيز رفتار ريل گاڏيون، بسون، موٽر ڪارون ۽ ويندي هوائي جهاز آهن. پر اڄ کان ست سؤ سال اڳ 1327ع ۾، جڏهن محمد بن تغلق دهليءَ جي ماڻهن لاءِ حڪم جاري ڪيو تہ دهلي شهر ڇڏي، پنهنجو سامان کڻي دولت آباد پهچي وڃو تہ هنن جون وايون بتال ٿي ويون هونديون. انهن ڏينهن ۾ سفر ۽ سامان ڍوئڻ لاءِ تہ ٻيل گاڏيون ئي هونديون هيون. جن کي اسان 58ع – 1957ع ۾ ميرپورخاص کان ٽنڊوالهيار تائين هلندي ڏٺو...... جڏهن پيٽارو ۾ ڪئڊٽ ڪاليج جي عمارت نهي رهي هئي ۽ اسان عارضي طرح بہ سال ميرپور خاص ۾ پڙهياسين. دهليءَ جي ماڻهن ڪي هيءَ لڏپلاڻ بلڪل نہ وڻي.... ۽ فاصلو بہ تہ ڏسو! ممبئيءَ کان اورنگ آباد بس ۾ ويو هوس، 6 ڪلاڪ لڳا هئا ۽ فاصلو 350 ڪن ڪلوميٽر آهي..... دهليءَ کان ممبئي ڏيڍ هزار ڪلوميٽر آهي. ٽرين ۾ 23 ڪلاڪ لڳا هئا. سو اڄ کان 700 سال اڳ ڍڳي گاڏين ۾ اهو سفر طئي ڪرڻ سو بہ ٻچن ٻارن ۽ گهر جي پوڙهن ياتين سان، ڪا سولي ڳالهہ نہ هئي. پر محمد بن تغلق جي حڪمن ۽ ظلمن کان بہ هر ڪو واقف هو. ان بابت ابن بطوطا بہ لکي ٿو تہ: "ماڻهن ڪي سامان سوڌو دهلي ڇڏڻ لاءِ زور ڪيو ويو ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن سان بہ نرمي نہ ڪئي وئي". ابن بطوطا جيتوڻيڪ ان لڏپلاڻ بعد دهليءَ ۾ آيو هو پر ان ڪترا اڳ جون ڪهاڻيون هر هڪ جي زبان تي تازيون هيون.

محمد بن تغلق جي ان شاهي حڪم ۽ خردماغيءَ بابت هڪ ٻيو مسلمان تاريخ نويس ۽ سياسي مفڪر باراني (سچو نالو ضياءُ الدين باراني) لکي ٿو تہ محمد بن تغلق جي ڪوپڙيءَ ۾ جيڪي آيو ٿي، اهو هن ڪيو ٿي. دهليءَ مان راڄ ڏاني شفٽ ڪرڻ ۾ ڪهڙا فائدا ۽ نقصان رسندا، هن اهو بہ نہ سوچيو. بس هر هڪ کي دهلي خالي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. دهليءَ جو شهر، جيڪو گذريل 170 کان 180 سالن ۾ خوشحال ٿي ويو هو ۽ جنهن جي بهتري ۽ خوشحاليءَ سان هاڻ بغداد ۽ قاهرو بہ مقابلو ڪري نٿي سگهيا، ان جي هن چريي سلطان پيڻگ ڪري ڇڏي. لڏپلاڻ جي ڪري سڄو دهلي ويران ٿي ويو..... منجهس ڪو بني بشر نہ رهيو.... ڪو ٻلو ڪتو بہ نہ رهيو".

ضياالدين باراني 1285ع ۾ ڄائو ۽ 1357ع ۾ وفات ڪيائين. محمد بن تغلق ۽ فيروز شاهہ تغلق جي دور حڪومت ۾ هنن جي دربار جو سياسي مفڪر ٿي رهيو. جيڪا "تاريخ فيروز شاهي" لکي اٿائين، اها غياث الدين بلبن کان فيروز شاهہ تغلق تائين جو مڪمل دور آهي، "فتوا جهانداري" ۾ هن نندي ڪنڌ جي مسلمانن ۾ ذات پات جي چڪرن بابت لکيو آهي. بارانيءَ، سلطان محمد تغلق جو سترهن سال ساٿ ڏنو. انهيءَ دوران هن جي امير خسروءَ سان ويجهڙائي رهي. بارانيءَ جي قبر دهليءَ ۾ نظام الدين اولياء جي درگاهہ جي اڱڻ ۾ امير خسروءَ جي مقبري جي پير ۾ آهي. پاڻ امير خسروءَ کان 32 سال ننڍو هو. امير خسرو (سچو نالو ابوالحسن يمين الدين خسرو) 1253ع ۾ ڄائو ۽ 1325ع ۾ وفات ڪيائين. سندس اردو ۽ فارسيءَ ۾ شاعري مشهور آهي. خاص ڪري قواليون. ان ڪري ڪيس

”قوالين جو ابو“ سڏجي ٿو. اسان بہ ننڍي هوندي کان مختلف ڳائڻن جي واتان، فلمي ۽ غير فلمي قواليون ٻڌاندا اچون:

- چا تلڪ سڀ ڇيني ري موسي نينان ملاڪي
- بهت ڪٺن هي ڊگر پنگهٽ ڪي
- ڪيسي مين پر لائون مڏوا سي متڪي....
- امان ميري بابا ڪو ڀيجو ري، ڪہ ساون آيا
  بيٽي تيرا بابا تو بوڙها ري، ڪہ ساون آيا
- سب سکيون مين چادر ميري ميلي
- نظام الدين اوليا ڪو ڪوئي سمجهائي
- من تو شدم تو شدي من تن شدم توجان شدي.......
- ڪاهي ڪو بياهي بديس ري بابل......
- پيغام صبا لائي هي گلزار نبي سي
  آيا هي بلاوا مجهي دربارِ نبي سي
  امير خسروءَ ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا.

پاڻ محمد بن تغلق جي ڳالهہ پئي ڪئي. هن سلطان لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن جي صوفي ازم ۾ ڪا دلچسپي نہ هئي، پر تنهن هوندي بہ هن صوفي درويشن جي عزت ڪئي ٿي، دهليءَ ۾ نظام الدين درگاهہ تي نظام الدين اولياءَ جو مقبرو هن ٺهرايو. هر انگريز يوناني توڙي اسان جي ديسي حاڪم وانگر محمد بن تغلق جا ظلم ۽ چريائپ هڪ طرف (جن جو ذڪر ابن بطوطہ باراني، ۽ ٻين ڪيو آهي) پر هر دور ۾ ڪي اهڙا چمچا ۽ خوشامدي تاريخدان بہ رهيا آهن (جيئن اڄ ڪلهہ ٽي وي جا اينڪر ۽ ڪالم نويس جن جو ڪم خوشامد ڪرڻ آهي)....... سو اهڙن ئي خوشامدڙين جي لکيل تاريخ مطابق محمد بن تغلق لاءِ اهو بہ پڙهڻ ۾ اچي ٿو تہ هو پڪو مسلمان هو پنج وقتو نمازي هو ملڪ ۾ اسلامي نظام آڻڻ جو سوچيندو هو (باقي چين ۽ ٻين ملڪن جي حاڪمن ڏي رنون موڪليندو هو) رمضان جا سڀ ۽ شوال جا پنج ڇهہ روزا رکندو هو...... وغيره وغيره. هڪ انگريز ليکڪ اسٽئنلي لين پول تہ پنهنجي ڪتاب ”Medieval India“ ۾ سندس ايتري قدر خوشامد ڪئي آهي:

“He was perfect in the humanities of his day, a keen student of Persian poetry...... a master of style, supremely eloquent in an age of rhetoric, a philosopher trained in logic and Greek metaphysics, with whom scholars feared to argue, a mathematician and lover of Science.”

ٽي سال کن اڳ لاڙڪاڻي ويو هوس تہ اتي جي ڪئڊٽ ڪاليج ۾ پڙهندڙ ٻارن سان گڏ ڏينهن گذاريم. دنيا جي ملڪن ۽ شهرن جون ڳالهيون ڪندي مون هنن کان پڇيو: ”اسانجي سنڌ جو شهر نتو ڇا کان مشهور آهي؟“.

جنهن کان سوال ڪيم تنهن وڏي سوچ ويچار بعد چيو: ”سائين پوسل کان“.

”پوسل کان!؟ ڇا مطلب؟“. مون حيرت مان پڇيو.

”سائين! گپ ۽ گند کان. اسان جا ڪجهہ مائٽ اتي رهن ٿا. اهي ٻڌائين ٿا تہ نٽي ۾ جتي ڪٿي ڪچرو آهي..... مڇر ۽ مکيون آهن...... لوڊ شيڊنگ بہ ڏاڍي آهي“.

آئون ڪا دير سوچيندو رهيس تہ چوي تہ سچ ٿو. جيئن ٽيڪ اهو ئي حال وزير اعظمن جي شهر لاڙڪاڻي جو بہ آهي، تہ وزير اعلائن جي شهر خيرپور ۽ دادوءَ جو بہ آهي. بهرحال مون تہ نٽي بابت ڪجهہ بيو ئي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ ٿي چاهيو. مون اهو ئي سوال هڪ ٻئي شاگردن کان بہ ڪيو. هڪ چيو: ”نٽي ۾ هڪ مڇين قاسائڻ جي ڊنڊ آهي. اتي بيڙيون بہ هلن ٿيون“.

”ان کان علاوه نٽي جي ٻي ڪا ڳالهہ؟“. مون پڇيو. سڀ چپ هُئا. جي پر سڀ چپ هُئا. جي ها، اها بہ صحيح ڳالهہ آهي. نٽي پاسي هڪ ڇا، ڪيترين ئي ڍنڍون آهن: ڪينجهر، هاليجي، سونهري، هڏيرو جهول..... جن مان ڪجهہ بہ تہ ناليواريون آهن، جن تي وقت جا حاڪم شيل شڪار لاءِ آيا ٿي. ٽڏن ملڪن جا پکي سياري ۾ لڏي آيا ٿي، ڍنڍن ۾ مڇيون هيون..... اوسي پاسي جا مهاڻا ۽ رهائشي خوشحال هئا. اڄ هن ماڊرن دؤر ۾ حڪومت ۽ عوام طرفان ڌيان نہ ڏيڻ ڪري اهي ڍنڍون گندگيءَ سان ڀربيون وڃن. پاڻيءَ ۾ سخت زهريات ملندي رهي ٿي. مڇيون پاڻمرادو مرنديون رهن ٿيون...... Uncontrolled شڪار ڪري، جيڪا اسان وٽ پکين جي مار مارا ٿئي ٿي، ان پکين ۾ تاهہ وجهي ڇڏيو آهي ۽ هر سال پکين جو تعداد وڃي گهٽبو..... ڍنڍن ۾ ٽوئرسٽن جي سير لاءِ هلندڙ بيڙين ۾ ڪا سيفٽي ناهي. بنان لائيف جئڪيٽن جي بيڙين ۾ مسافر ستيا وڃن ٿا...... اهڙين حالتن ۾ بہ اسان جو درويش صفت عوام خوش آهي..... ڇو جو کيس خبر ئي ناهي تہ پري جي دنيا تہ ڇا، پر پاڙيسري ملڪ انڊيا ۽ ايران بہ هر ڳالهہ ۾ Entertainment کان وٺي سيفٽي سڪيورٽيءَ تائين اسان کان گهٽو گهٽو اڳتي آهي.....

هڪ شاگرد نٽي لاءِ ٻڌايو تہ اتي هڪ خوبصورت مسجد آهي.

”ڪنهن ٺهرائي ۽ ڪڏهن ٺهرائي؟“. مون پڇيو.

”ڪنهن بادشاهہ ٺهرائي“. هو نالو نہ ٻڌائي سگهيو. ٻئي چيو: ”غلام شاهہ ڪلهوڙي ٺهرائي.......“. وغيره وغيره.

”هاءِ ڙي هاءِ منهنجا پيارا نٽا!“. مون ڪمري ۾ اچي سوچيو. ”تون جي مون وانگر انسان هجين ها تہ پاڻ بابت هي ڳالهيون ٻڌي منهن مٿو پٽين ها“.

ڪهڙو وقت اچي ويو آهي جو بادشاهن ۽ محلن محلاتن جي شهر، تعليمي ادارن ۽ تجارت جي مرڪز باغ باغيچن ۽ بندر بازارين واري دنيا ۾ مشهور شهر نٽي کي اڄ جو نوجوان ڪپري ۽ سانگهڙ کان بہ گهٽ ٿو سمجهي.

گهڻو اڳ جڏهن آئون سامونڊي نوڪريءَ ۾ هيس، يعني جهاز هلائي رهيو هيس، تہ هڪ دفعي اسان جو جهاز پورچوگال جي بندرگاهہ لسبان ۾ لنگر انداز هو. ٻئي ڏينهن لسبان جي هڪ يونيورسٽيءَ جا شاگرد بندرگاهہ گهمڻ آيا تہ اسانجي جهاز تي بہ آيا. جيڪو ان وقت جو ماڊرن جهاز هو ۽ ان سال جپان ۾ ٺهيو هو. پورچوگال بہ انگلينڊ وانگر تعليمي معاملن ۾ ڪافي اڳيان آهي ۽ سنڌس ڪي ڪي يونيورسٽيون تيرهين صديءَ کان آهن.

مان انهن ٽيهارو کن پورچوگالي شاگردن کي جهاز گهمائي، ڇانهہ لاءِ ڊائننگ سئلون ۾ وٺي آيس. جتي ٻين شو پيپسن سان گڏ هن جهاز جو ہہ فٽ ڊگهو ماڊل بہ رکيل هو جيڪو شپ يارڊ وارن جهاز هئنڊ اوور ڪرڻ مهل مونکي ڏنو

هو ۽ مون پنهنجي ڪمري ۾ رکڻ بدران هتي اچي رکيو هو. مون ڏٺو ته يونيورسٽيءَ جا شاگرد ان کي وڏي دلچسپيءَ سان ڏسي رهيا هئا. چانهه بعد مون هنن شاگردن کي ڪلندي چيو. ”توهان سڀ پڙهيل ڳڙهيل آهيو. توهان مان ڪو مونکي هڪ شهر بابت ٻڌائي ته هي گفٽ (جهاز جو ماڊل) ان لاءِ آهي“.

”سر! پڇو..... پڇو“. سڀ چوڻ لڳا.

”اهو شهر ننڍو آهي. مونکي ٻڌايو اهو ڪٿي آهي ۽ پورچوگالين جي حوالي سان ڇو مشهور آهي؟“. مون پڇيو.

هو ڪا دير سُس پُس ڪندا رهيا پر هڪ به جواب ڏئي نه سگهيو. سئيڊن جي يونيورسٽيءَ ۾ جڏهن پڙهندو هوس ته اتي موجود يوناني شاگردن کان اڪثر پڇندو هوس: ”يارو! توهان سڀ مون وانگر جهازران آهيو توهان مان ڪنهن ننڍي جو نالو ٻڌو آهي؟“

جواب ۾ سڀ ڪياڙي کنهندا هئا.

”پِلا پٽالا، ديبل يا لاري بندر جو نالو ٻڌو آهي اوهان؟“.

سڀ ٻڌچپ هوندا هئا.

آئون هن وقت به سوچي رهيو آهيان ته ڇا هن شهر ننڍي جو اوج ۽ نالو هو..... سڄي دنيا ۾ مشهور هو...... آمريڪا جا ٻئي کنڊ، ڪئناڊا سميت، آسٽريليا.... نيوزيلئنڊ جي ته، ويندي مغلن جي حڪومت تائين به خبر نه پئي هئي. سو جيڪا ڪجهه يورپ، آفريڪا ۽ ايشيا کنڊ تائين محدود دنيا هئي، ان ۾ ننڍو اڄ جي سنگاپور، هانگ ڪانگ، ممبئي ۽ ڪوالالمپور کان وڌيڪ مشهور هو. هونءَ به اِءُ ڏي وي، انهن شهرن جو ته انهن ڏينهن ۾ وجود ئي نه هو. ننڍي جي مقابلي ۾ اهي شهر ڄڻ ڪالهه جي پئداوار آهن. انڊيا ۾ انگريزن جي داخل ٿيڻ بعد انگريزن اڏرايا.

اهو ننڍو جيڪو مغلن جي حڪومت کان به اڳ پورچوگال ۾ مشهور هو.... اهو ننڍو جنهن کي پورچوگالين ٻاريو ساڙيو ڦريو لٽيو اهو ننڍو جتان پورچوگالين ملايا جي بندرگاهه ملاڪا روانو ٿي، سڄي ملايا (اڄ جي مغربي ملائيشيا) تي قبضو ڪيو ۽ ان تي به سؤ ڪن سال حڪومت ڪئي. اڄ جي پڙهيل لکيل پورچوگاليءَ کي ياد ناهي! اهو ننڍو جتي عيسوي صديءَ کان به 300 ڪن سال اڳ سڪندر اعظم جي جهازن جو ٻيڙو اچي لنگر انداز ٿيو هو ۽ انهن ڏينهن جي مشهور سونامي ۾ سڪندر اعظم جا جهاز ٻڏي ويا هئا. اهو اڄ جي يوناني نوجوان کي ياد ناهي. اهو ننڍو جتي دهليءَ جو هڪ طاقتور سلطان محمد بن تغلق دهليءَ کان هلي آيو هو..... ۽ هو هڪ عام ماڻهو ته نه هو ۽ نه ڪو هو ننڍي ۾ ڇهارا وڪڻڻ يا ٻهه، پٻڻ خريد ڪرڻ پهتو هو جو اڪيلي سر اچي.... هو طاقتور سلطان هو جنهن سان گڏ سپاهين ۽ ڪمين ڪاسبين جو هڪ وڏو اثالو هليو هوندو ۽ ننڍو جتي هن جو بخار وگهي موت ٿيو هڪ اهم شهر ئي ته هوندو جيئن اڄ ڪلهه اسان لاءِ اسلام آباد آهي. تڏهن ته بادشاهه سلامت هن شهر جي اهم هجڻ ڪري بذات خود دهليءَ کان ننڍي اچي نڪتو ۽ بعد ۾ بادشاهه ٿيڻ تي هن ننڍي ۾ هڪ يادگار مسجد نهرائڻ جو حڪم ڏنو..... ۽ جنهن مسجد کي اڄ به دنيا جا ٽوئرسٽ ڏسڻ لاءِ اچن ٿا. پر اڄ ان ننڍي جي اوج ۽ شان مان ڪان اسان جو پنهنجو سنڌي نوجوان به واقف ناهي!

دهليءَ جي تجارتي علائقي جي رش مان نڪري، ڪنات سرڪس واري گول (Ring) روڊ کان ”جان پاٿ“ روڊ وٺي، ٽئڪسي ڊرائيور ونڊسر سرڪل (چوراهو- بلڪ ڇهه راهو) ٽپي رهيو هو ته اوپر ڏي ويندڙ هڪ روڊ تي لڳل بورڊ تي، ان روڊ جو نالو ”فيروز شاهه تغلق روڊ“ پڙهي، مون کي ان کان اڳ جو حاڪم محمد بن تغلق ياد اچي ويو. پوئين صفحن ۾ ان جي دور حڪومت ۽ رعب تاب، ظلمن ۽ چريائپ بابت ان ڪري لکيو اٿم ته جيئن پڙهندڙ کي ننڍي شهر جي اهميت جي خبر پوي، جتي محمد بن تغلق جهڙو دٻدٻي وارو سلطان پهتو هو.

ننڍي جي انهيءَ اوج ۽ اهميت کي ياد ڪري، ننڍي بابت هتي اجان به ڪجهه وڌيڪ سٽون لکان ٿو:

ڪراچيءَ کان 90 ڪلوميٽر اوپر ۾ هي شهر سنڌ جي ٻين شهرن وانگر سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ئي ايريو. هاڻ ته اليڪٽرسٽيءَ جي ڪري، ڪٿي به شهر اڏي سگهجي ٿو. جيئن بحريا ٽائون يا ڊي ايڇ اي سٽي ڪراچي وغيره. رڻ پٽن ۽ جابلو علائقن ۾ نوان شهر نهي رهيا آهن، جن لاءِ پاڻي، ٽيوب ويلن ذريعي زمين مان ڇڪيو وڃي ٿو.

نـ تـ اڳئين زماني ۾ شهر اتي ٻڌي سگھبو هو جتان درياهـ جو وهڪرو هوندو هو. ڇو جو پاڻيءَ بنان ماڻهوءَ توڙي مال لاءِ جياپو ڏکيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ننڍي کنڊ ۾، توڙي مصر، عراق، شام جهڙن ملڪن ۾، آڳاٽا شهر سنڌو ندي، گنگا، برهمپترا، نيل، فرات ۽ دجلـ ندين جي ڪناري تي نظر اچن ٿا..... يا وري انهن هنڌن تي، جتي گھٽ ۾ گھٽ مينهن وسڻ ڪري پاڻي هر وقت موجود رهيو. جيئن ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جهڙن ملڪن ۾، يا جيئن زمزم جي ڪري مڪو آباد ٿيو.

ٺٽي جي اڳيان اڄ ڪلهـ توهان کي سنڌو ندي وهندي نظر نٿي اچي، پر ڪو زمانو هو جو ٺٽو سنڌو نديءَ جي ڇوڙ وٽ هڪ وڏو ۽ مشغول بندرگاهـ هو جيڪو عيسوي سن کان اڳ پٽالا بـ سڏيو ويو ٿي. جنهن بابت سڪندر اعظم سان گڏ آيل تاريخ نويسن ذڪر ڪيو آهي. هنن پنهنجن يوناني ڪتابن ۾ هن بندرگاهـ جو اشارو پٽالا (Patala) نالي سان ڪيو آهي. زلزلن، ريءَ ۽ لٽ جي ڪري نديون پنهنجو رخ اڪثر بدلائينديون رهن ٿيون. اهڙي طرح اسان جي سنڌو ندي بـ آهستي آهستي ٺٽي کان پري ٿي وئي.

عرب تاريخدانن اڄ جي ٺٽي کي "ديبل" لکيو آهي. جيڪو منصوره جي عرب سلطنت ۾ آيو ٿي. لڳي ٿو ديبل بندر ۽ ٺٽو ٻئي گڏ گڏ هئا. جيئن هالا پراڻا ۽ هالا نوان..... يا وري لنڊن جو ٻهر ۽ ٽلبري بندرگاهـ. سنڌو نديءَ جي رخ بدلڻ ڪري ديبل بندرگاهـ ويران ٿي ويو ۽ لاري بندر نالي نئين بندرگاهـ جنم ورتو.

ٺٽي جو تاريخ ۾ صحيح طرح نالو 1025ع ۾ محمود غزنويءَ جي حوالي سان ظاهر ٿيو جڏهن هن ان ڏينهن جي هياري عرب حڪومت جي گاديءَ واري شهر منصوره کي تباهـ ڪيو ۽ سنڌ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سومرن مزاحمت ڪئي ۽ سنڌ جي هيٺئين حصي تي قبضو ڪري ورتو. جڏهن تـ اپر سنڌ تي غزنوين جو قبضو رهيو.

اها ڳالهـ لکندي هڪ واڻڻو خيال ڌيان ۾ آيو اٿم تـ محمود غزنويءَ متعلق تاريخ نويس اهو ذهن نشين ٿا ڪرائين، تـ هو پڪو مسلمان هو. هو بت فروش نـ پر بت شڪن هو. هن هندن جا بت تباهـ ڪرڻ لاءِ سومنات مندر تي حملو ڪيو. هل سائين! هوندو.... پر هن سنڌ تي ڇو حملو ڪيو؟ سنڌ ۾ ڇو تباهي آندي؟ ان وقت تـ سنڌ تي 300 سالن کان مسلمانن جي حڪومت هئي!..... ڳالهـ اها آهي تـ ان دؤر ۾ هندو هجن يا مسلمان بادشاهـ، جرمني انگلنڊ جا بادشاهـ هجن يا سئيڊن ناروي جا..... سيني جو ڪم هو اوسي پاسي جي ملڪن ۾ ڦرون ڪري مال آڻڻ.... ڇا نادر شاهـ گھٽ ظلم ڪيا؟! سڄي دهلي شهر کي ساڙي ٻاري ڦرلٽ ڪري تخت طائوس تائين ايران کڻي ويو. مسلمان تي هزارين مسلمانن جو قتل ڪيائين.... اسان ننڍي کنڊ جا ماڻهو هن کي ظالم ٿا سڏيون پر توهان ايران وڃي ڏسو. مشهد شهر ۾ امام علي رضا جي روضي جي پرسان هن جو نـ فقط مقبرو آهي، پر سندس ياد ۾ وڏو گھوڙيسوار مجسمو (Statue) آهي. ايراني هن کي هيرو ٿا سمجهن. جو هن اوسي پاسي جي حڪومتن ۽ ماڻهن جي پيينگ ڪري، مال پنهنجي ملڪ ۾ ٿي آندو ۽ پنهنجي ملڪ کي خوشحال ٿي ڪيو. سو آئون تـ ڇوڏاري دنيا جو جائزو ٿو وٺان تـ اڳ ۾ هر ملڪ جي بادشاهـ جو اهو ئي ڏنڌو نظر ٿو اچي - يعني اوسي پاسي جي ڪمزور حڪومتن جي ڦرلٽ ڪرڻ.

ننڍي کنڊ جي مشهور شاعر امير خسرو (1325ع ـ 1253ع) بـ ٺٽي شهر جو نالو پنهنجي هڪ شعر ۾ ڏئي ٺٽي کي مشهوري ڏني....... پاڻ وري بـ ٺٽي جي ڳالهـ ڪريون. جيڪو ماضيءَ ۾ وڏي اوج ۽ شان شوڪت وارو شهر هو. جنهن کان افسوس جو اڄ اسان جو توڻي ٻاهرين ملڪن جو نوجوان ايترو واقف ناهي.

يارو! سنڌ جي پراڻن ۽ قديم شهرن مان ٺٽو هڪ قديم، تاريخي ۽ هڪ قابل ذڪر شهر آهي. ٺٽي شهر جي قائم ٿيڻ، ان جي تهذيب ۽ تمدن، رهڻي ڪهڻيءَ، رسم رواج، علم ادب تي تاريخي حوالن سان ڪافي تحقيقي مواد ملي ٿو. مون وٽ پنهنجي لائبريري تـ ڇا، پنهنجن ڪتابن جو سيٽ بـ محفوظ ناهي، پر آئون امر جليل، عبدالقادر منگي ۽ ٻين دوستن جي لئبريرين ۾ ڏسان ٿو تـ مونکي انهن وٽ يا ڪراچيءَ جي وڏين لئبررين ۾، ٺٽي بابت ڪيترائي ڪتاب (پنهنجن ۽ ڌارين ماڻهن جا لکيل) نظر اچن ٿا. ان تي ڪيترن ئي ماڻهن ڪم ڪيو آهي..... مير محمد بن جلال ٺٽوي، مير علي شير قانع، امير خسرو دهلوي ۽ ادارڪي بيگلاريءَ کان وٺي پيرو مل مهر چند آڏواڻي، مرزا قليچ

بيگ، سيد حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڪن غير ملڪي مؤرخن، سياحن، جهڙوڪ جنرل هيگ، ميجر راورٽي، هيوز ايٽڪن، پاٽنجر، مانرڪ، منوڪي، هئملٽن، ڊاڪٽر سورلي تائين.... ڪنهن جو نالو ڪٿي ڪنهن جو ڪٿجي. هڪ ڪتاب تازو عبدالقادر منگي صاحب ”ڀنڀور ۽ ديبل“ نالي سان موڪليو آهي، جنهن ۾ هن ڪيترن چاڙهو تعليم يافته ۽ ڪوجنا ڪندڙن جا مضمون سهيڙيا آهن. جن مان ڪجهه ليکڪن جا نالا هن ريت آهن: تاج صحرائي، مريم مجيدي، عزيزه چنا، عبدالله ورياهه، مسرت مرزا، ڊاڪٽر لوئيس فليم، ممتاز راشدي، ولي محمد طاهرزادو، رفيق مغل، شيخ خورشيد حسن، وغيره.

اپر سنڌ جنهن تي غزنوين جو قبضو رهيو انهن تي نيٺ دهلي سلطنت حاوي ٿي وئي ۽ خلجي گهراڻي جي ٻئي سلطان علاؤ الدين خلجيءَ (جنهن 1296ع کان 1316ع تائين حڪومت ڪئي) پنهنجي دؤر ۾ سومرن تي حملو ڪيو. سندس وڃڻ کان پوءِ غياث الدين تغلق جي ڏينهن ۾، سومرن وري ٺٽي تي قبضو ڪيو. انهن ڏينهن ۾ اوس پاس ۾ جيڪي ٻيون ذاتيون رهيون پئي، اهي هيون: سما، سهتا، ابڙا، سوڍا، چنا، پنهور، پهوڙ گجر، پٽي، جاڙيجا، ٿهيم، ٽنؤر، راجڙ، راڄپر، ڪاڇيلا وغيره. انهن سومرن جو ساٿ پئي ڏنو. گجر اڄ به ٺٽي، بدين ۽ ملتان پاسي موجود آهن ۽ مڪاني ٻوليون سنڌي، سرائڪي، پنجابي وغيره ڳالهائن ٿا. انهن ڏينهن ۾ گجر هندو به هئا. هنن جي ڪا وڏي سلطنت نه هئي. سنڌ ۾ به ڪٿي ڪٿي پاڪيٽ (ڪانچا) هئا، جتي هنن جو زور هو ۽ انهن ۾ دهليءَ جي سلطنت خلاف بغاوت جي بوءِ محسوس ڪري غياث الدين تغلق جي پٽ سلطان محمد بن تغلق وڏي اتالي سان لوئر سنڌ جو رخ ڪيو. هو ٺٽي ۾ گذاري ويو. جنهن بعد سندس سوٽ فيروز شاهه تغلق دهليءَ جي تخت تي ويٺو. سندس نالي دهليءَ ۾ ونڊسر پليس (ونڊسر چوواٽي) تان اوڀر طرف ”فيروز شاهه تغلق روڊ“ نڪري ٿو. جنهن روڊ جي بورڊ کي ڏسي مونکي تاريخ جون هي ڳالهيون ياد آيون. جن جو سنڌ جي ان وقت جي ”بلي بلي“ شهر ٺٽي سان واسطو آهي.

1335ع ڌاري سمن سومرن کان حڪومت حاصل ڪئي ۽ ٺٽي تي سندن ڪنٽرول ٿيو. هو ڏکڻ سنڌ کان اتر طرف بکر (سکر) تائين پنهنجي حڪومت کي وڌائي آيا. پر 1361ع ڌاري دهليءَ جي ان وقت جي سلطان فيروز شاهه تغلق سنڌ تي حملو ڪري سما حاڪمن کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ آندو.

تاريخن ۾ عام طور ائين لکيل آهي ته ٺٽي جو بنياد سما گهراڻي جي حاڪم،ڄام نظام الدين (ڄام نندي) پندرهين صدي عيسويءَ ۾ وڌو. ڄام نندي جي حڪومت جو زمانو 1460ع کان 1508ع تائين ڄاڻايل آهي. ڄام نندو هڪ عالم، فاضل ۽ ديندار حاڪم هو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڄام نندي کي سنڌ جو ’هارون رشيد‘ سڏيو آهي. سندس زماني ۾ سياحن، واپارين، عالمن ۽ فاضلن کي هر طرح جون سهولتون مليون.

جيئن مٿي لکي آيو آهيان ته ٺٽي جو ذڪر امير خسرو دهلويءَ جي ديوان ’تحفته الصغر‘ (1274ع) جي هڪ شعر مان به ملي ٿو.

سروِ چُو تو اُچه و دَر تته نباشَد
گُل مِثلِ رخ خوب تو البته نَباشَد

(تو جهڙو قدوقامت ۾ نه ڪو اُچ شهر ۾ آهي ۽ نه وري ڪو ٺٽي ۾. تنهنجي خوبصورت چهري جهڙو ڪوئي گل به اُتي نظر نه آيو).

مٿين شهر ۾ ”تته“ لفظ ٺٽي شهر لاءِ آهي. مرزا قليچ بيگ به ان خيال جو اظهار ڪيو آهي ته لفظ ”ٺٽو“، ’ٺهه ٺهه‘ لفظ مان نهيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ٺهه مٿان ٺهه“. هڪ ٻئي هنڌ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته: ”ٺٽ چون ماڻهن جي گوڙ کي؛ ٺٽ چون خشڪ ميدان کي، شايد انهن مان ٺٽو نالو نڪتو هجي“. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته: ”ٺٽي، ٺٽ ۽ ٺٽو اُن بستيءَ کي چوندا، جيڪا درياهه جي ڪنڌيءَ يا ڪناري تي آباد ڪئي ويندي آهي“.

امير خسروءَ جي مٿين شعر مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته تيرهين صدي عيسويءَ ۾ هو ٺٽي به آيو هو. ان زماني ۾ ٺٽو شهر، پنهنجي شان مان جي ڪري ڪافي شهرت حاصل ڪري چڪو هو.

نٽي شهر جا سڀ کان آڳاٽا اهڃاڻ ۽ نشان جنرل هيگ (Haig) جي ڪتاب ۾ به ملن ٿا. هو نٽي کي ’مينا ننگر‘ ٿو سڏي. هن جي لکت مان ظاهر آهي ته: ”سڪندر اعظم (328 ق.م) پٽالا جي فتح کان پوءِ مينا ننگر جي حاڪم کي شڪست ڏني، ڪجهه لشڪر خشڪيءَ رستي روانو ڪيو هو“. جنرل هيگ جي ان بيان مان ثابت ٿو ٿئي ته نٽي جو شهر سڪندر اعظم جي ڏينهن ۾ به موجود هو.

بهرحال امير خسروءَ جي شعر مان اهو به ثابت ٿو ٿئي ته نٽو سال 1268ع کان 1272ع تائين، نه فقط آباد ۽ معروف هو بلڪ ايترو بارونق ۽ سهڻو شهر هو جو شاعر اتان جي خوبصورت گلن ۽ سروقد سهڻن جي تشبيهه، پنهنجي محبوب جي تعريف ۾ ڪتب آندي آهي. بهرحال نٽي جو اهو سمورو احوال، سومرن جي دور ۾ هن شهر جي وجود ۾ هجڻ ۽ جاهه وجلال لاءِ وڏو ثبوت آهي.

سومرن جي زوال وقت سنڌ ۾ ڄامن، سمن جي حڪمراني شروع ٿي. ڄام فيروز الدين انڙ 1350ع ۾ حڪمران بنيو. ٻن سالن جي حڪومت بعد انڙ جي وفات تي علاؤالدين ڄام جوڻوءِ سندس ڀاڻيو صدرالدين شاهه ڄام ٻابينو ثاني 1353ع ۾ سنڌ جا حڪمران بنيا. ان دور ۾ محمد شاهه تغلق پنهنجي باغي غلام ’طغي‘ جي ڳولا ۾ سنڌ طرف ڪاهه ڪئي. محمد شاهه تغلق سونڊيا وٽ فوت ٿي ويو. ان ريت تغلقن جو حملو ختم ٿيو. فيروز شاهه تغلق مرحوم بادشاهه جو لاش کڻائي سيوهڻ پهتو. جتي لاش کي امانت طور دفن ڪري، نئون بادشاهه فيروز شاهه تغلق دهليءَ روانو ٿيو. 1365ع ۾ فيرز شاهه نٽي تي حملي آور ٿيو پر ڪيس سوڀ حاصل نه ٿي. فيروز شاهه ٽن سالن بعد 1368ع ۾ وري سنڌ تي ڪاهي آيو. سيدن ۽ عالمن، وچ ۾ پئي، سمن ۽ تغلقن ۾ ناهه ڪرايو. ڄام ٻابيني ۽ ڄام تماچيءَ کي دهليءَ ۾ نظر بند رکيو ويو. ان سان گڏ ڄام توڳاچيءَ جي حڪومت به پوري ٿي. علاؤالدين ڄام جوڻو اڪيلي سر (ٻيوپيرو) سنڌ جو حڪمران بڻيو. هن 18 سال بادشاهي ڪئي. 1388ع ۾ فيروز تغلق وفات ڪئي. ان بعد دهلي سلطنت ختم ٿيڻ شروع ٿي. دهليءَ ۾ نظر بند ڄام تماچيءَ نٽي پهچي، ٻيهر سنڌ جي حڪومت سنڀالي. سندس چاچي ڄام جوڻي جو دؤر پورو ٿيو. سنڌ جي درويشن ۽ شاعرن ڄام تماچيءَ جي آجيان ڪئي. ان وقت جي شاعر شيخ حماد دعائيه بيت چيو:

جوڻو مَتِ اُوڻو ڄام تماچي آءُ،
سڀاجهي ڀاڄهه پئي، توسين نٽو راءَ!

نوري ۽ ڄام تماچيءَ واري داستان جو سورمو به هي ئي حاڪم هو.

نٽي کان اڳ ان هنڌ تي ’ديبل‘ نالي شهر ۽ بندرگاهه هو. پر پوءِ ديبل جو نالو 1259ع کان پوءِ تاريخ جي صفحن تان گم ٿي ويو ۽ 1272ع کان اڳ، نٽو اُن (ديبل) جو قائم مقام بڻيو هو. اها ڳالهه مڃٽي پوندي ته نٽوءِ ديبل هڪ ئي وقت موجود هئا. نٽي کي اهميت ديبل شهر جي زوال کان پوءِ سگهو ئي ملي.

ماڻهن جي ذهنن تان ديبل جو نالو اجان لٿو ئي نه هو ته نٽي جي شهرت ۽ ترقي شروع ٿي وئي. جنهن ڪري ماڻهن جي زبان تي ”ديبل نٽو“ گڏجي استعمال ٿيڻ لڳا. هتي اهو به لکندو هلان ته تاريخي شاهدين موجب ’ڀنڀور‘ اصل ۾ ’ديبل‘ جو شهر ۽ بندر گاهه هو. هي مقام جنهن کي اسان ڀنڀور سڏيون ٿا، سو عام روايت موجب سسئي ۽ پنهونءَ جي محبت جو ماڳ آهي. اهو مشهور آهي ته سسئي، جنهن کي صندوق ۾ بند ڪري سيوهڻ وٽان درياءَ ۾ وڌو ويو هو سا هتي سلامت اچي نڪتي ۽ پلي نپني جوان ٿي. پنهون مڪران کان هت آيو. سسئيءَ سان ملاقات ٿيس ۽ آخر شادي ٿيس.

مشهور تاريخي ڪتاب ”چچ نامو“ يا ”فتحنامہ سنڌ“ ۾ به ديبل جو ذڪر ملي ٿو ته راءِ سهاسي بادشاهه جي دؤر ۾ به ديبل موجود هو جيڪو پنجين صدي عيسويءَ جي آخر ۾ ٿي گذريو. سڀ کان پهريون حوالو 637ع جو يعني حضرت عمر رضہ جي خلافت جي دؤر جو آهي، جڏهن مسلمانن جو پهريون ٻيڙو ديبل ۾ آيو ۽ فتح حاصل ڪيائين. ٻيو حوالو 712ع جو آهي، جڏهن محمد بن قاسم هتي آيو جنهن قلعي ۽ بندرگاهه کي فتح ڪيو. بهرحال اهو اجان

ثابت نہ ٿي سگهيو آهي تہ ڀنڀور ۽ ديبل هڪ ئي هنڌ موجود هئا يا جدا جدا. ديبل مني پاڻيءَ جو بندرگاهہ هو. يعني درياهہ تي هو يا درياهہ جي ڇوڙ واري جڳهہ تي ڪاري پاڻيءَ جو بندرگاهہ هو. اڄ انهن شهرن جي جاءِ تي ٺٽو شهر آهي.... ڪجهہ پرتي سسئي پنهونءَ جي داستان جي شهر ڀنڀور جا ڪنڊر آهن, جن تي اسانجي حڪومت طرفان ڪو جنا جوڪم هلي رهيو آهي. شاهہ لطيف, سسئي پنهونءَ جي حوالي سان, ڀنڀور ڪي ڪيترن ئي بيتن ۾ ڪم آندو آهي, جيئن:

پنهونءَ سين پريت جو ڪو جو پيچ پيوم,
پنهي هن ڀنڀور ۾, وهڻ وِهُہ ٿيوم,
متيون موٽڻ سنديون, ڪاڪيون! ڪين ڏيوم,
سرتيون! ساهہ سندوم, ٿيو حوالي هوت جي.

پاڻ ڀنڀور ۽ ديبل ڪي ڇڏي, ٺٽي جي ڳالهہ ڪيون, جيڪو اڄ بہ موجود آهي. جيتوڻيڪ سندس جام تماچيءَ, ارغونن, ترخانن ۽ مغل بادشاهن جي دؤر واري خوشحالي ۽ شان شوڪت نہ رهيا آهن. اٿين بہ نہ آهي تہ انهن جي ڏينهن ۾ ٺٽو سڪون ۽ خوشحاليءَ ۾ رهيو. ٺٽي سان پنهنجن پروان.... خاص ڪري ڌارين, ظلم بہ ظلمن جهڙا ڪيا. سومرن جي سنڌ تي 1026ع کان 1350ع تائين اٽڪل ٽي صديون حڪومت رهي. 1054ع ڌاري محمود غزنويءَ سنڌ جي پرسڪون ماحول ۾ تباهي برپا ڪئي ۽ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. ان بعد علاؤ الدين خلجيءَ حملو ڪري سنڌ تي حڪومت ڪئي.

خلجين بعد تغلقن..... جن جو احوال تفصيل سان ڪري آياسين. ڏٺو وڃي تہ هي سڀ مسلمان حاڪم هئا ۽ سنڌ ۾ جتي هندو هئا, اتي مسلمانن جي بہ هنن تباهي ڪئي ٿي. اسان چئون ٿا تہ جپان, سئيڊن, ناروي جهڙا ملڪ صدين کان ترقي ڪري رهيا آهن. اسان وٽ ترقي ٿئي تہ آخر ڪيئن ٿئي؟! هڪڙا ڌاريا, ڦورو ڌاڙيل حاڪم ويا پئي, تہ ٻيا آيا پئي. جن قتل غارت سان گڏ عوام کي غريب مسڪين پئي بنائي ڇڏيو. 1054ع کان وٺي 1350ع تائين سنڌ غزنوين, خلجين ۽ تغلقن جي حڪومت هيٺ رهي. ڪنهن کي ڪو خيال نہ پئي ٿيو..... ۽ ٿئي بہ ڇو؟ هو ڪهڙا هتي جاوا نپنا هئا؟ ڦرلٽ ڪري مال دهليءَ ڪٽي پئي ويا, يا ايران افغانستان..... پر سوال آهي تہ اهي جملا ان وقت جا سنڌي چوندا هوندا.... اڄ جا سنڌي ڪئين ٿا چئي سگهن؟! جڏهن تہ هو اڪين سان وينا ڏسن تہ سندن اڄ جا حاڪم جيڪي هتي جاوا, اهي بہ تہ هتان جو پئسو ڪٽي سنڌ کي ڪنگال ڪري, دبئي, لنڊن, اسپين, سئٽزرليڊ ڪي پيا خوشحال ڪن ۽ اتي پيا محل بنگلا اڏين..... غريب مڪاني ماڻهو جهوپڙيءَ ۽ گلاس پاڻيءَ لاءِ بہ پيو سڪي.

1351ع ۾ سنڌ ۾ سمن جي حڪومت ٿي, جيڪا 1520ع تائين هلي. ان ۾ وري بہ Comparatively سنڌين سک جو ساهہ پٽيو ۽ "نوري جام تماچي" جهڙن عشقيہ داستانن جنم ورتو. ڪابل قنڌار کان شاهہ بيگ ارغون نازل ٿيو ۽ ان وقت جي حاڪم جام فيروز کي شڪست ڏئي, خوشحال ٺٽي جي ٻينگ ڪري ڇڏيائين. ڦرلٽ هڪ طرف, تہ شهر کي ٻارڻ ساڙڻ ٻئي طرف..... خبر ناهي ڪهڙي قسم جا مسلمان حاڪم هئا, جن اسان جي ملڪن ۾, ڏني نہ ورتي, نہ فقط هتي جي حاڪمن کي ماريو ڪُٽيو پئي, پر غريب عوام ۾ بہ ڌهڪاءُ پيدا ڪرڻ لاءِ انهن کي ڦريو ۽ سندن گهرن کي ساڙيو پئي. ٿورو تصور ڪريو تہ ان وقت جي غريب عوام وٽ ڪهڙا ڪمپيوٽر, ڪئميرائون ۽ ڪارون هيون, ڪهڙا ريفريجريٽر, ايئرڪنڊيشن ۽ فرنيچر هئا..... وڌ ۾ وڌ بہ وڳا ڪپڙن جا ڊڳي, ٻڪري ياٻہ چار ڪڪڙيون هيون. هنن حاڪمن اهي بہ ڦري پئي ورتيون - ٻيو هو ٻين جي نياڻين کي قبضي ۾ ڪرڻ..... اسانجي سيني هندو, مسلمان, سک حاڪمن جون اهي ئي ڪاروايون رهيون. شاهہ بيگ ارغون جي 1250ع ۾ حملي ۽ سنڌ فتح ڪرڻ سان سمن جي حڪومت ختم ٿي ۽ ارغونن جي شروع ٿي. شاهہ بيگ ارغون 1520ع کان 1524ع تائين حڪومت ڪئي, ان بعد سندس پٽ شاهہ حسين ارغون تخت تي وينو جنهن ڇڪي تاڻي 1554ع تائين حڪومت ڪئي. آخري ڏهاڪو سال تہ اهڙو گند ڪيائين (هوندو نشي ۾ ڏت ۽ رنن پويان. پنهنجن درٻارين کي ئي بيزار ڪري

وڏو هوندائين) جو سنڌ جي شرفائُن فيصلو ڪري، 1554ع ۾ مرزا محمد عيسيٰ ترخان کي سنڌ جو حاڪم چونڊيو ۽ شاه حسين جو راشن پاڻي بند ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ڪٿي هو نهري (Irrigation) سسٽم؟!...... ڪٿي هيون اعلي پئماني جون پوکون، ۽ انبن، ڪيلن ۽ صوفي ٻيرن جا باغ ؟ ڪٿي هيون ڪاٽن جننگ فئڪٽريون ۽ شگر ملون، جن مان ڪمائي ٿئي ۽ حڪومت کي ٽئڪس ملي..... ۽ نہ وري برونائي، ڪويت ۽ سعودي عرب وانگر پيٽرول هو جنهن مان سرڪار (بادشاهہ سلامت) جا پنهنجا ۽ حرمن جا خرچ نڪرن. غريب پورهيت: واڍا، رازا، لوهار، ڪمي ڪاسبي، جيڪي ٻہ ويلا ڪائڻ جيترو بہ مس ڪمائيندا هئا، انهن مان ئي پئسو نچوڙي وقت جي حاڪمن کي پهچايو ويندو هو. ويتر جو حاڪم بہ ڏاريا هوندا هئا، سو انهن کي مقامي ماڻهن لاءِ ڪهڙو قياس؟! سندن چمچن تاريخن ۽ بايوگرافين ۾ ضرور لکرايو تہ بادشاهہ سلامت پڪو مسلمان هو. پنج وقت نمازي هو. ٽوپيون پري ذاتي خرچ هلائيندو هو...... الا بلا..... يا ڪي وري تاريخدان لکن ٿا تہ بادشاهہ سلامت/سلطان صاحب فقط ڪافرن جي پويان هو...... وغيره وغيره. ڪا اهڙي ڳالهہ نہ هئي. مسلمان، هندو، توڙي سک پارسي، سڀي رعيت موچڙن جي منهن ۾...... جيڪي حاڪمن جي شراب شباب، نشي پتي، راڳ رنگ ۽ ٻين عياشين جو بندوبست ڪندا هئا، اهي موج مزي ۾ هئا ۽ انهن ۾ هر ڏرم ۽ هر ٻوليءَ جا هئا. اهڙي منظرنامي (Seeneiro) جو مثال توهان کي اڄ جي دؤر ۾ بہ نظر ايندو. اهوئي حال مرزا جاني بيگ جو هو. 1558ع ۾ سندس پيءُ مرزا محمد باقيءَ خودڪشي ڪئي (يا الائي ڪنهن ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيس).... بهرحال جي اهو ٿا ڏسو تہ ان جو فائدو ڪنهن کي ٿيو، تہ اهوان جي پٽ مرزا جاني بيگ کي ٿيو، جنهن پيءُ جي مرڻ تي تاج ڪٽي پنهنجي مٿي تي رکيو ۽ لوئر سنڌ جو حاڪم ٿيو. هن ڪهڙي حڪومت هلائي..... هن ڪي شير شاهہ سوريءَ وانگر رستا ۽ مسافر خانا تہ نہ ٺهرايا ۽ نہ عوام جي ڀلي لاءِ ڪو چڱو ڪم ڪيو ـ ڪري ها تہ تاريخ نويس هن کي وڏائي وڏائي پيش ڪن ها. هونءَ بہ اسان وٽ اهوئي ڪلچر آهي تہ حاڪم، وزير، سردار، وڏيري، ڪاموري، ويندي موچاري جاءِ تي ويٺل ڪلرڪ، پٽيوالي جو ڪم آهي غريبن جي زندگيءَ سان راڳا ڪرڻ ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي کين چڙٻون ۽ دڙڪا ڏيڻ ـ ان جو مثال توهان کي اڄ جي سنڌي ڊرامن ۾ نظر ايندو. سو اسان جي ڪيترن مسلمانن پنهنجي ۽ پنهنجي حرم جي بچاءَ لاءِ ڪنهن سني سڪيورٽي ۽ سپاهہ جو بندوبست نہ ٿي ڪيو، وقت جي ضرورت موجب هٿيار پنهوار نہ ٿي خريد ڪيا. زور رڳو زالن ۽ ڪنيزن جو نمبر وڌائڻ ۽ ڀنگ، ٺري ۽ شراب تي هو. مرزا جاني بيگ کي بہ چار سال حڪومت بہ ڪا مس ڪئي تہ مغل بادشاهہ اڪبر جي لشڪر کيس موچڙا هڻي لاهي ڇڏيو ۽ سنڌ 1599ع کان مغل سلطنت جي قبضي ۾ آئي. ٿي سگهي ٿو ڪنهن تاريخدان مرزا جاني بيگ لاءِ بہ لکيو هجي تہ، تهجد گذار هو، پڪو مسلمان هو، سادو کائيندو هو، سادو پهريندو هو...... پر حقيقت اها آهي تہ نشي ۾ ڌت هوندو هو، اڄ جي ڪريل ٻارن وانگر منجهند تائين ستو پيو هوندو هو. ان جو اندازو توهان هن جي بيماريءَ مان لڳائي سگهو ٿا جنهن وگهي هن جو موت ٿيو. بقول هڪ انگريز ليکڪ جي:

“Jan Beg was defeated by the Mughal forces in 1591. In 1599 he died of delirium tremens”.

اها بيماري ڇا آهي؟ توهان جي ميڊيڪل جا شاگرد نہ آهيو تہ ڪنهن ڊاڪٽر کان پڇو.

شراب جي عادي ماڻهوءَ جو جيڪڏهن يڪدم شراب بند ڪبو تہ هو ڊيليريم ٽريمينس (Delirium Tremens) جو مريض ٿي پوندو. نہ فقط شرابيءَ جو پر ٻئي ڪنهن نشي جي عاديءَ جو بہ يڪدم نشو بند نہ ڪجي. مرزا جاني بيگ بہ جيسين سنڌ جو حاڪم هو تہ ديسي ولائتي شراب پاڻيءَ وانگر پئي مليو. اهي ڪم پورچو گالي ۽ ٻيا يورپي خلاصي ڪندا پئي رهيا ۽ وقت جي حاڪمن کي پنهنجن کان وڌيڪ اهي غير ئي پئي وڻيا، جن هنن لاءِ شراب ۽ شباب جو بندوبست پئي ڪيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انهن هڪ طرف پئسو پئي ڪمايو ۽ جاسوسي ٻي طرف پئي ڪئي. حاڪمن کي بہ ڪهڙو فڪر جو پئسو سندن کيسي مان تہ نہ پئي ويو، غريب عوام کان ئي کسيو ٿي ويو. اسان

جي ماڻهن لاءِ اها ڳالهه سمجهڻ ڏکي ڳالهه نه هجڻ کپي جو هو اڄ به ڏسي رهيا آهن ته حاڪم عوام جي ٽئڪس جو پئسو ڪيئن پنهنجي عياشيءَ تي پيا خرچ ڪن.

بهرحال اڪبر جي حملي بعد مرزا جاني بيگ نه فقط حڪومت کان آجو ڪيو ويو پر خزاني جا دروازا به هن لاءِ بند ٿي ويا. ان وقت جا حاڪم، وزير، سياستدان اڄ جان ايڏو هوشيار نه ٿيا هئا جو ڦر جو پئسو فارين بئنڪن ۾ لاڪرن ۾ رکرائين، ولايتن ۾ محل ماڙيون خريد ڪن، فئڪٽريون ۽ ڪارخانا هڻن..... وغيره. انهن ڏينهن ۾ نه هيون بئنڪون ۽ نه ڪارخانا ۽ مِلون. تخت تان لاهڻ بعد حاڪم کي ٻن وڳن ۾ ڪنهن ڪوٺڙيءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويو. پئسو نه هجڻ ڪري شراب ڪٿان آڻي، نشي جي علت پوري ڪيئن ڪري؟! بنا بوتل جي هوٻن ڏينهن ۾ "Delirium Tremens" جو مريض ٿي پيو. ان بيماريءَ جا مريض ذهني طرح سخت مايوس هڪ طرف ٿين ته ٻئي طرف هنن کي اهڙيون عجيب عجيب شيون ڏسڻ ۾ اچن ۽ آواز محسوس ڪن، جيڪي ٻين کي ڪينَ اچن. جن جو وجود ئي نه هوندو آهي. جسماني طرح هو ڏڪٽي محسوس ڪن، هنن جا هٿ لڏندا رهن، دل جو ڌڙڪو به هيٺ مٿي ٿيندو رهي ۽ جسم پگهر ۾ شل رهي. ان حالت ۾ ڪيترا ته ٿي ڏينهن به جيئرا نه رهيو سگهن. مرزا جاني بيگ ۽ ان جهڙا ٻيا مٿيءَ جي مٽن هيٺان دٻجي ويا..... ڪاش هيڏي طاقت هوندي، حاڪم هوندي، عوام لاءِ ڪجهه ڪري وڃن ها. ٺٽي کي، جيڪا سندن راڄڌاني هئي، ان کي ۽ آسپاس کي سهڻو ڪري وڃن ها. غريب عوام لاءِ روزگار، تعليم ۽ صحت کي ته هٽو ڪڍ ۾ هنن کي فقط سڪون، امن امان ۽ انصاف مهيا ڪن ها ته اڄ سندن ڳڻ ڳايا وڃن ها..... جڏهن هينري بارٽل فريئر جهڙي هڪ غير مسلم کي ئي اسان ياد ڪيون ٿا، جو هن سنڌ ۾ هڪ ڌاري ٻولي فارسيءَ بدران سنڌي ضروري ڪئي، سنڌي لکٽي ٺهرائي ۽ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پيا سڏارا آندائين..... ته اسان چونه مٿين مسلمان حاڪمن کي به سٺي سوچ سان ياد ڪريون ها. سر هينري فريئر 1815ع ۾ ڄائو ۽ 1884ع ۾ وفات ڪيائين. برٽش راڄ ۾ انڊيا جو 1862ع کان 1867ع تائين گورنر ٿي رهيو ۽ ان کان اڳ 1851ع کان 1859ع تائين، سنڌ جو چيف ڪمشنر ٿي رهيو. ڪراچيءَ ۾ فريئر هال کان سواءِ هڪ روڊ، گهٽي ۽ ٽائون جو نالو هن سان منسوب آهي.

ڳالهه اها آهي ته دنيا ۾ ڪيترا ملڪ، شهر توڙي ادارا آهن، جن جا حاڪم توڙي سربراهه ڌاريا ٿيا، پر هنن حڪومت سان گڏ ان ڌرتيءَ ۽ ان جي رهواسين جي خدمت به ڪئي. پر سنڌ ۽ ان جي ماڻهن سان جيڪا غلامن واري حالت ڪئي وئي، ان جا نفسياتي اثر اڄ به جهڙا قائم هجن..... نه رڳو ڪابل ۽ قنڌار کان آيل بکايل، لالچي ۽ ويڙهاڪ حاڪمن سنڌ کي پيليو پر يورپ کان آيل گورن به پئسي ڏوڪڙ ۽ پاور پويان غريب عوام جي ستياناس ڪري ٿي ڇڏي. جيئن اڄ ڪلهه اسان وٽ مشهور آهي ته اسان جي ملڪ ۾ ڪيترا غير قانوني رهندڙ بنگالي، برمي، افغاني وغيره ڏوهن ۾ جوٽيل آهن ۽ هو هٿيارن ۽ نشي جي شين جو ڪاروبار به ڪن ٿا ته چند هزار روپين جي لالچ ۾ ڪنهنجو خون ڪندي به دير نٿا ڪن. اهو ئي حال انهن ڏينهن ۾ يورپين جو هو. ان وقت جو هندوستان ڪيترن ئي ننڍين وڏين سلطنتن جو ملڪ هو. ٻن نوابن، سلطانن، راجائن جي وچ ۾ ڪٽ پٽ پئي ٿي ته هنن يورپين وٽ وڃي هڪ جو پاسو ٿي ورتو ۽ ٻئي کي شڪست ڏئي فتحياب ڪان ڏن دولت هڪ طرف، ته حڪومت ڪرڻ لاءِ زمين ٻئي طرف حاصل پئي ڪئي. نه رڳو يورپ ۽ انگلئنڊ جي سپاهين، جهازرانن اهو ڪم پئي ڪيو پر ڪيترن بيروزگارن انڊيا اچي پئسي تي قتل ڪرڻ جا ڪم ڪيا. اهڙا ماڻهو مرسنري (Mercenary) سڏجن ٿا. پئسو ڪمائي هنن پنهنجو ٽولو وڏو پئي ڪيو. جن ۾ ڪيترائي لوڪل ماڻهو به شامل پئي ٿيا. اهڙي خونريزي ڪندڙ ٽولي ۾ هڪ مسلمان عورت به هڪ يورپي مرسنريءَ سان شادي ڪري شامل ٿي. جيڪا پوءِ عيسائي ٿي ۽ دهليءَ ۾ سندس ٺهرايل گرجا گهر اڄ به قائم آهي. هن جو ذڪر اڳتي هلي پاڻ ڪنداسين. انهن ڌارين جي انڌير ۽ ظلم جو اندازو توهان ارغونن ۽ ترخانن جي دور حڪومت جي هن ننڍڙي مثال مان لڳائي سگهو ٿا، ته هن رونق واري شهر ٺٽي ۽ ان جي مقامي ماڻهن سان ڌارين ڇا ته ظلم ڪيا. هنن ڪڏهن به هن ڌرتيءَ ۽ ان جي رهواسين کي پنهنجو نه پئي سمجهيو. هو آيا ٿي، حڪومت ڪيائون ٿي.... نا انصافي ۽ ظلم واري حڪومت..... ۽ ڦرلٽ ڪري، ڌرتيءَ ۽ عوام جي بدتر حالت ٿي ڪيائون. اها ٻي ڳالهه آهي، يا ڪٽي ايئن چئجي ته اسان جي Irony of Fate (بدقسمتي) اها آهي ته اڄ

جيتوڻيڪ اسان جا حاڪم So Called پنهنجا آهن. پر اسان جي وطن ۾ ماڻهن سان اهي ئي حالتون ٿي رهيون آهن ۾ گهٽي پاڳي اسان جا حاڪم ڦرلٽ ڪري ٻاهر پڇيو وڃن. هو پنهنجا ٻار ٻاهر رکن ٿا. گهر گهاٽ ٻاهر ٺاهين ٿا ۽ لٽيل پئسو ٻاهر مني لانڊرنگ ذريعي شفٽ ڪن ٿا.

ارغونن ۽ ترخانن جي ڏينهن ۾ سنڌ سان ٿيل هڪ ظلم جو داستان ٻڌائڻ کان اڳ توهان کي ”فاسٽ فارورڊ“ ۾ ان دور جي مختصر تاريخ ياد ڏياريان:

سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت 1026ع کان 1350ع تائين هلي. جنهن وچ ۾ محمود غزنويءَ ۽ علاؤالدين خلجيءَ جهڙا ڌاريا حاڪم سنڌ تي حملا ڪري، تباهي مچائيندا رهيا. 1351ع کان سمن جي حڪومت شروع ٿي. جيڪا 1520ع تائين هلي. سمن جي مشهور حاڪم جام نظام الدين ٺٽي کي پنهنجي حڪومت جو گاديءَ جو شهر مقرر ڪيو. 1524ع ۾ ارغونن جي حڪومت شروع ٿي. جيڪا شاهه بيگ ارغون قائم ڪئي. هو چنگيز خان جي خاندان مان هو. 1524ع ۾ شاهه بيگ ارغون جي وفات تي سندس پٽ شاهه حسين ارغون سنڌ جو حاڪم ٿيو. شاهه حسين ارغون 30 سال حاڪم رهيو. ان وقت جي حاڪمن وانگر هن کي به ڪو عوام جي سک ۽ خوشحاليءَ جو اونو ڪو نه هو بس پنهنجي عياشيءَ ۾ ئي غلطان رهيو. نيٺ سندس دربار جي عملدارن ئي 1554ع ۾ ڪيس زوريءَ لاٿو ۽ حڪومت جون واڳون، سندس خاندان جي سلطان محمود ڪوڪا حوالي ڪرڻ بدران، مرزا محمد عيسيٰ ترخان حوالي ڪيون ويون. جيڪو پڻ ترڪ/منگول نسل جو ڪابل قنڌار کان آيل هو...... يعني سنڌ جي ماڻهن کي ڪو رليف نصيب نه ٿيو. ويتر ارغونن ۽ ترخانن جي پاڻ ۾، حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ ويڙهاند ۾ مُئا مقامي ماڻهو. هو ڪنهن جو پاسو ڪٽي، ڪنهن جو ڪٽن؟! هر طرف هُو موچڙن جي منهن ۾ هئا...... نه سڪون سان سمهي ٿي سگهيا، نه پورهيو مزوري ڪري ٿي سگهيا هر وقت خوف جي زندگيءَ ۾ پيئي رهيا. جنهن جو مثال اڄ ڪلهه جيڪب آباد، گهوٽڪي، ڪشمور پاسي هلندڙ قبيلائي جهڳڙن ۾ هڪ عام ماڻهوءَ جو چئي سگهو ٿا...... انهن علائقن ۾ غريب ماڻهو نه سڪون سان ٻني ٻارو ڪري ٿا سگهن نه ٻچا ٻار پڙهائي ٿا سگهن.

هاڻ چا هو جو سنڌ جي حڪومت ۾ جيڪي ارغون ترخان ڪرتا ڌرتا هئا، جن جي هلندي پُڄندي هُئي، تن شاهه حسين ارغون کي تخت تان لاهي، ترخانن جي ليڊر مرزا محمد عيسيٰ کي بادشاهه چونڊيو. شاهه حسين ارغون کي اولاد ته نه هو. پر سندس پائٽي/پاٽيچي سلطان محمود ڪوڪا (جنهن پاڻ کي شاهه حسين جو وارث پئي سمجهيو) کي به نه چونڊيو ويو. ظاهر آهي ان جا افعال به صحيح نه هوندا. ان تي هو بيحد بگڙي پيو ته تخت جو وارث آئون آهيان. ويهاريو ٻئي کي پيو وڃي..... هو به صحيح هو جو بادشاهت ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. پيءُ جي مرڻ بعد سندس پٽ.... پوءِ پلي ڪٽي اهو ڪهڙو به چريو ڪريو يا چرسي موالي چو نه هجي، بادشاهه سلامت ٿيو وڃي. پٽ ناهي ته ڌيءَ ”رضيه سلطانا“ ٿيو وڃي يا وري پائٽيو پاٽيچو..... اسانجي ننڍي ڪنڊ (سنڌ سميت) تي به ائين حاڪمن راڄ ڪيو.... ۽ اها ڳالهه اسانجي ماڻهن جي ذهنن ۾ اهڙو ته ناسور ڪري وئي آهي، جو اڄ جي جمهوريت واري دؤر ۾ به جيڪو ملڪ جو حاڪم ووٽ ذريعي چونڊيو وڃي ٿو اهو پاڻ کي عوامي نمائندو ۽ عوام جي خدمت ڪندڙ سمجهڻ بدران، ارغون، ترخان يا خلجي، مغل گهراڻي جو بادشاهه ٿو سمجهي ۽ هو ان ئي ڪوشش ۾ رهي ٿو ته هميشه لاءِ حاڪم رهي ۽ سندس لهڻ يا مرڻ بعد سندس پٽ يا ڌيءُ ان عُهدي جا وارث ٿين.

بهرحال پاڻ اچون ارغونن، ترخانن جي دؤر تي جنهن ۾ سنڌ جي خوب لٽاڙ ٿي. عوام لاءِ ارغون به ظالم، ته ترخان به ظالم. نئين بادشاهه مرزا محمد عيسيٰ ترخان جي چونڊ تي جڏهن لٽل بادشاهه جي وارث سلطان محمود ڪوڪا (ياد رهي ته هي اهو سلطان محمود غزنوي سومناٿ مندر وارو ناهي، جيڪو 971ع ۾ ڄائو ۽ 1030ع ۾ وفات ڪيائين. جنهن 1010ع ۾ سنڌ کي پنهنجي راڄ ۾ ملايو ۽ اهو دور به سنڌ ۽ سنڌ جي عوام لاءِ ظلم جو دور هو) ترخان بادشاهه مرزا محمد عيسيٰ کي چئلينج ڪيو. عيسيٰ خان ترخان، حڪومت وڃڻ جي ڊپ کان، پنهنجا سفارتڪار پورچوگالين ڏي، ٻئسين موڪليا ته هو اچي هن جي مدد ڪن ۽ تخت ۽ تاج قائم ڪرائي ڏين ته ڪين ٺٽي تائين پهچڻ جو ۽ سلطان محمود ڪوڪا جي حوارين سان مقابلو ڪرڻ جو اجورو ڏنو ويندو.

هاڻ ان ڳالهه مان پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهن ٿا ته پاور (حڪومت ۾ رهڻ) جي ڇا بک هئي. جو ڌارين کي گهرايو پئي ويو ۽ پوءِ اهي ڌاريا ئي، پهريان هڪ ڌر کي پوءِ ٻي ڌر کي موچڙا هڻي، پاڻ مالڪ بڻجي ٿي ويٺا. ان تناظر ۾ ٿورو اڄ ڏسو ته ڇا اسانجي حاڪمن ڪو سبق سکيو آهي؟ پاور لاءِ اڄ به آمريڪا، انگلئنڊ، سعودي عرب، قطر جهڙن طاقتور ۽ امير ملڪن جي حاڪمن وٽ گيسيون پاتيون وڃن ٿيو.

نندي ڪنڊ ۾ انگريز پوءِ آيا، پر پورچوگالي انهن کان سؤ سال کن اڳ انڊيا پهتا. جڏهن واسڪوڊاگاما 1498ع ۾ سمنڊ رستي انڊيا جي بندرگاهه ڪاليڪٽ (جيڪو ڪوزهي ڪور به سڏجي ٿو) ۾ پهتو. اهو بندرگاهه مصالحن جي واپار جي ڪري دنيا ۾ مشهور هو ۽ يورپي، مصالحن پنيان چريا هئا. جنهن جو سربستو احوال پنهنجي ڪتاب ”تاريخ جو سفر“ ۾ ڪري چڪو آهيان. بهرحال پورچوگالي آهستي آهستي ڄمائي ويٺا. سندن پهريون وائسراءِ ڪوچين ۾ رهيو. 1510ع کان پوءِ پورچوگالين پنهنجو گاديءَ جو هنڌ ڪوچين مان شفٽ ڪري گوا ۾ ڪيو. هونءَ اهو پڙهي ان ڳالهه جو اندازو لڳايو ته پورچوگالي انڊيا ۾ مغل سلطنت کان به اڳ ڄمي ويا. پورچوگالين پنهنجي راڄ ڌاني گوا ۾ ڪئي. ان کان به 16 سال پوءِ 1526ع ۾ بابر هندوستان ۾ مغل سلطنت قائم ڪئي. پورچوگالين نه فقط ڪوچين ۽ گوا ۾، پر اوسي پاسي جي اهم شهرن، خاص ڪري مالابار ڪناري تي موجود ننڍن ننڍن بندرگاهن تي قبضو ڪري ورتو ۽ انهن ۾ هنن جي فوج پئي رهي. فوج ۾ آفيسر پورچوگالي هئا، باقي سپاهين ۾ ڪجهه سندن پورچورگالي ۽ ٻيا يورپي، باقي مڪاني ماڻهو هئا. اسان جي نندي ڪنڊ جي تاريخ اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي. جن ۾ پورچوگالين توڙي انگريزن ۽ ٻين ڌارين حاڪمن کان فائدا وٺڻ لاءِ، اسان جي عام ماڻهن توڙي نوابن، سردارن، پوتارن، انهن جي چاڪري ڪري، پنهنجن ئي ماڻهن جو خون وهائڻ ۾ مدد ڪئي.

مرزا محمد عيسيٰ ترخان جا ماڻهو پورچوگالين کان مدد وٺڻ لاءِ جنهن شهر ”Bassein“ ۾ آيا اهو شهر وسائي (Vasai) سڏجي ٿو ۽ مهاراشٽرا رياست جي ضلعي ٿاڻي ضلعي ۾ آهي..... بلڪ هاڻ وڏيڪ ضلعا ٺهڻ ڪري، وسائي شهر پلغار ضلعي ۾ آهي. جيئن اسانجو شهر هالا پهرين حيدرآباد ضلعي ۾ هو هاڻ مٽياري ضلعي ۾ آهي. ٿاڻي/پلغار ضلعي جا ٻيا مشهور شهر نوي (نئين) ممبئي، ڪلياڻ، دومبي ولي، شاهپور ۽ بادلپور وغيره آهن ـ منهنجو به باءِ روڊ ممبئي کان پوني ايندي ويندي وقت نوي ممبئي، ڪلياڻ ۽ وسائي (Bassein) ۾ ترسڻ ٿيو.

بهرحال سنڌ جي ٺٽي واري حاڪم مرزا محمد عيسيٰ ترخان جي آڇ تي پورچوگالي ڏاڍا خوش ٿيا. هنن جو ٻيو ڪم ئي ڪهڙو. پڙهندڙ اهو تصور ڪن ته جيئن هند سنڌ جي حاڪمن پنهنجا محل محلات ٺهرائڻ لاءِ ايران، سمرقند، بخارا مان رازا، واڍا ۽ ٻيا مستري گهرايا ٿي، تيئن پنهنجي جهيڙن، سلطنتون حاصل ڪرڻ يا احتجاج ڪندڙ غريب رعيت کي موچڙا مارون هٽائڻ لاءِ، اسان جي حاڪمن، يورپين جي مدد ٿي ورتي، جن وٽ ان وقت جا طاقتور ۽ ماڊرن هٿيار هئا. پاڻيءَ جا جهاز ۽ گن بوٽون هيون. ان معاملي ۾ ايشيا جا ٻيا ملڪ به گهٽ نه هئا. برونائي سلطنت ۾ گوڙ ڪندڙ عوام، ڏاڙيلن، سامونڊي قزاقن وغيره کي منهن ڏيڻ لاءِ، ان وقت جي سلطان، هڪ انگريزي غنڊي جيمس بروڪ کان 1841ع ۾ مدد ورتي. جنهن وٽ هڪ پاڻيءَ جو جهاز هو جنهن ۾ بندوقون فٽ ٿيل هيون. هيءَ ڳالهه سرچارلس نيپيئر جي سنڌ فتح ڪرڻ کان به سال اڳ جي آهي.

جيمس بروڪ، بورنيو ٻيٽ تي پهچي، برونائيءَ جي سلطان جي مدد ڪئي ۽ هن کي تخت ـ ڏٽي ٻٽايو ۽ ڦڏو ڪندڙ ۽ سلطان کي نه برداشت ڪندڙ ملئي مسلمان ماڻهن کي مارڪٽ ڪري ۽ ڪين قتل ڪري بغاوت کي ٻنجو ڏنو. تخت حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ برونائيءَ جي سلطان، انگريز غنڊي جيمس بروڪ کي سڄي سراواڪ رياست ڏئي ڇڏي. انهن ڏينهن ۾ برونائيءَ جي سلطنت ۾ برونائي، صباح ۽ سراواڪ رياستون آيون ٿي (صباح ۽ سراواڪ رياستون اڄڪلهه ملائيشيا جو حصو آهن ۽ ”ايسٽ ملائيشيا“ سڏجن ٿيون). جيمس بروڪ کي برونائيءَ جي ملئي سلطان طرفان نه فقط هيڏي ساري رياست عطا ڪئي وئي، پر هن کي ”راجا“ جو به خطاب ڏنو ويو. هو ۽ هن جا پويان ”راجا“.... بلڪ انگريز هجڻ ڪري ”سفيد راجا“ سڏبا هئا. سراواڪ تي سفيد راجائن (White Rajahs) جو راڄ 1841ع کان وٺي 1946ع تائين رهيو. اهو به لکندو هلان ته اڳتي هلي هنن سفيد راجائن انڊيا جي برطانيا راڄ جي

حاڪمن سان ملي بروناءِ سلطانن سان اهڙيون تعديون ڪيون. جو هنن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. اهو ئي ڪم انگريزن توڙي ٻين يورپين، انڊيا، سري لنڪا، ملايا، انڊونيشيا، هانگ ڪانگ، چين ۽ ايشيا ۽ آفريڪا جي ٻين ملڪن ۾ ڪيو.

سنڌ جي ترخان حاڪم جي سڏ تي ”پيڊرو باريتو“ نالي پورچوگالي ڪمانڊر 700 ماڻهن جو سپاهه 28 جهازن ۾ چاڙهي، انڊيا جي شهر وسائيءَ کان ٺٽي پهتو... پر ان دوران مرزا محمد عيسيٰ ترخان ۽ سلطان محمود ڪوڪا ارغوني منگول جي وچ ۾ ناهه ٿي ويو ته عيسيٰ ترخان هيٺين سنڌ جو حاڪم ٿي رهندو، جنهن جو ٺٽو گاديءَ جو شهر رهندو ۽ سلطان محمود ڪوڪا اپر سنڌ جو حاڪم ٿيندو ۽ بکر (سکر) سندس گادي ٿيندي.

وسائيءَ کان جڏهن پورچوگالين جا جهاز ٺٽي يا پرواري بندرگاهه ديبل اچي لنگر انداز ٿيا ته ٺٽي جي گورنر هنن کي چيو ته پارٽين ۾ ناهه ٿي ويو آهي ۽ هاڻ لڙائيءَ جي ضرورت ناهي. وڌ ۾ وڌ توهان کي هتي پهچڻ ۽ موٽڻ جي سفر جو خرچ پکو ڏيندا سين. ان ڳالهه پورچوگالين کي تپائي ڇڏيو ۽ پوءِ جيڪا هنن ٺٽي شهر جي غريب عوام جي مارا ماري ڪئي ۽ ٺٽي شهر جون عمارتون ٻاريون ساڙيون..... ان ظلم جي ڪري اهو سال 1555ع، سنڌ جي تاريخ ۾ ڪارو سال ٿو سڏجي ۽ پورچوگالين جي هن عام ڪوس کي نِنديو وڃي ٿو جنهن ۾ اٺ ڏينهن قتل عام هلندو رهيو ۽ 8000 کان مٿي مقامي سنڌي ذبح ڪيا ويا ۽ ڪيترا لولا لنگڙا ٿي پيا..... پڙهندڙ ان مان اندازو لڳائين ته سنڌ جي ڌرتيءَ ۽ ان جي عوام سان ڇا ظلم ٿيندا رهيا آهن.... يعني هن ڌرتيءَ تي حڪومت ڪرڻ وارا به ڌاريا ڪنور دل پئي آيا ته. وري انهن حاڪمن جي جهيڙن کي نبيرڻ لاءِ ٻيا وڏا ظالم پئي گهرايا، جن اچي مقامي آباديءَ کي نيست ونابود ٿي ڪيو.

ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيان ٿو ته ڇا اها انهن لڳاتارن خوفن جي سائڪي آهي، جيڪا اڄ به اسان جي ماڻهوءَ تي حاوي آهي؟! ۽ ڇا اهو حاڪماڻو ۽ انگريزن جي ڏينهن وارو بيوروڪريٽن جو ڪلچر آهي، جنهن کي اڄ به اسان جو حاڪم، توڙي بيورو ڪريٽ فالو ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو.... انگريز، پورچوگالي، ارغون، افغاني، ابدالي، غزنوي وغيره ته هئا ڌارين ملڪن جا، پر اڄ اسان جي پنهنجي ديس جي حاڪمن، ڪامورن ۽ پوتارن جي ايڏي ڪنور دل ڇو آهي، جو هنن کي پنهنجن جو ڪهڪاءُ ئي نٿو ٿئي؟!

ائين ناهي ته پورچوگالين ٺٽي تي اهو پهريون ۽ آخري حملو ڪيو. ننڍي ننڍي پئماني تي يورپين ۽ ٻين جون ڦرلٽون هلنديون پئي رهيون. جيئن شروع ۾ لکي چڪو آهيان ته اسان وٽ ايشيا ۾ توڙي يورپ ۽ آفريڪا ۾، ڪم سجهو ڦرلٽ تي پئي هليو. طاقتور ڪمزور جو مال پئي ڦٻايو. مال غنيمت حاصل ڪرڻ لاءِ لڙائيون جوٽيون پئي ويون، ملڪ ۾ ڏڪاري حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڙي جي سلطنتن تي حملو ڪري حاصل ڪيل مال پنهنجي ملڪ آندو پئي ويو.... ويندي قزاقيءَ (سامونڊي ڌاڙن) ذريعي جهازن تي موجود مال پنهنجو ڪيو پئي ويو.

ٺٽي تي پورچوگالين جو هڪ اهڙو ئي حملو مشهور آهي، جيڪو 1568ع ۾ پورچوگالي ائڊمرل فرنائو مينڊيس پنٽو جي سربراهيءَ ۾ ٺٽي جي پرسان موجود بندرگاهه تي ڪيو ويو. اتي ان وقت ترڪيءَ جي سلطنت عثمانيه جا ڪجهه بحري جهاز لنگر انداز هئا. انهن کي پنهنجو ڪرڻ يا تباهه ڪرڻ جي چڪر ۾ پورچوگالين ديبل بندرگاهه کي گهڻي انداز ۾ تباهه ڪري ڇڏيو. ان بعد ديبل ۽ ان جي آس پاس مغل سلطنت جا توبچي رکيا ويا، جيئن بندرگاهه حفاظت ۾ رهي ۽ پورچوگالي يا ڪا ٻي قوم حملو نه ڪري. ڳالهه ڇا هئي، جو اسان وٽ هند سنڌ جي گهڻي ڀاڱي حاڪمن، وزيرن ، مشيرن، درٻارين جو سڄو زور هوندو هو عياش زندگي گذارڻ ۽ پنهنجي حاڪم بادشاهه سلامت يا ان طرفان مقرر ڪيل گورنر/وزير جي تعريف ڪرڻ تي. هوڏانهن يورپين وٽ وقت جي ضرورت موجب هٿيار هئا، ٻاڦيءَ جا جهاز هئا. توڙي ڪٽي ان وقت پيٽرول ۽ انجڻ ايجاد نه ٿي هئي ـ اهي ئي اسان جهڙا چپوئن تي يا سڙهن تي هلندڙ جهاز هئا، پر يورپي انهن ڪاٺ جي ٻيڙن تي توبون ۽ بندوقون فِٽ ڪري داداگير بڻجي پئي هليا ۽ انهن جي نڪائن يا بارود جي سڙڻ اسان جي حاڪمن کي ڏڪائي پئي رکيو. اسانجي حاڪمن انهن يورپين کان ان قسم جي ٽيڪنالاجيءَ کي حاصل ڪرڻ (خريد ڪرڻ يا جاسوسن ذريعي چوري ڪري پاڻ ڪتب آڻڻ) نٿي چاهيو. هنن کي

يورپي ولائتي شراب پئي مليو بس ان ۾ خوش هئا ـ ان کان علاوه ناچ رنگ جي محفلن ۾ شعرو شاعريءَ ۾ اهڙا مشغول رهيا, جو هنن جو ٻين ڳالهين ڏي ڌيان ئي نٿي ويو. ڪنهن مڪاني نواب يا راجا سان لڙائيءَ جو امڪان پئي ٿيو ته هنن يڪدم يورپين کان مدد پئي گهري. جيئن عراق ڪويت تي حملو ڪيو ۽ ان تي سعودي عرب کي عراق مان خطرو ٿيو ته اجهو ٿو عراق سعودي عرب کي به پنهنجي قبضي ۾ ڪري, ته سعودي آمريڪا کي بچاءَ لاءِ ليلڙائڻ لڳو. آمريڪا پنهنجا فوجي ۽ مدي خارج راڪيٽ ميزائيل سازيءَ في الحال عراق کي "شٽ اپ" ڪري ڇڏيو پر سعودي عرب ڏي پنهنجي خرچ جو ايڏو وڏو چٺو موڪلي ڏنو جو سعودي عرب وارا ان خرچ جون اڃان ويٺا قسطون ڀرين.

پوئين صفحن ۾ مون, پورچوگالي امير البحر فرنائون مينڊيس پنٽو جو ذڪر ڪيو آهي, جنهن 1568ع ۾ ان وقت جي سنڌ جي گاديءَ واري شهر ٺٽي جي بندرگاهه ديبل ۾ پنهنجو فليٽ آڻي سلطنت عثمانيه (Ottoman Empire) جي ٻيڙن جهازن تي حملو ڪيو ان جو مختصر احوال هتي لکندس, جيئن پڙهندڙن کي ان دؤر جي ڪجهه ڳالهين جي معلومات/Idea ٿئي ـ بقول اسانجي اديب دوست پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي اسان جي ملڪ جو خاص ڪري سنڌ جو نوجوان, تاريخ کان ڏاڍو اڻ واقف آهي.

پندرهين صديءَ ۾ يورپي قومن جو آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن تي قبضو شروع ٿيو. هنن اسپين ۽ پورچوگال مان مسلمانن کي به ڀڄائي ڪڍيو. جن يورپ جي ان حصي تي 700 سالَ حڪومت ڪئي. جڏهن عربن اسپين تي قبضو ڪيو ته هو ڊسيپلينڊ هئا. عربن کي علم حاصل ڪرڻ جو ايڏو شوق هو جو هنن يوناني ۽ رومن جا ڪتاب عربيءَ ۾ ترجمو ڪرايا. اهي انگريزن, جرمنن, فرينچن, پورچوگالين ۽ ٻين يورپين کي ڪم آيا.... هنن عربن جي ميڊيسن, ائسٽرانامي, مئٿيمئٽڪس مان فائدو ورتو. پر پوءِ اهي عرب حاڪم اڳتي هلي اهڙا ته سست ۽ عياش ٿي ويا, جو پنهنجي بچاءَ لاءِ جهڙيون تهڙيون بندوقون ۽ بم بارود به ايجاد ڪري نه سگهيا ۽ هوڏانهن يورپي اهڙا تيز ٿي ويا جو آخر هنن کي ڀڄائي ڪڍيائون...... "تَيم تَيم ڪي بات هي". ساڳيو حال اسان جي ننڍي کنڊ جي حاڪمن جو هو. يورپي نه فقط بارود بندوقون ٺاهي ويا, پر اهڙا مضبوط جهاز ۽ نيويگيشن جي ڄاڻ حاصل ڪري ويا جو "ڪيپ آف گڊ هوپ" وارو سمنڊ ڪراس ڪري انڊيا کان اچي نڪتا. پهرين پورچوگالي ۽ پوءِ سؤ کن سال رکي انگريز ڊچ ۽ ٻيا يورپي, بابي جو مال سمجهي, ويا ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن تي قبضو ڪندا. اتان سون, چاندي, عاج, ڪلن, مصالحن سان جهاز ڀري, ويا پنهنجن ملڪن کي امير ڪندا. آمريڪا به انهن ئي ڏينهن ۾ لڌو ويو جڏهن پورچوگال جو واسڪوڊاگاما پهريون دفعو سمنڊ جو رستو ڳولي انڊيا پهتو. يورپ جي ماڻهن کي هن ڦرلٽ مان مزو اچي ويو. هڪ طرف يورپ جي ملڪن جا بادشاهه ۽ راڻيون جهاز ٺهرائڻ ۽ ماڻهو موڪلڻ ۾ پئسو لڳائڻ لڳا, ته ٻي طرف عام بزنيس مين ايسٽ انڊيا جهڙيون ڪمپنيون ٺاهي, آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن مان مال ميڙڻ لڳا. پنهنجين حرفتن ۽ اٽڪلن سان مقامي راجائن, نوابن ۽ حاڪمن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڪمزور ڪري پوءِ انهن کي پنهنجو مطيع ٿي ڪيائون يا شرابخوريءَ جهڙين عادتن ۾ سندن دماغ ڦيرائي ٿي ڇڏيائون.

يورپ جي ملڪن ۾ جيڪو گهر کان رنو ٿي, يا جنهن کان پڙهيو نٿي ٿيو سو انڊيا ڏي ايندڙ ڪنهن جهاز ۾ چڙهي ٿي پيو ۽ انڊيا نه ته, رستي ۾ آفريڪا جي ڪنهن بندرگاهه تي, يا اڳتي سلون (سري لنڪا), ملائيشيا, انڊونيشيا يا چين جي ڪنهن بندرگاهه تي لهي ٿي پيو. سواءِ سيام (ٿائليڊ) جي, هر ملڪ يورپ جي ڪنهن ملڪ جي بيلنڪ هو. انگريزن جي ڪنهن بيلنڪ انڊيا, ملايا, برما ۾ ڪو فرينچ چوڪرو اچي ٿي ويو ته ان کي به ڪا نه ڪا نوڪري ملي ٿي وئي. ڪلارڪي نه ته بندوق کڻي هلي سپاهي ٿي..... انگريزن جي سوچ مطابق هو مقامي ماڻهن (جن کي هنن "Native" ۽ "ديسي" سڏيو ٿي) کان ته وري به وفادار رهندو.... ۽ جي هو انگريز آهي ته اهو ڪلارڪ کان ڪامورو, خلاصيءَ مان ڪئپٽن ۽ ائڊمرل چند سالن ۾ ٿي پئي ويو پئي . اها حقيقت هئي. انگلنڊ جا ڪيترا نوجوان جي نه پڙهي سگهيا ۽ نه ڪا نوڪري ڪري سگهيا, اهي به بندرگاهه ۾ اچي, ڪنهن جهاز تي 'روم بئاءِ' جي حيثيت سان چڙهي پئي پيا, جن کي انڊيا يا ملايا تائين جي مفت سفر لاءِ سڄي واٽ جهاز جا تختا صاف ڪرڻا ٿي

پيا. بورچيءَ جي مدد ڪرڻي ٿي پئي. پاڇيون ڪٽڻ ۽ ٽانوَ ڏوڻ سان گڏ جهاز وارن لاءِ ماني پهچائڻي ٿي پئي. ڪڏهن ته اهي روم بڻاء منزل اچڻ تي..... يعني ڪوچين، ڪولمبو گوا اچڻ تي لهڻ بدران جهاز تي ئي نوڪري ڪندا پئي رهيا ۽ روم بڻاء مان خلاصي، خلاصيءَ مان ڪئپٽن ۽ ڪئپٽن مان ائڊمرل ٿِي پئي ويا...... اها حقيقت آهي. اهڙا ڪيترائي روم بڻاء جهاز تي رهي رهي جهاز هلائڻ ۽ جنگ ڪرڻ سکي ويا ۽ ائڊمرل ٿي ويا. جن مان هڪ ته ائڊمرل نيلسن آهي. جنهن جو مجسمو توهان کي لنڊن ۾ نظر اچي ٿو. ڪيترائي ته پڙهي لکي برطانيا راڄ جا اعليٰ عملدار ٿي ويا. ڪي ته ڪڏهن وڏا آفيسر ٿيا ته ڪڏهن مڪاني ماڻهن جي موچڙن ۾ مارجي به ويا. دشمن سان جنگ ۾ قيدي به ٿي ويا...... وغيره وغيره.

اهڙن ئي ماڻهن مان هڪ هي پورچوگالي فرنائو ميندِاس پنتو به آهي. جنهن جي زندگيءَ مان پڙهندڙن کي Idea ٿي سگهندو ته انهن ڏينهن ۾ حاڪم قوم جي ماڻهن جي، ڇا عياشي ۽ موج مزا هئا ۽ اسان جهڙن ملڪن جي ديسي (Native) ماڻهن جي ڇا غلاميءَ واري حالت هئي. پنتو پورچوگاليءَ جي ڪهاڻي ان ڪري به چونڊي آئم جو هو اسان وانگر جهازران هو ۽ ليکڪ به. هن جي پورچوگالي ٻوليءَ ۾ لکيل آتم ڪهاڻي ۽ سفرنامو ”Peregrinacao“ (جيڪو سندس مرڻ بعد 1614ع ۾ ڇپيو) جو هاڻ ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ڇپيو آهي. سڀ کان پهرين هي ڪتاب انگريزيءَ ۾ ”Pilgrimage“ جي نالي سان ڇپيو. انهن ڏينهن ۾ جهاز هلائڻ ڪو مسئلو نه هو جو ان وقت انجڻيون وغيره ايجاد نه ٿيون هيون. ڪاٺ جا ٻيڙا هوندا هئا، جيڪي ڪپڙي جي سڙهن تي پئي هليا..... يعني هوا جي زور تي، يا چپوئن ذريعي. اهو ڪم غلامن يا ديسي ماڻهن کان ورتو ويندو هيو. رستو ڳولڻ جا، يعني Navigational اوزار بنهه نه هئا. وڌ ۾ وڌ ناس جي دٻيءَ جيترا قطب نما هئا، جن مان اتر طرف جي خبر پوندي هُئي.... بس سڄو ڪم ڪجهه عقل تي ته ڪجهه تجربي ۽ ڏُڪن تي پئي هليو. رستي جي ڄاڻ سان گڏ هوا جي رخ جي معلومات تمام ضروري سمجهي ويندي هئي، جو جهاز ڪئپٽن جي مرضيءَ تي نه پر هوائن جي زور ۽ رخ مطابق پئي هليا. سمنڊ جي اونهائي يا سمنڊ اندر ڪا ٽڪري هئي، ته ان جي ڪا خبر نه ٿي پئي ۽ جهاز ان سان ٽڪرائجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي پئي ويا ۽ جهاز ۾ موجود ماڻهو ٻڏي پئي ويا يا بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڇولين جي زور تي ڪنهن ٻيٽ (جيڪڏهن ويجهو هوندو هو ته) جي ڪناري تي اچي پئي سٽيا ـ يعني زندگي اڄ جي ساموندي زندگيءَ کان تمام ڏکي هئي، پر جيڪي ڪامياب پئي ٿيا انهن پنهنجن ملڪن جي حاڪمن کان وڏا وڏا انعام اڪرام حاصل پئي ڪيا يا نون ڳوليل ٻيٽن جا مالڪ ٿي پئي ويا. ڪي ته اهڙن ٻيٽن تي به پئي پهتا جتي جا رهواسي اڻ سڌريل ۽ آدم خور هئا، جن هنن گورن يورپين کي ڪچو يا تاڏن تي پچائي ڪائي پئي ڇڏيو. بهرحال هن پنتو پورچوگاليءَ جي ڪهاڻيءَ کي ان ڪري چونڊيو اٿم جو هن جو به نه فقط مون وانگر جهازرانيءَ ۾ لکڻ سان تعلق هو پر مڪلي ۽ ملاڪا سان به تعلق هو. منهنجي والد گل محمد شيخ جي ٺٽي ۾ نوڪري (ڊپٽي ڪمشنري) هجڻ ڪري، منهنجو مڪليءَ تي رهڻ ٿيو. ساڳي وقت ٺٽي جهڙي، ملائيشيا جي تاريخي شهر ملاڪا ۾ منهنجي نوڪري هجڻ ڪري اتي به ڪافي سال رهائش ٿي. ٺٽي جي بندرگاهه ديبل ۾ انگريزن، عربن، ترڪن ۽ چينين جا جهاز ايندا رهندا هُئا. ٺٽي جي بندرگاهه تي حملو ڪرڻ کان اڳ هن جهازران فرنائو پنتو جو ديبل ۾ ٽريڊنگ لاءِ جهاز وٺي اچڻ ٿيندو رهيو هو. هي يورپي جهازران ڪڏهن جاوا، سماٽرا ملاڪا، سلون ۽ انڊيا کان مصالحن ۽ ٻين سامانن سان جهاز پري پنهنجي ملڪ انگلنڊ، پورچوگال، هالينڊ، فرانس وغيره هليا ٿي ويا ته ڪڏهن ننڍن جهازن ۾ اوپر کان يا اولهه کان سامان ڪڻي ٺٽي، ڪولمبو يا ملاڪا پئي پهتا ٿي، جتي ٻين جهازرانن ۽ واپارين سان سامان جي ڏي وٺ پئي ٿي. ڪيترن جهازن جا ناڪئا پاڻ ئي نيويگيٽر هئا ته پاڻ ئي جهازن جا مالڪ. ته پاڻ ئي واپاري ـ يعني هو ”ٽري ان ون“ هئا. جن لاءِ شاهه لطيف ”وڻجارو“ لفظ استعمال ڪيو آهي. بهرحال فرنائو پنتوءَ پورچوگال راڄ ۾ نه فقط گوا، مالوڪو ٻيٽن تي پر ملاڪا ۾ به نوڪري ڪئي. جيئن انگريز سرفريئر بارٽل سنڌ جو 1851ع کان 1859ع تائين ڪمشنر ٿي رهيو ته 1862ع کان 1867ع تائين بمبئي (ممبئي) جو گورنر ۽ ان بعد 1877ع کان 1880ع تائين سائوٿ آفريڪا جو هاءِ ڪمشنر ٿي رهيو. اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترائي انگريز ۽ پورچوگالي جتي انڊيا ۾ رهيا، اتي ملايا (ملائيشيا) ۽ ٻين ملڪن ۾ به

رهيا. ملايا ۾ پورچوگالين جو راڄ رهيو. انڊيا جي هڪ حصي گوا ۾ پورچوگالين جو راڄ رهيو باقي حصن ۾ انگريزن جو. ملاڪا ۽ ملائيشيا جي ٻين شهرن ۾ انهن نالن جا روڊ، پليون ۽ مارڪيٽون ڏسي حيرت ٿيندي آهي. جيڪي انڊيا، هانگ ڪانگ ۽ مڪائو ۾ نظر اچن ٿا.... ويندي اسانجي ملڪ ۾ به. ملاڪا ۾ رهڻ ۽ تاريخ جو مطالعو ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته پورچوگالي پنٽو ملاڪا ۾ به رهيو. سنڌس پاءُ ته پورچوگالين جي ملاڪا جي ملئي ماڻهن سان ٿيل جنگ ۾ مارجي ويو هو. ملاڪا ۾ رهڻ دوران اتي جي سٽي لئبريريءَ ۾ مونکي ڪيترن ئي پورچوگالي ليکڪن جا لکيل ڪتاب انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل نظر آيا. جن ۾ فرنائو پنٽو جي آتم ڪٿا ۽ يادگيرين جي ڪتاب ”Pilgrimage“ جا ڪجھ حصا پڙهڻ لاءِ مليا. ملاڪا ۾ ته شهر جي هڪ حصي ۾ اڄ به پورچوگالي ڪلچر ۽ ان وقت جي پورچوگالي ڳالهائڻ وارا نظر اچن ٿا.

ديبل تي سورهين صديءَ ۾ حملو ڪرڻ وارو پورچوگالي ڪمانڊر فرنائو پنٽو پنهنجي آتم ڪٿا ”Pilgrimage“ ۾ لکي ٿو ته هن 1509ع ۾ پورچوگال جي هڪ غريب ڳوٺاڻي جي گھر ۾ جنم ورتو. ڪيس به پائر ۽ به ڀيڻيون هيون. جن مان هڪ پاءُ الوارو (Alvaro) ملاڪا ۾ ڪافي سال رهيو جنهن جي ثابتي هن جي 1551ع ۾ ملاڪا مان لکيل خطن مان ملي ٿي. جتي 1557ع ۾ سنڌس موت ٿيو.

پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ هتي لکندو هلان ته ملاڪا جيڪو اڄ ڪلھ ملائيشيا جي هڪ رياست ۽ ان جي گاديءَ واري شهر جو نالو آهي، پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ نٽي وانگر تاريخي شهر هو ۽ سڄي ملئي سلطنت جي گاديءَ وارو شهر ۽ مصروف بندرگاھ هو جتان چين، انڊيا، عربستان ۽ آفريڪا ڏي ايندڙ ويندڙ جهازن جو لنگھ ٿيندو هو. نٽي وانگر ملاڪا به ان وقت جي دنيا ۾ تجارت ۽ خوشحاليءَ سبب مشهور شهر هو. اڄ جي گاديءَ واري شهر ڪئالالمپور ۽ پينانگ جهڙن ماڊرن شهرن جو ان وقت نه وجود هو ۽ نه ڪنهن جي خواب خيال ۾ هئا. اهي شهر ته پورچوگالين جي ملاڪا ۾ 130 سال حڪومت (1511ع کان 1641ع) بعد ۽ ڊچن جي 183 سال حڪومت (1641ع کان 1824ع) بعد، جڏهن انگريزن جي ملاڪا سلطنت تي حڪومت ٿي..... ته انهن ڏينهن ۾ ڪئالالمپور، پينانگ ۽ سنگاپور جهڙن شهرن جنم ورتو. اسپين ۽ پورچوگال جڏهن عرب مسلمانن مان جان ڇڏائي ۽ جهاز ۽ بندوقون بارود ناهڻ ۾ قابل ٿيا، ته هنن هاڻ ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪمزور ملڪن تي قبضو ڪري، انهن کان مال ملڪيت ڦري، پنهنجن ملڪن ۾ خوشحالي آڻڻ چاهي. هنن کي نٽي جي ديبل يا ملبار ڪناري جي ڪوچين يا ملاڪا سلطنت جي بندرگاھ ملاڪا جي سونهن ۽ خوشحاليءَ جون خبرون ته پيون پئي، جو خشڪيءَ رستي ايندڙ ويندڙ مسافرن ان جو ذڪر ڪيو پئي.... خاص ڪري مارڪو پولو (1324ع_1254ع) ۽ ابن بطوطہ (1369ع_1304ع) جي سفرنامن مان.... پر ڪين يورپ کان انڊيا يا ملاڪا تائين، سامونڊي رستي جي خبر نه ٿي پئي. ان معاملي ۾ پورچوگال وارا خوش نصيب ڇٽا، جن جو جهازران وسڪوڊاگاما 1498ع ۾ نه فقط ڏکڻ آفريڪا جو هيٺيون سمنڊ ”ڪيپ آف گڊ هوپ“ ٽپي ويو پر ڪوچين (انڊيا جي بندرگاھ) تائين پهچڻ ۾ به ڪامياب ٿي ويو ۽ هنن (پورچوگالين) بندوق ۽ بارود جي زور تي گوا تي قبضو ڪري ورتو.

پورچوگال جي بادشاھ مئنيوئل پهرين (1521ع_1469ع) جنهن جي حڪومت 1495ع کان 1521ع تائين هلي، ملائڪا جي خوشحاليءَ جو ٻڌي پنهنجن سفارتڪارن کي 1509ع ۾ ملاڪا موڪليو. ملاڪا جي سلطان محمود پهرين ته هنن کي عزتون ڏنيون پر پوءِ سگھو ئي هنن جي نيتن ۾ خلل ڏسي ورتو.... ويتر ملاڪا نديءَ جي ڪناري تي رهندڙ انڊيا جي گجراتي واپارين سلطان کي خبردار ڪيو ته انهن گورن کان بچي رهجانءِ جو انهن انڊيا اچي، اُتي به پهرين منيون منيون ڳالهيون ڪري، پوءِ واپار جو بهانو ڪري، سڄي گوا رياست تي قبضو ڪيو. ان تي ملاڪا سلطنت جي سلطان هنن پورچوگالين کي ڀڄائي ڪڍيو. ان تي پورچوگال جي بادشاھ مئنيوئل پهرين ملاڪا سلطنت تي حملو ڪرڻ جو حڪم ڏنو. حڪم جي پوئواري ڪرڻ لاءِ 1511ع ۾ افونسو ڊي البقريق نالي پورچوگالي نيول ڪمانڊر سترهن يا ارڙهن جهازن ۾ 1200 ڪن سپاهي گوا مان ڪٽي ملاڪا پهتو. انهن ۾ سڀ پورچوگالي نه هئا. آفيسر ۽ جهازران ڪٽي اهي هئا، باقي خلاصي ۽ سپاهي مڪاني ملباري، گواني ۾ نٽي جا سنڌي

هُئا. جن پورچوگالين وٽ ڪم پئي ڪيو. جيئن ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ انگريزن جي مدد لاءِ سک گورکن سان گڏ پنجاب ۽ خيبر پختون خواهه جا مسلمان به هئا. 40 ڏينهن ويڙهه هلندي رهي. اسانجي مسلمان حاڪمن وانگر ملئي سلطانن وٽ به پنهنجي بچاءَ لاءِ يا ٻئي سان مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪو خاص بندوبست نه هو. ڪين شڪست آئي. ملاڪا سلطنت تي پورچوگالين جو قبضو ٿي ويو ۽ ملاڪا جو سلطان (بادشاهه) محمود ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو. پوءِ پورچوگالين ٺاهي ٺوڪي هن ريجن تي حڪومت ڪئي، جيڪو ملايا سڏيو ٿي ويو ۽ هاڻ اهو ملايا مغربي ملائيشيا آهي. ملاڪا بندرگاهه جنهن سنهي ڳچي سمنڊ Malacca Straits ۾ آهي، اهو ڳچي سمنڊ، هندي وڏي سمنڊ ۽ چيني سمنڊ کي ڳنڍي ٿو. چين ۽ جپان ڏي ويندڙ جهاز ۽ عربستان، انڊيا، آفريڪا ڏي موٽندڙ جهاز هن سنهي سامونڊي درياهه (ڳچي سمنڊ) مان لنگهن ٿا. جن تي هاڻ سڄو ڪنٽرول پورچوگالين جي ٿي ويو. افونسو (Afonso de Albuquerque) (1453ع ـ 1515ع) جيڪو پوءِ انڊيا جو گورنر ۽ گوا جو ڊيوڪ ٿيو ڪجهه مهينا ملاڪا ۾ رهي ملاڪا ۾ پورچوگالين جي حفاظت لاءِ هڪ قلعو ٺهرايو جيئن ملاڪا جا ملئي يا پروارن ٻيٽن ۽ رياستن جا مسلمان حاڪم حملو ڪن ته سندس ماڻهن جو بچاءُ رهي سگهي. بعد ۾ ڊچن، انگريزن، سيمين (ٿائي حاڪمن) ۽ ٻين جي حملن ۽ بدلجندڙ موسمن ۾ 500 سال پراڻو هي قلعو ته ڍهي ويو پر اڄ به هن جي هڪ پيٽ ۽ دروازو ٽوئرسٽن جي ڏسڻ لاءِ اصلي حالت ۾ رکيو ويو آهي. ملاڪا شهر ۾ جتي ڊچن ۽ انگريزن جي دور جون ڳاڙهي رنگ جون عمارتون آهن، اتي ئي هن قلعي جو بچيل حصو آهي. ڏارين ملڪن جا سياح ملاڪا ۾ پورچوگالين جو اهو علائقو "Portuguese Settlement" پڻ ڏسڻ لاءِ اچن ٿا، جنهن جون گهٽيون، گهر، دڪان، ريسٽورنٽون، لسبن (پورچوگال) جو ڏيکُ ڏين ٿيون ۽ اُتي رهندڙ ملئين ۽ پورچوگيزن جو مڪس اولاد اڄ به ان دور (سورهين صديءَ) واري پوچوگالي ٻولي ڳالهائي ٿو.

پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ اهو لکندو هلان ته اسان وٽ ننڍي ڪنڊ توڙي هيڏانهن ملائيشيا ڏي عربن، افريڪين، چينين، گجراتين، بنگالين جي اچ وڃ ته لڳي پئي هئي، پر يورپ جا پهريان گورا پورچوگالي هئا، جيڪي اسان ڏي (يعني ايشيا جي ملڪن ۾) آيا ـ انگريز وغيره گهٽ ۾ گهٽ سؤ سالن بعد آيا. جيئن اڄ ڪلهه اسان ڪو به گورو ڏسون ٿا ته يڪدم چئون ٿا ته اسان هڪ انگريز کي ڏٺو. اهڙيءَ طرح اسان وٽ ٺٽي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ سالن تائين پورچوگالين کان علاوه ڪو بيو يورپي نظر ايندو هو ته ديبل ۽ ٺٽي جا ماڻهو هن کي به پورچوگالي سمجهندا هئا. مغل بادشاهه بابر جڏهن 1526ع ۾ انڊيا جي حڪومت جو واڳون سنڀاليون ته هن گوا، سورت ۽ ملبار ڪناري جي شهرن ۾ گورن کي ڏسي، سندن باري ۾ پڇيو جنهن تي هن کي ٻڌايو ويو ته هي پورچوگالي آهن ۽ پاءُ صديءَ (25 سالن) کان هتي آهن. ديبل بندرگاهن ۾ پورچوگالي جهازرانن ۽ واپارين جي اچڻ ڪري مڪاني سنڌي واپاري ۽ پورهيت پيڳل سڳل پورچوگالي ڳالهائڻ لڳا هئا، جيئن پورچوگالين سان ڪاروبار هلائي سگهن. مونکي ياد آهي سٺ واري ڏهاڪي ۾ جڏهن مون جهاز هلائڻ شروع ڪيا ۽ اسانجو جهاز مختلف ملڪن مان سفر ڪري ڪراچي بندرگاهه پهچندو هو ته هر جهاز وانگر اسانجي جهاز اڳيان به مڪراني ۽ ڪڇي پنهنجيون گهوڙا گاڏيون ڪاهي اچي بيهندا هئا. جيئن شام جو موڪل مهل اسان کي ڪياماڙي، بولٽن مارڪيٽ يا صدر شاپنگ لاءِ وٺي هلن. آئون ڏسندو هوس، هو اسان جونئرن کي لفٽ ئي نه ڪرائيندا هئا، پر جيئن ئي اسانجا گورا آفيسر جهاز جي ڏاڪڻ تان لهندا هئا ته هي مڪراني ۽ ڪڇي بگين وارا ڪين ورائي ويندا هئا ۽ پيڳل سڳل انگريزيءَ ۾ هنن کي پنهنجين گهوڙا گاڏين ۾ ويهڻ لاءِ زور ڀريندا هئا. ان وقت جي گورن جهازرانن ۽ ڪڇين جا ڳالهايل جملا هن وقت به ڪنن ۾ ٻري رهيا آهن. گورا ٽانگي وارن کان پڇندا هئا:

"واٽ مني ڪياماڙي گوز؟".

ٽانگي وارا جواب ڏيندا هئا: "سر! ٽُو آنا ڪمس، ٽو آنا گوز".

گورا جهازران نه فقط وڏو ڀاڙو ڏيندا هين پر ٽِپ به. ان ڪري هو اسان جهڙن پنهنجن ماڻهن کي پڇندا ئي ڪو نه هئا. اسان پنڌ ڪري بندرگاهه مان ٻاهر نڪري ڪنهن اڻ سينگاريل بگيءَ ۾ ويهي ڪياماڙيءَ جي نگينا سئنيما ۾

فلم ڏسڻ ۽ پناڻ جي هوٽل تي ڪڙهائي کائڻ ايندا هئاسين. ڳالهه اها آهي تہ پورچوگالي ڪٽي ڏاريا ۽ غير مذهب جا هئا. پر ان وقت جا اسانجي نٽي، ديبل جا هندو توڙي مسلمان واپاري ۽ انهن ڪاٺ جي جهازن کي تيل جو مک ڏيڻ وارا، ڪلا ۽ ڪوڪا ٺوڪڻ وارا، ڦاٽل سڙهن کي سبڻ وارا يا سڙهن تي لٽل 'سي گل' پکين جو وٺيون ڌوئڻ وارا ڪمي ڪاسبي، هنن مان پئسو ڪمائڻ لاءِ هنن جي اڳيان پويان ڦرندا هُئا ۽ هنن سان پورچوگالي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ـ جيئن اڄ ڪلهه وچ ايشيا جي ملڪن کان ايندڙ ٽوئرسٽن سان صدر جا عاج، پٿر ۽ ٽامي جي سووينئرن وارا ۽ غاليچن جا دڪاندار روسي، ترڪمنستاني ۽ ازبڪي ٻولين ۾ ڳالهائين ٿا.

ان وقت جي پورچوگالين نٽي ۽ انڊيا جي شهرن ۾ جتي عيسائيت جي تبليغ ڪئي اتي پنهنجي ڌرم جا عبادت گهر بہ ٺاهيا. پورچوگالي ان کي گرجا سڏيندا هئا ۽ پنهنجي پنڊت کي پادري سڏيندا هئا.... ڏسو اڄ تائين اسان وٽ سنڌ ۾ توڙي ايشيا ۾ ملئي زبان مان گرجا ۽ پادري اچي ويا آهن. جتيوٽيڪ بعد ۾ انگريز آيا ۽ اهي گرجا کي چرچ سڏيندا هئا ۽ پادريءَ کي پريسٽ.... پر اهي لفظ اسان جي ٻوليءَ ۾ نہ آيا ـ اها ٻي ڳالهه آهي تہ انگريزن تعليمي ادارا کوليا ۽ انگريزيءَ جا لفظ اسان جي سنڌي، اڙدو، بنگالي، تامل ۽ ملائيشيا جي ملئيءَ ۾ تمام گهڻا اچي ويا. پورچوگاليءَ جا بہ ڪافي لفظ اسان جي ۽ ملئي ٻوليءَ ۾ عام آهن.... پر اها ٻي ڳالهه آهي تہ اسانکي ڄاڻ ناهي تہ اهي پورچوگالي لفظ آهن...... جيئن هي ڪجهہ ملئي لفظ اصل ۾ پورچوگالي ٻولين جا آهن، جن مان ڪجهہ تہ اسان وٽ بہ استعمال ٿين ٿا. جيئن تہ: الماري (ڪٻٽ)، بالدي (باردي)، بولا (بال)، ڪيريتا (ڪار)، ليلانگ (نيلام)، ٽئالا (ٽئال)، ٽانڪي (حوض)، سپاتو (چئمپل)، روڊا (ڦيٿو)، ڦيتا (ڦيٿ، ٽيپ)، ناناس (انناس)، منگو (هفتو)، ليمائو (ليمون)، بومبا (فائربرگيڊ)، گارپو (ڪانٽوچري) وغيره.... سڀ پورچوگالي لفظ آهن، جيڪي ان وقت کان ملئي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿين ٿا ۽ ڪيترن پڙهيل ڳڙهيل ملائيشن کي بہ خبر ناهي تہ اهي دراصل پورچوگالي لفظ آهن. جيڪي 1511ع کان پوءِ سندن ٻوليءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن. اهڙي طرح ڪيترائي اسان جا سنڌي لفظ دراصل پورچوگالي آهن، جنهن بابت تفصيل سان پنهنجي سفرنامي "برونائي کان برازيل" ۾ لکي چڪو آهيان. برازيل دنيا جو اهو ملڪ آهي جتي پورچوگالي ڳالهائي وڃي ٿي.

پاڻ پورچوگالي پنٽوءَ جي ڪهاڻيءَ تي اچون، جنهن جي سربراهيءَ ۾ پورچوگالي جهازن ديبل بندرگاهہ ۾ لنگرانداز ٿيل، سلطنت عثمانيہ جي جهازن تي حملو ڪيو ۽ ويندي ويندي بندرگاهہ کي بہ نقصان پهچايو. پنٽو 1509ع ۾ هڪ بيحد غريب ڳوناٽي جي گهر ۾ ڄائو. سندس مستقبل بهتر بنائڻ جي خيال کان سندس هڪ چاچو 1521ع ۾ کيسن پورچوگال جي گاديءَ واري شهر لسبن (Lisbon) ۾ وٺي آيو. اتي هن کي هڪ شاهي خاندان جي هڪ اميرزاديءَ جي گهر ۾ چند ڦوڪ جو ڪم ملي ويو. هي اهو دور هو جو پورچوگال جهازرانيءَ ۽ جهاز سازيءَ ۾ دنيا ۾ مشهور هو. نوان نوان جهاز پئي ٺهيا ۽ پنهنجن ۽ پروارن يورپي ملڪن، اسپين، اٽلي، فرانس وغيره جي ناکئن کي وڏن پگهارن تي يا ٺيڪي تي آفريڪا، ايشيا ۽ آمريڪا پئي موڪليو ويو. ناکئن (Navigators) کان علاوه جهازن تي مختلف ڪم ڪندڙ واڍن، بورچين، رساچڪڻ وارن ۽ سڙهہ سبڻ ۽ سڌا ڪرڻ وارن جي، هڪ طرف ڪوٽ لڳي پئي هئي، تہ ٻئي طرف بي هنر ۽ اڻ پڙهيل ڇوڪرن جي بہ ضرورت پئجندي پئي رهي، جن جو ڪم صفائي ڪرڻ، پاڻيءَ جا پمپ ڊمڻ ۽ خلاصين کي ماني کارائڻ هيو. انهن ڏينهن ۾ نہ سمنڊ جي کاري پاڻيءَ کي مٺو ڪرڻ جون مشينيون هيون نہ اليڪٽرسٽي ۽ پمپ، جيڪي سمنڊ مان کارو پاڻي يا جهاز جي هيٺين ٽئنڪ مان پاڻي ڇڪي مٿي اوور هيڊ ٽئنڪن ۾ پهچائين ۽ جن مان Gravity ذريعي خلاصين ۽ ناکئن جي استعمال لاءِ نلڪن مان نڪري. جهاز تي ڪنيل "شپ بئاء" بالٽين ذريعي پاڻي مٿي ڪٽي ويندا هئا. يا هئنڊ پمپ ذريعي سمنڊ جو پاڻي ڇڪي مٿي پهچايو ٿي ويو. جيڪو کارو پاڻي هار وير ۽ وهنجڻ لاءِ ڪم ٿي آيو. ڪناري جي بيروزگاريءَ کان جهاز جي نوڪريءَ ۾ سٺو پگهار هو، دنيا گهمڻ جو ائڊوينچر بہ هو. آفريڪا ۽ ايشيا جا سڀ ملڪ گورن جي هٿ ۾ هئا. ڪو بيروزگار، ڪنگلو جاهل بہ انڊيا، ملايا، سري لنڪا، موزمبق وغيره پهتو ٿي، تہ اتي جي نوابن، راجائن، سلطانن بہ هن جي اڳيان جهڪي جهڪي، کين سر سر چئي پئي سڏيو. ڇا تہ شان هئا گورن جا! هر گورو اسانجي ماڻهوءَ لاءِ پير مرشد هو. اهو

ئي سبب هو جو اهڙي عياشيءَ لاءِ هر يورپيءَ (جيڪو پنهنجي گهر ۾ ڏکيو هو) ايشيا يا آفريڪا جو رخ رکيو ٿي. پورچوگالي پنٽو ڇوڪرو بہ لسبن ۾ اميرزاديءَ جي گهر ۾ 18 مهينا ڪن ڪم ڪرڻ بعد نوڪري ڇڏي, سڌو بندرگاهہ ۾ هليو آيو. هڪ مال بردار جهاز لنگر ڪٽي رهيو هو. هنن کي خود ڪم وارن ڇوڪرن جي ضرورت هئي, سو هنن پنٽوءَ کي ڏاڪڻ چڙهڻ لاءِ چيوءِ جهاز روانو ٿيو. اهو اڃان اوسي پاسي جي سمنڊ ۾ ئي هو تہ ٽئين ڏينهن فرينچ قزاقن جهاز تي قبضو ڪري جهاز تي موجود ماڻهن کي ڪناري ويجهو ڦٽو ڪري ڇڏيو. پنٽو پنڌ ڪري ويجهي شهر ۾ پهتو جيڪو سندس ئي ملڪ جو سيٽوبل شهر هو. اتي چار سال مختلف نوڪريون ڪرڻ بعد هن کي پورچوگال جي بادشاهہ (جان ٻئي) جي هڪ ويجهي مائٽ وٽ نوڪري ملي وئي. پنٽوءَ اتي ڪجهہ سال نوڪري ڪئي. جيتوڻيڪ هُو اتي بيحد خوش هو پر هن حساب لڳايو تہ ان نوڪريءَ ۾ ڪو وڌڻ ويجهڻ ناهي. اهو سوچي هن اها نوڪري بہ ڇڏي ڏني. هن هڪ دفعو وري جهاز جي نوڪري اختياري ڪري انديا وڃڻ ٿي چاهيو. سو هن هڪ دفعو وري بندرگاهہ جو رخ ڪيوءِ آرماداس (Portuguese India Armadas) جي نوڪري حاصل ڪئي. ان وقت هن جي عمر 28 سال هئي. "آرماداس" لفظ "آرمادا" جو جمع آهي. آرمادا (Armada) پورچوگالي لفظ آهي, جنهن جي معنيٰ "جهازن جو فليٽ" آهي ـ يعني "فلو ٽيلا" يا "جهڳٽو". پورچوگالين جي ملائيشيا ۾ 130 سال حڪومت هجڻ ڪري ٻين لفظن سان گڏ هي لفظ "آرمادا" بہ ملئي ءِ انڊونيشي ٻولين ۾ اچي ويو آهي.

ڪاٺ ءِ سڙهن تي هلندڙ هي جهاز پورچوگال جي بندرگاهن کان ٽولن ۾ مختلف ملڪن ڏي روانا ٿيندا هئا. هر سال جهازن جو هڪ ٽولو انديا بہ ويو ٿي ءِ انديا ويندڙ جهازن جو هي ٽولو "پورچوگيز انديا آرماداس"يا نلهو "آرماداس" سڏبو هو. انهن ڏينهن ۾ ڳل تي هلندڙ جهاز تہ هئا ئي ڪو نہ. ٻاڦ تي, ءِ بعد ۾ ڊيزل انجڻ تي هلندڙ جهاز تہ گهڻو گهڻو پوءِ ايجاد ٿيا. انهن ڏينهن ۾ ڪپڙي جي سڙهن وارا جهاز هئا, جيڪي هوا جي زور تي هليا ٿي. ايتريقدر جو سمنڊ تي جي ڪنهن ڏينهن هوا بند پئي ٿي وئي تہ جهاز هڪ ئي هنڌ بيٺو ٿي رهيو..... ماڳهين, جيڪڏهن سامهون جون ڇوليون هونديون هيو تہ جهاز پٺتي ڌڪجي ويندو هو. ان دور ۾ نہ رڳو منزل جو رستو ڄاڻڻ ضروري هو, پر ان منزل تائين رستي تي لڳندڙ هوائن جي رخ جي ڄاڻ بہ ضروري هئي. پهريون يورپي, پورچوگال جو واسڪو ڊاگاماهو جنهن انديا پهچڻ جو رستو ڳولي ورتو ءِ جيسين ٻين يورپين کي خبر پوي, پورچوگالي سؤ سال کين اڪيلي سر ان جو فائدو وٺندا رهيا ءِ انديا ءِ انڊونيشيا جي مصالحن ءِ ٻئي مال مان خوب ڪمايائون.

واسڪو ڊاگاما بہ پهريون دفعو جڏهن هي "ڪيپ آف گڊ هوپ" ڪراس ڪيو تہ هو ڏاڍو خوش ٿيو تہ وڏي مشڪل آسان ٿي وئي.... اهو سمنڊ ٽپڻ بعد, هو سمجهي ويو تہ انديا سامهون آهي, يعني اتر اوڀر ڏي آهي, پر هو پهريون دفعو اڪيلي سر وڃي نٿي سگهيو جو هو هوائن جي رخ کان اڻ ڄاڻ هو. پوءِ هن آفريڪا جو ڪنارو وٺي ممباسا ءِ ميلندي بندرگاهن ۾ اچي لنگر ڪيرايو. هو ڪنهن اهڙي سونهين جي ڳولا ۾ هو جيڪو هن جي انديا پهچڻ ۾ رهنمائي ڪري. آخر هڪ همراهہ (ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو گجراتي هو) واسڪو جو ساٿ ڏنو ءِ کين ڪجهہ عرصي لاءِ ترسائي رکيو. پوءِ جڏهن چؤماسي (Monsoon) جون هوائون, جهازن کي انديا طرف ڌڪي وٺي هلڻ لاءِ لڳڻ شروع ٿيون, تہ هو واسڪو جي جهازن کي ڪوچين وٺي آيو.

هي چؤماسي جون هوائون بہ خوب آهن, جيڪي اونهاري ۾ ڏکڻ اولهہ کان لڳن ٿيون, وري سياري ۾ اهي يڪدم ابتيون ٿيو وڃن ءِ اتر اوڀر کان لڳڻ شروع ٿين ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن سوچيان ٿو تہ قدرت طرفان هي نظام نہ هجي ها, هي هوائون فقط هڪ طرف لڳنديون رهن ها, يا سري کان هجڻ ئي نہ ها تہ اسان جو عرب, آفريڪا, سلون, جاوا, سماترا, ملايا يا ٻين ملڪن ۾ وڃڻ ئي نہ ٿئي ها. انجڻ وارا جهاز تہ هاڻ ڏيڍ صديءَ کان شروع ٿيا آهن, نہ تہ سڪندر اعظم جي ڏينهن کان وٺي سڄي دنيا ۾ سڙهن وارا, هوا جي رخ تي هلندڙ جهاز هئا.

سياري جون هوائون لڳڻ سان جهاز عرب ملڪن هيٺ ڏکڻ ڏي ديبل (ٺٽي) ءِ اڃان بہ هيٺ, لنڪا تائين پهتا ٿي ءِ پوءِ اتي پهچي , ڪاروبار ڪري, واپس موٽڻ لاءِ چؤماسي هوائن جي رخ ابتي ٿيڻ جو انتظار ٿي ڪيائون. هوائن

جي لڳڻ سان هنن لنگر کنيان ٿي ۽ وطن موٽڻ شروع ٿي ڪيو. ان ڪم ۾، ڪنهن مهينو ٻه دير ٿي ڪئي، ته هو چؤماسي جي هوائن مان فائدو وٺڻ جهڙو نه ٿي رهيو ۽ هن کي وري يڪو سال انتظار ڪرڻو ٿي پيو.

اهڙيءَ طرح پورچوگالين جا جهاز ٻه هر سال پنهنجي بندرگاهه مان اهڙن ڏينهن ۾ لنگر کڻندا هئا، جيئن مئي جون ڌاري "ڪيپ آف گڊ هوپ" ڪراس ڪري سگهن ۽ اتر اوير ڏي لڳندڙ چؤماسي جي هوائن جي زور تي ڪوچين، گوا، ٺٽي ڪراچيءَ پهچي وڃن. گوا وغيره مان وري آڪٽوبر نومبر ڌاري نڪرندا هئا، جيئن سياري جون چؤماسي جون هوائون سندن جهازن کي ڏکڻ آفريڪا ڏي ڇڪي اچن ۽ پوءِ اتان "ڪيپ آف گڊ هوپ" جو سمنڊ ٽپي، ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ پهچي، اتي لڳندڙ ٽريڊونڊس (Trade Winds) جو فائدو وٺي، مٿي پورچوگال ۽ انگلنڊ پهچي وڃن. جنهن نموني سان هندي وڏي سمنڊ ۾ ان وقت جي سڙهن وارن جهازن جو هلڻ چؤماسي (Monsoon) وارين هوائن مطابق ٿيو ٿي، تيئن ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ لڳندڙ هوائون هيون، جيڪي "Trade Winds" سڏجن ٿيون ۽ جيڪي جهازن کي اڳتي هلڻ ۾ مدد ڪن ٿيون، جن جي آڌار يورپ ۽ مغربي آفريڪا جو واپار (Trade) هليو ٿي. ان ڪري انهن هوائن جو نالو "ٽريڊ ونڊس" پيو. توهان کي حيرت ٿيندي ته اسان وٽ لڳندڙ هوائون.... يعني هندي سمنڊ (Indian Ocean) ۾ لڳندڙ هوائون، جن کي اسان چؤماسي جون هوائون سڏيون ٿا، انهن جو انگريزي نالو "Monsoon" در اصل پورچوگالي لفظ "Moncao" تان ورتل آهي. پورچوگالين ڪانپوءِ انڊيا، سريلنڪا ۽ ملايا (ملائيشيا) ۾ ڊچ آيا، اهي پڻ هنن هوائن کي "Monsun" سڏيندا هئا، جن کان پوءِ انگريز "ڪيپ آف گڊ هوپ" جو سمنڊ ڪراس ڪري انڊيا پهتا ۽ اهي هنن هوائن کي "Monsoon" سڏڻ لڳا. ڪن جو اهو به چوڻ آهي ته جيئن ته عرب جهازران هندي سمنڊ ۾ پورچوگالين ۽ انگريزن کان به ڪيئين صديون اڳ جهاز هلائي رهيا هئا، انهن جي لفظ 'موسم' مان هنن يورپين 'مون سون' لفظ ٺاهيو.

پاڻ پورچوگالي جهازران فرنائو پنٽوءَ جي ڳالهه پيئي ڪئي، جنهن ٺٽي جي ديبل بندرگاهه ۾ ترڪيءَ جي عثمانيا سلطنت جي لنگر انداز ٿيل جهازن تي 1568ع ۾ حملو ڪيو جنهن ان وقت جي انهن ڳالهين، ۽ پنهنجي سامونڊي سفرن جو احوال، پنهنجي مادري ٻولي پورچوگاليءَ ۾ "Peregrinacao" نالي ڪتاب ۾ لکيو. جنهن جي انگريزي ترجمي واري ڪتاب جو نالو "Pilgrimage" آهي.

فرنائو پنٽوءَ پورچوگال کان انڊيا ويندڙ جهازن "Armadas" تي ڪافي سال نوڪري ڪئي. سڙهن جي زور تي هلندڙ هي ڪاٺ جا جهاز مال بردار هجڻ سان گڏ، فوجي نوعيت جا پڻ هئا. يعني انهن تي بندوقون ۽ بارود اڇلائڻ لاءِ لوهي غليلون لڳل هيون. جيئن رستي تي يورپ يا آفريڪا، ايشيا جي نيوي، يا وري ڪي چور، ڌاڙيل، قزاق، وچ سمنڊ ۾ حملو ڪن ته انهن جو مقابلو ڪري سگهجي.

پورچوگال حڪومت جا انڊيا ڏانهن ويندڙ هي جهاز (فليٽ يعني Armadas) پورچوگال جي بندرگاهه لسبن، اويئرو (Aveiro)، Setubal (جيڪو عربن جي ڏينهن ۾ شطوبر سڏبو هو)، يا Algarve (الغرب) علائقي جي بندرگاهه Portor eixoes مان انڊيا لاءِ نڪرندا هئا. اهي پهرين انڊيا جي بندرگاهه ڪوچين ۾ يا گوا ۾ اچي لنگر انداز ٿيندا هئا. انهن بندرگاهن ۾ سامان لاهي پوءِ بحر احمر (Red Sea) ۽ ايراني نار جي بندرگاهن ڏي، يا وري جاوا، سماترا، سيام (ٿائلئنڊ) ۽ چين ڏي هليا ويندا هئا. يورپ کان آندل سامان اتي لاهي، پوءِ اتان جو سامان (گهڻو ڪري مختلف مصالحا) کڻي واپس گوا (انڊيا) ايندا هئا ۽ پوءِ اتان، يا ڊائريڪٽ جاوا، سماترا کان، پنهنجي وطن پورچوگال هليا ويندا هئا.

پنٽو جي آتم ڪٿا مان معلوم ٿئي ٿو ته هن پورچوگيز آرمڊا جي جهازن تي پهريون سفر 1537ع ۾ ڪيو. 11 مارچ تي هن جي جهاز، پورچوگال جو بندرگاهه لسبن ڇڏيو (هونءَ تاريخون لکڻ پڙهندڙن لاءِ اجايو مونجهارو پيدا ٿيون ڪن. ان ڪري آئون ڪوشش ڪري Avoid ڪندو آهيان. پر هن هنڌ تاريخون ان ڪري ٿو لکان، جيئن پڙهندڙن کي ٿورو Idea ٿي سگهي ته اڄ جي ماڊرن ۽ انجڻ وارن جهازن ۾ جڏهن اسانکي لسبن يا اسپين جي بندرگاهه بارسلونا کان بمبئي پهچڻ ۾ 15 کان ويهه ڏينهن ٿا لڳن، جن مان هڪ يا ٻه ڏينهن ڪڏهن ڪڏهن ساهه

پٽڻ ۽ سامان کڻڻ لاءِ موپوتو يا ممباسا ترسڻو پوي ٿو. تہ بہ اهو هڪ ڏگهو سفر سمجهيو وڃي ٿو ۽ جي رستي تي هڪ اڌ ڏينهن طوفان يا خراب سمنڊ ملي ٿو تہ بيزار ڪريو ڇڏي ۽ ساموندي نوڪريءَ مان دل ڪٽي ٿيو پوي. اتي هنن ڪاٺ جي ٻيڙن ۾ سوار ٿيندڙن جو ڇا حال ٿيندو هوندو ۽ هنن کي ان معمولي سفر ڪاٽڻ لاءِ ڪيترا نہ ڏينهن لڳندا هوندا ۽ هنن کي کاڌي پيتي ۽ مٺي پاڻيءَ جا ڪيڏا مسئلا ٿيندا هوندا). پنٽوءَ جو اهو ڪاٺ جو سڙهن تي هلندڙ ان وقت جو ماڊرن جهاز گوا جي پرسان بندرگاهہ ڊِيو (Diu) ۾ 5 سيپٽمبر تي پهتو.... يعني پورن ڇهن مهينن بعد! رستي تي هو آفريڪا جي اوپر واري ملڪ موزمبق ۾ ضرور ترسيا هئا. جيڪي ڪٽي ٻہ هفتا يا مهينو سمجهجن، تہ بہ سمنڊ تي هنن پنج مهينا تہ فل گذاريا! آفريڪا جي ان ڪناري تي ٻيا ملڪ تہ انگريزن ۽ ٻين يورپي ملڪن جي هٿ ۾ هئا، پر موزمبق 1505ع کان پورچوگالين جي قبضي ۾ اچي ويو- يعني واسڪو ڊاگاما جي هندي وڏي سمنڊ ۾ پهچڻ جو رستو ڳولڻ بعد ڇهن ست سالن ۾ پورچوگالي موزمبق ۽ گوا جا مالڪ ٿي ويا ۽ پوءِ 1535ع ۾ يعني پنٽوءَ جي پهچڻ کان ٻہ سال اڳ گوا جي پرواري ٻيٽ تي بہ پورچوگالين قبضو ڪري ان تي مندر (Cathedral) ۽ پنهنجي بچاءِ لاءِ مضبوط قلعو ٺاهي ڇڏيو. اهي ٻئي شيون اڄ بہ ڊِيو ٻيٽ جي ديو بندرگاهہ ۾ موجود آهن.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ پورچوگالين انڊيا جي هنن علائقن تي في الحال قبضو تہ ڪري ورتو هو پر اهي علائقا سڀ ان وقت جي وڏي ۽ طاقتور سلطنت عثمانيا جي گهيري هيٺ هئا. ان وقت سلطنت عثمانيا (Ottoman Empire) جو سلطان هڪ طاقتور حاڪم سلطان سليمان اول هو. جيڪو ”قانوني سلطان سليمان“ يعني ”قانون ڏيندڙ“ بہ سڏيو ٿي ويو. مغرب ۾ هي بادشاهہ ”Suleiman the Magnificent“ جي نالي سان مشهور هو. پاڻ سلطنت عثمانيا جو ڏهون ۽ سڀ کان گهڻو عرصو (1520ع کان 1566ع ۾ مرڻ تائين) بادشاهہ ٿي رهيو. سلطنت عثمانيا جنهن کي اسان وٽ ننڍي ڪنڊ ۾ ”خلافت عثمانيا“ بہ سڏيو ٿي ويو، سن 1299ع کان 1922ع تائين، يعني سوا ڇهہ صديون رهي. هيءَ هڪ مسلمان سلطنت هئي، جنهن جا حڪمران ترڪ هئا. پنهنجي عروج جي ڏينهن ۾..... خاص ڪري سلطان سليمان اول جي ڏينهن ۾ ڏکڻ اوڀر يورپ، وچ اوڀر (مڊل ايسٽ) ۽ اتر آفريڪا جو گهڻو حصو هن جي نگرانيءَ هيٺ هو. هن عظيم سلطنت جون سرحدون اولهہ ۾ آبنائي جبرالٽر (Strait of Gibraltar)، اوڀر ۾ قزوين سمنڊ (Caspian Sea) ۽ ايراني نار (Persian Gulf) تائين، ۽ اتر ۾ آسٽريا جي سرحدن سلوواڪيا ۽ ڪريميا (هاڻوڪو يوڪرين) سان ۽ ڏکڻ ۾ سوڊان، صوماليا تائين ڦهليل هيون. ٻين يورپي قومن وانگر پورچوگالين جون بہ سلطنت عثمانيا جي ترڪن تي باهيون هيون، جو انڊيا، ايراني نار جي ملڪن يا آفريڪا جي ملڪن ۾ سلطنت عثمانيا جي شان ۽ دٻدٻي هجڻ ڪري، هنن کي اتي قبضا ۽ ڦرون ڪرڻ ۾ دقت پئي ٿي. پورچوگالين چاهيو ٿي تہ سلطنت عثمانيا ڪمزور ٿئي تہ هنن جا موج مزا ٿين ۽ جتي جتي هنن کي موقعو لڳو ٿي، هنن سلطنت عثمانيہ کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. ان ئي سلسلي جي اها بہ ڪڙي هئي جو پورچوگالين کي جڏهن خبر پئي تہ سلطنت عثمانيا جا ڪجهہ جهاز ديبل بندرگاهہ ۾ لنگر انداز آهن تہ هنن گوا کان فرنائو پنٽوءَ جي اڳواڻيءَ ۾ پورچوگالي جهازن جو جٿو موڪليو. جنهن ٺٽي پهچي نہ فقط ترڪن جي جهازن تي حملو ڪيو. پر ديبل بندرگاهہ کي بہ وڏو نقصان پهچايو. بهرحال اهو آپريشن بعد ۾ ٿيو هيو. ان کان اڳ هن پنٽوءَ ۽ سندس ساٿين ترڪن جا موچڙا بہ کاڌا ۽ پنهنجا جهاز بہ وڃايا هئا. ٿيو هيئن جو پنٽوءَ کي ٻين سان گڏ، هڪ اهم مشن تي، گوا کان اٿوپيا ٿيندو بحر احمر (Red Sea) وڃڻو پيو. انهن ڏينهن ۾ اڃان ٽيليفون ريڊيو تہ ايجاد نہ ٿيو هو پر مورس ڪوڊ سسٽم بہ نہ هو. ڏکين هنڌن تي نياپو پهچائڻ لاءِ ڪبوترن جو استعمال ٿيندو هو يا سپاهين جو ٽولو روانو ٿيندو هو. پورچوگالي فقط انڊيا جي گوا تي قبضو ڪري اتي سکون سان ويهڻ بدران هيڏانهن هوڏانهن هٿ پير بہ هڻڻ لڳا تہ پاڻ وٽائڻ خاطر مختلف اثر رسوخ رکندڙ طاقتور ماڻهن جا ڪم بہ ڪرڻ لڳا هئا.

آفريڪا جي اتر اوڀر وارن ملڪن اٿوپيا، اتيرا ۽ جبوتي وغيره تي سلطنت عثمانيا وارن جو ڪنٽرول پئي هليو ۽ اهي عثمانيا سلطنت جي حاڪمن کان ڊپ ۾ پئي رهيا. انهن کي همت ڏيارڻ ۽ پنهنجي لئي رکڻ لاءِ پورچوگال جي بادشاهہ پنهنجا پورچوگالي اٿوپيا جي راڻي ايليني (Eleni) جي حفاظت لاءِ مقرر ڪيا، جيڪا اريٽرا (Eritrea)

جي ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري واري شهر مصوع (Massawa) جي جابلو علائقي ۾ ٺهيل قلعي ۾ پيئي رهي. سندس مڙس زارا يعقوب بادشاهه هو ۽ هاڻ سندس پٽ جي حڪومت هئي.

فرنائو پنٽو ۽ ٻيا پورچوگالي، راڻي ايليني ۽ جي پورچوگالي گارڊن کي، آنڌل نياپو پهچائي، مصوع بندرگاهه مان پنهنجا جهازي هاڪاري، بحر احمر لتاڙي رهيا هئا، ته سامهون ترڪن جا جنگي جهاز اچي ويا، جن سان پورچوگالين جا جهاز مقابلو ڪري نه سگهيا. سڀ جهاز قبضي هيٺ اچي ويا ۽ انهن تي سوار عملو گرفتار ٿي ويو جن کي ترڪ جهازرانن غلام بڻائي، اڳيان ايندڙ يمن جي بندرگاهه موخا (Mocha) ۾ وڪڻي ڇڏيو. يمن جا بندرگاهه عدن ۽ حوڊئدا، اوڻهين صديءَ ۾ انگريزن جي راڄ ۾ مشهور ٿيا، نه ته ان کان اڳ بحر احمر (ڳاڙهي سمنڊ) ۾ 'موخا' يمن جي گاديءَ واري شهر صنعا جو اهم ترين بندرگاهه هو. جيئن ديبل سنڌ جي گادي واري شهر ٺٽي جو هو. هي بندرگاهه (Mocha) پندرهين ۽ کان ارڙهين صديءَ تائين ڪافيءَ جي وڪري کان به مشهور هو ـ سمجهو ته دنيا ۾ موخا، ڪافيءَ جي وڏي مارڪيٽ هئي. انهن ڏينهن ۾ ڪٿي هو برازيل ....... آمريڪا جي ئي ڪنهن کي خبر نه هئي. بعد ۾ ته اوس پاس جي آفريڪي ۽ يورپي ملڪن جي ڪافي به هلڻ لڳي، پر ان هوندي به المخابين (المخا صنعائي) پنهنجي خاص خوشبوءِ، هڳاءَ ذائقي ۽ رنگ جي ڪري وڌيڪ پسند ٿيڻ لڳي. هڪ دفعي اسانجو جهاز عدن ۾ هو ته صنعا ۽ موخا به گهمڻ وياسين. جتي مون جڏهن ڪافيءَ جو فصل ڏسڻ چاهيو ته مقامي ماڻهن ٻڌايو ته موخا ڪافيءَ جا ٻيڻ (Beans) هتي موخا ۾ نٿا پوکجن پر يمن جي اندروني علائقي ۾ پوکيا وڃن ٿا. جيئن ته انهن ڏينهن ۾ بمبئي ۽ پينانگ وانگر عدن بندرگاهه ڪجهه به نه هو سو هيءَ ڪافي موخا (Mocha) بندرگاهه تان ٻين ملڪن ڏي رواني پئي ٿي ۽ يورپ جي هر ملڪ جي ڪافي پيئڻ وارن شوقينن جي وات تي اهو هوندو هو ته هيءَ ڪافي موخا کان آئي آهي. بهرحال اسان وارو پورچوگالي پنٽو موخا جي ڪافي مارڪيٽ ۾ هڪ يوناني مسلمان وٽ وڪامي ويو.

پنٽو پنهنجي سوانح حيات "Pilgrimage" ۾ لکي ٿو ته هن جو يوناني مسلمان مالڪ ڏاڍو ظالم هو ۽ هن کي ايڏو ته تنگ ڪيائين جو هن مجبور ٿي مالڪ کي خودڪشيءَ جي ڌمڪي ڏني. مسلمان مالڪ ڏٺو ته سندس غلام ماڳهين مري ٿو سو چار پئسا ڪمائڻ لاءِ هن پنٽوءَ کي هڪ يهودي واپاريءَ کي ٽيهن ڏُڪيتن ۾ وڪڻي ڇڏيو. اهي 30 ڏُڪيت به يهوديءَ ڪِنش ڏيڻ بدران، انهن جي قيمت جي کجور ڏني.

انهن ڏينهن ۾ يورپ پاسي سفر ۽ تجارت ۾ ناڻو دڪيت (Ducat) پئي هليو. دڪيت، سون، چاندي ۽ ٻين ڌاتن جا سڪا هُئا، جن جي خريداري طاقت (Value) ان ۾ استعمال ٿيل ڌاتوءَ ۽ ان جي ساک مطابق هئي. سون مان ٺهيل سڪو گهڻن دڪيتن جو سمجهيو ٿي ويو انهن ۾ به اٽليءَ جي شهر وينس جا سونا دڪيت وڌيڪ ٿي هليا ۽ هر ملڪ ۾ واپارين جلد قبول ٿي ڪيا. جيئن اڄ ڪلهه جي مختلف ڪرنسيءَ ۾ انگلئيڊ جا پائونڊ ۽ آمريڪا ڊالر وڌيڪ هلن ٿا.

نئين مالڪ يهودي سوداگر سان گڏ پنٽو انهن ڏينهن جي خشڪيءَ واري رستي (جنهن تان ائن جا قافلا لنگهيا ٿي) ايراني نار جي ڪمرشل مارڪيٽ واري شهر هرمز ۾ پهتو جتي پورچوگالين جو قلعو ۽ اثر رسوخ هو. پورچوگال جي بادشاهه مئنيوئل اول جي حڪم تي هرمز ۾ موجود پورچوگالي انتظاميا يهودي سوداگر کي هن جي گهربل رقم 300 دڪيت ڏئي پنٽوءِ کي آزاد ڪرايو. ان بعد پورچوگال جي بادشاهه جي حڪم موجب فرنائو پنٽوءَ کي هڪ ته هرمز ٻيٽ تي پورچوگالين جي ٺهيل قلعي جو ڪئپٽن بنايو ويو ۽ ساڳي وقت هندوستان سان واسطو رکندڙ ڪنهن به قسم جي فساد يا مسئلي جو فيصلو ڏيڻ لاءِ پنٽوءَ کي پورچوگال جي بادشاهه جو خاص مئجسٽريٽ بنايو ويو. انهن ڏينهن ۾ توڙي بعد ۾ به ڪيترن شهرن جي سار سنڀال لهڻ ۽ ماڻهن کي ڪنٽرول ۾ رکڻ واري انچارج کي "ڪئپٽن" سڏيو ٿي ويو. ملائيشيا وارن سفرنامن ۾، ڪئالالمپور شهر مٿان مقرر ڪيل اهڙي چيني ڪئپٽن جو ذڪر ڪيو اٿم.

پورچوگال جو بادشاهه مئنيوئل اول جيڪو 1469ع ۾ ڄائو ۽ پيءُ جي مرڻ بعد 26 سالن جي ڄمار ۾ سن 1495ع کان، مرڻ (سن 1521ع تائين) هڪ ننڍڙي ملڪ جو بادشاهه ٿي رهيو پر هن پنهنجي دور ۾ ڏورانهن ڏيهن جي ڌرتيءَ کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. هن جي ڏينهن ۾ سندس ماڻهو واسڪوڊاگاما 1498ع ۾ سمنڊ رستي انڊيا پهچڻ

جو گس ڳوليو ۽ آفريڪا ۾ موزمبق ۽ انڊيا ۾ گوا تي قبضو ڪيو- سندس موڪليل هڪ ٻئي جهازران پيڊرو، سن 1500ع ۾ ڏکڻ آمريڪا جو ملڪ برازيل ڳوليو ۽ ان تي قبضو ڪيو. 1505ع ۾ پورچوگالي فرانسڪو ڊي المائيڊا انڊيا جو پهريون وائسراءِ مقرر ٿيو. ائڊمرل افونسو ڊي البقرق ذريعي سڄي هندي وڏي سمنڊ ۽ ايراني نار ۾ جهازن جي آمدرفت تي هڪ هٽي (monopoly) لڳرائي. مجال آهي جو ڪنهن ملڪ جو جهاز پورچوگالين جي اجازت بنان هيڏانهن هوڏانهن وڃي سگهي. ٿورو تصور ڪريو جن پورچوگالين 1489ع تائين ڪيپ آف گڊ هوپ جو سمنڊ ٽپڻ لاءِ ٻاٽون پئي ڪاڙيون، ۽ پوءِ مس مس اهو ٽپي پهريون دفعو 1499ع ۾ هندي سمنڊ ۾ داخل ٿي ڪوچين (انڊيا جي ڪناري) بندرگاهه ۾ پهتا، انهن 15 سالن اندر گوا، موزمبق، ملاڪا، عدن ۽ هرمز جهڙن خاص ملڪن ۽ بندرگاهن تي قبضو ڪري، ڏکڻ آفريڪا کان ملايا تائين ۽ اتر ۾ ايراني نار تائين، سڄي هندي وڏي سمنڊ (Indian Ocean) جي ٽرئفڪ کي پنهنجي حڪم هيٺ آڻي ڇڏيو. انگريز ۽ ٻين يورپي قومن کي هن پاسي جو رستو ڳولڻ ۽ داخل ٿيڻ ۾ سؤ کن سال لڳي ويا. تيسين هڪ ننڍڙي آدمشماري ۽ ننڍڙي ايراضيءَ واري ملڪ پورچوگال جي بادشاهه انهن غير ۽ ڏورانهن علائقن جي ڌرتي ۽ سمنڊن تي قبضو ڪيو جتي صدين کان عربن، ايرانين، هندوستانين، ملئين، بنگالين، سنڌين ۽ چينين جي پئي هلي – برازيل جو ته ڪٽي ڪو ڏٽي سائين نه هو ۽ اتي جا ماڻهو ايڏا اڻ سڌريل ۽ ڪمزور هئا. جن کي پورچوگالين جلدي ماري ڪٽي چپ ڪرائي ڇڏيو ۽ سڄو برازيل (دنيا جو پنجون نمبر وڏو ملڪ) پورچوگال جو ٿي ويو. ٿورو سوچيو ته ملاڪا تي قبضو ڪرڻ بعد ڪنهن جو جهاز ڪيئن چين وڃي سگهي؟ يا چينين جا جهاز ڪيئن انڊيا يا آفريڪا پهچي سگهن؟! جو انهن سيني جو لنگهه ملاڪا اڳيان هو جنهن تي پورچوگالين جو قبضو ٿي ويو هو.

پورچوگالي ڪمانڊر الفونسو ڊي البقرق جيئن ئي 1511ع ۾ ملاڪا فتح ڪئي، ته پنهنجي ماڻهن جي سلامتيءَ لاءِ اتي هڪ قلعو ٺاهيو. هرمز ٻيٽ تي به ساڳي ائڊمرل افونسو حملو ڪيو ان بعد 1515ع ۾ اتي به قلعو ٺاهيو. ان قلعي جو ڪئپٽن پورچوگالي پنٽوءَ کي بنايو ويو. ملاڪا وارو قلعو ته بعد ۾ ڌارين حڪومتن ڊاهي رکيو. اڄ هن جي فقط هڪ پٽ ۽ دروازو موجود آهي. جنهن کي دنيا جا ٽوئرسٽ ڏسڻ اچن ٿا. هرمز پاسي پورچوگالين جون ٺهرايل ٻيون عمارتون ته سڀ ڊهي ويون پر هي ڳاڙهين سرن وارو قلعو جنهن کي پورچوگالي ۽ ٻيا يورپي "The fort of our Lady Conception" سڏين ٿا، اڄ به موجود آهي.

پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ هتي اهو به لکندو هلان ته پورچوگالين ايران جي علائقي هرمز کي 1507ع ڌاري پنهنجي قبضي ۾ آندو. ان بعد ڪيترين ئي حڪومتن پورچوگالين کي هرمز مان ڀڄائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نه ويا. صفوي سلطنت جي بادشاهه عباس اول، انڊيا ۾ حڪومت ڪندڙ انگريزن سان ملي، 1622ع ۾ پورچوگالين کي هرمز ۽ ايراني نار واري علائقي مان ڀڄائي ڪڍيو.

ڏٺو وڃي ته ان دؤر جو ايران جو صفوي گهراڻي جو شهنشاهه شاهه عباس اول - جنهن کي ايراني شاهه عباس بزرگ به سڏين ٿا، هڪ مضبوط، دلير ۽ گهڻن گڻن وارو بادشاهه هو. پاڻ، ڪائنس اڳ واري ايران جي بادشاهه، شاهه محمد خدا بنده جو ٽيو نمبر پٽ هو.

ايران تي صفوي گهراڻي جي حڪومت ٻن صدين کان مٿي سن 1501ع کان 1736ع تائين هلي. شاهه عباس اول هن گهراڻي جو پنجون حاڪم هو ۽ 1588ع کان 1629ع تائين 41 سال ايران تي حڪومت ڪيائين. هن پنهنجي پيءُ جي ڏينهن ۾ وڃايل علائقا مغلن ۽ پورچوگالين کان واپس حاصل ڪيا. هن جي ڏينهن ۾ صفوي سلطنت عروج تي رهي ۽ ڪيترائي ملڪ هنن جي هٿ ۾ رهيا. جيئن، ايران، آذربائيجان، بحرين، آرمينيا، جارجيا، عراق، ڪويت، افغانستان ۽ ڪجهه حصا ترڪي، شام، اڄ واري پاڪستان، ترڪمنستان ۽ ازبڪستان جا.

شاهه عباس پنهنجي گاديءَ جو شهر قازون مان بدلائي اصفهان ڪيو ۽ هن جي ڏينهن ۾ اصفهان ۾ اهي اهي عمارتون، روڊ رستا، پارڪ، باغيچا، مسجدون ۽ مدرسا ٺهيا، جو اصفهان "نصف جهان" سڏجڻ لڳو. يورپ جي ملڪن جا شهزادا، شهزاديون، راڻيون ۽ بادشاهه به ڏسڻ لاءِ اصفهان هلي پئي آيا. اصفهان جي آقا نور مسجد، مسجد

جارچي، مسجد شيخ لطف الله ۽ شاهي محل. هن بادشاهه شاهه عباس جي ڏينهن ۾ ٺهيا. مشهور سفرناما نگار رابرٽ بائرن، جنهن هن علائقي جو اٺ مهينا ٽوئر ڪري پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته:

"Isfahan was among those rare places, like Athens or Rome which are the common refreshing of humanity".

هڪ ٻئي انگريز پنهنجي سفرنامي ۾ اصفهان لاءِ لکيو آهي ته:

"On entering the city's historic centre it is hard not to agree with the famous 16th century Persian maxim, "Esfahan nasfe-e Jahan' (Isfahan is half the world)".

شاهه عباس اول جي ڏينهن ۾ شيعا اسلام ايران ۽ ٻين ملڪن ۾ مشهور ٿيو ۽ ايران جو سرڪاري مذهب مقرر ڪيو ويو. شاهه عباس ٻين صفوي بادشاهن وانگر پڙهيل ڳڙهيل ۽ آرٽ ۽ عمارتسازيءَ کي پسند ڪرڻ وارو بادشاهه ٿي گذريو آهي. هن جا ايران ۽ ان جي عوام لاءِ ڪم، جتي تعريف جوڳا آهن، اتي اهو پڙهي افسوس ٿو ٿئي ته حڪومت/پاور اهڙي خراب شئي آهي، جنهن لاءِ پٽ پيءُ کي ۽ پيءُ پٽ کي به قتل ڪريو ڇڏي. پنهنجي حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ شاهه عباس اول کي اچي شڪ ٿيو ته هن جا پٽ سندس حڪومت جي خلاف ٿي پيا آهن ۽ هو هن کي تخت تان لاهي پاڻ ٿا ويهڻ چاهين. هن ٻنهي پٽن: شهزادي سلطان محمود مرزا ۽ شهزادي امام قلي امان الله مرزا جون اکيون ڪيرائي کين انڌو ڪري ڇڏيو.

شاهه عباس کي علي الاعلان ڇهه زالون هيون. جن مان ياخان بيگم جو اڳ ۾ سندس پٽ شهزادي محمد باقر مرزا سان مڱڻو ٿيو هو پر شاهه عباس آخر تائين هن شاديءَ ۾ رڪاوٽ وڌي ۽ 1602ع ۾ پاڻ هن سان شادي ڪئي، پر هوءَ ان ئي سال گذاري وئي. گستاخي معاف ته بادشاهن جون هي ڳالهيون ان ڪري پيو لکان جيئن پڙهندڙن کي احساس ٿئي ته مسلمان حاڪم هجڻ جو مطلب اهو ناهي ته ڪو هو تهجد گذار هو ۽ هن هر هڪ سان انصاف ٿي ڪيو، عوام کي سکيو ٿي رکيو. مسلمان حاڪم هو ته گهٽ ۾ گهٽ مسلمانن لاءِ وڏو سڪون ۽ خوشحالي هئي..... هرگز نه. هنن حضرت عمر وانگر نه پئي محسوس ڪيو ته دجلا نديءَ جي ڪناري تي ڪو ڪتو به بک وگهي مري ويو ته ان لاءِ وقت جو حاڪم ئي جوابدار هوندو. ان ۾ به ڪو شڪ ناهي ته ڪيترائي مسلمان حاڪم نيڪ ۽ انصاف پسند به ٿيا، پر گهڻائيءَ لاءِ هر حال ۾ حڪومت ۽ پاور کي حاصل ڪرڻ زندگيءَ جو مقصد رهيو. پاور حاصل ڪرڻ لاءِ پلي پنهنجي پٽ، پيءُ يا ڀائرن کي به ماري ڇڏجي، انڌو ڪري ڇڏجي، قيد خاني ۾ بند ڪري ڇڏجي. ان کان علاوه ورلي ڪنهن حاڪم کي عوام جي ڏک ۽ غم جو فڪر پئي رهيو نه ته هنن جو سڄو زور پنهنجي عياشيءَ جي زندگي گذارڻ تي هو جنهن لاءِ هنن هروقت شراب ۽ شباب حاصل ڪرڻ ٿي چاهيو. اسان ڪٽي ٻتاڪ هڻون يا ڪوڙو فخر محسوس ڪيون ته انڊيا تي مسلمانن (مغلن، خلجين، لوڌين ۽ ٻين) حڪومت ڪئي..... بلڪ اسان ان ۾ ئي خوش ته اسان جا هم مذهب حاڪم هئا.... پر اهو به سوچيو ته ان وقت عوام جي حالت ڇا هئي..... به ويلا ڪاٽڻ لاءِ نه هين، پيرن ۾ چمپل نه هين....... توهان ڊاڪٽر مبارڪ جهڙن حقيقت پسند تاريخ جي ڄاڻن جا مضمون پڙهي ڏسو.... رڳو ان ۾ خوش نه ٿيو ته اسانجا پنهنجا هئا. ٿورو تصور ڪريو اڄ کان هڪ ڏيڍ صدي کن پوءِ اسانجا سنڌي مسلمان اڄ جي دؤر بابت خوش ٿي اهو چون ته سنڌ جا حاڪم اسانجا هم وطن، هم زبان، هم مذهب، پاڪستان جا سنڌي مسلمان هئا ته ان ۾ ترڻ جي ڪهڙي ڳالهه هوندو.... ڪواچ جي دؤر جي سنڌ جي شهرن، تعليم، صحت، روزگار بابت به ته سوچي ته سنڌ جي عوام سان ڇا ويڌن آهي - پنجاب ۽ خيبرپختون خواهه جهڙو حال به نه آهي. بهرحال ڪنهن سچ چيو آهي ته پاور (حڪومت ۾ رهڻ) وڏو نشو آهي، جنهن لاءِ حاڪم عوام ته ڇا پنهنجا عزيز به قربان ڪريو ڇڏي.

شاهه عباس اول جنهن جو مٿي ذڪر ڪيوسين، بنا ڪنهن شڪ جي سٺن حاڪمن مان چئي سگهجي ٿو، جنهن گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ملڪ ايران، (خاص ڪري اصفهان) کي خوش حال ڪري ڇڏيو.... پر يارو! شاهه عباس

جهڙي سني مسلمان بادشاهه ٿوري شڪ تي، ته متان سندس پٽ هن کان حڪومت نه کسن، پنهنجن پُٽن کي انڌو ڪري ڇڏيو. مسجدون سونهرائين، پر آيا خدا جو خوف به هوس يا نه؟ چو جو جي هن قرآن معنيٰ سان پڙهيو هجي ها ته ائين مارا ماري ۾ ظلم نه ڪري ها. شراب ۾ عورتون رکڻ ته جڻ ڪا ڳالهه ئي نه هئي. هن نيڪ بادشاهه کي به چار زالون ته آفيشلي هيون، ان کان علاوه ڪنيزن ۾ غلام ڇوڪرن جو ڌڻ.

شاهه عباس اول جي صفوي دربار ۾ گارسيا (Garcia de Silva Figueroa) نالي جيڪو اسپين جو سفير هو. پنهنجين يادگيرين ۾ پنهنجي ملڪ جي حاڪم کي لکيل خطن ذريعي موڪليل چاڻ ۾ لکي ٿو ته هي صفوي بادشاهه ترڪ ٻولي تمام سني ڳالهائي ٿو ۽ ساڳي وقت هو فارسي به سني چاڻي ٿو جو اها ڪورٽ ۾ انتظاميا جي ٻولي آهي. انهن ٻن ٻولين کان علاوه هن کي جارجوي (گرجي) ٻولي ڳالهائيندي به ٻڌو ويو آهي. جيڪا ٻولي هن بنا ڪنهن شڪ جي پنهنجين گرجستاني (Georgean) سهڻين ڪنيزن (Concubines) ۾ غلامن کان سکي آهي. جارجيا، جنهن کي اسان سنڌي گرجستان سڏيون ٿا، اسان وٽ هن ملڪ جي مرزا قليچ بيگ جي ڪري به وڏي اهميت آهي جو هن جا وڏا گرجستان جا هئا. هِي ايشيا ۾ مشرقي يورپ جي ميلاپ وٽ قفقاز واري علائقي ۾ هڪ خوبصورت ملڪ آهي، جنهن جي اولهه ۾ بحر اسود (Black Sea)، اتر ۾ روس، ڏکڻ ۾ ترڪي، آرمينا ۾ آزربائيجان آهن. تبليسي سندس وڏو شهر ۽ گاديءَ جو هنڌ آهي. هي ملڪ وڏو عرصو مختلف وڏين سلطنتن جي چنبن ۾ رهيو. جن ۾، منگول، سلطنت عثمانيا ۾ مختلف ايراني خانداني حڪومتون شامل آهن. جن مان صفوي سلطنت به هڪ هئي.

بهرحال پاڻ پنٽو پورچوگاليءَ جي ڪهاڻيءَ تي اچون. جيڪا هن پنهنجي آتم ڪٿا "The Pilgrimage" ۾ لکي آهي. جنهن ۾ هن لکيو آهي، ته هن ٺٽي جي بندرگاهه ديبل تي 1568ع ۾ بيٺل سلطنت عثمانيا جي جهازن تي حملو ڪيو ۽ ان سان گڏ ديبل بندرگاهه کي به تباهه ڪيو. پنٽو پنهنجي ڪهاڻيءَ (يادگيرين) ۾ لکي ٿو ته پورچوگال جي بادشاهه رقم ڏئي ڪيس هورمز (ايران) ۾ خاص مئجسٽريٽ مقرر ڪيو. ڪجهه ڏينهن اتي رهڻ بعد گوا (انڊيا) ڏي ويندڙ هڪ پورچوگالي مالبردار جهاز ذريعي هُو گوا پهتو. جنهن تي پورچوگال جو قبضو هُيو ۽ اُتي پورچوگالي وائسراءِ رهيو پئي. ان وقت پورچوگالين جو نيول فليٽ، يعني جنگي جهازن جو ٻيڙو مغل سلطنت جي حڪومت هيٺ ديبل بندرگاهه ڏي وڃي رهيو هو. پنٽو جي گوا پهچڻ تي هن کي به ان ٻيڙي تي رکيو ويو. پنٽو لکي ٿو ته ٺٽي جي ان حملي ۾ هن شريڪ ٿيڻ نٿي چاهيو پر مجبورن حڪم جي پوئواري ڪرڻي پيس ۽ ان قسم جون ڇڪريون سلطنت عثمانيا، ايران جي صفوي حڪومتن، پورچوگالين ۽ مغلن جي وچ ۾ هلنديون ٿي رهيون. جيئن صفوي شهنشاهه شاهه عباس اول، انگريزن کان بحري جهازن جي مدد وٺي هورمز(ايران) مان پورچوگالين کي ڀڄائي ڪڍيو. پورچولين کي جيئن ئي وجهه لڳو ته هنن گوا کان ديبل (ٺٽي) پهچي، اتي بيٺل سلطنت عثمانيا جي جهازن کي نقصان پهچايو. ان سان گڏ ديبل بندرگاهه کي به تباهه ڪري ڇڏيو. ڏنو وڃي ته مغلن، ترخانن، ارغونن، پورچوگالين ۽ ٻين ڌارين حاڪمن جي حڪومت ۾ قرلت ۾ تباهه سنڌ ۽ ان جا ماڻهو ئي ٿيندا پئي رهيا.

پورچوگالي پنٽوءَ کي ڪجهه عرصو گوا ۾ رکڻ بعد، ملاڪا موڪليو ويو. جيئن هو اوسي پاسي جي ننڍين سلطنتن کي سماترا جي مسلمانن خلاف پڙڪائي رکي، جيڪي پورچوگال کي ملاڪا سلطنت جو ڪاروبار هلائڻ ۾ رنڊڪون وجهي رهيا هئا. 1569ع ۾ پنٽوءَ کي جاسوسن ذريعي خبر پئي ته سلطنت عثمانيا جو جنگي جهازن جو ٻيڙو هڪ قابل ترڪ ائڊمرل حضر رئيس (Kurtoglu Hizir Reis) جي اڳواڻيءَ ۾ سماترا ٻيٽ جي وڏي بندرگاهه آچيح (Acheh) ۾ اچي لنگر انداز ٿيو آهي.

پڙهندڙ نقشي ۾ ملائيشيا کي ڏسندا ته پوءِ ئي هي ڳالهيون وڌيڪ سمجهي ۽ enjoy ڪري سگهندا. نقشي ۾ ڏسبو ته اسان جي پاڪستان، ان بعد انڊيا ۽ بنگلاديش ڪانپوءِ برما ۽ ٿائلئنڊ (جيڪو انهن ڏينهن ۾ سيام سڏيو ٿي ويو) آهن. ٿائلئنڊ، جتي ڏکڻ ۾ ختم ٿئي ٿو اتان مغربي ملائيشيا (جيڪو اڳ ۾ ملايا نالي سان هو) آهي. جتي اهو ختم ٿئي ٿو اتي ٻن ميلن جي فاصلي تي سنگاپور ٻيٽ آهي. پاڪستان، انڊيا، برما، ٿائلئنڊ جي هينان (ڏکڻ ۾) ته

سمنڊ (هندي وڏو سمنڊ/انڊين اوشن) آهي. پر ملائيشيا (ملايا) جي هيٺان هڪ سنهي ساموندي وهڪري آبنائي (جنهن کي انگريزيءَ ۾ Malacca Straits ٿو سڏجي) بعد تقريبن ملايا جيڏو سماترا نالي ٻيٽ آهي. سماترا ۽ ان جهڙا ٻيا ٻيٽ جاوا (جتي اسانجا سنڌي واپاري ويا پئي ۽ جن جو ذڪر شاهه لطيف به ڪيو آهي ته جيڪي ويا جاوا سي ٿي ويا سدائين ساوا)، بالي (جيڪو انڊيا بعد ٻيو ملڪ آهي جتي جو سرڪاري ڌرم هندو ڌرم آهي) ۽ ٻيا ٻيٽ ملوڪ وغيره انڊونيشيا جا آهن.

ملاڪا آبنائي جو نالو ملاڪا شهر تان پيو جنهن شهر جي مئرين اڪيڊميءَ ۾ مون ڏهاڪو کن سال پڙهايو. هيءَ آبناءِ/ڳچي سمنڊ (Malacca Strait)، سنڌو نديءَ جي پيٽ کان به سوڙهي آهي. ايتري قدر جو ملاڪا ۾ هن ڳچي سمنڊ جي ڪناري تي ٺهيل اسان جي مئرين اڪيڊميءَ مان صاف موسم ۾ سماترا ٻيٽ جا جبل نظر اچن ٿا. پورچوگالين جي ملاڪا شهر تي قبضي ٿيڻ بعد سڄي آبناءِ وارو لنگهه هنن جي ڪنٽرول ۾ اچي ويو جو چين ۽ جپان ڏي ويندڙ جهاز توڙي بئي پاسي انڊيا، آفريڪا ۽ عرب ملڪن ڏي ويندڙ جهاز هتان ئي لنگهيا پئي. ها البت پورچوگالين کي سماترا ٻيٽ ۽ ان جي اردگرد ٻيٽن جي مسلمان ملئي حاڪمن جي ننڍين ننڍين حڪومتن کان رنڊڪون ۽ پريشانيون رهيون ٿي. خاص ڪري آچيح وارن کان. ساڳي وقت پورچوگالي به آچيح وارن کي پنهنجن ان وقت جي ماڊرن جهازن سان ڊيڄاريندا ٿي رهيا، جن تي بندوقون ۽ بارود لڳل ٿي رهيا.

آبنائي جهڙا به ڪيترائي شهر نظر اچن ٿا، پر اهي سڀ به اڳائي صديون اڳ وجود ۾ آيا. نه ته ماضيءَ ۾ ملايا جي سرزمين تي ملاڪا شهر ۽ بندرگاهه تجارتي ۽ وڏو شهر هو ۽ ٻئي پاسي سماترا ٻيٽ تي اچيح بندرگاهه..... نڪوباز ۽ انڊامان ٻيٽن وٽان لنگهڻ بعد جيئن ئي آبنائي ملاڪا جي منهن وٽ ٿو پهچجي، ته ساڄي پاسي سماترا ٻيٽ جي شروعات وٽ اچيح آهي. انڊونيشيا جي ٻيٽن تي اسلام اچڻ کان اڳ پهرين آچيح جا ماڻهو مسلمان ٿيا ان ڪري آچيح اڄ به ”آچيح دارالاسلام“ سڏيو وڃي ٿو.

پورچوگالين جي دخل اندازين ڪري آچيح صوبي جي حاڪم سلطان علاؤالدين ڪنهن ٻي طاقت کان مدد حاصل ڪرڻ جو سوچيو. 1565ع ۾ هن سلطنت عثمانيا سان ڳانڍاپو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ ان وقت جي عثمانيا سلطان سليمان کان پورچوگالين جي زوراوريءَ خلاف مدد گهري. سليمان جي ٻي سال 1566ع ۾ وفات ٿيڻ ڪري، هن جي پٽ ”سلطان سليم ٻئي“ پنهنجو بهترين ائڊمرل حظر رئيس (جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي)، آچيح موڪليو. ائڊمرل حظر (Kurtoglu Hizir) 22 جنگي جهازن سان عدن، جبوتي، مسقط، هورمز، ديبل، سورت (انهن ڏينهن ۾ ڪراچي ۽ بمبئي بندر گاهن جو وجود ئي نه هو)، جانجيرا (راڄ جي ممبئي بندرگاهه کان ٿورو هيٺ، مهارا شٽرا جي رتنا گري ضلعي ۾ هي بندرگاهه هو) ۽ لنڪا (راڄ وارو سري لنڪا) مان ٿيندو، آچيح پهتو. هن ٻيڙي جي جاسوسن جڏهن ملاڪا ۾ موجود پنٽوءَ کي خبر پهچائي ته هو پنهنجي حڪومت جا جنگي جهاز تيار ڪري آچيح تي حملي ڪرڻ جو سوچڻ لڳو. جيئن ان کان اڳ هو سلطنت عثمانيا جي جهازن تي ديبل ۾ ڪري چڪو هو. پر ترڪ ائڊمرل کي به پورچوگالين جي ان پروگرام جي خبر پئجي وئي. هن پنهنجي ترڪ سلطان کي اطلاع ڪيو. جنهن پورچوگال جي بادشاهه کي چتاءُ موڪليو ته آچيح ترڪ سلطنت عثمانيا جي سرحدن جو حصو بڻجي چڪو آهي، ان ڪري مٿس ڪنهن به قسم جو حملو سلطنت عثمانيا تي حملي برابر سمجهيو ويندو. اهو ٻڌي ملاڪا ۾ رهندڙ پورچوگالي جهازرانن آچيح تي حملو ڪرڻ جهڙو جوکم کڻڻ بدران، ڇپڙي ڪري پنهنجن جهازن کي ڪِلن سان ٻڌي ڇڏيو.

آچيح ان وقت کان 1904ع تائين سلطنت عثمانيا جي آشيرواد هيٺ رهيو پر آهستي آهستي ڊچ انڊونيشيا تي حاوي ٿيندا ويا ۽ سلطنت عثمانيا جو آخري ڏينهن ۾ زوال وارو حال اهڙو ئي رهيو جهڙو مغل سلطنت جو يا اسپين جي مسلمان حاڪمن جو. ڊچ سڄي انڊونيشيا (آچيح سميت) جا حاڪم ٿي ويا. اڄ آچيح ۾ ڊچن جي گرجا گهرن (Churches) ۾ لڳل گهنڊن تي سلطنت عثمانيا جون مهرون ڏسي، اهي ڏينهن ٿا ياد اچن، جڏهن آچيح بندرگاهه جي بچاءَ لاءِ سلطنت عثمانيا طرفان توبون (Canons) لڳل هيون. پر پوءِ جيئن ئي آچيح ڊچن جي قبضي

۾ آيو تہ هنن انهن توپن جو ڏاتو ڳاري پنهنجي پڪيڙيل عيسائي مذهب جي گرجا گهرن لاءِ گھنڊ ٺاهي چڙهيا، جن جي ديدار لاءِ اڄ بہ ٽوئرسٽ اچن ٿا.

يورپ جي قومن، خاص ڪري پورچوگالين ۽ ان بعد ڊچن، انگريزن ۽ فرينچن، آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن جو رخ ڪيو. هنن جو اهم مقصد انهن ملڪن مان مصالحي، عاج، ٽامي، پٽل ۽ ٻين قيمتي شين (جن جي سندن ملڪن (يورپ) ۾ سخت ڊمانڊ هئي). سان جهاز ڀري، يورپ موڪلڻ هو. ٻيو مقصد انهن ملڪن تي قبضو ڪري انهن کي پنهنجي ڪالوني ٺاهڻ هو. جنهن لاءِ ڪين مڪاني ماڻهن کي ماري ڪٽي يا انهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڪمزور ڪرڻو هو. جيئن هو هنن ڌارين يورپين کي پڇائي نہ ڪين. اچيح تي حملو ڪئنسل ٿيڻ تي پنٽوءَ کي ٽريڊنگ جهاز ڪاهي، پٽاني وڃڻ جو حڪم ٿيو. انهن ڏينهن ۾ پٽاني اتر ملائيشيا جي هڪ رياست هئي، پر بعد ۾ اڄ ڏينهن تائين پٽاني، حاديا، سونگلڪلا وغيره ٿائلنڊ ۾ آهن. جيتوڻيڪ انهن علائقن ۾ ٿائيءَ سان گڏ اڄ بہ ملئي ڳالهائي وڃي ٿي ۽ مسلمانن جي گهڻائي آهي. توهان کي ڪراچيءَ جي مدرسن ۾ جيڪي ٿائلنڊ جا شاگرد ملن ٿا، انهن مان گهڻا انهن مٿين ٽن ٿائي شهرن جا آهن. پٽانيءَ مان سامان سان جهاز ڀرائي، پنٽو ملاڪا پئي موٽيو تہ سندس بدبختي آئي ۽ رستي تي قذاق ڦري آيس، سڀ سامان ڪسي ڪيس ويجهي ڪناري تي ڦٽو ڪري ويا. حيرت جي ڳالهہ اها آهي جو اڄ آٽوميٽڪ هٿيارن ۽ تيز رفتار نيويءَ جي جهازن جي باوجود انهن علائقن ۾ اڄ بہ قذاقي (Piracy) جام هلي ٿي.

هن واردات بعد پنٽو پٽانيءَ ڏي رخ ڪرڻ بدران 'ڏکڻ چيني سمنڊ' جي بندرگاهن ۾ ٽريڊنگ ڪندو رهيو.

پنٽو پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو تہ هن هڪ دفعي 'هئانگ هائي' سمنڊ ذريعي چين ۾ داخل ٿي، جهاز تي موجود سپاهين سان گڏ، چين جي شهنشاهہ جي مقبري تي حملو ڪيو. "هئانگ هائي" سمنڊ کي مغرب ۾ "Yellow Sea" سڏيو وڃي ٿو ۽ اسان وٽ سندس فارسي نالو "دريائي زرد" ۽ عربي نالو "بحيره اصغر" مشهور آهي - ٻنهي جي ساڳي معنيٰ "پيلو سمنڊ" آهي. دراصل چين جي گوبي رڻ پٽ تان جيڪي ريتيءَ جا طوفان اچن ٿا، ان جا پيلا ذرڙا، سمنڊ مٿان پکڙجڻ ڪري سمنڊ جو رنگ هڏبو نظر اچي ٿو.

پنٽو چين ۾ مٿين دادگيري ڪرڻ بعد موٽيو پئي تہ ساموندي طوفان ۾ سندس جهاز سمنڊ هيٺ موجود ٽڪرين سان ٽڪرائجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. سندس جان تہ بچي وئي، پر چينين کيس گرفتار ڪري ورتو ۽ کيس چين جي وڏي پٽ تي هڪ سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ڏني وئي. پنٽوءَ اڃان اها سزا پوري ئي نہ ڪئي هئي، جو ان دوران تاتارين چين جي ان حصي تي حملو ڪيو ۽ ٻين سان گڏ هو پنٽوءَ کي بہ ڪنيي ڪٽي ويا. هو هن کي پنهنجن ٻيڙن ۾ ڏکڻ طرف (جتي اڄ ڪلهہ ڪمبوڊيا ۽ ويتنام آهي) ڪٽي پئي ويا تہ پنٽوءَ هڪ رات پري کان ڪو جهاز ايندو ڏسي، ٻن ساٿين سان گڏ سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو. ايندڙ جهاز هنن کي ٻڏڻ کان ضرور بچائي ورتو پر خبر پيئي تہ اهو قذاقن جو جهاز هو جيڪي سمنڊ تي ڦرون ڪري رهيا هئا. سمنڊ سخت خراب هو طوفاني هوائون لڳي رهيون هيون. قذاقن هنن ٽنهي کي پنهنجي جهاز ۾ چاڙهي پورهئي ۾ لڳائي ڇڏيو تہ هو سندن ٻيڙيءَ ۾ داخل ٿي ويل پاڻيءَ کي باردين ذريعي ٻاهر ڪين. سخت طوفان جي ڪري هنن جي ٻيڙيءَ جا سڙهہ ۽ کوها بہ ٽٽي پيا هئا ۽ جهاز هوا جي رخ ۽ چولين جي رحم ڪرم تي ٿوائي حالت ۾ اتر طرف رڙهبو ويو ۽ جپان جي هڪ ٻيٽ ٽانيگا شيما تي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. هي ٻيٽ جپان جي چئن وڏن ٻيٽن مان ڏکڻ واري ٻيٽ ڪيوشو جي ويجهو آهي. پنٽو پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ جپان جي ڌرتيءَ تي هُو پهريون يورپي باشندو هو. اهو ان ڪري جو ان وقت تائين، بلڪ پوءِ بہ، وڏي عرصي تائين، جپانين پنهنجي ڌرتيءَ تي ڌارين کي گهڙڻ کان روڪي رکيو هو.

جپان ۾ رهڻ دوران هن جپان ۽ پنهنجي ملڪ پورچوگال جي وچ ۾ تجارت قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن جپانين کي هڪ يورپي قسم جي بندوق "Arquebus" جنهن کي ايراني "تفنگ شمخال" سڏين ٿا، سان متعارف ڪرايو. هن قسم جي بندوق بعد ۾ جپانين ٺاهي، جنهن جو نالو ان ٻيٽ "ٽانيگاشيما" سان منسوب ڪيو ويو جتي پنٽوءَ جو جهاز لڙهي آيو هو.

جپان بعد پنٽو موٽي ملاڪا آيو جتان هو ٻين مهمن ۾ به حصو وٺندو رهيو. ڪٿي ڪامياب ٿيو ٿي، ته ڪٿي سندس جهاز ٻڏي يا لڙهي به ويو ٿي. ٻين يورپين وانگر هن جي مهم جوئين جو مقصد به ڇَٽ سان يا لَٽ سان، مقامي ماڻهن ۽ انهن جي ڌرتيءَ تان ڦرلٽ ڪري مال پنهنجي ملڪ موڪلڻ هيو. هنن ماڻهن کي اسان پلي گاريون ڏيندا رهون، جو هنن ڌوراهن ملڪن کان اچي اسان جو سک چين چٽ ڪيو ۽ اسان جي ڌرتيءَ تي قبضو ڪيو پر هو نادر شاهه، هلاڪو خان يا سلطان محمود غزنويءَ وانگر پنهنجي ملڪ ۾ هيرو تصور ڪيا وڃن ٿا.

پورچوگال ملڪ جي گاديءَ وار شهر ۽ بندرگاهه لسبن ۾ اسانجو جهاز لنگر انداز ٿيڻ تي، اسان ۽ ٻين ملڪن کان آيل ٽوئرسٽ اڪثر المدا (Almada) شهر به هليا وڃون ٿا، جيڪو لسبن وٽان وهندڙ پورچوگال ۽ اسپين جي سپ کان وڏي ندي تاقوس (Tagus) جي ٻئي ڪناري تي آهي. اها ندي عربن جي حڪومت ۾ ’نهر تاجه‘ جي نالي سان مشهور هئي. لسبن شهر جو هي خوبصورت حصو المدا، جنهن جي رهاڪو ڳاٽي ”سارا تواريس“ دنيا ۾ مشهور آهي، ان شهر ۾ مٿئين پورچوگالي همراهه فرنائو پنٽوءَ جي ياد ۾ سندس نالي سان، هاءِ اسڪول آهي، جيڪو 1965ع ۾ ٺهيو هو. پنٽوءَ جي ياد ۾ 2011ع ۾ سندس 500 هين سالگرهه جي ياد ۾ به يورو سڪا جاري ڪيا ويا هئا. ان کان علاوه پنٽوءَ جي ياد قائم رکڻ لاءِ مريخ (Mercury) سياري جي هڪ گهپ (Crater) جو نالو 1978ع ۾، “Mendes Pinto” رکيو ويو.

پاڻ واپس دهليءَ جي ڪناٽ پليس جي ڳالهه ڪريون. جيڪو دهليءَ جو مرڪزي ۽ خوبصورت علائقو آهي. منهنجي سک ٽئڪسي ڊرائيور (جيڪو منهنجي لاءِ گائيڊ به هو)، مونکي ڪناٽ پليس جي چوڌاري، آخري گول چَليدار روڊ "ڪناٽ سرڪس" تان مختلف طرفن ڏي ٻاهر ڦٽندڙ رستن مان هڪ "جان پاٿ" روڊ تي آڻي، ونڊسر چوواٽي تي اچي ترسايو. جتان ڪاٻي پاسي فيروز شاهه روڊ پڻ نڪري ٿو ۽ جنهن روڊ جو نالو پڙهي تغلق سلطنت ۽ ٺٽي وغيره جون ڳالهيون ياد اچي ويون ۽ ڪجهه صفحا ڪارا ڪري ويٺو آهيان.

"سرڪار ڪيڏانهن هلون، پهرين چا گهمڻ چاهيندئو؟".

ٽئڪسي ڊرائيور پڇيو.

"اهو ئي سوچيان پيو.....". مون چيو.

"توهان تعليمي درسگاهن جي ڳالهه ڪئي، ان ڪري هن پاسي جو رخ ڪيم". ٽئڪسي ڊرائيور پنجابي اسٽائيل هنديءَ ۾ مون سان پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو ۽ گهمڻ جوڳيون جايون ٻڌايون.

"توهان شايد مولانا ابوڪلام آزاد ميڊيڪل ڪاليج يا ليڊي ارون ڪاليج ڏسڻ چاهيو. اهي ٻئي هتي ئي آهن. ٿورو هيٺ پرو امبيڊڪر يونيورسٽي آهي ۽ ان جي ئي ويجهو ليڊي هارڊنگ ميڊيڪل ڪاليج آهي.....".

سک ٽئڪسي ڊرائيور ٻين به ٻن ٽن تعليمي درسگاهن جا نالا ورتا ۽ آئون اهو ئي سوچيندو رهيس ته هتي دهليءَ ۾.... ۽ ويندي انڊيا جي ٻين شهرن ۾ ڪيترائي ته ناليرا ۽ آڳاٽا اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽين آهن ۽ انهن سان گڏ ممبئي، ڪلڪتي، پوني، بڙودا وانگر دهلي به ماڊرن ۽ اعليٰ اسپتالن سان ڀريو پيو آهي. جن ۾ سرڪاري به آهن ته خانگي به..... ۽ ويندي خيراتي به. ڪي انهن امير انڊينس ٺهرائيون آهن، جيڪي ولايت ۾ رهن ٿا ۽ اتي ڪاروبار اٿن. ته ڪي انهن مخير (Philanthropists) پارسي، گجراتي، سنڌي هندن ۽ عيسائين ٺهرايون آهن. جيڪي هتي انڊيا ۾ رهن ٿا. اسان وٽ سنڌ ۾ انگريزن جو راڄ 1843ع ۾ ٿيو. ان کان پوءِ هنن ڪجهه "ڪانوينٽ" اسڪول ۽ "ڊو" جهڙا ميڊيڪل ڪاليج ٺهرايا ۽ هونءَ به هو ان وقت دهلي، بمبئي، ڪلڪتي پاسي چڱي طرح Settle هئا. هنن جي سنڌ جهڙي هڪ ڏورانهين/ڪنڊائتي علائقي سان اهڙي دلچسپي نه هئي. ڪلڪتي، دهليءَ ۽ بمبئيءَ پاسي ته هو وڏي عرصي کان رهيا پيا هئا. سو ظاهر آهي ته هنن اتي ئي گهڻا تعليمي ادارا ٺهرايا.

منهنجي خيال ۾ ان ۾ رڳو برطانيا راڄ، يعني انگريزن جو هٿ نٿو چئي سگهجي پر ان جو ڪريڊٽ ادارن (تعليم، صحت، ريلوي، وغيره جي ڪاتن) کي به ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو. ڇو ته اسان وٽ جيڪي ٿورا گهڻا انگريزن ۽ بعد ۾ پارسين جا ٺهرايل اسڪول ڪاليج آهن..... ايچيسن کان ماما پارسي، ڪانوينٽ اسڪولن کان NED، انهن ۾ معيار ۽ ڊسپلين کي بهتر بنائڻ بدران خراب ڪيو ويو. ڪاپي ڪلچر ۽ بورڊ ۽ يونيورسٽين جي امتحانن ۾ رشوت ۽ جعلي ڊگرين جي وڪري جي ڪري اسان جي تعليم تباهه ٿي رهي آهي ۽ اهو ئي حال صحت جي ادارن جو به آهي. انڊيا جي اسپتالن ۾ ڪيترائي پاڪستاني مريض نظر اچن ٿا، جن جو چوڻ آهي ته سندن علاج پاڪستان ۾ ناممڪن هو يا تمام مهانگو آهي..... ۽ اهي اهڙيون ڳالهيون آهن، جن کي انڊيا اسان خلاف exploit ڪري ٿي.

نه رڳو انڊيا پر اسان جا پاڪستاني ڪارخانيدار ۽ بزنيس مين، جن جو يورپ، آمريڪا ۽ عرب ملڪن ۾ ڪاروبار آهي، اهي پنهنجين فئڪٽرين توڙي آفيسن ۾ اهو چئي انڊينس کي ترجيح ڏين ٿا ته اتي جا نوجوان نه فقط تعليم يافته آهن، پر پنهنجي فيلڊ جي بهتر ڄاڻ رکن ٿا ۽ انڊيا جو لئبر، هنر مند ۽ پنهنجي ڪم جو ماهر آهي ۽ بهتر Output ڏئي ٿو.

ڪجھ سال اڳ ممبئي يونيورسٽي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڏسي اهو سوچيو هيم تہ ممبئي اسان کي ڪوڪر اپار کان ويجھي آهي ۽ اِتي ترين ذريعي پهچڻ سستو آهي. ڇو نہ اسان جا شاگرد ۽ پروفيسر ننڍن ٽولن ۾ هر مهيني ممبئي يونيورسٽيءَ جي ڪنهن هاسٽل يا گيسٽ هائوس ۾ هفتو ڪن رهي ممبئي يونيورسٽيءَ جي نظام کي ڏسن تہ اتي جا شاگرد ۽ پروفيسر تعليم لاءِ ڪيئن پاڻ پتوڙين ٿا. مون سنڌ يونيورسٽيءَ جي ان وقت جي وائيس چانسلر سائين مظهر الحق صديقي صاحب کي بہ ڪافي حد تائين مطمئن ڪيو هو پر پوءِ ماڳهين هن صاحب جي ئي نوڪري ختم ڪئي وئي. اڄ ڪلھ سياسي طرح انڊيا سان سٺا تعلقات نہ آهن نہ تہ اسان جا شاگرد ۽ تعليمي ادارا بہ ڏسي سگھن ٿا. ائين تہ سگھڻ ۽ سمجھڻ خاطر، ملائيشياءِ سنگاپور بہ وڃي سگھن ٿا، پر اوڏانهن باءِ ايئر وڃڻ جي ڪري ڀاڙو گھڻو ٿو ٿئي ۽ هوٽلن ۾ رهائش ۽ کاڌو پيتو بہ مهانگو آهي. ان خيال کان ايران بهتر آهي جو باءِ بس وڃي سگھجي ٿو ۽ اتي ٻين ملڪن، ويندي پاڪستان جي مقابلي ۾ بہ کاڌو پيتو سستو ۽ صحتمند آهي. آخر ڪو زمانو هو جو ايران، عرب ملڪن، ملائيشيا ۽ سري لنڪا جهڙن ملڪن جا شاگرد اسان وٽ آيا ٿي، جو اسان وٽ بهتر نظام هو ۽ هاڻ اسان هنن کان سکي پاڻ سڌاري سگھون ٿا/پنهنجي تعليمي نظام کي بهتر بنائي سگھون ٿا. سچ تہ انڊيا، ملائيشيا، سنگاپور توڙي آفريڪا جي ڪنهن ملڪ (ممباسا، نئروبي جهڙن شهرن) ۾ اتي جي ڪنهن تعليمي اداري ۾ ليڪچر ڏيڻ لاءِ ويندو آهيان تہ پاڻ کي ڏاڍو بي چين محسوس ڪندو آهيان تہ هُتڙا ملڪ جيڪي اسان جي ملڪ کان گھٽو گھٽو پٺتي هئا، اڄ تعليم، صحت، قاعدي قانون ۽ ٻين ڳالهين ۾ اسان کان ڪيڏو اڳيان نڪري ويا آهن..... يا ڪٿي چئجي تہ اسان ڪيترو پٺتي رهجي ويا آهيون! خبر ناهي ڇا ٿيو اسان کان ڪهڙيون ڪوتا هيون ٿيون.....!

”سر! مولانا آزاد ميڊيڪل ڪاليج سامهون آهي. ڇئو تہ اندر هلون.....؟“. منهنجي سک ٽئڪسي ڊرائيور مونکي خاموش ڏسي مونکان هڪ دفعو وري پڇيو. ”نہ..... اتفاق سان آئون ٽيون ڏينهن ان جي ڊين سان ملڻ ويو هوس ۽ ڪاليج جو بہ سير ڪري آيس“.

دراصل ملائيشيا جي، منهنجي هڪ ملئي دوست جي، ڊاڪٽر پٽ کي، جڏهن خبر پئي، تہ آئون دهليءَ وڃي رهيو آهيان، تہ هن مونکي سندس پروفيشن سان واسطو رکندڙ هڪ ڪتاب "Principle of Pediatrics & Neonatal Emergencies" دهليءَ مان آڻڻ لاءِ چيو هو.

”اهو ڪتاب انڊيا ۾ ضرور ملي ويندو جو ان جو آٿر ڊاڪٽر سڌارٿا رامجي نالي انڊين آهي“. منهنجي ملئي دوست جي پٽ چيو. ”جي دڪان ۾ نہ ملي تہ ڪنهن پراڻن ڪتابن جي مارڪيٽ مان ڪٿي ڳولجو“.

”توهان فڪر ئي نہ ڪيو. ٻئي ڪنهن هنڌ وڃان يا نہ وڃان پر هر شهر ۾ پراڻن ڪتابن جي مارڪيٽ ۾ ضرور ويندو آهيان“. مون هن کي دلداري ڏني.

سچ تہ اهو آهي تہ دهليءَ جي وڏي پراڻن ڪتابن جي ”سنڊي مارڪيٽ“ جيڪا لال قلعي جي ويجهو آصف علي روڊ تي، دريا گنج واري علائقي ۾ لڳي ٿي، ان جي مقابلي جي مارڪيٽ مونکي دنيا جي ڪنهن ملڪ ۾ نظر نہ آئي! هيءَ مارڪيٽ جڏهن آچر ڏينهن دڪان بند ٿيڻ ٿا، تہ ڪراچيءَ ۾ آچر ڏينهن لڳندڙ ڪتابن جي مارڪيٽ وانگر، فوٽ پاٿ تي لڳي ٿي. هيءَ آصف علي روڊ کان شروع ٿئي ٿي تہ نيتا جي سڀاش مارگ (شاهراهہ) تائين هلي وڃي ٿي، جيڪا گھٽ ۾ گھٽ سوا ڪلو ميٽر ڪن ٿيندي. يارو! ڇا تہ ڪتابن جي ورائٽي ۽ تعداد آهي..... شعرو شاعريءَ جي ڪتابن کان وٺي ناول، افسانن ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب، ڪارٽونن ۽ ترجمن جا ڪتاب، ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ جا ڪتاب..... ميل ڪن فٽ پاٿ ڪتابن سان پيريل رهي ٿو. اسانجا اهي اديب جيڪي ادبي دعوتن ۾ يا گھمڻ خاطر دهليءَ وڃن ٿا ۽ هنن کي ڪتابن جي چاهت آهي، هو آچر ڏينهن دهليءَ جي هن علائقي دريا گنج ۾ ضرور وڃن. هو معمولي اگھہ تي، پنهنجا دلپسند ۽ قيمتي ڪتاب، جيڪي اميزان وارن وٽ بہ موجود نہ هجن ۽ نہ ڪنهن لئبرريءَ ۾..... اهي هتان حاصل ڪري سگھن ٿا. هاڻ تہ دهلي شهر ۾ ميٽرو ريل گاڏي هلي ٿي. ان ڪري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ، ويندي لي مارڪيٽ، چاڪيواڙي، بغدادي جهڙن دهليءَ جي گِتيل ۽ رش وارن علائقن ۾ بہ آسانيءَ

سان گهٽ پاڙي ۾ پهچي سگهجي ٿو. دهليءَ ۾ توهان جي رهائش ڪٿي ڪٿي به هجي، توهان پنهنجي ويجهو ميٽرو اسٽيشن تان گاڏيءَ ۾ چڙهي چانڊني چوڪ يا چوري بازار اسٽيشن تي لهي پوءِ اتان رڪشا (جيڪا ماڻهو ڇڪي ٿو) يا آٽو (پاڻ واري موٽر سائيڪل واري رڪشا) ذريعي هن مارڪيٽ ۾ پهچي سگهو ٿا.

ڪتابن جون هيڙيون فوٽ پاٿ واريون مارڪيٽون دهليءَ ۾ ٻيون به آهن. خاص ڪري پٽلي گلي مارڪيٽ، جيڪا جامع مسجد جي پرسان واري ”نئي سڙڪ“ روڊ جي فوٽ پاٿ تي آهي، جنهن جي پرسان ڪاٺو شيام مندر ۽ سکن جو سين گنج صاحب ٽڪاڻو به آهي. دهليءَ جي هيءَ نئي سڙڪ هڪ ويڪرو روڊ آهي، جيڪو انگريزن جي ڏينهن جو نهيل آهي، جيئن ڪراچيءَ جي موتن داس ۽ بولٽن مارڪيٽ اڳيان وهندڙ بندر روڊ (ايم اي جناح روڊ) ۽ ان ٽي وانگر ٻماڙ عمارتون آهن، جن جي گرائونڊ فلور تي ڪتابن جا دڪان آهن.

ائين ممبئي وڃڻ وارا ڪتابن جا شوقين اتي جي آچر بازار مان ڪتاب خريد ڪري سگهن ٿا، جيڪا فورٽ واري علائقي ۾ لڳي ٿي. توهان چرچ گيٽ يا CST اسٽيشن تي لهي، پنڌ، رڪشا يا بس ۾ فورٽ ايريا ۾ لهي، هن مارڪيٽ ۾ پهچي سگهو ٿا. جيڪا فلورا فائونٽين (ڦوهاري واري چوڪ) سان بلڪل لڳو لڳ آهي.

مونکي ملئي دوست جي ڊاڪٽر پٽ لاءِ گهربل ڪتابن "Principle of Paediatric & Neonatal Emergencies" ته هڪ عام ميڊيڪل بڪ شاپ تان ملي سگهيو ٿي، پر پوءِ آچر بازار مان 300 روپين ۾ ملي ويو. مونکي حيرت ٿي ٿئي ته انڊيا ۾ ڪتابن جو اگهه شروع کان ڪيڏو گهٽ رهيو آهي ۽ ان سان شاگردن کي وڏو فائدو ٿئي. اڄ ڪلهه جي مونکي خبر ناهي پر اسان جي ڏينهن ۾ B.E (انجنيئرنگ) جا ڪيترا ڪتاب انڊين ليکڪن جا انڊيا جا ڇپيل هوندا هئا جيڪي پوءِ اسان جي پبلشرن ڪاپي رائيٽ جو خيال نه ڪندي، اسان جي ملڪ ۾ ڇپيا - جيڪي سٺي پرنٽ ۽ سٺي پني جي نه هجڻ جي باوجود، انڊين ايڊيشنن کان مهانگا مليا ٿي. اهڙيءَ طرح ملائيشيا ۽ سنگاپور جا شاگرد به ڪيترا ئي ميڊيڪل، انجنيئرنگ ۽ ٻين ٽيڪنيڪل سبجيڪٽن جا ڪتاب انڊين ليکڪن جا، انڊيا ۾ ڇپيل گهرائين ٿا. مٿيون ڪتاب 817 صفحن جو آهي. نئين جي قيمت گهٽي آهي پر تڏهن به هيڙي پروفيشنل ڪتاب جي 1200 روپيا قيمت ڪا گهٽي ناهي. هيڙيون فوٽ پاٿ واريون ڪتابن جون سستيون مارڪيٽون، جتي 1200 روپين وارو ڪتاب 300 ۾ ملي وڃي، انڊيا جي شاگردن لاءِ وڏو سک ٻٽيل آهن.

مٿيون ڳالهيون وچ ۾ ان ڪري شروع ڪيم جو نوان ڪتاب وڪڻن واري دڪاندار جنهن 1200 ۾ نئون ڪتاب ٿي وڪيو تنهن ٻڌايو ته هن ڪتاب جو ليکڪ سڌارٿ رامجي سامهون واري ميڊيڪل ڪاليج (هن مولانا آزاد ميڊيڪل ڪاليج MAMC ڏي اشارو ڪري چيو) ۾ پروفيسر ۽ ڊين آهي. هونءَ به آئون مولانا آزاد جي نالي ڪاليج هجڻ ڪري، هن ڪاليج کي ڏسڻ جو خواهشمند هوس. مولانا آزاد جي نالي مون رڳو ٻڌو هو ته ڪلڪتي ۾ يونيورسٽي آهي، جنهن جو پهريون نالو ”ويسٽ بينگال يونيورسٽي آف ٽيڪنالاجي“ هو پر هاڻ دهليءَ جو هي ”مولانا ابوالڪلام آزاد ميڊيڪل ڪاليج“ گهمڻ تي معلوم ٿيو ته مولانا صاحب جي انڊيا وارن چڱي عزت افزائي ڪئي آهي. جنهن جو هو لائق به آهي. ائين ته اسان وٽ مولانا دين محمد وفائي به وڏو قابل ماڻهو ٿي گذريو آهي، جنهن انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي، پر هن جي نالي اسان وٽ نه ڪا اسپتال آهي ۽ نه يونيورسٽي. بس آرٽس ڪائونسل جي مين گيٽ وارو روڊ هن نالي آهي جنهن جي ڊيگهه هڪ ميل به مس ٿيندي.

MAMC يعني مولانا آزاد ميڊيڪل ڪاليج (هيءَ ائين آهي جيئن ڄامشورو واري لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل سائنس، يونيورسٽي ٿيڻ کان اڳ سالها سال LMC يعني لياقت ميڊيڪل ڪاليج سڏبي هئي) گهمڻ بعد خبر پئي ته مولانا ابوالڪلام آزاد نالي انڊيا ۾ روڊ، پارڪ ۽ پليون وغيره ته آهن پر ڪيترائي اهم تعليمي ادارا پڻ آهن. جيئن ڀوپال شهر ۾ ”مولانا آزاد نئشنل انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي“، حيدرآباد دکن ۾ ”مولانا آزاد نئشنل اڙدو يونيورسٽي“ ۽ ساڳئي نالي واري يونيورسٽي نئي ممبئي جي علائقي واشيءَ (Vashi) ۾ پڻ آهي.

دهليءَ جي MAMC ۾ منهنجي هڪ ٻن پروفيسرن ۽ ڪجهه شاگردن سان ڪئنٽين ۾ ملاقات ٿي. ڪيترائي ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن جا شاگرد به هئا. مون چونڊي چونڊي ملئي شاگردن سان به ڳالهايو جن ۾ هڪ نزينگانو

جي هڪ چوڪري بہ هئي. ڪو زمانو هو جڏهن اسان بہ شاگرد هئاسين. ويندي منهنجي ملائيشيا ۾ نوڪريءَ دوران، لڳ ڀڳ 1990ع تائين، ملائيشيا ۾ تعليمي ادارن جي کوٽ هجڻ ڪري، ملائيشيا جا شاگرد ميڊيڪل، انجنيئرنگ، نيوي، مرچنٽ نيوي ۽ ٻين سبجيڪٽن لاءِ سنگاپور ۽ اسان ڏي، انڊيا ۽ پاڪستان آيا ٿي. پر گذريل ٽيهارو سالن ۾ ملائيشيا تعليمي معيار ۾ اڳيان اڳيان ٿي ويو ۽ دنيا جون مشهور يونيورسٽيون ۽ پروفيشنل ڪاليج (جن ۾ ڪجهہ ٽڳ قسم جا، رڳو فيون حاصل ڪرڻ وارا ادارا پڻ آهن) هتي قائم ٿيا. مون ملائشيا جي شاگردن کان سندن انڊيا ۾ اچي تعليم حاصل ڪرڻ جو پڇيو ۽ پنهنجي حيرت جو اظهار ڪيو. هنن اهو ئي سبب ٻڌايو تہ انڊيا ۾ تعليم جو معيار ملائيشيا کان بہ بهتر آهي، پر اڻا تعليمي ادارا آهن، جن ۾ قابل پروفيسر پڙهائين ٿا، جن جا لکيل ڪتاب اسان وٽ بہ (يعني ملائيشيا ۾ بہ) قدر جي نگاهہ سان ڏٺا وڃن ٿا، داخلا ۽ ٽيوشن فيون گهٽ آهن، هاسٽلن ۾ رهائش ۽ کاڌي پيتي تي خرچ گهٽ آهي..... وغيره. هڪ افغاني چوڪريءَ کان جڏهن پڇيم تہ تون تہ هيڏو پري اچڻ بدران پشاور يا لاهور جي ڪنهن ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا وٺين ها تہ هن وراڻيو تہ هتي (يعني دهليءَ ۾) امن امان جي حالت تمام بهتر آهي ۽ عورتون آزاديءَ سان گهمي ڦري سگهن ٿيون.

هونءَ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انڊيا جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سٺي پڙهائيءَ سان گڏ شاگرد/شاگرديائڻين جي رهائش لاءِ هاسٽلون ۽ کاڌي پيتي لاءِ سٺيون ميسون آهن. ايتريقدر جو امير انڊين بزنيس مين ۽ سفارتڪار جيڪي يورپ ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ رهن ٿا، اهي بہ پنهنجا ٻار تعليم لاءِ انڊيا موڪلين ٿا، جتي هو هاسٽلن ۾ رهن ٿا. مون پوني، بنارس ۽ ممبئيءَ جي اعليٰ تعليمي درسگاهن ۾ ان قسم جا ڪيترائي اسٽوڊنٽس ڏٺا. جن بابت احوال پنهنجن سفرنامن ”هلي ڏسجي هندوستان“ ۽ ”بمبئي منهنجي ياڪر ۾“ ۾ لکي چڪو آهيان.

هڪ ٽيچر جي حيثيت ۾، جيڪو مختلف ملڪن جي تعليمي معيارن کان واقف هجي، مون کي هر وقت اهو خيال ايندو آهي تہ ڪاش انڊيا ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڦڏا نہ هجن ها، تہ اسان جي شاگردن لاءِ (جيڪي ملائيشيا ۽ چين جهڙن ڏورانهن ملڪن ۾ تعليم لاءِ وڃن ٿا) انڊيا بهتر رهي ها - جيڪو هڪ پاڙيسري ملڪ آهي، جتي ڳري هوائي خرچ بدران بسن يا ٽرين رستي بہ پهچي سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح ٻيو پاڙيسري ملڪ ايران آهي، جتي تعليمي معيار بلند آهي ۽ کاڌي پيتي ۽ رهائش جي سستائيءَ سان گڏ، اُتي انڊيا کان بہ بهتر امن امان جي صورتحال آهي، پر اتي انگريزيءَ بدران فقط فارسي ٻولي هلي ٿي.

دهليءَ ۾ هجڻ ڪري ۽ مولانا آزاد جي نالي جي ڪري بہ، هتان لنگهندي وقت، هن ڪاليج ڏسڻ جي خواهش ٿي. هتي جي پروفيسرن شاگردن کان خبر پئي تہ 122 ايڪڙن تي پکڙيل هي ڪاليج، تعليمي معيار ۾ ملڪ جون ٽيون نمبر ڪاليج آهي. ساڻس چار اسپتالون ڳنڍيل آهن.

لوڪ نايڪ اسپتال، جي بي پئنٽ انسٽيٽيوٽ آف پوسٽ گرئجوئيٽ ميڊيڪل ايڊيوڪيشن ائنڊ ريسرچ، مولانا آزاد انسٽيٽيوٽ آف ڊينٽل سائنسز ۽ گرو نانڪ آءِ سينٽر.

MAMC نہ فقط اعليٰ تعليم جي ڪري هاڪارو آهي، پر ان ۾ مريضن لاءِ 2800 بسترا آهي، 47 آپريشن ٿيٽر آهن، جن ۾ روز آپريشنون ٿين ٿيون ۽ روزانو ايندڙ آئوٽ ڊور پئشنٽس جو تعدادست کان اٺ هزارن تائين پهچي وڃي ٿو.

ڪاليج ۾ هر سال 300 کن شاگرد MBBS لاءِ داخلا وٺن ٿا ۽ 245 پوسٽ گرئجوئيٽ ۽ پوسٽ ڊاڪٽوريٽ ڪن ٿا. 426 فئڪلٽي ميمبر آهن ۽ 810 ريزيڊنٽ ڊاڪٽر آهن. ان مان اسانجو ميڊيڪل سان تعلق رکندڙ شاگرد ۽ ڊاڪٽر اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ MAMC ڪيتري پئماني جي ڪاليج آهي.

هن ميڊيڪل ڪاليج جو يقينن سنڌ صوبي جي ڊو ميڊيڪل ڪاليج، (جيڪو هاڻ DUHS جي نالي سان ”ڊو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز“ آهي)، مقابلو ڪري سگهي ٿي. ڊو ڪاليج (يا يونيورسٽي) پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهہ سال اڳ شروع ٿي، جنهن جو بنياد 1945ع ۾ ان وقت جي سنڌ جي گورنر سر هگ ڊو (Sir Hugh Dow) رکيو. لڳي ٿو هي انگريز سنڌ جي ڪمشنر (1859ع – 1851ع) سر هينري بارٽل فريئر وانگر سنو ماڻهو هو - يعني

هن ٻين جي پيٽ ۾ سنڌ ڌرتي ۽ اتي جي ماڻهن لاءِ سنا ڪم ڪيا. تڏهن ته هن جو فريئر وانگر نالو قائم رکيو ويو آهي. نه ته ميڪلوڊ روڊ ۽ ايلفنسٽن اسٽريٽ وانگر آءِ آءِ چندريگر روڊ ۽ زيب النساءِ اسٽريٽ ٿي ويجي ها.

سر هگ ڊو (ڄم 1886ع. وفات 1978ع) ڪاموري (سول سرونٽ) جي حيثيت ۾ انگريز راڄ ۾ انگلئنڊ کان برٽش انڊيا آيو. هو 1941ع کان 1946ع تائين سنڌ جو ٻيو گورنر ٿي رهيو. ان بعد هو انڊيا جي صوبي بهار جو گورنر ٿيو. اتي سال کن رهڻ بعد انڊيا کي آزادي ملي. انگريز حاڪم پنهنجي وطن انگلئنڊ هليا ويا. هن کي انگلئنڊ طرفان اسرائيل جو قونصل جنرل ڪري يروشلم (دنيا جي پراڻي شهر بيت المقدس) ۾ رکيو ويو.

مٿئين گورنر 'ڊو' کان اڳ سنڌ جو پهريون گورنر سر لانسلاٽ گرهام (Sir Lancelot Graham) 1936ع کان 1941ع تائين رهيو پر منهنجي خيال ۾ ڪراچيءَ ۾ يا سنڌ جي ڪنهن ٻئي شهر ۾ هن گورنر جي نالي ڪو روڊ، پارڪ، پاڙو، هال، اسڪول نظر نٿو اچي. جيئن برگيڊيئر جنرل جان جئڪب جي نالي "جيڪب آباد" ٿيو ته اڄ تائين اهو شهر جيڪب آباد ئي سڏيو وڃي ٿو. جان جئڪب 1812ع ۾ انگلئنڊ ۾ ڄائو ۽ 46 ورهن جي ڄمار ۾، 1858ع ۾ جيڪب آباد ۾ گذاري ويو. اتي ئي سندس قبر آهي. جان جيڪب ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ فوجي آفيسر ۽ عمارت سازيءَ جو انجنيئر هو. هن جي 1847ع ۾ جڏهن سنڌ جي بارڊر تي پوسٽنگ ٿي ته هن جيڪب آباد ۾ (جيڪو ان وقت خانڳڙهه نالي هڪ ويران ڳوٺ هو. جتي ڌاڙيلن ۽ ڌوهارين جو راڄ هو. چوڌاري رهندڙ غريب ماڻهن لاءِ نه امن امان هو نه روزگار. پيئڻ لاءِ پاڻي به نه هو) هن هيڊ ڪوارٽر ناهيو. سخت قاعدي قانون ۽ انصاف ذريعي هن ڌوهن جي دنيا ختم ڪري ڇڏي. ماڻهو سک جو ساهه کڻڻ لڳا. پڙهيل ڳڙهيل توڙي هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، هندو توڙي مسلمان، جيڪب جي عزت ڪرڻ لڳا. ڪيترن کي ته سندس صحيح نالو به اچارڻ نٿي آيو ۽ ڪيس "جيڪم صاحب" سڏيندا هئا ۽ اڄ به اسان جا ڳوٺاڻا جيڪب آباد کي "جيڪم باد" سڏين ٿا.

جان جيڪب انجنيئر ۽ عمارت سازيءَ جو ماهر ته هو هُن هِن ڳوٺ (خانڳڙهه) کي ناهڻ شروع ڪيو. ڳوٺ جي آسپاس پڪن رستن جو ڄار وڇائي ڇڏيائين...... يعني ان وقت جا پڪين سرن وارا رستا. ماڻهن کي پيئڻ لاءِ پاڻي پهچائڻ لاءِ هن هڪ وڏو تالاب کوٽرايو جنهن ۾ ڪئنال ذريعي سنڌو نديءَ مان پاڻي پهچرايو- جان جئڪب جو سڀ کان وڏو ڪم بگهاڙي ڪئنال کوٽرائڻ هو جيڪو گڊو بئراج کان شروع ٿئي ٿو ۽ سڄي ضلعي مان ڦري ٿو ۽ جنهن ذريعي هزارين ايڪڙ غير آباد زمينون آباد ٿيڻ لڳيون ۽ هزارين ماڻهو خوشحال ٿي ويا.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ٻين انگريزن وانگر جان جئڪب جون وفاداريون پنهنجي انگريز سرڪار سان هيون، پر هن جا جذباتي ڳانڍاپا مقامي ماڻهن سان هئا. هن هتي جي ماڻهن ۽ انهن جي ڌرتيءَ کي خوشحال ڏسڻ پئي چاهيو..... هيءَ هڪ اهڙي خاصيت آهي، جيڪا برٽش راڄ يا ان کان اڳ اسان جي ننڍي کنڊ جي مسلمان حاڪمن مان ڪنهن ۾ ورلي هئي. سچ ته اهو آهي ته اڄ جي جمهوريت جي دؤر ۾ پنهنجن هم وطني مسلمانن ۾ به ورلي آهي. جيتوڻيڪ هي اسانجا چونڊيل ميمبر جهانگير، اورنگزيب يا جان جئڪب وانگر بادشاهه يا حاڪم نه آهن، پر اسان جي خدمت ڪرڻ جا وعدا ڪري، اسان جي ووٽن تي اسان جا نمائندا ٿي آيا آهن.

بهرحال جان جئڪب جي سُٺن ڪمن جي ڪري هن جي نالي وارو شهر جئڪب آباد، اڄ به هن جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.... نه ته ڪيترائي مانٽگوميري ۽ لايل پور جهڙا شهر ساهيوال ۽ فيصل آباد ٿي ويا.

بهرحال سنڌ جي پهرين گورنر سر لانسلاٽ گرهام نالي مونکي ته سنڌ ۾ ڪو پارڪ يا روڊ رستو نٿو سجهي. ٿي سگهي ٿو هجي، جنهن جو نالو آزادي ملڻ بعد بدلايو ويو هجي. ٿي سگهي ٿو سر لانسلاٽ گورنر ڊو ۽ فريئر وانگر سنڌ ۾ چڱا ڪم نه ڪيا هجن. هونءَ ايترو پڙهيو اٿم ته هن سنڌ ۾ تعليم جي واڌاري جون وڏيون ڪوششون ڪيون. ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جو والد محترم سر شاهنواز ڀٽو هن جو خاص صلاحڪار (Principle Adviser) هو. سنڌ ۾ تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ هن نوشهري فيروز جي اهم شخصيت دين محمد قاضيءَ جي فرزند خان بهادر غلام نبي قاضي (ڄم 1884ع وفات 1955ع) کي مقرر ڪيو. پاڻ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي باني علامه آءِ آءِ (امداد علي امام علي) قاضيءَ جو ويجهو مائٽ هو.

خان بهادر غلام نبي قاضي صاحب جو اولاد. ٻه پٽ اي جي اين (آفتاب غلام نبي) قاضي ۽ جسٽس بشير غلام نبي قاضي ۽ ٻه ڌيئرون، خاڪي ۽ عائشه (ممتاز قاضي ۽ احمد حسين قاضيءَ جون زالون) ٻه اهم عهدن تي رهي چڪيون آهن. خان بهادر غلام نبي قاضيءَ جي ڏوهٽاڻ ۽ پوٽاڻ جون ڪجهه مشهور شخصيتون آهن: طارق قاضي، فاروق قاضي جوڻيجو رفيق قاضي، خالد قاضي، صفيه قاضي، نيلوفر قاضي قريشي، شهناز قاضي، نصير قاضي، صفدر قاضي، سلميٰ قاضي بوزدار، سهيل قاضي، منصور قاضي، اسميٰ قاضي، غلام نبي قاضي وغيره.

هونءَ ٻه سنڌو درياهه جي هيٺي پار ٻه پاٽ شهر جا قاضي، انصاري، جوڻيجا ۽ قريشي انگريزن جي ڏينهن کان گهڻو پڙهيل ڳڙهيل هئا. ائين ته هندو هر شهر جا پڙهيل هئا، پر مسلمانن ۾ مٿين ذاتين سميت شڪارپور جي سومرن ۽ شيخن ۾ انگريزي تعليم گهڻو اڳ کان عام ٿي وئي هئي.

1939ع ۾ خانبهادر غلام نبي قاضيءَ جي رٽائرمينٽ تي گورنر لانسلاٽ گرهام هن جي جاءِ تي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي صاحب کي مقرر ڪيو. مٿين گورنر جي اها ٻه ڳالهه لکندو هلان ته ڪراچيءَ جي سنڌ اسيمبلي بلڊنگ جو بنيادي پٿر هن سن 1940ع ۾ رکيو. ٽي سگهي ٿو اهو سنگ مر مر جو پٿر اڄ ان موجود هجي، جنهن تي هن جو نالو ضرور نظر ايندو. هن جو پٽ ڊيوڊ امورس گرهام BBC جي اڪسٽرنل سروس جو براڊڪاسٽر ٿيو جنهن پاڪستان ۽ هندوستان جي آزاديءَ وارن ڏينهن 14 آگسٽ ۽ 15 آگسٽ جو احوال ڪراچي ۽ دهليءَ مان اچي براڊڪاسٽ ڪيو. گورنر جو پوٽو ڪرسٽافر گرهام اڄ ڪلهه انگلينڊ جو انفارميشن ڪمشنر آهي.

ڳالهه مان ڳالهه نڪتي ته اسان اڄي سنڌ کان نڪتا آهيون. پاڻ دهليءَ جي ميڊيڪل ڪاليج MAMC جي ڳالهه ڪري رهيا هئاسين ته اها جڏهن 1958ع ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد نالي کولي وئي ته ان وقت هن سان فقط هڪ اسپتال ”ارون هاسپيٽل“ لاڳاپيل هئي، جيڪا هاڻ ”لوڪ نائڪ اسپتال“ سڏجي ٿي. يعني انڊيا ۾ ٻه جتي هنن کي ڳالهه نه وڻي آهي، اتي انگريزن ۽ مسلمان حاڪمن جي دؤر جا نالا مٽائي، اڄ جي سياستدانن، حاڪمن، شاعرن، اديبن کي خوش ڪرڻ يا خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ انهن جا نالا رکيا آهن. جيئن گنگا، جمنا ۽ سراسوتي ندين جي سنگم وارو تاريخي شهر الله آباد هاڻ پريياگ سڏجي ٿو. چون ٿا الله آباد جو نالو ڪورو حاڪمن جي ڏينهن ۾ ”ڪائوشامبي“ هو. ان بعد مغل بادشاهه هن جو نالو ”الاهه آباد“ رکيو جيڪو انگريز راڄ ۾ ”الله آباد“ ڪيو ويو. هاڻ وري ”پريياگ“ سڏجي ٿو.

اڄ ڪلهه انڊيا جو وزير اعظم نريندرا مودي، هن شهر دهليءَ جي ”اڪبر روڊ“ جو نالو ”رانا پرتاب سنگهه“ رکڻ جو اعلان ڪندو رهي ٿو. هو سستي شهرت خاطر اهو ٿي چاهي ٿو ته هندن کي خوش ڪجي، جو اڪبر مسلمان هو ۽ ٻاهران آيو هو. پر ڏسان پيو ته ڪيترائي پڙهيل لکيل هندو ان ڳالهه کي پسند نه پيا ڪن. ان وقت جا حاڪم، اڪبر هجي يا پرتاب سنگهه، هنن جو ڪو جهيڙو دين ڌرم تي هو ڇا؟ آئون تاريخ جو ڪو گهڻو ڄاڻو نه آهيان، پر جيڪا ٿوري گهڻي تاريخ مون پڙهي آهي ۽ ماضيءَ جي بادشاهن، حاڪمن، جنگجو پهلوانن توڙي وائيڪنگ ۽ سنڌ جي قزاقن جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ پڙهيون آهن ته هنن جي هڪ ٻئي سان جنگ مذهب تان نه، پر مال ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ ٻين جي زمينن تي قبضو ڪرڻ ۽ پاڻ کي طاقتور بنائڻ لاءِ هئي. وائيڪنگ کي سڄو يورپ ڦورو ۽ ڌاڙيل سڏي ٿو پر هنن جي ملڪ ناروي جا ماڻهو هنن کي شريف ۽ همدرد سڏن ٿا. جيئن نادر شاهه، جنهن ننڍي کنڊ ۾ ڇا ته ظلم ڪيا، پر ايران هن کي هيرو ٿو سمجهي. ڇو جو هو هتان هتان مال ڦري ايران کڻي ٿي آيو. هن دهليءَ ۾ قتل عام ڪيو ۽ گهر پٽي ساڙيائين ته هن اهو ٿي ڏٺو ڇا ته ڪير مسلمان آهي ۽ ڪير هندو؟

مغل بادشاهه اڪبر ۽ ميوار جي هندو راجا مهاراڻا پرتاب سنگهه جي سپاهين جي لڙائي 1576ع ۾ راجستان ۾ ”هلدي گهاٽيءَ“ ۾ لڳي. جنهن ۾ اڪبر جي سوڀ ٿي. جيتوڻيڪ پرتاب سنگهه قتل ٿيڻ کان بچي ويو ۽ ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڇا ان لڙائيءَ کي مسلمانن ۽ هندن جي مذهب خاطر لڙائي چئي سگهون ٿا؟

اهي جن ٿوري گهڻي به تاريخ پڙهي هوندي، انهن جي ياداشت لاءِ لکندو هلان ته هن هلدي گهاٽي (Haldi Ghatti) لڙائيءَ ۾ هڪ طرف اڪبر جو لشڪر هو ته ٻئي طرف رانا پرتاب سنگهه جو. اڪبر پاڻ موجود نه هو سندس سپهه

سالار هو..... جنهن لشڪر کي Lead ٿي ڪيو.... ۽ اهو ڪير هو؟ اهو هو هندو "راجا مانسنگهه اول". اڪبر جو وفادار ۽ مک جنرل پرڏان سينا. مانسنگهه (ڄم 1550ع، وفات 1614ع) امبر جو راجپوت راجا هو. امبر جيڪو پوءِ جئپور سڏيو ويو. مانسنگهه نه فقط اڪبر جو وفادار ۽ Trusted جنرل هو پر سندس نَوَ رتنن مان هڪ رتن هو. هن جي ڌيءَ منورراما ٻائيءَ سان شاهه جهان جي وڏي پٽ (اورنگزيب جي ڀاءُ) دارا شڪوهه شادي ڪئي ۽ هوڏانهن هندو راجا رانا پرتاب سنگهه جي لشڪر جو فوجي جنرل ڪير هو؟ اهو هڪ هندو نه پر مسلمان، بهادر سپاهي، حڪيم خان سُوري هو. پاڻ شير شاهه سوريءَ جي خاندان مان هڪ پناڻ هو ۽ هن افغان سپاهين جي لشڪر جي اڳواڻي پئي ڪئي. هو شروع کان رانا پرتاب سنگهه سان گڏ ۽ وفادار ٿي رهيو. هلدي گهاٽيءَ جي لڙائيءَ ۾ هو وڏي دليريءَ سان وڙهيو پر اڪبر، يعني راجا مانسنگهه جي لشڪر جو مقابلو ڪري نه سگهيو. راجا پرتاب سنگهه جان بچائي ڀڄي ويو پر سندس هي سالار حڪيم خان سوري بهادريءَ سان وڙهندي وڙهندي مارجي ويو- ڪي تاريخدان لکن ٿا ته شهيد ٿي ويو! خبر ناهي ڪهڙي حساب سان "شهيد" سڏجي ٿو...... هلدي گهاٽيءَ جي لڙائي ڪا اسلام خاطر ته نه هئي. ٻنهي پاسي هندو به هئا ته مسلمان به ۽ هيءَ لڙائي بادشاهن جي هئي..... وڌيڪ زمين ۽ مال حاصل ڪرڻ لاءِ. اڪبر بادشاهه پاران نه رڳو مانسنگهه جنرل (سالار) هو پر ٻيا به هندو سالار هئا، جن مان جڳن ناٿ ڪاڇوا ۽ ماڌو سنگهه مشهور آهن. جن هندو سپاهين جي لشڪر جي اڳواڻي ٿي ڪئي. راجا پرتاب سنگهه جي فوج جي سالار حڪيم خان سوريءَ جي مرڻ بعد سندس لاش هلدي گهاٽي (راجستان) مان لاهور آندو ويو. سندس قبر لاهور ۾ ئي آهي.

ممبئيءَ جي هوائي اڏي توڙي وڏي ريلوي اسٽيشن جو نالو مرهٽي حڪمر شيوا جي نالي آهي. ويندي 'ٻڙا پائو' (سئنڊوچ) جو نالو به "شيوا جي ٻڙا پاؤ" رکيو ويو آهي. اڄ ڪلهه ووٽ حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ مهاراشٽرا رياست جي مرهٽي ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ مودي صاحب شيواجيءَ جي تعريف ۾ چئي رهيو هو ته "شيواجيءَ مغل بادشاهه عالمگير جو خزانو لٽڻ لاءِ سورت تي حملو ڪيو". ڳالهه اها آهي ته مغلن جو خزانو سورت ۾ نه پر دهليءَ ۾ هو ۽ هيءَ سورت واري لڙائي، جيڪا 1664ع ۾ لڳي، ڪا هندو مسلمانن جي نه هئي. ايتري قدر جو سورت تي حملو ڪرڻ کان اڳ شيواجيءَ پنهنجي لشڪر کي چٽيءَ طرح هي ٽي هدايتون ڏنيون ته:

- حضرت بابا جي درگاهه کي ڪو نقصان رسڻ نه کپي. منهنجي طرفان اوچي چادر پيش ڪجو.
- فادر ائمبروز پنٽو جي آشرم جو خيال رکجو.
- حملي دوران ڪنهن جي به هٿ ۾ هن جي دين ڌرم جو ڪو پوتر ڪتاب ڏسو ته ان جو نالو هرگز نه وٺجو- ان جو اپمان نه ڪجو.

هڪ ٻي ڳالهه ته شيواجيءَ جي فوج ۾ ٻارهن جنرل هئا، جيڪي سڀ مسلمان هئا. هنن جي لڙائي مغلن جي مقرر ڪيل ڪمانڊر عنايت خان سان هئي. شيواجيءَ جو اهم جاسوس جنهن شيواجيءَ جي افضل خان کان جان بچائي، اهو به رستم جمال نالي مسلمان هو. بهرحال مرهٽن جي فتح ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي ته مغلن جي ڏينهن جي هن خوبصورت ۽ خوشحال شهر سورت جي شيواجيءَ جي لشڪر پيڻگ ڪري ڇڏي. انهن ڏينهن ۾ سورت ۾ موجود هڪ انگريز جيمس گرانٽ لکي ٿو ته مرهٽا سورت شهر جي ماڻهن کي ڇهه ڏينهن ڦريندا رهيا ۽ اڌ کان وڌيڪ شهر کي ساڙي ڇڏيائون. مودي صاحب کي معلوم هجي ته هيءَ مذهب جي بنياد تي جنگ نه هئي. جو لٽ مار ڪرڻ وارا، يعني شيواجيءَ جي لشڪر ۾ هندو به هئا ته مسلمان به..... ۽ سورت شهر جا رهاڪو، جن جو قتل ٿيو ۽ جن جا گهر ساڙيا ويا، انهن ۾ به هندو به هئا ته مسلمان به. هنن فقط هڪ هندو سيٺ ويرجي وهرا کي ڇڏيو. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو وڏو سخي مرد (Philanthropist) هو ۽ هندن توڙي مسلمانن کي وڏي خير خيرات ڏيندو هو. هڪ فرينچ سياح فرئنڪوس (Franco is Bernier) جي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب "Travels in Mughal India" موجب شيواجيءَ جي هنن مرهٽي ۽ مسلمان سپاهين پورچوگالين، فرينچن ۽ انگريز واپارين ۽ عملدارن جو البت نالو نه

ورتو. هي قصو مغل شهنشاهہ عالمگير (ڄم 1618ع) جي ڏينهن جو آهي، جنهن جي حڪومت 1658ع کان 1707ع تائين رهي هئي.

لارڊ ارون جيتوڻيڪ برٽش انڊيا جو 1925ع کان 1934ع تائين وائسراءِ رهيو.... ۽ وائسراءِ، گورنر ۽ ڪمشنر اهڙا عهدا آهن، جن ۾ پاور ۽ پئسو هٿ ۾ هجڻ ڪري، عوام لاءِ سنا ڪم ڪري، فريئر ۽ جان جئڪب وانگر هميشہ پنهنجو نالو پيدا ڪري سگهجي ٿو پر افسوس جو لارڊ ارون جي اعليٰ عهدي (وائسراءِ) واري نو سال نوڪري، سياسي ۽ مذهبي هنگامن ۾ ئي گذري. لارڊ ارون (ايڊورڊ فريڊرڪ لنڊلي وڊ) 1881ع ۾ انگلينڊ ۾ ڄائو ۽ 1959ع ۾ وفات ڪيائين. انگلينڊ جو هڪ سينئر سياستدان هو. سياست ۾ هو ايترو تہ مقبول هو جو 1937ع کان 1940ع واري انگلينڊ جي وزير اعظم نيولي چئمبرلين، جڏهن وقت کان اڳ استعيفا ڏني تہ هر هڪ هن (لارڊ ارون) جي حق ۾ خيال جو اظهار ڪيو پر هن پاڻ اهو چئي انڪار ڪري ڇڏيو تہ جيئن تہ جنگ (ورلڊوار) هلي رهي آهي، سو اهڙين حالتن ۾ ونسٽن چرچل ملڪ لاءِ سنو وزير اعظم ثابت ٿيندو. بهرحال اهي ڳالهيون انڊيا ۾ وائسراءِ رهي، انگلينڊ موٽڻ بعد جون آهن. 1926ع ۾، انگلينڊ جي بادشاهہ جارج پنجين هن (لارڊ ارون) کي سياڻو سمجهي، انڊيا ان اميد تي موڪليو تہ هو اتي وڃي ائنگلو انڊين تعلقات بهتر بڻائي ۽ مذهبي ڇڪتاڻ ۾ ناپر آڻي. پر لارڊ ارون جي حڪومت ويتر گوڙ فساد وڌائي ڇڏيو. هن ڪانگريس جي سيني ليڊرن کي جيل اندر ڪري، فقط گانڌيءَ سان ڳالهين جو سلسلو شروع ڪيو پر ڪاميابي نصيب نہ ٿيس. پوءِ ايمرجنسي پاور استعمال ڪري گانڌيءَ کي بہ گرفتار ڪرايائين ۽ پبلڪ جلسن ۽ گڏجاڻين تي پابندي هڻين وئي. مخالفت ڪندڙ باغي سياستدانن کي دبائڻ ۽ مارڪٽ ڪرڻ ۾ لالا لجپت راءِ بہ قتل ٿي ويو جنهن ڪري انڊيا ۾ وڏو گوڙ مچي ويو. لالالجپت راءِ هندن توڙي مسلمانن لاءِ دلپسند شخصيت هو. پاڻ 1865ع ۾ پنجاب ۾ ڄائو. پنجابي ٻوليءَ جو ليڪڪ هجڻ کان علاوه هو آزادي تحريڪ جو متوالو ليڊر هو. 1928ع ۾ مٿس ٿيل حملي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو ۽ ٻئي ڏينهن وفات ڪيائين. حيدرآباد جو لجپت روڊ هن جي نالي آهي. گهٽ ۾ گهٽ گذريل صديءَ تائين تہ هو.... هاڻ تہ ڪيترائي سال ٿي ويا آهن حيدرآباد ويندي ۽ انهن روڊن تان هلندي. لاهور جي 1500 بسترن واري 'گلاب ديوي چيسٽ اسپتال' 1934ع ۾ هن جي ماءُ گلاب ديويءَ جي ياد ۾ ٺهرائي وئي، جيڪا سلهہ وگهي گذاري وئي هئي. ان وقت جي مشهور لڪشمي انشورنس ڪمپنيءَ جو باني پڻ پاڻ هو ۽ ڪراچيءَ جي لڪشمي بلڊنگ پڻ لالا لجپت راءِ ٺهرائي هئي، جنهن تي هن وقت بہ سندس نالي وارو ڏاتوءَ جو پليق (بورڊ) لڳل آهي. اهڙيءَ طرح انڊيا ۾ تہ لالا لجپت راءِ نالي ڪيترائي اسڪول، ڪاليج ۽ روڊ رستا آهن. بهرحال انگريز وائسراءِ لارڊ ارون کي نندي ڪنڊ جا ماڻهو ڪو پيار يا عزت جي نگاهہ سان نٿا ڏسن. شايد اهو ئي سبب هجي جو سندس نالي هلندڙ اسپتال تان سندس نالو ڊاهي، هندوستان جي آزادي تحريڪ جي هڪ ٻئي متوالي سياسي ليڊر لوڪ نايڪ (جيا پرڪاش نارائڻ) جو نالو ان اسپتال تي رکيو ويو آهي. البت لارڊ ارون جي زال ڊوروٿيءَ جي سرپرستيءَ ۾، 1931ع ۾ دهليءَ ۾ ٺهرايل "وومين ڪاليج" جو نالو اڄ بہ "ليڊي ارون وومين ڪاليج" قائم آهي.

هن وائسراءِ، لارڊ ارون کي مشهور جپاني ناول نويس اِشي گورو (Kazuo Ishiguro) پنهنجي انعام يافتہ انگريزي ناول "The Remains of the Day" ۾ واهہ جو پيش ڪيو آهي. ان ناول تي ساڳي نالي سان 1993ع ۾ فلم بہ ٺهي هئي، جنهن ۾ لارڊ ارون جو پارٽ ان وقت جي مشهور اداڪار پيٽر (Peter Eyre) ادا ڪيو آهي. ان کان علاوه لارڊ ارون (جنهن جو خطاب وائڪائونٽ هئلي فيڪس بہ هو) کي انگريزي فلم 'گانڌي' ۾ بہ ڏيکاريو ويو آهي. هڪ ٻي انگريزي فلم، جنهن ۾ لارڊ ارون ڏيکاريو ويو آهي، اها آهي "The Legend of Bhagat Singh" جنهن ۾ سندس رول اسرائيلي ائڪٽر گِل الان (Gil Alon) سرانجام ڏنو آهي. ڀڳت سنگهہ لالا لجپت راءِ جو دوست هو جنهن لجپت راءِ جي قتل تي عهد ڪيو تہ هو انگريزن کان ان جو بدلو وٺندو. هن هڪ ٽولو ٺاهي پلاننگ ڪئي، پر غلطيءَ ۾ هنن هڪ انگريز پوليس سپرنٽنڊنٽ کي ماري رکيو ـ اها ڪهاڻي مان پنهنجي انڊيا جي سفرنامي 'هلي ڏسجي هندوستان' ۽ 'بمبئي منهنجي پاڪر ۾' لکي چڪو آهيان.

هتي اسانجي يونيورسٽين جي انگريزي لٽريچر جي شاگردن لاءِ اهو لکندو هلان ته هنن کي ڌارين ملڪن جي انگريزي ليکڪن جا ناول پڙهڻ جو شوق آهي ته هو نوبل پرائيز حاصل ڪندڙ جپاني ليکڪ، برطانيا جي شهري ڪازوئو اشيگورو جا ناول ۽ افسانا ضرور پڙهن. هو مونکان ڏهه سال ڪن ننڍو ٿيندو ۽ اڄ ڪلهه لنڊن ۾ رهي ٿو. 1954ع ۾ جپان جي شهر ناگا ساڪيءَ ۾ جائو ۽ ڇهن سالن جو هو ته 1960ع ۾ هن جي فئملي انگلئنڊ هلي آئي ۽ هن انگلئنڊ جي يونيورسٽين مان انگريزي ادب ۽ فلاسافيءَ ۾ B.A ۽ M.A ڪئي. سندس متئين ناول کان علاوه هڪ بيو پڙهڻ جوڳو ناول "Never Let Me Go" آهي. جيڪو سال 2005ع جو 'بيسٽ بڪ آف ييئر' قرار ڏنو ويو. ان کان علاوه 2015ع ۾ ڇپيل سندس ناول "The Buried Giant" به گهڻو پسند ڪيو ويو آهي. اِشِيگورو انگئنڊ ۾ ضرور رهيو ۽ انگريزي پڙهيو پر جپانين جي پاڙي ۾ رهڻ ڪري، هن تي جپاني ڪلچر جو به اثر آهي. سندس لکڻين ۾ پنهنجو سواد ۽ اثر آهي. نوبل پرائيز ملڻ واري فنڪشن ۾ هن جي تعارف واري Citation جي بقول:

"Kazuo Ishiguro in novels of great emotional force, has uncovered the abyss beneath our illusory sense of Connection with the world".

ان ڏينهن جڏهن مولانا آزاد ميڊيڪل ڪاليج ڏسڻ آيو هوس، ته منهنجو ٽئڪسي ڊرائيور، هي سک اروادِيپ سنگهه نه هو پر دهليءَ جي پرسان واري شهر گرگائون جو منير راجپوت نالي هڪ مسلمان هو. هن ٻڌايو هو ته هو اڙدوءَ جو شاگرد رهيو آهي ۽ هن دهليءَ جي ڪنهن ڪاليج مان B.A ڪرڻ بعد هن ئي شهر ۾ ٽئڪسي هلائڻ شروع ڪئي آهي. جو اڄ ڪلهه Ph.D ڪرڻ بعد به نوڪريون ڪٿي آهن؟!! ان ڪري ئي روزگار خاطر هو گذريل ٽن سالن کان ٽئڪسي هلائيندو اچي. "دهليءَ ۾ ڪيترائي امير رهن ٿا. دهلي هڪ تاريخي شهر آهي ۽ روزانو هزارين ٽوئرسٽ انڊيا ۽ ولايت کان هتي جون تاريخي شيون ڏسڻ لاءِ اچن ٿا ۽ جيڪڏهن ڪوئي پڙهيل ڳڙهيل ٽئڪسي ڊرائيور آهي ۽ گائيڊ جي به ڊيوٽي ڏئي ٿو. يعني هو انهن کي تاريخي جاين جي پسمنظر بابت ٻڌائي ٿو ته مسافر خوش ٿي ڀاڙي کان علاوه سٺي ٽپ به ڏين ٿا. ته چانهه پاڻي يا ماني به کارائين ٿا". مُنير ٻُڌايو هو.

هن وڌيڪ ٻڌايو هو ته هن جو ڳوٺ "گرگائون" جيڪو دهليءَ کان فقط 20 ميلن جي فاصلي تي آهي، دراصل پنجاب رياست ۾ رهيو آهي، پر هاڻ پنجاب جو ڪجهه حصو ڪٽي، هريانا رياست ناهڻ تي، اهو هريانا رياست ۾ اچي ويو آهي. "مادري ٻولي اسانجي پنجابي نه پر 'ميواتي' آهي. جيڪا اڙدو/هنديءَ سان ڪافي ملي ٿي اها ٻولي ڳالهائڻ وارا گجرات ۾ به ڪيئي رهن ٿا". منير ٽئڪسي ڊرائيور ٻڌايو.

مولانا آزاد ميڊيڪل ڪاليج گهمي، ڪاليج جي پرسان واري پارڪنگ ۾ آيس، جتي منهنجو هي ٽئڪسي ڊرائيور انتظار ڪري رهيو هو. "سرا اڙدو شاعريءَ سان اوهان جي دلچسپي آهي؟". ٽئڪسيءَ ۾ ويهڻ کان اڳ ٽئڪسي ڊرائيور منير مونکان سوال ڪيو.

"شاعريءَ کان نه واقف آهيان ۽ نه دلچسپي اٿم. پر ڪيترن مشهور شاعرن جا سٺا سٺا شعر ياد اٿم ۽ اهي بيحد پسند ڪيان ٿو". مون ٻڌايو مانس. "سٺن مان مراد اهي شعر آهن. جيڪي سليس اڙدو، سنڌي يا انگريزي، پنجابي، بنگالي، ملئي ٻولين ۾ هجن ۽ منهنجي سمجهه ۾ دل ودماغ ۾ آئڙي سگهيا هجن".

"سرا اڙدوءَ جي شاعر مومن خان "مومن" کان جي واقف هجو ته هن جي قبر اها سامهون اٿوَ". هن پارڪنگ لاٽ جي هڪ پاسي اشارو ڪندي چيو. جن اسڪولن ڪاليجن ۾ مان پڙهيس، اتي انهن ڏينهن ۾ اڙدو نالي ماتر پڙهائي ويندي هُئي ۽ اسان مان گهڻن مئٽرڪ ۾ اڙدوءَ بدران جاگرافي، ڊرائنگ ۽ ووڊ ورڪ جهڙا سبجيڪٽ ڪنيان پر ڪاليج ۾ ٿيندڙ بيت بازيءَ جي مقابلن ۾ حصو وٺڻ ڪري، جيڪي پسند جا شعر ياد ڪيا هئم. ان ۾ مومن جا به ڪافي شعر هئا. ريڊيو ۽ بعد ۾ ٽي وي ايجاد ٿيڻ تي ٽي ويءَ تي ايندڙ مومن جا غزل اسان سڀ ڪلاس ميٽ وڏي شوق سان ٻڌندا هئاسين:

وہ جو ہم میں تم میں قرار تھا
تمھیں یاد ہو کہ نہ یاد ہو

کبھی ہم میں تم میں بھی چاہ تھی
کبھی ہم سے تم سے بھی راہ تھی
کبھی ہم بھی تم بھی تھے آشنا
تمھیں یاد ہو کہ نہ یاد ہو

جسے آپ گنتے تھے آشنا
جسے آپ کہتے تھے باوفا
میں وہی ہوں ''مومن'' مبتلا
تمھیں یاد ہو کہ نہ یاد ہو

اهو غزل اڄ بہ ڪڏهن ڪڏهن جهونگاريون ٿا. مومن خان 'مومن' سن 1800ع ۾ دهليءَ جي هڪ ڪشميري فئمليءَ ۾ ڄائو جيڪي مغل سلطنت ۾ ائڊمنسٽريٽر ۽ حڪيم هئا. مومن پاڻ بہ طب جو ڄاڻو هوءِ 'حڪيم صاحب' سڏيو تي ويو. ان ڪان علاوه هو ٻين بہ ڪيترن ڳالهين جو ماهر هو. جيئن تہ مئٿس، جيو مئنسي، علم نجوم (Astrology)، شطرنج، ميوزڪ وغيره ــ هو تيمورلنگ جي پوٽي الغ بيگ وانگر پڙهيل ڳڙهيل ۽ قابل ماڻهو هو. ننڍي ڪنڊ جي روايتي شاعرن وانگر هر وقت وار وڪريل، اداسي (Melancholy) موڊ ۾ رهڻ وارو ۽ الڪوحلڪ (نشي ۾) نٿي رهيو. مرزا غالب ۽ ذوق جو همعصر هو. هو ٽئي عمر ۾ ڪٽي هڪ ٻئي کان گهٽ وڌ هئا. پر ڏور هڪڙي ۾ ئي هئا. جيئن سمجهو تہ اسانجا سنڌي شاعر ادل سومرو، اياز گل ۽ احسان دانش آهن يا اسان جون شاعرائون سحر امداد، امر سنڌو ۽ ربينا ابڙو........ جيڪي عمر ۾ هڪ ٻئي کان ڪافي ننڍيون وڏيون آهن. پر آهن هن دور ۾ ۽ گڏ هلنديون چلنديون رهن ٿيون. پوءِ هنن جا هڪ ٻئي جي سوچن/خيالن سان اختلاف بہ ٿي سگهن ٿا. گهٽ ۾ گهٽ مرزا غالب ۽ مومن خان "مومن" لاءِ تہ چيو وڃي ٿو تہ هو هڪ ٻئي جا سخت مخالف/حريف هئا. پر چون ٿا، تہ مومن جو هڪ شعر:

تو میرے پاس ہوتے ہو گویا
جب کوئی دوسرا نہیں ہوتا

مرزا غالب کي اهڙو تہ وڻي ويو جو هن ان شعر جي بدلي ۾ مومن کي پنهنجو سڄو ديوان آفر ڪيو. اها ڳالهہ مومن جي قبر تي مونسان گڏ گرگائون واري مسلمان ٽئڪسي ڊرائيور بہ ڪئي. ڳالهہ ڪري پوءِ منهنجي منهن ڏي ڏسي، هُنَ هڪ وڏو ٿهڪ ڏنو.

"چو پلاءِ؟" مون پڇيو مانس. "اها ڳالهہ تہ مون بہ پڙهي آهي".

"سر! ڪهڙي ٿا ڳالهہ ڪريو". ٽئڪسي ڊرائيور چيو. "اٿين بہ ڪو ٿي سگهي ٿو؟ چاچي غالب جون مومن تي باهيون هونديون هيون. هن مڙيئي ٺوڪ طور اهو ڦٽاڪو ڇڏيو هو".

بهرحال آئون مڃڻ لاءِ تيار نہ آهيان. منهنجو مطلب آهي ٽئڪسي ڊرائيور جي ڳالهہ..... منهنجي خيال ۾ ائين بہ ٿي سگهي ٿو. مون کي پنهنجو تجربو آهي تہ 1970ع واري ڍاڪي ۾ اسانجو دوست ڊاڪٽر تنوير عباسي اسانجي هڪ ٻئي دوست ۽ سنڌس ڳوٺائي شوڪت جماڻيءَ وٽ مانچسٽر گهمڻ آيو. جتي جي پرواري بندرگاهہ لورپول ۾ اسانجو جهاز مهينو کن بيٺل هو. تنوير سان ٿيندڙ ملاقاتن ۾ آئون هن تي زور پريندو رهيس تہ هو رڳو شاعري تو

ڪري، هاڻ هن سفر بابت هڪ سفرنامو بہ ڪٺي لکي. هو ”نہ“ ڪندو رهيو... پر پوءِ ٻن ٽن سالن بعد سندس سفرنامو ”ڏوري ڏوري ڏيهہ“ شايع ٿيو. تنوير جو هي سفرنامو جيڪو هن جو پهريون سفرنامو هو ۽ هن بلڪل آزاد نموني سان لکي ورتو مون کي تمام گهڻو وڻيو. اڄ بہ چوان ٿو تہ هن واهہ جو لکيو آهي. خيرپور ۾ مون ساڻس ان جي تعريف ڪئي تہ چوڻ لڳو: ”نہ يار! اسان مڙيئي تُنهنجا سفرناما پڙهي پڙهي ڪٺي لکيو آهي“. مون چيو مانس ۽ اها منهنجي دل جي ڳالهہ هئي، تہ: ”منهنجا سفرناما (جيڪي ان وقت پنج ڇهہ ڇپجي چڪا هئا) تنهنجي هن سفرنامي اڳيان ڪجهہ نہ آهن. ڪاش اهو ممڪن هجي تہ تنهنجو هي سفرنامو منهنجي نالي ٿي وڃي ۽ ان جي بدلي ۾ تون منهنجا هيستائين ڇپيل سمورا سفرناما پنهنجي نالي ڪري ڇڏ“.

سو يارو! مرزا غالب ۽ مومن جا اختلاف پنهنجي جاءِ تي پر ممڪن آهي تہ هن کي مومن جي هن شعر اهڙو ڪِلڪ ڪيو هجي، جو هن ان شعر جي بدلي ۾ پنهنجي شاعريءَ جو سڄو ديوان هن کي آفر ٿي ڪيو.

مومن جي ان شعر جون شروع واريون بہ سٽون آهن:

تم ہمارے کسی طرح نہ ہوئے
ورنہ دنیا میں کیا نہیں ہوتا

ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ هر مهيني ٽيندڙ بيت بازي ڪٽڻ لاءِ جتي ٻين اڙدو ۽ سنڌي شاعرن جا شعر ياد ڪياسين، اتي مومن جا بہ ڪيترائي ياد ٿي ويا هئا. جن مان هڪ بہ هن وقت بہ زبان تي اچي رهيا آهن:

عمر ساری تو کاٹی عشق بتاں میں ”مومن“
آخری وقت میں کیا خاک مسلمان ہو گئے

مومن جا هڪ بہ ٻيا بہ خوبصورت شعر آهن، جيڪي اسان بيت بازيءَ ۾ وڏي چاهہ سان ٻڌائي، ٻڌندڙن کان داد وصول ڪندا هئاسين:

اس غیرتِ ناھید کی ہر تان ہے دیپک
شعلہ سا لپک جائے ہے آواز تو دیکھو

هڪ ٻيو آهي:

شب جو مسجد میں جا پھنسے ”مومن“
رات کاٹی خدا خدا کر کے

يا وري:

اس نقشِ پا کے سجدے نے کیا کیا کیا ذلیل
میں کوچہ رقیب میں بھی سر کے بل گیا

جنهن دؤر ۾ مومن مشهوري حاصل ڪئي، اهو مغليہ دؤر جي زوال جو زمانو هو. جاگيردار طبقو عيش عشرت ۾ مست هو. مومن بہ ان ئي رنگ ۾ رڱيل هو. پر پوءِ پيريءَ ۾ هن کي توبهہ تائب ٿيڻ جو خيال آيو. هو پاڻ چوي ٿو:

عمر ساری تو کٹی عشق بتاں میں ”مومن“
آخری عمر میں کیا خاک مسلماں ہوں گے

مومن لاءِ لاءِ اهو مشهور آهي تہ هو Astrologer (نجومي) بہ هو ءِ هن کي پنهنجي موت جي اڳواٽ خبر پئجي وئي - بهرحال منهنجو عقل تہ ان کي نٿو مڃي پر ماڻهو چون ٿا تہ هن پنهنجي شعر "دست و بازو" ۾ اهو اشارو ڏئي ڇڏيو هو تہ هن جو موت هڏ گڏ پڄڻ سان ٿيندو. 1851ع ۾ هن وفات ڪئي. هو ڏاڪڻ تان ڪري پيو ۽ ٽنگ ڀڃڻ ڪري سندس موت ٿيو.

بهرحال مولانا ابوالڪلام آزاد جي نالي سان هي ميڊيڪل ڪاليج هجڻ ڪري، آئون هن ڪاليج ۾ گهڙي آيو هوس. هن ڪاليج جا بہ شاگرد اسان وٽ پاڪستان ۾ بہ ڪجهہ سال اڳ تائين مشهور هئا. جو ان وقت اسان جي ملڪ ۾ ڪجهہ خاص آپريشنن نٿي ٿيون ۽ اسان جا مريض انڊيا ۾ هنن سرجنن وٽ آيا ٿي. هڪ سرجن سائومترا راوت جيڪو دهليءَ جي سر گنگا رام هاسپيٽل ۾ جيري (Liver Transplant) جون آپريشنون ڪري ٿو ۽ ٻيو اکين جي ماڻهيءَ جو ماهر (Cornea Specialist Ophthalmologist) ڊاڪٽر وندانا جئين جيڪو اڄ ڪلهہ آدتيا جيوت آءِ هاسپيٽل ۾ ٻين آهي.

مولانا آزاد ميڊيڪل ڪاليج مان نڪرڻ تي پر واري ڪار پارڪنگ (جتي منهنجي ان ڏينهن واري مسلمان ٽئڪسي ڊرائيور منير راجپوت پنهنجي ٽئڪسي پارڪ ڪئي هئي) وٽ ئي اڙدوءَ جي شاعر جو مقبرو ڏسي، سندس ڪجهہ مٽيان شعر ياد اچي ويا.

مولانا ابوالڪلام آزاد سان منهنجو ڪو ٻيو واسطو يا تعلق نہ رهيو آهي، بس ننڍا هئاسين، يعني اڄ کان سٺ پنجهٺ سال اڳ، تہ منهنجو والد گل محمد شيخ (جيڪو هالا جي ٻين دوستن ڊاڪٽر اشرف متقي، نور محمد شيخ وغيره سان گڏ خاڪسار تحريڪ ۾ رهيو) مونکي ان وقت جا فوٽو بہ ڏيکاريندو هو (جنهن مان هڪ هن وقت بہ موجود اٿم ۽ ٿي سگهي ٿو هي ڪتاب ڇپڻ وقت پبلشر هي فوٽو پڻ ڇپي). مولانا ابوالڪلام آزاد جو خاڪسار تحريڪ ۽ خلافت تحريڪ جي حوالي سان اسان جي گهر جي ياتين ۽ مائٽن ۾ تمام گهڻو ذڪر هلندو هو ۽ اسان ٻار بہ ٻڌندار رهندا هئاسين. مولانا آزاد جو هڪ اڙدو ڪتاب "غبار خاطر" پڻ منهنجي والد جي ننڍڙي لئبرريءَ ۾ هوندو هو جنهن کي هو وڏي چاهہ سان پڙهندو هو. گهڻو پوءِ، مئٽرڪ يا فرسٽ ييئر کان پوءِ اهو ڪتاب ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جي لئبرريءَ مان وٺي مون بہ ڪجهہ پڙهيو هو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مولانا ابوالڪلام آزاد مولانا سيد ابوالڪلام غلام محي الدين احمد آزاد) هڪ وڏو اسڪالر، عالم ۽ انڊين نئشنل ڪانگريس جو هڪ سينئر مسلمان ليڊر ٿي گذريو آهي. هُو ڪيترين ٻولين (اڙدو، هندي، فارسي، بنگالي، عربي ۽ انگريزيءَ) جو ڄاڻو هيو. هن کي مائٽن ننڍي هوندي ئي مختلف فقهن (حنفي، مالڪي، شافعي، حنبلي)، شريعت، مئٿس، فلسفي، دنيا جي تواريخ ۽ سائنس جي تعليم ڏني. آزاديءَ بعد هن انڊيا ۾ ئي رهڻ پسند ڪيو ۽ هو آزاد انڊيا جو پهريون تعليم جو وزير ٿيو. هن انڊيا ۾ تعليم جي سڌاري ۽ تعليمي ادارن جي واڌاري لاءِ ايڏي تہ جاکوڙ ڪئي جو هن جي انهن خدمتن جي ڪري انڊيا سرڪار، هن جي جنم جي تاريخ "يارهين نومبر" تي، سڄي انڊيا ۾ "نئشنل ايڊيوڪيشن ڊي" ملهائي ٿي.

مولانا آزاد 1888ع ۾ مڪي شريف ۾ ڄائو. جو هن جا والدين 1857ع واري بلوي بعد مڪي لڏي ويا هئا. 1890ع ۾ آزاد پنهنجي فئمليءَ سان گڏ ڪلڪتي اچي رهيو. مولانا آزاد جا اڙدو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪتاب آهن. "India Wins Freedom" سندس آٽو بايوگرافي آهي. تذڪره، ترجمان القرآن، ۽ سيني کان گهڻو پڙهيو ويندڙ ڪتاب "غبار خاطر"، ۽ ٻيا ڪتابَ سندس سُڃاڻپ آهن. ڪتاب "غبار خاطر" 1942ع کان 1946ع واري دور ۾ لکيو ويو جڏهن انگريزن هن کي مهراشٽرا رياست جي احمدنگر قلعي ۾ قيد رکيو. هو آل انڊيا ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽيءَ جي صدارت ڪرڻ لاءِ بمبئي (ممبئي) وڃي رهيو هو تہ برٽش راڄ جي پوليس هن کي گرفتار ڪري چار سال جيل ۾ رکيو.

ڪتاب 'غبار خاطر' جيل مان مولانا آزاد جي لکيل 24 خطن جو مجموعو آهي، جيڪي هن پنهنجي دوست مولانا حبيب الرحمان خان شيروانيءَ کي لکيا. هي خط شيروانيءَ تائين پهچي نہ سگهيا، جو جيل مان ڪو ڪاغذ پٽ ٻاهر موڪلڻ تي سختي هئي. آزاد ٿيڻ بعد مولانا آزاد جي هڪ ٻئي دوست اجمل خان اهي خط ڇپرايا.

بنيادي طرح هي ڪتاب اڙدوءَ ۾ لکيل آهي پر مولانا صاحب هن ۾ سوين فارسي ۽ عربيءَ جا شعر استعمال ڪيا آهن. اهو ان ڪري جو مولانا صاحب جنهن فئمليءَ ۾ پرورش حاصل ڪئي، اتي اڙدوءَ کان وڌيڪ فارسي ۽ عربي ڳالهائي ويندي هئي. اهو اڪثر چيو ٿو وڃي تہ مولانا آزاد جو ڪتاب ”انڊيا ونس فريڊم“ سندس سياسي زندگيءَ بابت آهي ۽ ”غبار خاطر“ ۾ سندس سماجي ۽ روحاني ڳالهيون آهن. جواهر لال نهرو هن کي هميشہ ”مير ڪاروان“ جي خطاب سان ياد ڪندو هو ۽ مولانا لاءِ هڪ هنڌ لکيو اٿس تہ:

“He is very brave & gallant gentleman, a finished product of the culture that, in these days, pertains to few.”

مهاتما گانڌي مولانا آزاد کي هميشہ وڏن ماڻهن جي ڪُٽپ ۾ آڻيندو هو. هڪ هنڌ لکيو اٿس تہ:

“Maulana Azad is a person of the caliber of Plato, Aristotle and Pythagorus……”

انگريزي فلم ”گانڌي“ ۾ مولانا آزاد جو ڪردار ويرندرا رازدان ادا ڪيو آهي. مولانا آزاد 1958ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مقبرو دهليءَ جي جامع مسجد پرسان آهي.

بهرحال اهي ته ٽيئي ان ڏينهن واريون ڳالهيون. جڏهن دهليءَ جي مسلمان ڊرائيور سان مولانا آزاد ميڊيڪل ڪاليج (MAMC) آيو هوس. جيڪو ڪاليج بهادر شاهه ظفر مارگ (روڊ) تي آهي ۽ هينئر اڄ هي سک ڊرائيور ان ئي روڊ جي سامهون اچي پهتو ۽ مونکان پڇيائين: ”مولانا آزاد ميڊيڪل ڪاليج هلون؟ بلڪل سامهون آهي“.

”نه. بلڪل نه. آئون اندران به ڏسي چڪو آهيان“. مون وراڻيو مانس.

”پلا بهادر شاهه ظفر روڊ تي ڪنهن ٻئي هنڌ هلون؟“. ارواديپ سنگهه نالي هن سک ڊرائيور پڇيو. هو MAMC ڪاليج ڪان علاوه هن روڊ تي موجود ڪجهه ٻيون عمارتون ڳڻائڻ لڳو... ”سر! فيروز شاهه ڪوٽلا ڪرڪيٽ اسٽڊيم؟ فيروز شاهه ڪوٽلا قلعو؟ ڊالس (ڳُڏين جو) ميوزيم؟ يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جي بلڊنگ؟“.

”نه مسٽر ارواديپ سنگهه! مونکي هن روڊ تي اچي، مزو نٿو اچي“. مون مختصر جواب ڏنو.

”سر! هي روڊ ته توهانجي مسلمان بادشاهه نالي آهي. توهان کي ته خوشي ٿيڻ کپي.....“. ٽئڪسي ڊرائيور چيو. پر مونکي خاموش خلائن ۾ گهوريندو ڏسي ماٺ تي ويو. ”سر! پلا اسان جو ٽڪاڻو گرودوارو بنگلا صاحب ڏسڻ هلندئو؟“.

”ڪٿي آهي؟“. مون پڇيو.

”اڃهو اهو پنڌيان ئي ته آهي“. هن وراڻيو. ”ڪناٽ پليس وٽ ئي ”بابر کڙڪ سنگهه روڊ“ تي ئي“.

”پلي هل. پر فوٽو ڪڍڻ ڏيندا؟“. مون پڇيو.

”ڪوڙ جيترا چوندئو“. ارواديپ سنگهه وراڻيو ۽ پنهنجي ٽئڪسي ڪناٽ پليس جي چوڌاري ڦرندڙ ٻاهرين گول رستي تي آڻي، سنساد مارگ (روڊ) چڙهي، ان بعد اولهه ڏکڻ ڏي ويندڙ رستي ’بابا کڙڪ سنگهه‘ ڏي موڙي. ان گول روڊ تي اڳيان ”شهيد ڀڳت سنگهه روڊ“ ۽ ”پانچ ڪئان (پنج کوهه) مارگ“ روڊن جا تير لڳل هئا.

بهادر شاهه ظفر نالي ڪراچيءَ ۾ به هڪ روڊ آهي. جنهن کان گهٽا واقف هوندا. ان روڊ کان نه ته، طارق روڊ کان ته هر هڪ واقف هوندو. جيڪو شاهراهه قائدين (جتي مئڪڊونالڊ ريسٽورنٽ ۽ بحريا ٽائون ٽاور آهي) کان شروع ٿي شهيد ملت روڊ (ايڪسپريس وي) تائين اچي ٿو. ان جي ٻئي پاسي کان اهو روڊ بهادر شاهه ظفر جي نالي سان شروع ٿئي ٿو جيڪو ”بهادر آباد“ وارو علائقو آهي. اهو روڊ سر ابراهيم هارون جعفر روڊ تي وڃي دنگ ڪري ٿو. جتي دائود پبلڪ اسڪول آهي. وچ ۾ ”چار مينار“ نالي چورنگي به اچي ٿي. جيڪو هنڌ دراصل بهادر آباد مارڪيٽ آهي. هن روڊ تان ڪيترا دفعا لنگهڻ تي مونکي ڪڏهن به ڪو احساس يا خيال نه ايندو آهي پر دهليءَ ۾ ان ساڳي روڊ تان لنگهڻ مهل ڪئين ڳالهيون دماغ ۾ واچوڙو پيدا ڪنديون آهن.... شايد ان ڪري جو هنن جاين تان مغل سلطنت..... يا ڪٽي چئجي ته ”دي گريٽ مغل ايمپائر“ (جنهن هندوستان تي 300 سال راڄ ڪيو) جو آخري حاڪم بهادر شاه ظفر دوم (مرزا ابوظفر سراج الدين محمد بهادر شاهه ظفر) جو ضرور هلڻ چلڻ ٿيو هوندو. هڪ هيڏي وڏي سلطنت. شان ۽ دٻدٻو رکندڙ بابر، همايون، اڪبر، جهانگير، شاهه جهان، اورنگزيب جهڙن حاڪمن جو اولاد..... بادشاهه ٿيڻ بعد ڪيئن تخت تان لاٿو ويو. زنجيرن ۾ ٻڌو ويو هن جي پٽن کي هن جي اکين اڳيان شوٽ ڪيو ويو. حسين حلمي (Husseyin Hilmi Isik) نالي هڪ ترڪ مسلمان جي لکيل ڪتاب موجب هڊسن نالي انگريز جنهن هنن شهزادن جا سر ڌڙ کان ڌار ڪيا ان هنن جي وهندڙ رت مان پيالو پري پيتو ۽ پوءِ اهي سرَ جنرل هينري وليم برنارڊ حوالي ڪيا ويا. جنهن انهن مان سُوپ جو پيالو ٺهرائي اڃايل ۽ بکايل بهادر شاهه ظفر ۽ ان جي زال زينت محل کي زوريءَ پيئڻ لاءِ چيو. هنن کان نه گوشت چٻاڙيو ٿي ٿيو نه ڍڪ پريو ٿي ٿيو. هو آٽ ڏيندا رهيا ۽ جيڪي سندن پيٽ اندر ويو هو اهو الٽيءَ ۾ نڪري آين. هنن جيئن ئي پيالو پٽ تي رکيو ته هڊسن رڙ ڪري چين:

“Why don’t you eat it? It is a delicious soup. I had it coocked from your sons’ flash”.

ان بعد کين رنگون برما جي مندالا جيل ۾ رکيو ويو. هن بادشاهه جي ڪهاڻي پڙهڻ وارو هرڪو چوي ٿو ته زندگي ڇا آهي؟! اهي بادشاهه جن تاج محل ۽ لال قلعي جهڙيون سوين عمارتون ٺهرايون. جن وٽ هيرن جواهرن جا ڍير هئا ۽ جن سمجهيو ٿي ته هنن وٽ ايڏي طاقت ۽ مال متاع آهي جو هنن جون ست پيڙهيون ته ڇا، سندن اولاد قيامت تائين عيش ڪندو رهندو.... ڇا هنن تصور به ڪيو هوندو ته اڄ نه ته سيان سندن لاڏ ڪوڏ سان پليل شهزادو بهادر شاهه ظفر ائين در بدر ٿي ويندو..... هن کي پنهنجي وطن مان لوڏيو ويندو..... هن کي هڪ ڏورانهين ڏيهه انڊيا کان اجڙيل ملڪ ۾ قيد ڪيو ويندو ۽ هن کي چوڻو پوندو ته:

لگتا نہیں ہے دل میرا اجڑے دیار میں
کس کی بنی ہے عالمِ ناپائیدار میں

کہدو ان حسرتوں سے کہیں اور جا بسیں
اتنی جگہ کہاں ہے دلِ داغدار میں

عمرِ دراز مانگ کر لائے تھے چار دن
دو آرزو میں کٹ گئے دو انتظار میں

کتنا ہے بدنصیب ’ظفر‘ دفن کے لئے
دو گز زمیں بھی نہ ملی کوئے یار میں

ڪجهه ڏينهن اڳ انٽرنيٽ تي انڊيا جي ڪنهن بلاگ تي بهادر شاهه ظفر جي ڪهاڻي پڙهيم، جنهن ۾ لکندڙ اسان پڙهندڙن کي احساس ڏيارڻ چاهيو آهي ته، انهيءَ بادشاهه جو خيال ڪرڻ کپي، جنهن جي وڏن انڊيا ۾ تاج محل جهڙيون عمارتون، محل، قلعا ٺهرايا.هينان مختلف ماڻهن جي لکيل Comments مان انڊيا جي هڪ مسلمان جوئي Comment هيو ته: ”هن جي وڏن جي تاج محل يا ٻيون عمارتون، باغ، قلعا ۽ مسجدون ٺهرايون. ته ڇا پنهنجي پيءُ جي پئسي مان ٺهرايون؟. اسان جي ملڪ کي لٽي، عوام کي غريب بڻائي، پنهنجو نالو روشن ڪيائون. جيڪا عياشي ٿي ڪيائون، اها ڇا پنهنجا پورهئي مان ڪمايل پئسي مان ٿي ڪيائون؟ بابر جڏهن انڊيا ۾ آيو هو ته هن وٽ هيو ئي ڇا؟ يا سندس ملڪ ۾ هيو ئي ڇا؟! بک ۽ بدحاليءَ کي مِٽائڻ لاءِ هن اسان جي سرسبز وطن کي تاراج ڪري ڇڏيو.... اسان جي اڄ جي عياش ۽ ڪرپٽ حاڪم کي تاريخ جي ان تبديليءَ مان سبق حاصل ڪرڻ کپي......“.

منهنجي خيال ۾ نه فقط انڊيا پر دنيا جي هر ملڪ جي حاڪم کي ان مان عبرت حاصل ڪرڻ کپي، جيڪي حڪومت ۾ اچڻ کان اڳ مسڪينيءَ واري حالت ۾ آهن ۽ حاڪم ٿيڻ بعد عوام جي خوشحاليءَ جو سوچڻ بدران، پنهنجو بئنڪ بئلنس وڌائين ٿا. ملڪ ۾ ۽ ولايتن ۾ عمارتون خريد ڪن ٿا، پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد لاءِ فئڪٽريون ۽ ڪارخانا هڻن ٿا ـ ڇا آهي ڪنهن کي خبر ته اهو ڦرلٽ جو پئسو ۽ مال سندن يا سندن اولاد جي نصيب ۾ به ايندو؟! ڇا ڪين اها ڄاڻ ناهي ته: ”*کس کی بنی ہے عالمِ ناپائیدار میں*“ـ

منهنجا 50 سالن کان مٿي ڄمار وارا پڙهندڙ جي ٿورو به ماضيءَ ۾ ليئو پائيندا ته هنن کي سندن آس پاس جا ڪيترائي رشوت خور ڪامورا، ڪرپٽ سياستدان، ظالم وڏيرا ۽ نڱ واپاري ياد ايندا، جن ڪيئن حرام جي طريقن سان پئسو ناهيو... ۽ جڏهن ناهيو پئي ته هنن کي ڪو ڊپ ڊاءُ نه هو. ويتر ڪيترن هنن سان رشڪ ٿي ڪيو ته اسان کي به ڪنهن اهڙي ڪاتي ۾ نوڪري ملي وڃي جتي ملڪ ۽ عوام جو پئسو ڦري جلد امير ٿي وڃجي..... ۽ پوءِ توهان

ڏنو هوندو تہ جيڪي هنن سوچيو هوندو ان ڪان بہ وڌيڪ هنن وٽ اڇي ويو هوندو ۽ هو هميشہ ئي تصور ۾ هوندا تہ هاڻ هنن جون ست پيڙهيون پيون عيش ڪنديون. پر يارو! قدرت جا پنهنجا حساب ڪتاب آهن ۽ توهان جي اڳيان اهڙا بہ مثال هوندا جو ست پيڙهيون تہ پري جي ڳالهہ آهي، هو پاڻ جيل حوالي ٿي ويا هوندا ۽ ڪائنن سڀ ملڪيت ڪسجي وئي هوندي... يا اهڙي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي ويا هوندا، جنهن جي علاج لاءِ الهہ تلهہ ناس ٿي ويو هوندن...... يا پاڻ حادثي ۾ مري ويا هوندا ۽ پنيان اولاد ملڪيت خاطر هڪ ٻئي جي خون جا پياسي ٿي پئي هوندي...... يا وري شرابي ڪوابي اولاد ملڪيت، عياشيءَ ۾ دف ڪري ڇڏي هوندي. سو يارو! اهي اسان انسانن جي سکڻ ۽ سمجهڻ لاءِ مثال آهن.

دهليءَ جي بهادر شاهه ظفر مارگ (روڊ) تان گذرندي، خوني دروازي وٽان به لنگهڻ ٿئي ٿو جيڪو دهلي گيٽ جي بلڪل ويجهو فيروز شاهه ڪوٽلا گرائونڊ جي سامهون آهي، ۽ جيڪو شير شاهه سوريءَ ٺهرا هو. هن دروازي جو نالو مشهور ان ڏينهن کان ٿيو جڏهن مغل سلطنت جي ٽن شهزادن کي شوٽ ڪيو ويو..... به بهادر شاهه ظفر جا پٽ: مرزا بهادر ۽ مرزا خضر سلطان ۽ هڪ پوٽو مرزا ابوبخت.

انڊيا ۾ 1857ع واري بلوي دوران 22 سيپٽمبر تي انگريزن جي سولجر ڪئپٽن وليم هڊسن، شهنشاهه جي جان بخشي ڪرڻ جي شرط تي کيس گرفتار ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن هو بادشاهه جي خاندان جي سورهن پاتين کي همايون جي مقبري تان گرفتار ڪري پنهنجن سؤ سپاهين جي سڪيورٽيءَ ۾ قلعي ڏي روانو ٿي رهيو هو ته هن کي هن خوني دروازي وٽ اطلاع مليو ته شاهي گهراڻي جي قيدين (عورتن، مردن، ٻارن ٻچن) کي ڇڏائڻ لاءِ مسلمانن جو وڏو لشڪر اچي رهيو آهي. هن يڪدم ٽنهي ٽن شهزادن (بهادر شاهه جي ٻن پٽن ۽ هڪ پوٽي) کي گاڏيءَ مان ڪڍي، اگهاڙو ڪري، پستول سان ماري، سندن سر ڌڙ کان ڌار ڪيا. ان بعد گاڏيءَ ۾ داخل ٿي پنهنجي تلوار سان باقي پاتين عورتن ۽ ٻارن سميت سيني کي قتل ڪيو.

اڳئين دفعي، جڏهن ڪنڊيارو جي ڪلاس ميٽ اوڌن جي شاديءَ تي دهليءَ ۾ رهيو هوس ۽ روڊ تي هن خوني دروازي (جنهن کي لال دروازو يعني ڳاڙهو دروازو به سڏجي ٿو) وٽ فوٽو ڪڍي رهيو هوس، ته اتي موجود هڪ گائيڊ هن خوني دروازي بابت مٿيون احوال ٻڌائيندي اسان جهڙن ٽوئرسٽن کي چيو ته مغل سلطنت جي آخري شهنشاهه هند بهادر شاهه ظفر جي شهزادن جي قتل کان اڳ به هي دروازو بدنام هو جتي ٻيا به ان قسم جا واقعا ٿي چڪا آهن. هن انهن مان ڪجهه هن ريت ٻڌايا:

- مغل شهنشاهه جهانگير، جيڪو پنهنجي پيءُ اڪبر اعظم جي وفات تي تخت ۽ تاج جو والي وارث ٿيو اڪبر بادشاهه جي نورتنن مان ڪجهه سندس مخالفت ڪئي هئي. تخت تي ويهڻ سان جهانگير هڪ رتن عبدالرحيم خان خانا جي ٻن پٽن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ سندن لاش هِنَ ئي دروازي وٽ ٽنگرائي ڇڏيا. جن جي سڙڻ جي ڌپ پري پري تائين پکڙجي رهي.
- تخت حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ اورنگزيب (شاهجهان جي پٽ) پنهنجي وڏي ڀاءُ دارا شيخوءَ کي شڪست ڏئي، تخت حاصل ڪيو ۽ پنهنجي ڀاءُ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري، هن ئي دروازي مٿان ٽنگي ڇڏيو جيئن ماڻهو خوف کائين.
- هن دروازي لاءِ چيو ٿو وڃي ته هن 1739ع ۾ وڏي خونريزي ڏٺي. جڏهن پرشيا (ايران) جي نادر شاهه دهليءَ جي عمارتن ۽ ماڻهن کي ساڙيو ۽ قتل ڪيو.

هي دروازو سادا پندرهن ميٽر يعني 60 فٽ ڪن اتان هون آهي ۽ پٿرن جو ٺهيل آهي. دروازي جي مختلف طبقن تائين پهچڻ لاءِ ٽي ڏاڪڻيون آهن.

هتي اهو به لکندو هلان ته هي دروازو 2002ع ۾ ٻيهر سخت بدنام ٿيو هو جڏهن هتي ٽن نوجوانن هڪ ميڊيڪل جي شاگرديائيءَ سان زوريءَ زنا ڪئي هئي. هن واقعي سڄي انڊيا ۾ ايڏو ته وڳوڙ پيدا ڪيو جو انڊيا جي پارليامينٽ ۾ ان تي وڏو بحث هليو.

سو منهنجي ان ڳالهه ۾ وزن سمجهيو وڃي ته اسان جڏهن ڪراچيءَ جي بهادر شاه ظفر روڊ تان هلون ٿا، ته هن روڊ جي ٻئي حصي، طارق روڊ وانگر، اسان جي ذهن ۾ فقط شاپنگ رهي ٿي، پر دهليءَ جي هن روڊ تان هلندي، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ذهن ۾ تاريخ جا ظلم، خونريزيون، حاڪمن جون عياشون ۽ عوام جون مجبوريون ۽ مسڪيني

حالتون ٿيون اپرن ۽ اهو سوچي ڊپريشن ٿو ٿئي ته اڄ ڪٺي ايڪهين صدي آهي ۽ شهنشاهيت بدران جمهوريت آهي، پر اسان جهڙن ملڪن ۾ ان جي عوام جي حالت اها ئي ماضيءَ جهڙي آهي. اسانجي حاڪمن يا ته تاريخ جو مطالعو نه ڪيو آهي، يا ڪيو آهي ته ان مان سبق حاصل ڪرڻ لاءِ هو تيار ناهن. هو اڄ به ماضيءَ جي حاڪمن وانگر هڪ دفعو حاڪم ٿئي ٿو ته غريب عوام کي وساري اهو ئي سمجهي ٿو ته آئون هميشه لاءِ رهندس. دنيا جي ڪا طاقت مونکي هٽائي نه سگهندي. هو پنهنجو پاڻ کي هميشه لاءِ قائم رکڻ لاءِ پوريون ڪوششون ۾ قلعا ٺاهي ٿو- ايتريقدر جو عوام کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته هن ظالم مان ڪيئن جان ڇٽندي؟! هن کي ڪا طاقت هٽائي ڪو نه سگهندي..... پر پوءِ هو ڇا چوندا آهن ته: "نادر نادر آهي، ته قادر به قادر" آهي. دنيا جا توڙي اسانجي ملڪ جا طاقتور حاڪم ڪيئن هوائن ۾ گم ٿي ويا.....

ڇا ڪنهن کي خاطري آهي ته عوام کان لٽيل مال، ملڪيت، پبلڪ جي ٽئڪس مان ٺهيل محل، محلاتون ڪين يا سندن اولاد کي نصيب به ٿينديون؟ يا سندن هيڏي وڏي پلاننگ باوجود به سندن اولاد ڪسمپرسيءَ جي حالت گذاريندو ۽ هن کي ڏک مان چوڻو پوندو ته:

کتنا ہے بدنصیب ’ظفر‘ دفن کے لئے
دو گز زمیں بھی نہ ملی کوئے یار میں

منهنجي بنگالي جرنلسٽ دوستَ، (جيڪو ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪلڪتي ۾ هو)، پنهنجي ڳوٺ چٽگانگ پهچي، مون ڏي هندوستان جي آخري مغل شهنشاهه بهادر شاهه ظفر جي پڙپوٽي، مرزا بيدار بخت جي سٺ ورهين جي ڄمار جي زال، سلطانا بيگم جون تصويرون موڪليون آهن. جيڪا ڪلڪتي جي غريب محلي جي هڪ ٻن ڪمرن جي گهر ۾ رهي ٿي. جنهن ۾ رڌڻو ۽ وهنجڻ جاءِ به نه آهي. اهي هوءَ پاڙي وارن جا استعمال ڪري ٿي ۽ ڪپڙا گهٽيءَ جي نلڪي تي ڌوئي ٿي. مرزا بيدار بخت 1980ع ۾ گذاري ويو. ان بعد هن جي انڪم جو ذريعو فقط 60 پائونڊ (9000 روپيا) ماهوار آهي، جيڪو هن کي سرڪار طرفان ملي ٿو. هن وقت هوءَ پنهنجي اڪيلي غير شادي شده ڌيءَ مڌو بيگم سان گڏ رهي ٿي. اسانجي بنگالي صحافي دوست ٻڌايو ته هوءَ جنهن مسڪيني حالت ۾ رهي ٿي، اها ڏسي ڏک ٿئي ٿو. هن ٻڌايو ته هن جون ٻيون ڏيئون پنهنجن مڙسن سان رهن ٿيون، پر هو به ايڏيون غريب آهن، جو هنن جو گذارو ئي مشڪل سان ٿو ٿئي. "هڪ الله ڄاڻي ٿو ته اسان جو ڪيئن ٿو وقت گذري؟!" سلطانا بيگم ٻڌايو.

سلطانا بيگم جي مسڪينيءَ جون ڳالهيون ٻڌي ڪجهه گهڙين لاءِ منهنجي ڌيان ۾ انگريز فوجي ميجر وليم هڊسن (جنهن دهليءَ جي خوني دروازي وٽ بهادر شاهه ظفر جي ٻن پٽن ۽ هڪ پوٽي جا ڪپڙا لاهي، ڪين ڪاربائين (بندوقڙيءَ) سان شوٽ ڪيو) جي زال جي آخري ڏينهن جي زندگي ياد اچي وئي، جيڪا هن سخت غربت ۾ گذاري. حالتن اهڙو پلٽو کاڌو جو هڊسن پنهنجن جي ئي نفرت جو شڪار ٿي ويو ۽ هن تي ڪوڙا سچا ڪيئي الزام لڳا. بهادر شاهه ظفر جي واقعي کان پورا 6 مهينا پوءِ، مارچ 1858ع ۾، پنهنجي فوجي ريجمينٽ سان گڏ لکنوءَ ۾ ’بيگم ڪوٺي‘ تي، هُو گولي بازي ڪري رهيو هو ته مخالف ڌر جي هڪ گولي ڪيس اچي لڳي ۽ هو اتي ئي ڍير ٿي ويو. هن کي اتي ئي لکنوءَ جي لامارٽينر (La Martiniere) باغ ۾ دفن ڪيو ويو. اڄ به سندس قبر اتي موجود آهي ۽ پر سان لامارٽينر نالي ڪاليج آهي.

انگريز ناول نويس جيمس ليزر پنهنجي ناول "Follow the Drum" ۾ هڊسن جي زندگي ۽ موت جو سربستو احوال ڏنو آهي. هڊسن هڪ غريب ماڻهوءَ جي حالت ۾ وفات ڪئي. سندس مرڻ بعد هن جي گهران فقط هڪ منڊي، هڪ واچ، بائيبل ۽ دعائن جو ڪتاب مليو جن جو وڪرو ڪرڻ تي ڪل رقم 170 پائونڊ ٿي. هن جي زال وٽ ايترو پئسو نه هو جو هوءَ پاڻيءَ جي جهاز جي ٽڪيٽ خريد ڪري پنهنجي وطن انگلينڊ وڃي سگهي. ڪيس خيراتي فنڊ مان پاڙو ڏنو ويو ۽ انگلينڊ پهچڻ تي راڻي وڪٽوريا ڪيس رهڻ لاءِ هڪ مسواڙي فليٽ ڏنو. سندس مرڻ تي هن جي فليٽ مان فقط 442 پائونڊ (اٽڪل 85000 روپيا) مليا. بهادر شاهه ظفر کي جڏهن بندوق جي زور تي آڻ ميجرائي

هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته هن پنهنجيون هِيُي قيمتي تلوارون هڊسن جي حوالي ڪيون. جن مان هڪ تي نادر شاهه جو نالو اڪريل هو ۽ ٻئي تي جهانگير بادشاهه جي مهر (Seal) لڳل هئي. هڊسن اهي ٻئي تلوارون مهاراڻي وڪٽوريا ڏي موڪليون. جيڪي اڄ به انگلنڊ جي موجوده راڻي ايلزبيٿ جي Collection ۾ موجود آهن. مهاراڻي وڪٽوريا کي گهٽ ۾ گهٽ ان شخص هڊسن جي زال سان وڌيڪ سنو ورتاءُ ڪرڻ کپندو هو جنهن انگريزن جي هارايل بازيءَ کي کٽرايو ۽ انڊيا تي برٽش راڄ شروع ڪرايو ۽ راڻي وڪٽوريا انگلنڊ سان گڏ انڊيا جي به راڻي سڏجڻ لڳي.

منهنجي خيال ۾ هتي به اڪر مغل سلطنت جي هن آخري شهنشاهه بهادر شاهه ظفر دوم بابت لکڻ بي مهل نه ٿيندو. فاسٽ فارورڊ ۾ انڊيا ۾ 1526ع ۾ مغل سلطنت جو پايو وجهندڙ ظهير الدين بابر کان وٺي، مختصر احوال ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان. جيئن اڄ جي نوجوان (جنهن کي اسڪول ۾ تاريخ جهڙو سبجيڪٽ گهٽ پڙهايو ٿو وڃي) کي منهنجن هنن ڪجهه صفحن مان لاڀ حاصل ٿي سگهي. چو ته تاريخ جي ڄاڻ تمام اهم آهي ۽ اها نه فقط B.A آرٽس جي شاگردن لاءِ پر ڊاڪٽرن، انجنيئرن، وينڊي سياستدانن ۽ ڪارخانيدارن لاءِ به ضروري آهي.

اڄ ڪلهه اسان جي ملڪ جا شوقين ۽ پئسي وارا ماڻهو ازبڪستان، آزربائيجان ۽ تاجڪستان جهڙن ملڪن ڏي گهمڻ ڦرڻ لاءِ وڃن ٿيا. اهي ۽ ٻيا انهن جي آس پاس، ترڪمنستان، ڪرغستان، جارجيا وغيره وچ ايشيا جا ملڪ سڏيا وڃن ٿا. اهي ملڪ نه فقط سهڻين عورتن جي ڪري مشهور آهن، پر تاريخ جي ڪري پڻ. اسان پاڪستان، انڊيا، سري لنڪا ۽ بنگلاديش جا ماڻهو هڪڙي ئي سانچي جا آهيون ته برما، ٿائلنڊ، ملائيشيا، انڊونيشيا، ڪمبوڊيا وغيره جا ٻئي سانچي جا چئي سگهون ٿا. اهڙيءَ طرح اسان جي ملڪ پاڪستان جي اتر ۽ اتر اولهه جو رخ رکبو ته افغانستان ۽ ايران کان وٺي متين سينٽرل ايشيا جي ملڪن جي ماڻهن جو رنگ روپ، نڪ نقشو اسان کان مختلف نظر ايندو. پاڪستان جي اتر ڏي وڃبو ته افغانستان بعد تاجڪستان ۽ ترڪمنستان ايندو ۽ انهن جي مٿان، يعني وڌيڪ اتر ۾ ڪرغستان ۽ ازبڪستان ايندو. جنهن ڪانپوءِ روس ٿو شروع ٿئي ۽ هيڏانهن اتر اولهه پاسي، ايران بعد آذر بائجان ۽ ان مٿان گرجستان (جارجيا) جنهن مٿان روس ڦريو ٿو اچي.

وچ ايشيا جي ملڪن جا هاڻ ته پڪا بارڊر ٿي ويا آهن، پر پراڻن ڏينهن ۾ يعني تيرهين، چوڏهين، پنڌرهين صديءَ ۾ ڪڏهن سمر قند ۽ بخارا جهڙا شهر افغانستان ۾ ٿي آيا، ته ڪڏهن پرشيا (ايران) ۾. جيئن ڪنهن زماني ۾ ملتان جهڙا شهر به سنڌ جو حصو هئا. ان وقت جي ملڪن جا وري مختلف حصا ۽ پرڳڻا هئا، جن تي گهڻو ڪري تيمورلنگ ۽ چنگيز خان جي اولاد جو راڄ هو. جيئن ايران ۾ تيمورلنگ (1405ع ـ 1336ع) جي وڏي پٽ شاهه رخ (1447ع ـ 1377ع) جي سندس پيءُ جي وفات بعد، 1405ع کان 1447ع تائين حڪومت رهي. هي شاهه رخ بادشاهه اهو آهي، جنهن جي راڻي گوهر شاد بيگم (1457ع ـ 1378ع) جي نالي مشهد شهر ۾، امام علي رضا جي روضي پرسان، مشهور مسجد آهي. هنن جو وڏو پٽ شهنشاهه الغ بيگ حڪومت هلائڻ ۾ ته ڪٽي جڏيرو هو پر هو تمام گهڻو قابل حسابدان ۽ سائنسدان هو. جنهن جون ايجاد ڪيل مٿس، ترگناميٽري، اسفيريڪل جاميٽري ۽ Astronomy (علم فلڪيات) جون شيون، اڄ به اسان وٽ ۽ يورپ ۾ پڙهايون وڃن ٿيون.

ان مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته اسان جا سڀ حاڪم شرابي، ڪوابي ۽ موالي به نه هئا. الغ بيگ جهڙا قابل ۽ ڪم جا ماڻهو به هئا..... مذهبي ۽ انصاف پسند به هئا. الغ بيگ بابت ڪٿي نه پڙهيو اٿم ته هن وٽ ڊڙ ڪنيزائن (Concubines) يا ٻانهين جو هو پر يارو! باقي الغ بيگ شاديون بين بادشاهن وانگر جيئن جو تيئن ڪيون. نه نه تڏهن به سندس ڏهه کن زالن جو ذڪر اچي ٿو: بِڪي بيگم، سلطان بڙي الملڪ بيگم، اقي سلطان خانقا، حسن نگار خانقا، شڪر بي خانقا، رقيه سلطان خاتون، مهر سلطان آغا، سادت آغا، دولت بخت ۽ بختي آغا. خبر ناهي ان وقت جي مولوين ڪيئن ٿي برداشت ڪيو؟! يا شايد پاڻ به چئن کان متي زالون رکيو وينا هئا يا وري هنن ان وقت جي حاڪمن لاءِ، اسلام کي سندن مرضيءَ مطابق رنگ ڏئي، سندن هر ڳالهه کي صحيح قرار ٿي ڏنو. بقول اسانجي مزاحيا ليکڪ حليم بروهيءَ جي.....

“Religion has been scissored & recissored tailored & retailored to make the rich & Power fuls happy”.

بابر جون ٻہ ڏهاڪو کن زالون هيون. يعني اهي مشهور هيون, جن بابت هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي يا هن جي تاريخ نويسن لکيو آهي: عائشہ سلطان, زينب سلطان, ماهام بيگم, معصوما سلطان, گل رخ بيگم, دلدار بيگم, مبارڪا يوسفزئي, صالحا سلطان بيگم, گلنار آغاچا, نرگل آغاچا. بابر ڳوٺان انڊيا آيو تہ هڪ زال هئس. ٻين سان شادي پنهنجي بادشاهت واري دؤر ۾ ڪيائين. غريب ڪا چار سال حڪومت مس ڪئي, 1526ع کان 1530ع تائين..... ان ۾ بہ سمورو عرصو بغاوتن کي منهن ڏيندو رهيو.... سمورو وقت هٿ ۾ تلوار ۽ پاڻ گهوڙي تي سوار هو..... هيترين زالن کي فقط مغلي ڏش کائڻ ۽ انڊيا جي راجائن ۽ نوابن کان ڦريل ڳهہ پائڻ جو سک مليو هوندو. جلد ئي سيني کي رنڙون ۽ بيواهون ڪري وڃي قبر وسايئين.

زالن جو معاملي ۾ اهو ئي حال همايون, اڪبر, جهانگير جو هو. البت اورنگزيب کي فقط ٽي زالون هيون: دلارس بانو بيگم, نواب ٻائي, اورنگ آبادي محل. سندن ٻانهين, ڪنيزائن جي خبر نٿي پوي. اهي راز پوءِ جي مغل شهنشاهن جا ڦاٽ ٽا ڪائين, جڏهن هنن يورپين سان دوستي ڪئي ۽ ڪين حويلين اندر بہ وٺي آيا.... جن سان گڏ ويهي شراب پيئندا هئا ۽ گندا چرچا ۽ Vulgar ڳالهيون بہ هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئا..... جن نيٺ هٽي کين ٻي تخت ۽ ٻي تاج ٻٽائي ڇڏيو. سڄي انڊيا تي انگريزن, پورچوگالين (گوا وغيره تي) ۽ فرينچن (پانڊيچيري تي) جو قبضو ٿي ويو. مغل سلطنت جي آخري شهنشاهہ جهڙي حڪومت ڪئي, تهڙي نہ ڪئي. ويچاري کي دربدر ڪيو ويو. سندس ٻن پٽن, هڪ پوٽي ۽ گهر جي ڪجهہ ڀاتين کي سندس اڳيان قتل ڪيو ويو. خوف ۽ خونريزيءَ کان بچڻ لاءِ باقي هيڏانهن هوڏانهن هليا ويا. پاڻ هڪ مختصر ٽولي سان رنگون پهچايو ويو. نہ تہ بہ بهادر شاهہ جي بہ پنجن زالن جو ٻڌجي ٿو: نورالنساء بيگم, مهر پرور بيگم, امت حبيب بيگم, هڪ هندو عورت راڻي چتر ٻائي ۽ هڪ ٻي بہ هيس جنهن جو نالو ڏيان ۾ نہ پيو اچي.

نہ فقط بهادر شاهہ ظفر, پر سندس وڏن بہ هندو عورتن سان شادي ڪئي. جيئن اڪبر بادشاهہ (مغل سلطنت جي ٽئين شهنشاهہ) امبر جي راجپوت راجا ڀارمل جي ڌي جوڌاٻائيءَ سان شادي ڪئي. اڪبر جي پٽ شهنشاهہ جهانگير, راجا ڀڳوانداس جي ڌيءَ من ڀاوتي ۽ جوڌپور جي راجا اڌ ئي سنگهہ جي ڌيءَ من ماتيءَ سان شادي ڪئي. اڪبر وانگر جهانگير جي زالن جو بہ ڪاٿو ئي ناهي. مشهور راڻي نورجهان سندس ويهون نمبر زال هئي, جنهن سان هن 1611ع ۾ شادي ڪئي. جهانگير تہ ايڏو شرابي ۽ ڀنگ چرس جو عادي ٿي ويو هو جو هر وقت نشي ۾ پئي رهيو ۽ حڪومت جو ڪاروبار نورجهان تي هلايو. بهرحال پاڻ تيمور لنگ ۽ سندس پٽ شاهہ رخ ۽ پوٽي الغ بيگ جي ڳالهہ پئي ڪئي. اهڙيءَ طرح تيمور لنگ جي ٻئي اولاد جي افغانستان, ازبڪستان, ترڪمنستان ۽ وچ ايشيا جي مختلف حصن ۾ حڪومت هئي. الغ بيگ جي 1449ع ۾ وفات بعد سندس ٽيون نمبر پٽ عبداللطيف (1450ع ـ 1420ع) تخت تي وينو. بلڪ هٿي اهو ٻڌائيندو هلان تہ تخت ۽ تاج, پئسو ڏوڪڙ ۽ پاور اهڙي شئي آهي, جنهن لاءِ اسان جي مسلمان حاڪمن ٻين کي تہ ڇا, پر پنهنجن پيارن ۽ والدين کي بہ قتل ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ هڪ مسلمان کي ڪنهن کي قتل ڪرڻ لاءِ سختيءَ سان منع ٿيل آهي.

الغ بيگ پنهنجن پٽن کي ننڍي هوندي ئي سندس حڪومت جي مختلف حصن جو گورنر ڪري رکيو هو پر سندس ٽئين نمبر پٽ عبداللطيف کي ايڏو جلد سلطان (حاڪم) ٿيڻ جي آتورپلا ٿي جو هن ڪجهہ سپاهين سان گڏجي پنهنجي پيءُ الغ بيگ خلاف بغاوت ڪري, هن کي گرفتار ڪيو ۽ سندس جان بخشيءَ لاءِ ڪيس آڻ مڃڻ لاءِ چيو ويو. هو غريب پنهنجي پٽ جي پيرن تي اچي ڪريو. پٽ عبداللطيف مرزا هن تي ٻاجهہ کائي, معافيءَ جو حڪم جاري ڪري, ڪيس حج ڪرڻ لاءِ مڪي شريف موڪليو. هو اجان واٽ تي هو تہ مڪار عبداللطيف, نہ فقط هن کي قتل ڪرائي ڇڏيو پر پنهنجي ڀاءُ کي بہ..... ۽ پاڻ 1449ع ۾ سڄي ملڪ جو تخت نشين ٿي ويهي رهيو. پر سندس

حڪومت ڇهہ مهينا بہ ڪا مس رهي. ڪورٽ جي اميرن ڳٺ جوڙ ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. پنهنجي پيءُ کي مارڻ ڪري شهنشاهہ عبداللطيف، ”پدر ڪش“ يعني ”پيءُ جو قاتل“ واري لقب سان بہ مشهور آهي.

شاهہ رخ وانگر تيمورلنگ جو هڪ ٻيو پٽ شهزادو ميران شاهہ هو. هو ميران شاهہ ۽ سندس پٽ شهزادو سلطان محمود، ڪنهن پرڳڻي جا حاڪم تہ نہ ٿيا پر سلطان محمود جو پٽ (يعني تيمور لنگ جو پڙ پوٽو) سلطان ابو سعد (1424ع _1469ع) سمر قند جو 1451ع کان مرڻ تائين حاڪم ٿيو. اسان وارو مغل سلطنت جو انڊيا جو پهريون شهنشاهہ ظهير الدين بابر، هن حاڪم سلطان ابو سعد جو پوٽو ۽ شهزادي عمر شيخ مرزا جو پٽ هو. هتي اهو بہ لکندو هلان تہ هن تخت ۽ تاج جي جنگ ۾ شاهہ رخ جي وفات تي جيئن ئي سندس زال گوهر شاد حڪومت جون واڳون سنڀاليون، تہ سمر قند جي هن حاڪم سلطان ابو سعد کيس قتل ڪرائي ڇڏيو. پر ڪورٽ جي اميرن ذريعي گوهر شاد جي پٽ الغ بيگ کي تخت تي ويهاريو ويو.

بابر جي پيءُ شيخ عمر کي حڪومت تہ نہ ملي، پر کيس فرغاناواديءَ جو سردار بڻايو ويو ۽ سندس وفات تي سندس 12 سالن جي وڏي پٽ بابر کي 1495ع ۾ فرغانا علائقي جو سردار (Chieftain) بڻايو ويو. فرغانا بہ سمر قند ۽ بخارا شهر وانگر ازبڪستان جو شهر آهي ۽ سڄي فرغانا علائقي جي گاديءَ جو شهر آهي. هونءَ بہ ازبڪستان قدرتي سونهن سبب خوبصورت ملڪ آهي ۽ فرغانا ماٿريءَ وارو علائقو گهڻو وڻان آهي ۽ پنجاب وانگر سرسبز علائقو آهي. اهو سڀ اتان وهندڙ ٻن ندين : روڊ نارين ۽ قاره دريا جي ڪري آهي. جيڪي اڳتي هلي نمنگان شهر وٽ اچي ملن ٿيون، جيئن انڊيا جي شهر الهہ آباد وٽ گنگا ۽ جمنا ملن ٿيون. نمنگان پڻ ازبڪستان جو هڪ خوبصورت شهر آهي ۽ سطح سمنڊ کان 500 ميٽر (يعني اڌ ڪلو ميٽر کن) مٿي آهي. هن شهر وٽ مٿيون ٻئي نديون ملي ”سير“ (Syr) نالي درياهہ ٺاهين ٿيون، جنهن کي عرب ”سيحون ندي“ سڏين ٿا. اهڙيءَ طرح فرغان کان 80 ڪلو ميٽرن (يعني ڪراچي صدر کان سپر هاءِ وي تي نوري آباد تائين) جي فاصلي تي، ازبڪستان جو هڪ ٻيو خوبصورت شهر انديجان (Andijan) آهي، جتي مغل شهنشاهہ بابر جائو ۽ وڏو ٿيو ۽ پوءِ هُنَ فرغانا شهر ۾ ويهي فرغانا جي علائقي تي راڄ ڪيو. سمر قند ۽ بخارا گهمڻ لاءِ ويندڙن کي آئون هميشہ چوندو آهيان تہ هو فرغانا ۽ انديجان شهر بہ ڏسڻ وڃن ۽ اتي پهچي تصور ڪن تہ هنن گهٽين ۾ بابر ننڍو تي وڏو ٿيو. هنن سرسبز علائقن ۾ هن گهوڙي تي سوار ٿي رعيت تي نظر رکي..... انهن ڏينهن ۾ ڪارون ۽ پڪا رستا تہ هئا ڪو نہ.... بادشاهہ ۽ امير وزير گهوڙن تي ئي سوار ڪندا هئا. هاڻ ازبڪستان جا رستا ۽ بس سروس لاجواب آهي - ٻهراڙيءَ ۽ جبلن جا نظارا ڪرڻا آهن تہ ڪوالالمپور کان سنگاپور وانگر، هتي بہ هڪ دفعو بس ۾، سمرقند يا بخارا کان فرغانا ضرور وڃو. سمرقند کان فرغانا 570 ڪلو ميٽر فاصلو آهي ۽ بخارا کان 840 ڪلو ميٽر. پر جي توهان جو سرڪاري ميٽنگن يا سيمينارن لاءِ تاشقيد اچڻ ٿو ٿئي تہ اتان کان فرغانا ايترو پري آهي، جيترو ڪراچيءَ کان نواب شاهہ..... اٽڪل 300 ڪلو ميٽر.

اڳئين زماني ۾ ماڻهو خچرن، گهوڙن ۽ اٺن ذريعي خيبر پاس لتاڙي سمرقند، بخارا، فرغانا، تاشقند پهچندا هئا. هاڻ هوائي جهاز وارو رستو ونجي تہ پشاور کان فرغانا سڌو ئي سڌو اتر طرف آهي. پشاور کان اتر ڏي اڌ امندڙ پڪي چترال ۽ باجوڙ ايجنسي شهرن مٿان ٿيندو افغانستان جي بازگير شهر، ان بعد تاجڪستان جي خاروغ (Kharog) ۽ ڪرغيرستان جي تاريخي شهر قزل قيہ مٿان ٿيندو فرغانا شهر ۾ پهچي سگهجي ٿو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ وچم ڪوهہ قاف وارن جبلن مٿان هڪ پکي تہ ڇا هوائي جهاز بہ پاسو ڪري لنگهي ٿو. سڌو رستو هجي تہ پشاور کان فرغانا 900 ڪلو ميٽر فاصلو ٿئي، پر فرغانا کان باءِ روڊ، جيڪي ازبڪ ڪراچيءَ ۾ شاپنگ لاءِ اچن ٿا، اهي ٻڌائين ٿا تہ جبلن جي ڪري ور وڪڙ ڏئي ايندڙ رستو فرغانا کان پشاور تائين 1400 ڪلو ميٽر ٿئي ٿو. وچ ۾ افغانستان ڦڏي وارو ملڪ آهي نہ تہ ڪراچيءَ کان سمرقند، بخارا، تاشقند يا فرغانا ائين وڃي سگهجي ٿو جيئن 1960ع واري ڏهاڪي ۾ RCD پئڪٽ جي ڪري، ايران ۽ ترڪيءَ جي ويزا جي ضرورت نہ هجڻ سبب ڪراچيءَ کان بس ذريعي ڪوئيٽا، زاهدان، تهران ۽ تبريغ کان ٿيندو ترڪيءَ جي شهر انقره ۽ استنبول پهچي ويندا هئاسين. يا جيئن اڄ بہ بئنڪاڪ

ڪان بس يا ريل گاڏيءَ ذريعي سڌو ڏکڻ ٿائلئنڊ لنگهي، ملائيشيا جي شهرن پينانگ، اپوح، ڪوالالمپور، تمپين (ملاڪا) ۽ جوهور بارو مان ٿيندو سنگاپور پهچي وڃو. يعني رستي تي پهچيو وڃجي. ته پاڙو به گهٽ پرڙو پوي ٿو. جيئن ميرپور خاص کان ٽرين رستي احمد آباد، بڙودا يا ممبئي ٿورن پئسن ۾ پهچي سگهجي ٿو.

مٿي بيان ڪيل ڪرغيرستان جو شهر قزل قيه (Kyzyl Kyya) فرغانا کان 35 ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي آهي. فرغانا، سمرقند ۽ بخارا وانگر هي به هڪ آڳاٽو شهر آهي. خوشحالي ۽ واپار وڙي کان فرغانا ماٿريءَ جا شهر آڳاٽا آهن. جتان شاهراهه ريشم (خاص ڪري اتراهون شاهراهه ريشم) لنگهي چين جي آڳاٽي شهر ۽ گاديءَ واري هنڌ شي آن (Xian) آيو ٿي. شاهراهه ريشم کي انگريزيءَ ۾ "Silk Road" ۽ فارسيءَ ۾ 'جاده ابريشم' چون ٿا. فرغانا شهر وانگر انديجان شهر (جتي بابر ڄائو) پڻ هڪ آڳاٽو شهر آهي ۽ شاهراهه ريشم تي اچي ٿو. انديجان شهر بلڪل ان هنڌ تي آهي، جتي ازبڪستان جي بائونڊري ڪرغيرستان سان ملي ٿي.

منهنجي خيال ۾ هيستائين پڙهندڙن کي آئيڊيا ٿي ويو هوندو ته مغل بادشاهه بابر جي تيمورلنگ سان ڪيئن ماٽي هئي ۽ مشهد (ايران) واري گوهر شاهه مسجد واري بيگم گوهر شاد ۽ شاهه رخ جو پٽ سلطان الغ بيگ مرزا ۽ ان جو پٽ سلطان عبداللطيف مرزا، اسان واري شهنشاهه هند ظهير الدين بابر جو سمجهو ته سئوٽاٽي سوٽ ٿيو.

**تيمورلنگ (1336_1405)**
حڪومت (1370_1405)

شاهه رخ (1377_1447)
حڪومت 1405_1447
زال
گوهر شاد بيگم
(1378_1457)
(سلطان ابو سعد قتل ڪيس)

الغ بيگ (1394_1449)
حڪومت 1447_1449

عبداللطيف مرزا
(1420_1450)
حڪومت (1449_1450)

شهزادو ميران شاهه
(تيمورلنگ جو هڪ پيو پٽ)
(1366_1408)

شهزادو سلطان محمود

سلطان ابو سعد
(سمرقند جو حاڪم)
(1424_1469)
حڪومت (1451_1469)

شهزادو عمر شيخ مرزا
(فرغانا ماٿريءَ جو سردار)
(1456_1494)
زال: قتلغ نگار بيگم

ظهير الدين بابر
(1483_1530)
حڪومت هند (1526_1530)

هندوستان جي مغل شهنشاهہ بابر جي والد عمر شيخ مرزا (جيڪو ازبڪستان جي فرغانا ماٿريءَ واري پرڳڻي جو سردار (Chieftian) هو.... يا ڪٽي چئجي تہ حاڪم هو) جو گذريل صفحن ۾ ذڪر ڪندي ڪجهہ ڳالهيون ياد اچي ويون. ممبئي ۾ جڏهن آئون ممبئي يونيورسٽيءَ جي گيسٽ هائوس ۾ رهيل هوس تہ شام جو پرواري ڪُرلا ريلوي اسٽيشن تان لوڪ ٽرين ۾ چڙهي شهر جي مرڪزي ريلوي اسٽيشن CST (چترا پتي شيوا جي ٽرمينس) ايندو هيس. جيڪا انگريزن جي ڏينهن ۾ VT يعني "وڪٽوريا ٽرمينس" سڏبي هئي. اتان پوءِ اها ٽرين مختلف هنڌن: فورٽ، ناريمن ويس ٽي، ڪرالا ڪان CST اسٽيشن تائين ايندي، رستي تي سيان، متونگا، دادر، پاريل، گري روڊ، چنچپوڪلي، سئنڊهرسٽ روڊ ۽ مسجد بندر اسٽيشن تي ترسي ٿي. بنان شڪ جي ممبئي هڪ ماڊرن شهر ٿي پيو آهي، جنهن ۾ ڪجهہ پاڪيٽ (حصا) اڄ بہ غربت جو ڏيک ڏين ٿا. اهڙن حصن مان هڪ جيڪو مون کي هن ٽرين ۾ سفر ڪرڻ دوران نظر ايندو هو، اهو منهنجي خيال ۾ سئنڊهرسٽ روڊ اسٽيشن يا 'مسجد بندر' اسٽيشن ويجهو ٽيڻ تي نظر آيو ٿي. ٽين جي ڇتين واريون ڪچيون جهوپڙيون يا ڪوڪن ذريعي ٺهيل پٽين وارا گهر، جن جي ٻاهران اوور فلو ٿيندڙ گٽر ۽ بيمار ڪتا نظر آيا ٿي ۽ انهن جي ئي آس پاس ٻار ڪيڏي رهيا هئا. ڇتين مٿان ڇارين جي ڪٻٽن ۾ ۽ ٻاهر اڏامندڙ ڪبوتر، جن کي پاجامن ۽ گوڏن ۾ ملبوس همراهہ پنهنجي پنهنجي گهر جي ڇت مٿان لٺ ذريعي پاڻ ڏي سڏي رهيا هئا. هڪ ڏينهن ممبئيءَ ۾ مونسان گڏ هڪ پوڙهو مرهٽو ريٽائرڊ پوليس آفيسر سفر ڪري رهيو هو. مونکي ٽوئرسٽ سمجهي، هُو ڪُرلا اسٽيشن کان جتان جتان لنگهياسين ٿي تہ اتان جي اهم عمارتن ۽ ٻين شين بابت ٻڌائيندو پئي هليو. جڏهن مسجد بندر واري اسٽيشن جي ويجهو ٿياسين تہ ان جهوپڙين واري علائقي (جنهن مٿان ڪبوتر اڏامي رهيا هئا) ڏي اشارو ڪري پڇيو مانس: "هي ڪير آهن؟"..... يعني "هتي ڪير ٿا رهن؟"

مرهٽي رٽائرڊ پوليس آفيسر هڪ گهڙيءَ لاءِ دريءَ مان ٻاهر نهاري وراڻيو: "اهي مسلمان آهن"..... ۽ پوءِ ساڳي ساهہ ۾ چيائين "انهن جو ڪم بس رڳو ڪبوتر پالڻ آهي". سندس جملا مونکي ڏاڍا چُڀندڙ لڳا. ننڍو هوس تہ ڏسندو هوس تہ اسانجي ڳوٺ جا ڪجهہ ماڻهو ڇت تي ڪبوتر پالي وڪڻندا هئا، انهن تي جوا ڪندا هئا ۽ سندن مائٽن کي هر وقت شڪايت هوندي هئي تہ هو ڪو پورهيو ڪرڻ بدرن موالي ٿيو پيا هلن. پوڙهي مرهٽي جي ان رمارڪ ۾ مون نِنڍپڻ جا ڏينهن ياد ڪيا تہ اسانجي ڳوٺ ۾ ڪنهن هندوءَ جي ڪڏ تي بہ ڪبوتر هئا - جيئن آئون گهٽ ۾ گهٽ اهو سوچي سڪون ۾ اچي وڃان تہ نہ سائين رڳو مسلمان نہ پر هندن جا بہ اهي ڪم آهن. پر مونکي ڪو اهڙو مثال نہ سُجهيو. اهو ضرور ياد آيو تہ اسان وٽ ڪبوتر پالڻ وارا وڏي فخر سان چوندا هئا تہ: "سائين! هي مغلي شوق آهي"..... عجيب هئا اسان جا مغل حاڪم بہ جن عوام کي ڪبوتر پالڻ ۽ پان کائڻ جهڙي شوق تي لڳائي ڇڏيو. اڄ جي ماڊرن دور ۾ سائنس ثابت ڪيو آهي تہ ڪبوترن کي پنهنجي ويجهو رکڻ ڪيڏو خطرناڪ آهي. هنن جي پرن مان نڪرندڙ جراثيم ۽ هنن جي وٺين ۽ مٺل ٻچن جو سڪڻ بعد اڏامندڙ چُورو، ڪيترين ئي بيمارين جو خاص ڪري ساهہ وارين بيمارين جو سبب بڻجي ٿو. ان بابت تفصيلي مضمون پنهنجي هڪ ڪتاب "وڻو وڏڦڙو" ۾ ڏئي چڪو آهيان ۽ اهو بہ لکيو اٿم تہ ملائيشيا ۾ گهر اڳيان ڪبوترن کي ويهندو ڏسي، انهن کي ٻاجهري ڏيڻ لڳس تہ هفتي ٻن بعد هنن جو تعداد ويو وڌندو. اهو محسوس ڪري منهنجي پرواري گهر ۾ رهندڙ ملئي ڪئپٽن کان برداشت نہ ٿيو ۽ آخر چئي ڏنائين تہ "مسٽر الطاف! هي ڪرين ڇا ٿو؟!"..... ۽ پوءِ مرڪندي ٽوڪ طور چيائين: "توهان ننڍي کنڊ جا مسلمان سڌرندئو ڪو نہ. مغلن وانگر ڪبوتر پالڻ جو شوق ضرور ڪندئو."

پنهنجي جونئر طرفان اهو ٻڌي مونکي ڪجهہ ڪاوڙ ۽ ڪجهہ ڏک ضرور ٿيو پر دل ۾ شڪر ڪيم تہ منهنجي ڪنهن يڪدم اک پَٽرائي. هو جي ائين نہ چوي ها تہ آئون ٻاجهر ڏئي پيو ڪبوترن جو ميڙ وڌايان ها ۽ منهنجا پاڙيسري ملئي توڙي يورپي مون تان ڪلندا رهن ها.

اهي ڳالهيون بابر جي پيءُ عمر شيخ تان ياد آيون. هو 38 سالن جي ننڍي عمر ۾ وفات ڪري ويو. پاليل ڪبوترن کي ڪبوتر خاني ۾ داڻو ڏئي رهيو هو. ڪبوتر خانو جنهن کي انگريزيءَ ۾ ”Dovecote“ سڏجي ٿو..... يعني ڳيرن يا ڪبوترن جي رهڻ جو گهر. هن اُهو گهر ڇت بلڪل جي ڇيڙي وٽ ٺهرايو هو. هو ان ۾ ڪبوترن لاءِ گهڙيو ته سڄي ڪبوتر خاني، اچي ڌرتيءَ تي ڦهڪو ڪيو ۽ بادشاهه سلامت اُٿ مري ويو. ٻئي ڏينهن سندس وڏي پٽ بابر کي (جنهن جي ان وقت يارهن ٻارهن سال عمر مس هئي)، فرغانا جي سرداريءَ جي پڳ ٻڌرائي وئي. بابر جيئن ئي تخت تي ويٺو ته سندس مائٽن رڻ ٻاري ڏنو ۽ بابر هنن جي بغاوتن کي منهن ڏيندو رهيو. هن جي ڀائرن، سوٽن ماساتن کي اها هوراڪورا ته ڪنهن طرح بابر جا ٽپڙ گول ڪجن ۽ بابر کي اها هورا ڪورا ته فرغانا ماتريءَ جي حڪومت ته ڪجهه به ناهي، سمرقند تي قبضو ڪجي. ٻن سالن بعد، يعني 1495ع ۾ هن سمرقند تي چڙهائي ڪري ان کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو پر پنيان سندس غير حاضريءَ ۾ سندس ٻئي ڪنهن مائٽ فرغانا تي قبضو ڪري ورتو..... ۽ پوءِ لشڪر تيار ڪري فرغانا کي واپس حاصل ڪرڻ لاءِ هن فرغانا تي حملو ڪيو پر سوڀ بدران هار نصيب ٿيس ۽ منهن ڦلهڙو ڪري سمر قند موٽيو ته رستي تي خبر پيس ته سمرقند به هاڻ سندس نه رهيو آهي. ڪنهن ٻئي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ جنهن رعيت ۽ درٻارين کي هن پنهنجو وفادار ٿي سمجهيو اهي سڀ نئين حاڪم جي بيعت ڪري چڪا آهن. ڪرڪيٽ ۽ اٽي ڏڪر ڪيڏڻ جي عمر ۾ بابر جا سلطنت وڌائڻ جا خواب پورا ٿي نه سگهيا ۽ سخت خوار ٿي ويو. ڪجهه سال هيڏانهن هوڏانهن نوس نوس ڪندي ڪجهه مائٽن مٽن جو ته ڪجهه غنڊن جهيڙاڪن جو لشڪر ناهي، 1501ع ۾ هن ٻئي شهر: فرغانا ۽ سمرقند، حاصل ڪرڻ لاءِ حملا ڪيا پر ماڳهين موچڙا کاڌائين. ڪجهه نه وريس. ان بعد ٽي سال ڪن ساهه پٽي 1504ع ۾ هن افغانستان واري شهر ڪابل کي فتح ڪري ورتو. فتح ڇا ڪري ورتو، ڪابل تي سندس سوٽ الغ بيگ جو ننڍي عمر وارو پٽ حاڪم هو. هڪ پٽ عبداللطيف جي مرڻ بعد ٻئي پٽي وارا ورتا. الغ بيگ لاءِ لکي آيو آهيان ته گوهر شاد بيگم جو پٽ هو. گوهر شاد نالي، مشهد ۾ امام رضا جي روضي پر سان مسجد ۽ ڪابل ۾ يونيورسٽي پڻ آهي.

بابر ان وقت جي صفوي حاڪم اسماعيل اول سان ڀائيواري ڪري هڪ دفعو وري سمرقند فتح ڪيو. چند سال به ڪا حڪومت مس ڪيائين ته ازبڪستان جي جنگجو ازبڪن مٿس حملو ڪري ڪابل، سمرقند، سڀ ڪسي ورتائونس. هي سڀ ڪجهه رڳو ان ڪري لکي رهيو آهيان ته جيئن خبر پوي ته ڇا پاور ۽ پئسي جي بک رهي آهي، جنهن ۾ حاڪمن، ڏارين کي به ملائي پنهنجي خاندان جي ڀاتين کي به ماري، تخت ۽ تاج تي هٿ ڪيو.

سڀ ڪجهه وڃائڻ بعد بابر ڪجهه سال خوار خراب حالت ۾ رلندو رهيو. آخر هن جي دماغ ۾ اهو آيو ته ڇو نه انڊيا ۾ حڪومت ٺاهي وڃي. هن پڪ سوچيو هوندو ته اسان تيموري، منگول ويڙهاڪ ماڻهو انڊيا جا ڍڄڻا مسلمان هندو..... انهن تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪا دقت نه ٿيڻ کپي. پر ڳالهه اها آهي ته ٻي ملڪ، صوبي يا علائقي تي ڪاهه ڪرڻ ۾ تيسين ڪاميابي ناهي ٿيندي، جيسين ڪو ان ملڪ جو مقامي ماڻهو پنهنجن سان غداري ڪري، ڪاهيندڙ جي مدد ڪري- پوءِ اهو ڪاهيندڙ چاهي انگريز هجي، محمد بن قاسم هجي يا طارق بن زياد. ان وقت اتر انڊيا تي حڪومت لوڌي گهراڻي جي افغان حاڪم ابراهيم لوڌيءَ جي هئي. 1524ع ۾ لوڌي گهراڻي جي هڪ باغي جنرل دولت خان لوڌيءَ، بابر کي دعوت ڏني ته هندوستان هليو آ ۽ ابراهيم لوڌيءَ کي تخت تان لاهي تون پاڻ حاڪم ٿي. 1524ع ۾ بابر پاڻيپت جي پهرين لڙائيءَ ۾ ابراهيم لوڌيءَ کي شڪست ڏئي، انڊيا ۾ مغل سلطنت جو بنياد رکيو. جنهن جو پاڻ پهريون بادشاهه ٿيو ۽ پوءِ سندن 330 سال انڊيا تي راڄ رهيو سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ طرح سندن راڄ جا سنڌ تي به ڪوسا ٿڌا ڏينهن ايندا رهيا. عوام جو دماغ ان سوچ ڪان ئي ڪيرو ٿي ويو ته ڪو سندن پنهنجو حاڪم ٿيندو..... ڪو ساڻن همدردي ڪندو ۽ خوشحالي آڻيندو.

سئيڊن جي يونيورسٽيءَ ۾ مون سان گڏ پڙهندڙ هڪ ازبڪستان جو شاگرد منهنجو پاڙيسري پڻ هو. هڪ ڏينهن يونيورسٽيءَ مان موٽڻ وقت بس ۾ کلي چيو مانس: ”نياڳا! پنهنجي بابر کي پاڻ وٽ فرغانا ۾ ئي سڪون سان حڪومت ڪرڻ ڏيو ها ته هو هيڏانهن اسان ڏي (ننڍي کنڊ ڏي) رخ نه ڪري ها“.

هو تاريخ جو شاگرد رهيو آهي. وڏي تحمل سان چيائين: ”پهرين تہ بابر ۾ بہ ڦتڪو هو. سڪون سان فرغانا جي تخت تي ويٺو هو. ڪيس ڪنهن چيو تہ سمرقند تي وڃي حملو ڪر جو پنيان توڪان فرغانا ڪسجي وڃي.... ۽ جي فرغانا ڪسجي ويو تہ توکي ان ڪان بهتر شهر سمرقند تہ ملي ويو. تون اتي ئي زندگيءَ جا ڏينهن گذاري ڇڏين ها. پر ٻين جي ٽيڪرن تي لڳي فرغانا تي حملو ڪرڻ لڳو تہ سمرقند بہ هليو ويس. رهيو سوال توهان جي ماڻهن جو تہ انهن ۾ همت ئي نہ هئي..... دهلي، لکنوءَ ڪان نئي بکر تائين .... هي بابر نہ اچي ها تہ ٻيو ڪو افغان، ترخان، منگلول، پورچوگالي يا انگريز اچي حڪومت ڪري ها. توهان جي ماڻهن ۾ نہ هئي ٻڌي، نہ ڄاڻ (تعليم)، نہ هٿيار رکڻ جو شعور.....“.

هن جي دليل بازي خبر ناهي ڪيتري حد تائين صحيح هئي ـ مونکي بئنڪاڪ بندرگاهہ جو ٿائلئنڊ جي قوميت رکندڙ بوهري واپاري ياد اچي ويو جيڪو اسان جي جهاز تي سوپارين جي ڪيپ ڪراچيءَ لاءِ موڪلي رهيو هو. منهنجي پڇڻ تہ هن ٻڌايو تہ: ”سوپاري ڪو فروٽ ناهي پر پاچي آهي، جيڪا يڪدم خراب ٿيو وڃي ۽ منجهس فنگس لڳڻ ڪري زهريلي ٿيو پوي“..... ۽ پوءِ ٺهڪ ڏيندي چيائين: ”اسانجي ملڪ ٿائلئنڊ ۾ تہ هي سوپاريون پولڙا بہ نٿا کائين.....“.

”تہ پوءِ هي ٽرڪن جون ٽرڪون اسان جي ملڪ ڇو ٿا موڪليو؟“. مون ڪجهہ ڏک جو اظهار ڪيو.

”بلڪل نہ موڪلڻ کپن. بلڪ توهان کي خريد ڪرڻ نہ کپن. آئون هڪ واپاري ماڻهو آهيان. آئون جي نہ موڪليندس تہ توهان جي ملڪ جا واپاري ڪو چپ ڪري ويهندا؟ هو هتان جي ڪنهن ٻئي هندو ٻڌ يا چيني واپاريءَ کان خريد ڪندا. اهو تہ توهان جي ماڻهن کي شعور هئڻ کپي تہ ههڙي زهريلي شئي جيڪا کائڻ سان بيماري هڪ طرف ٿئي ٿي تہ عادي ٻئي طرف بڻائي ٿي، اها کائڻ ئي نہ کپي. پر توهان وٽ وڏا تہ ڇا ننڍا ٻار بہ ماءُ جي پيٽ مان اهو سبق حاصل ڪري اچن ٿا تہ سوپاري کائڻي آهي...... پان کائڻو آهي، گٽڪو کائڻو آهي......“.

سو مقامي ماڻهو چاهي ملاڪا جا ملئي، ڪوچين ۽ گوا جا ملباري يا ڪوڪني، ٺٽي ۽ ديبل جا سنڌي، پنهنجي بچاءَ جو خيال رکن ها. ان بچاءَ لاءِ مقابلي جي ڄاڻ رکن ها. وقت مطابق انڊا منڊا هٿيار رکن ها تہ ڇا ڌاريا انهن کي موچڙا هڻي سگهن ها؟ هلاڪوءَ بغداد تي ڪاهہ ڪري وقت جي خليفي کي سنڌس گڏ ڪيل سون ڏي اشارو ڪري چيو تہ: ”ڪاءَ ڪاءُ! هن ڪان هٿيار رکين ها. ماڻهن کي بچاءَ جي ڄاڻ ڏين ها. تہ اڄ هيءَ حالت نہ ٿيئي ها“. ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندو آهيان تہ اسان جا حاڪم جيڪي عوام کي نہ تعليم جو هٿيار ڏين ٿا ۽ نہ هنن کي صحت ۽ روزگار. هنن جو پئسو هنن تي خرچ ڪرڻ بدران پنهنجيون تجوڙيون ڀيا ڀرين. هڪ ڏينهن نئب، پوليس، عدل جي کاتي يا فوج وٽ وٽ ڪين تہ هو تہ هٿين خالي وڃي جيلن حوالي ٿيندا ۽ شهنشاهہ ايران، قذافي، صدام، مارڪوس، سادات جيان ستن پيڙهين لاءِ جمع ڪيل مال جو Concept ئي چڪنا چور تي ويندو! بهرحال جيسين اسان ۾ شعور ۽ تعليم نہ ايندي اسان تي ڪو نہ ڪو پنهنجو يا پرايو ”بابر“ مسلط ٿيندو رهندو..... ۽ هر ايندڙ بابر اها ئي ڪوشش ڪندو تہ عوام تعليم ۽ صحت جهڙين شين ڪان عاري هجي. اهو اخلاقي طرح پست ۽ ذهني طرح مونجهاري جو شڪار هجي.

مٿي لکي چڪو آهيان تہ بابر پاڻيپت جي پهرين لڙائيءَ ۾ ابراهيم لوڌيءَ کي شڪست ڏني. دراصل اها لڙائي پاڻيپت جي شهر وٽ لڳي، جنهن تان ان تي اهو نالو پيو. پاڻيپت انڊيا جو هڪ آڳاٽو شهر آهي ۽ جي ٽي روڊ تي آهي. توهان جو جيڪڏهن باءِ بس لاهور ۽ امرتسر ڪان دهليءَ وڃڻ ٿئي ٿو تہ رستي تي هي تاريخي شهر ڏسي سگهو ٿا. پر جي سرڪاري طرح وڃي رهيا آهيو تہ پوءِ هو پاڻيپت بدران ڪنهن ننڍي شهر جي بس اسٽاپ تي بس کي بيهاري، توهان کي چانهہ مانيءَ لاءِ لهڻ ڏيندا. جو انڊيا حڪومت جي سڪيورٽيءَ جو مسئلو ٿو ٿئي. اهڙيءَ صورت ۾ توهان دهليءَ پهچي پوءِ پنهنجي طرفان بس يا ٽرين ۾ پاڻيپت گهمڻ لاءِ اچي سگهو ٿا. هي شهر هريانا رياست ۾ دهليءَ ڪان 90 ڪلوميٽرن ۽ ٻئي پاسي سکن جي شهر چنڊيگڙهہ ڪان 169 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. هونءَ تہ پاڻيپت تاريخي شهر هجڻ ڪري مشهور آهي، جو روايتن موجب پاڻيپت انهن پنجن شهرن مان هڪ آهي، جن

جو مها ڀارت جي ڏينهن ۾ پانڊوا ڀائرن بنياد رکيو. پاڻيپت ٽن لڙائين جي ڪري بہ مشهور آهي. جن بابت انڊو پاڪستان ۽ بنگلا ديش جو هر شاگرد مئٽرڪ تائين تاريخ جي ڪتابن ۾ پڙهي ٿو. خبر ناهي اڄ ڪلهہ اسانجي اسڪولن ۾ تاريخ ۽ جاگرافي پڙهائي وڃي ٿي يا نہ. جي پڙهائي وڃي ٿي تہ پوءِ هر شاگرد کي معلوم هوندو تہ 1526ع، 1556ع ۽ 1761ع ۾ پاڻيپت ۾ لڳل هنن ٽن لڙائين هندوستان کي مختلف موڙ ڏنا.

1526ع ۾ پاڻيپت جي پهرين لڙائي دهليءَ جي افغان سلطان ابراهيم لوڌيءَ ۽ فرغانا کان آيل بابر جي وچ ۾ لڳي. پاڻيپت جي ٻي لڙائي 1556ع ۾ بابر جي پوٽي مغل شهنشاهہ اڪبر ۽ دهليءَ جي هندو بادشاهہ هيم چندر وڪرمادت جي وچ ۾ لڳي. هيمون وٽ وڏو لشڪر هو ۽ شروعات ۾ هو اهي کٽي رهيا هئا ۽ لڳو پئي تہ مغل سلطنت جي آخرت ٿيڻ واري آهي. پر اوچتو ڪو تير هيمون چندر بادشاهہ جي اک ۾ لڳي ويو. هو اتي ئي ڍيري ٿي پيو ۽ سندس فوج ۾ ڀاڄ پيدا ٿيو. اڪبر بادشاهہ هاريل جنگ کٽي ويو. هيمونءَ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڪابل موڪليو ويو. جتي ان کي دهلي دروازي جي ٻاهران ٽنگڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو ۽ ڌڙ کي دهلي شهر جي پراڻي قلعي جي ٻاهر لڙڪايو ويو.

پاڻيپت جي ٽين لڙائي 1761ع ۾ مرهٽا سلطنت ۽ ٻاهران آيل افغان ۽ بلوچ حملو ڪندڙن جي وچ ۾ لڳي. ٻنهي ڌرين کي لک، ڏيڍ لک کن سپاهي هئا. افغان فوجين جي اڳواڻي احمد شاهہ ابدالي ڪري رهيو هو ۽ مرهٽن جي اڳواڻي سدا شِوَرائو ڀائو پيشوا ڪري رهيو هو. ٻنهي جا لک کن ماڻهو مارجي ويا. پر سوڀ افغان حاڪم احمد شاهہ ابداليءَ جي ٿي. اڄ ڪلهہ پاڻيپت سڪون وارو ۽ ٽوئرسٽن جو دلپسند شهر آهي ـ خاص ڪري ڪاڏي پيتي جي معاملي ۾ شهر جي وچ ۾ رام لال چوڪ وٽ مرچ مصالحن وارا ڪاڏن جا دُڪان لاهور ۽ ڪراچيءَ جي برنس روڊ جي ياد ڏيارين ٿا. ان کان علاوه پاڻيپت اڄ ڪلهہ ڪپڙي جي ڪارخانن کان بہ مشهور آهي ۽ دنيا ۾ "Textile City" ۽ "ڪورين جي شهر" (City of Weavers) جي نالن سان مشهور آهي.

ننڍو کنڊ (اڄ وارو پاڪستان، انڊيا ۽ بنگلاديش) جيڪو اڳ ۾ فارسي ٻوليءَ ۾ هندستان سڏبو هو ان ۾ ڪيئي راجا، مهاراجا، نواب، سردار، جنگجو پهلوان ۽ ڦڏي باز رهيا پئي، جن جون پاڻ ۾ ۽ ڌارين افغانين، ايرانين، عربن، منگولن، ترڪن سان لڙائيون هلنديون ٿي رهيون. پر پاڻيپت جي هن پهرين لڙائيءَ ازبڪستان کان آيل هڪ ڪنگلي ۽ موڇڙا ڪاڙل کي بادشاهہ بڻائي ڇڏيو ۽ سندس مغل سلطنت سوا ٽي سؤ سال رهي. هونءَ تہ بابر جي مرڻ بعد جيئن ئي سندس پٽ همايون تخت تي ويٺو تہ هن کان شير شاهہ سوريءَ تخت کسي ورتو ۽ همايون وطن (دهلي ۽ آگري) کان ڏور عمر ڪوٽ (سنڌ) تائين ڌڪا ۽ ٿاٻا کائيندو رهيو..... پر پوءِ قسمت زور هئس. جو وري دهليءَ جو تخت ۽ تاج حاصل ڪري ورتائين. ان بعد سندس پٽ شهنشاهہ اڪبر (جنهن اڌ صدي کن حڪومت ڪئي) جي تخت تي ويهڻ سان دهليءَ جي هندو راجا هيمون وڪرمادت ڪيس اهڙو سوڙهو ڪيو جو بچڻ جي ڪا واهہ نہ هئس. پر سندس قسمت ڪا سٺي هئي جو هيءَ لڙائي هارائيندي هارائيندي آخري لمحن ۾ کٽي ويو. وڪرمادت جيتوڻيڪ هاٿيءَ جي پالڪيءَ اندر حفاظت سان ويٺو هو پر ڪنهن جو اڇلايل تير ڪيس اهڙو تہ اک ۾ لڳو جو بيهوش ٿي ڪري پيو ۽ سڄي بازي پلٽو کائي وئي.

بابر گهڻو وقت بادشاهہ ٿي نہ رهي سگهيو. چئن سالن بعد 1530ع ۾ وفات ڪيائين ۽ همايون بادشاهہ ٿيو. بابر لاءِ چيو ٿو وڃي تہ آخر تائين آفيم، ڀنگ ۽ چرس جو چسڪو وٺندو رهيو. لڳي ٿو تہ افغانستان ۽ ازبڪستان ۾ (جتان بابر آيو هو) آفيم جي پوک هئڻ سبب، اتي اهو واپرائڻ عام ڳالهہ سمجهيو ٿي ويو ۽ اهو ڪم پوءِ اسان جي ننڍي کنڊ جي ماڻهن جو بہ ڪلچر ٿي ويو. پنهنجن حاڪمن کي ڏسي ڪورٽ جا درٻاري بہ نشو ڪرڻ کي Status Symbol سمجهڻ لڳا. بابر لاءِ چون ٿا تہ هن 30 سالن جي ڄمار تائين شراب کي پاڻ کي پري رکيو. ڪابل ۾ رهڻ واري دور ۾ تہ هو ادب، شاعري، ميوزڪ، آرٽ ۽ باغبانيءَ جهڙا شوق ڪندو رهيو. پر هن اتي اڇي شراب جو ذائقو ورتو ۽ پوءِ لڳاتار پيئندو رهيو. هو شراب جون پارٽيون ڪندو هو جنهن ۾ آفيم جي شين جو واهپو بہ خوب هلندو هو. جيتوڻيڪ هن پاڻ کي مذهبي بہ سڏايو ٿي، پر هو اڪثر فارسيءَ جو اهو شعر ورجائيندو هو جنهن جو مطلب آهي تہ: "آئون نشي ۾ آهيان. سپاهي! مون کي هوش ۾ اچڻ بعد سزا ڏي".

گهڻي پيئڻ جي ڪري هن جي جڏهن صحت بيحد خراب ٿي پئي ته هن مرڻ کان ٻه سال اڳ شراب کي ڇڏي ڏنو بلڪ سيني درٻارين کي به ان کي هٿ لائڻ کان منع ڪئي. پر هن ان جي سڄي ڪسر چرس، آفيم ۽ پنگ جهڙن نشيدار شين کي چٻاڙي پوري ٿي ڪئي. هو پنهنجن يادگيرين ۾ لکي ٿو ته: "هر ڪو ماڻهو شراب پيئڻ کان توبهه ڪري ٿو ۽ ان کي ڇڏڻ جي واعدي لاءِ قسم کڻي ٿو. مون به قسم کڻي واعدو ڪيو هو ۽ مون کي ان لاءِ پڇتاءُ آهي".

پيءُ کي ڏسي اولاد به اهي ڪم ڪري ٿو. همايون به خوب نشو ڪندو هو ۽ چون ٿا ته هن جو موت نشي جي حالت ۾ ڏاڪڻ تان ڪرڻ سبب ٿيو. وفات بعد بابر جو مڙهه ڪابل پهچايو ويو جتي هن کي "باغ بابر" ۾ دفنايو ويو. هي باغ ڪابل جي تاريخي ماڳن مان هڪ آهي، جيڪو بابر 1528ع ۾ ٺهرايو جنهن جو ذڪر پنهنجين يادگيرين ۾ به ڪيو اٿائين. ڪابل ۾ اينديڙ تاريخ جا شوقين ٽوئرسٽ هن باغ جو ضرور سير ڪن. جنهن ۾ ٻيون به اهم شخصيتون دفن ٿيل آهن. جيئن: بابر جي وڏي ڀيڻ خانزاده بيگم (1445ع ـ1478ع)، بابر جو ننڍو پٽ هندال مرزا (1626ع ـ 1542ع) هندال مرزا جي اڪيلي ڌيءُ رقيه سلطان بيگم (1626ع ـ 1542ع) جيڪا اڪبر بادشاهه جي سوٽ به هئي ته راڻي به. ڪيس اولاد نه ٿيو پر زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ هن مڙس (اڪبر) جي ٻي زال جي پوٽي خرم (شهنشاهه شاهه جهان) کي پٽ وانگر نپايو.

همايون جو هڪ ٻيو پٽ مرزا محمد حڪيم (1585ع ـ1553ع) به ڪابل جي هن باغ ۾ دفن ٿيل آهي. چون ٿا ته هر سال ڏهه لک کن ٽوئرسٽ هي باغ گهمڻ اچن ٿا.

بابر جي ڏينهن ۾ ازبڪستان ، افغانستان جو وڏو حصو ايران ۽ ڪجهه اڄ جي پاڪستان جو اتر وارو حصو ايرانين (پرشن)، بعد ۾ تيمور لنگ ۽ ٻين جي حوالي رهيو. ملڪن جو ڇتيون سرحدون ۽ پاسپورٽ ته هڪ ڏيڍ صدي اڳ ٺهيا آهن ۽ هينئر به ڪي ملڪ ٽٽي حصن ۾ پيا ورهائجن ته ڪي ايسٽ ۽ ويسٽ جرمنيءَ جهڙا گڏجي هڪ پيا ٿين. اڄ ڪابل، فرغانا، مشهد الڳ الڳ ملڪن جي سرحدن اندر اچي ويا آهن. اهو ان ڪري ٿو لکان جو ڪجهه پڙهندڙ شايد اهو سوچين ته بابر جو لاش سندس وطن بدران، ڪابل ۾ ڇو دفن ڪيو ويو. بابر جائو فرغانا ۾ هو پر هن ڪابل ۾ ڪجهه عرصو حڪومت ڪئي ۽ سڪون جي زندگي گذاري. هن جي لاءِ ڪابل توڙي فرغانا هڪ ئي وطن جا شهر هئا. هي ائين آهي جيئن مون لاءِ هالا ۽ ڪراچي، ٻئي شهر هڪ ملڪ جا آهن.

هاڻ جڏهن افغانستان ۽ ازبڪستان الڳ ملڪ ٿي ويا آهن ته ازبڪستان اهو ٿو چوي ته بابر اسانجو قومي هيرو آهي، جيڪو اسان جي ملڪ جي شهر انديجان ۾ جائو ۽ پرواري شهر فرغانا ۾ تخت ڏٺي تي رهيو. ازبڪستان وارن 2008ع ۾ بابر جو 525 هون جنم ڏينهن ملهائڻ لاءِ ڪيترين ئي پوسٽ جون ٽڪليون شايع ڪيون. بابر جا لکيل ڪيترائي نظم، اڄ ازبڪستان جا مشهور لوڪ راڳ آهن.

ڏنو وڃي ته بابر هندوستان ۾ اچي ڪو مقامي ماڻهن لاءِ ڪير ۽ ماڪيءَ جون نديون ڪونه وهائيون. هن هڪ مسلمان حاڪم ابراهيم لوڌيءَ کي شڪست ڏئي، هن کان تخت ۽ تاج کسيو. مقامي ماڻهن، راجائن، نوابن کان ڊل/ٽئڪس اوڳاڙي ۽ ڦرلٽ ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي عياشيءَ لاءِ مال ملڪيت حاصل ڪيو. ننڍي کنڊ (پاڪستان، هندوستان، بنگلاديش) جا اسان وسوڙيل ماڻهو "مسلمانن جي حڪومت" چئي ٺلهيون ڪڇيون ٿا هڻون. پر ڏٺو وڃي ته صحيح معنيٰ ۾ ازبڪستان جا ماڻهو ئي فخر ڪن ٿا ته سندن پر وارا اٽامڪ پاور رکڻ وارا ملڪ: هندوستان ۽ پاڪستان، جيڪي پاڻ کي وڏي ڳالهه ٿا سمجهن، انهن جي ملڪ تي اسانجي بابر نه فقط قبضو ڪيو پر 330 کن سال هن جي خاندان جي حڪومت رهي.

مٿين ڳالهه جو احساس مونکي تڏهن ٿيو جڏهن آئون پهريون دفعو ايران ويس. مشهد شهر ۾ امام علي رضا جي روضي پرسان هڪ ڏاتوءَ جي وڏي گهوڙي تي سوار ڏسي هڪ ايرانيءَ کان پڇيم: "هي مجسمو ڪنهن جو آهي"؟

"هي مجسمو نادر شاهه جو آهي جنهن جو مقبرو پڻ هتي آهي". هن ٻڌايو.

نادر شاهه ته هڪ ڦورو، ڌاڙيل هو جنهن هندوستان اچي دهليءَ کي باهه ڏني ۽ هزارين شهرين جو قتل ڪيو ۽ آخر ۾ ماڻهن ۽ شهنشاهه جو مال، ملڪيت ۽ تخت طائوس تائين پاڻ سان ايران کڻائي ويو. هن جا سنڌ تي ڪيل

ظلمن جا الڳ داستان آهن. هن خوني، قاتل ۽ ڦوروءَ جي هھڙي عزت افزائي! مون کي يقين ئي نہ پئي آيو تہ ھي مجسمو ان نادر شاھہ جو آهي. ھڪ دفعو مون وري ان ايرانيءَ کان پڇ ڪئي:

”ھي اهو ئي نادر شاھہ آهي، جنھن دھليءَ کي باھہ ڏني ۽ مسلمانن توڙي هندن جو قتل عام ڪيو؟“.

”جي ھا. بلڪل اھو ئي آهي. پر اسان لاءِ تہ هيرو ٿيو“. هن وراڻيو.

مون دل ۾ سوچيو تہ ڳالھہ تہ صحيح ٿو ڪري. اهڙيءَ طرح سلطان محمود غزنويءَ هند سنڌ ۾ ڇا نہ ڪيو پر افغانستان ۾ تہ هو هيرو آهي. هن هِتان هُتان مال ڦري، ڪابل تي پهچايو ۽ پنھنجي خاندان ۽ ملڪ جي ماڻھن ۾ خوشحالي پيدا پئي ڪئي.

هي ائين آهي، جيئن اسان ازبڪستان وڃون ٿا ۽ ٻڌون ٿا تہ اسان جو سنڌ جو ڄائو فيض ڪوسو هتي سفير ٿي رهيو تہ خوشي ٿئي ٿي ـ اهڙيءَ طرح جپان ۾ عمر ڪوٽ جي نور محمد جادواڻيءَ، سوڊان ۾ ظفر شيخَ، ڪيرغستان ۾ محمد عالم بروهيءَ، سئيڊن ۾ مسرور جوڻيجي، ڪمبوڊيا ۾ غلام رسول بلوچ ۽ جرمنيءَ ۾ متيارين جي امتياز قاضيءَ جي سفير هجڻ واري معمولي ڳالھہ تي بہ خوشي ٿي ٿئي. پر سو چيو تہ انھن ملڪن مان ڪنھن تي بہ يا ملائيشيا، انڊونيشيا، ڊينمارڪ يا ڪينيا تي اسان جو ڪو ڪوسو، مگسي شيخ، ميمڻ، جلباڻي يا جوڻيجو 50 سالن لاءِ بہ بادشاھہ ٿي رهي ھا..... پوءِ ڀلي ھو ھڪ عياش ۽ ظالم بادشاھہ ئي ٿي رهي ھا تہ اسان بہ ڳاٽ اوچو ڪري چئون ھا تہ اسان جي ڏوڪري، ماتلي، جھمپير يا جھڏي جو ڪو چانڊيو جتوئي، ابڙو انصاري يا ڪو نظاماڻي هن ملڪ جو بادشاھہ ٿي رهيو. جيئن اسان وٽ مغل، لوڌي، دراني، خلجي، ارغون، ترخان سڏائڻ وارا پاڻ کي اوچي ذات جا ماڻھو تصور ڪن ٿا، تيئن فرانس ۾ ڏاهري، خاصخيلي اوچي ذات سمجھيا وڃن ھا، جن سنڌ مان اچي فرينچ حاڪم کي شڪست ڏني ۽ فرانس تي چاليھہ سال ڏاھرين جي حڪومت رهي تہ سٺ سال خاصخيلي گھراڻي جي سلطنت رهي! ۽ اهو فقط ھڪ واڻڙو خيال ناهي پر ائين ٿي بہ سگھيو ٿي ـ آخر انگريزن بہ ائين اچي انڊيا، ملايا، سنگاپور تي حڪومت ڪئي..... اميا گھراڻي جي عربن اسپين ۽ پورچوگال تي حڪومت ڪئي. عثمانيہ سلطنت جي ترڪن البانيا، رومانيا ۽ بلغاريا تائين حڪومت ڪئي.

انڊيا ۾ 1526ع ۾ مغل سلطنت جو بنياد رکڻ وارو پھريون شھنشاھہ ظھير الدين بابر چار سال حڪومت ڪرڻ بعد 1530ع ۾ وفات ڪري ويو. ان بعد سندس پٽ ھمايون تخت ـــ ڏٽي ٿيو. جنھن کي ڏھن سالن بعد 1540ع ۾ شير شاھہ سوريءَ ڀڄائي ڪڍيو ۽ ھمايون 1555ع تائين، پندرهن سال هيڏانھن هوڏانھن دربدر رلندو رهيو ۽ هِن هُن کي منٿ ميڙ ڪندو رهيو تہ کيس، ڪانئس کسيل تخت ۽ تاج واپس ڏياريو وڃي. 1555ع ۾ ھو وري انڊيا جو شھنشاھہ ٿيو پر سال کن حڪومت مس ڪيائين تہ 48 سالن جي عمر ۾ گذاري ويو. منگول قوم جو صحتمند ۽ پهلوان مڙس ھو پر نشي پتي ھٽي کيس ختم ڪري ڇڏيو ھو. چون ٿا تہ موت بہ نشي جي حالت ۾ ٿيس. ڏاڪڻ تان پير ترڪي ويس. بادشاھہ سلامت تي ڪري خبر ناهي ڏاڪڻين تي چڙھڻ جو ڪھڙو ضرور هوس. ٿي سگھي ٿو پنھنجي ڏاڏي (بابر جي پيءُ) وانگر ڪبوتر ڏسڻ لاءِ ڪڏ تي چڙھي رهيو ھجي تہ پاڻ يا ڏاڪڻ ترڪي وئي هجيس. سندس ڏاڏي جو موت تہ ڪبوترن جو ڇڄو (ڪبوتر گاھہ) ڪرڻ ڪري ٿيو جنھن ۾ هو پاڻ بہ موجود ھئو ۽ ڪبوترن جي جانچ جو نچ ڪري رهيو ھو.

ھمايونءَ بعد اڪبر بادشاھہ 1556ع ۾ تخت تي ويٺو. هن 1605ع تائين نيڪ ناڪ اڌ صدي ڪن، حڪومت ڪئي. ان بعد سندس پٽ شھنشاھہ جھانگير ۽ ان جي پٽ شاھہ جھان بہ، چوٿو چوٿو صديءَ جو حڪومت ڪئي، جھانگير 1605ع کان 1627ع تائين ۽ شاھجھان 1628ع کان 1658ع تائين..... 1627ع کان 1628ع وارو ھڪ سال ٺٽي جو گورنر، شھنشاھہ جھانگير جو پنجون ۽ ننڍو پٽ شھريار (شھزادو سلف الدين محمد شھريار) تخت تي ويٺو پر فقط نالي ماتر. سندس ڀاءُ شاھہ جھان تخت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ پنھنجي ڀاءُ شھريار کي قتل ڪرائي ڇڏيائين. دراصل مغل بادشاھن جي مرڻ تي سندن زالن بہ ڪافي وٺ وٺان ڪئي ٿي. هر بادشاھہ کي ڪيترين ئي زالون هيون. هنن مسلمان سڏائيندڙ شھنشا ھن جي ڏينھن ۾، خبر ناهي ڪھڙي قسم جا مفتي مولوي

هٿا، جن سندن لاءِ چئن ڪان به متي زالون رکڻ کي حلال ڪري ڇڏيو هو - جيئن شهنشاهه جهانگير جڏهن نورجهان (مائي مهر النساءَ) سان شادي ڪئي ته اها سندس ارڙهين زال هئي. مولوي صاحب ڪجهه نه ڪڇيو. نڪاح پڙهائي منائي ۽ سونيون گينيون وٺي روانو ٿي ويو.

سو مغل بادشاهه جي مرڻ تي يا مرڻ جي ويجهو ٿيڻ تي، سندن زالن پنهنجي دلپسند پٽ کي شهنشاهه بنائڻ جا خواب ڏٺا ۽ ڪامياب ٿيڻ لاءِ سٽون سٽيا. جهانگير جي مرڻ تي سندس دلپسند زال نورجهان (1645ع - 1577ع) (جيڪا جهانگير جي حڪومت ۾ آخري ست سال (1627ع -1620ع) چيف Consort ۽ بادشاهه بيگم هئي) جي زور تي شهريار شهنشاهه ٿيڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿي ويو. نورجهان شهريار جي ماٽيلي ماءُ هئي. هن جي ماءُ راجا بيربل جي ڌيءَ هئي. هڪ ٻي ڳالهه ته نورجهان شهريار جي سس به هئي. نورجهان جون جهانگير مان چاول ڌيئرون ته شهريار جون پيٽون ئي ٿيون، پر هن جي زال، نورجهان جي، سندس پهرين مڙس شير افغان مان چاول ڌيءَ هئي. جهانگير لاءِ چيو ٿو وڃي ته هو هر وقت نشي ۾ ڌت رهندو هو. حڪومت جو ڪاروبار به سندس هن دلپسند راڻي نورجهان هلايو پئي. نورجهان گهٽوئي چاهيو ته سندس ويڳو پٽ/ناٺي شهريار تخت ڏٺي ٿئي، پر جهانگير جي هڪ ٻي زال تاج بيبي بلقيس مڪانيءَ جو پٽ خرم (شاهه جهان) زور تي ويو ۽ صحيح معنيٰ ۾ تخت جو مالڪ ٿي حڪومت هلائڻ لڳو. جهانگير جي هيءَ زال تاج بيبي بلقيس جوڌپور رياست جي هندو راجا جي ڌيءَ هئي، جنهن جو اصل نالو ماناوتي ٻائي هو. هتي اهو به لکندو هلان ته شهنشاهه جهانگير جي دؤر حڪومت (1627ع -1605ع) ۾ برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارا انڊيا ۾ تعلقات ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هتي اهو به لکندو هلان ته شاهجهان جي تاجپوشي لاهور ۾ ٿي. ان بعد هن جنهن ماٽهوءَ آصف خان هٿان، پنهنجي ويڳي ڀاءُ شهريار، ٻين ڀائرن ۽ انهن جي اولاد کي قتل ڪرايو ان کي پنهنجو وزير اعظم ڪري رکيو ۽ سندس پيءُ جي دلپسند راڻي نورجهان جيڪا سندس ويڳي ماءُ به ٿي، ان کي، ان جي پهرين مڙس شير افغان مان چاول ڌيءَ (يعني شهريار جي زال) سميت زندگيءَ جا باقي ڏينهن سندس لاهور واري محل ۾ نظر بند رکيو. اهو سال 1628ع هيو. نورجهان 68 ورهن جي ڄمار ۾، 1645ع ۾ وفات ڪئي. يعني هيڙي شان شوڪت واري راڻي تي ڪري هن زندگيءَ جا آخري سال شاهجهان جي قيد ۾ گذاريا. دماغ ۾ تو اچي ته شاهجهان هونءَ ته پاڻ کي ملو مولوي ٿي سڏايو پر هن جي دل ۾ اها همدردي پيدا نه ٿي ته نورجهان به هن جي ماءُ برابر هئي...... پوءِ پليءِ ويڳي ئي سهي. پلا ڀيو نه ته هوءَ هڪ پوڙهي عورت هئي، جنهن جو تخت هليو ويو هو. مڙس هليو ويو هو..... ۽ اهو مڙس ڪير هو؟ تنهنجو والد محترم هو...... اسلام ته اسان کي ماءُ پيءُ جي عزت ٿو سيکاري. پر سائين تاج ۽ تخت، حڪومت ۽ پاور اهڙيون شيون آهن، جو انسان دين، ڌرم ۽ انساني ناتا رشتا سڀ وساريو ڇڏي. هن ڪان ته اهو به وسريو وڃي ته هو اجهو ٿو مٽين متيءَ هيٺان دفن ٿئي..... ٻين سان ظلم ڪرڻ وقت هو اهو به وساريو ڇڏي ته ٻئي جهان ۾ ته ڇا هن دنيا ۾ ئي مڪافات عمل ٿيڻو آهي.

شاهه جهان 1628ع ۾ تخت تي ويٺو. هن ٽيهه سال حڪومت ڪئي..... وڏي شان شوڪت ۽ عيش عشرت سان. مغل شهنشاهه باغن ۽ خوبصورت عمارتن (Architecture) جي تعمير جي ڪري مشهور رهيا آهن. اڪبر بادشاهه ته فقط لاهور وارو قلعو ٺهرايو. شاهجهان تاج محل، جامع مسجد، لال قلعو جهانگير جو مقبرو ۽ لاهور وارو شاليمار باغ ٺهرايو. پر هيڙي ماٽهوءَ کي سندس پٽ مرڻ کان اڳ، سندس مرضيءَ خلاف تخت تان لاهي ڇڏيو ۽ پاڻ شهنشاهه هند ٿي ويهي رهيو. 1657ع ۾ جيئن ئي شاهجهان بيمار ٿيو ته هن جي پٽن ۾ تخت حاصل ڪرڻ لاءِ فساد ٿي پيو. هنن ڏٺو ته بابو اجهو ٿو مري ۽ چئن ڀائرن مان خبر ناهي ڪنهن کي تخت ملي. ان ويڙهاند ۾ شاهجهان جو ٽيون نمبر پٽ اورنگزيب ڪامياب ٿيو. هو ان ئي انتظار ۾ هو ته بابو اجهو ٿو آخري ساهه ڪٽي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري، ته اوچتو هو چاق چڱو ڀلو ٿي پيو. هن کي واپس حڪومت جون واڳون ڏيڻ بدران اورنگزيب ڪيس ڪٽي آگري واري قلعي ۾ نظر بند ڪيو جتي هو مرڻ (1666ع) تائين اٺ سال قيد رهيو. هُو تاج محل هن هيڏي وڏي ڪوٺيءَ جي هڪ ڳڙکيءَ مان حسرت سان ڏسندو رهيو. هن بادشاهه تي، ايترا سال پنهنجي پٽ جي بنديخاني ۾ ڪيئن گذاريا ۽ ڪيئن محسوس ڪيو. اهو هڪ الڳ ڏک جو داستان آهي. پر اهو به آهي ته هن جو ضمير هن کي ان ڳالهه تي به شرمائيندو

هوندو تہ هن شهريار جهڙا پائر ۽ انهن جا نوجوان پٽ جنهن تخت ۽ تاج لاءِ قتل ڪرايا. اهو تخت هن ٻئي جهان ۾ تہ وڃائي ڇڏيو پر هن جهان ۾ بہ.

ان قسم جي واقعن سان دنيا جي تاريخ ڀري پئي آهي. ڇا دنيا جي ملڪن ۽ قومن جا حاڪم، سردار، نواب، راجا، مهاراجا ان مان سبق حاصل ڪن ٿا؟ ڪي ضرور ڪن ٿا ـ هو ملڪ جا بادشاهہ ٿي بہ ملڪ ۽ عوام جي خدمت ڪن ٿا ۽ ڪي تہ وري عوام جي ووٽ تي چونڊجي آيل، خلق جي خدمت ڪرڻ جو وعدو ڪندڙ عوام جي خوشحاليءَ بدران پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان کي مالدار بنائڻ ۾ لڳي وڃن ٿا. پوءِ ان لاءِ ڀلي هنن کي سرڪاري خزاني تي ڌاڙو هڻڻو پوي يا ڪنهن بيگناهہ مٿان گولي هلائڻي پوي.

جهانگير 22 سال حڪومت ڪئي، ان بعد شاهہ جهان 31 سال تخت تي ويٺو جنهن کان پوءِ اورنگزيب پنهنجي پٽ ڏاڏي اڪبر وانگر اڌ صدي ڪن تخت تي ويٺو. هو 1658ع کان 1707ع تائين (مرڻ تائين) بادشاهہ رهيو. پاڻ شاهجهان جي ايراني زال ارجمند بانو بيگم (جيڪا ممتاز محل جي نالي سان مشهور ٿي) جو پٽ هو.

اورنگزيب جي 1707ع ۾ وفات بعد سندس وڏو پٽ اعظم شاهہ تخت تي ويٺو جيڪو هن جي دلپسند راڻي (Chief Consort) دل راس بانو بيگم مان هو. پر اورنگزيب جي ٻئي پٽ بهادر شاهہ اول هن کي نہ سَنو ۽ پنهنجو لشڪر تيار ڪري اعظم شاهہ تي حملو ڪيو جنهن ۾ هن کي شڪست آئي ۽ ڪيس تخت ڇڏڻو پيو. ٽي مهينا مَس نالي ماتر بادشاهہ رهيو. بهادر شاهہ اول پنهنجي هن ويڳي ڀاءُ اعظم شاهہ ۽ هن جي ٽن پٽن: بدار بخت، جوان بخت ۽ سڪندر شان کي آگري وٽ قتل ڪيو ويو. سندن قبرون دهليءَ ۾ همايون جي مقبري وٽ آهن. حڪومت خاطر پنهنجن پٽن، پائرن، ڀائٽين يا پوڙهي پيءُ کي مارڻ ڪيڏي ڏک جهڙي ڳالهہ آهي. سوچڻ جي ڳالهہ آ تہ اورنگزيب جڏهن پنهنجي دلپسند راڻي دل راس بانو سان شادي ڪئي ۽ ڪين هي پٽ اعظم شاهہ 1653ع ۾ ڄائو تہ اورنگزيب جي عمر 35 سال هئي. هن کي ڪيڏي خوشي ٿي هوندي ۽ هن کي ڪيڏي لاڏڪوڏ سان نپايو هوندؤن. هن کي بهادر شاهہ اول (جيڪو ان وقت ڏهن سالن جو هو)، پڻ پيار ڪيو هوندو. بهادر شاهہ اول اورنگزيب جي پهرين هندو زال انوراڌا (جيڪا پوءِ بيگم نواب ٻائي جي نالي سان مشهور ٿي) مان هو. 1643ع ۾ جڏهن بهادر شاهہ اول ڄائو هو تہ ان وقت اورنگزيب جي عمر 25 سال هئي. بهرحال ڪهڙو پيءُ چاهيندو تہ سندس پٽ هڪ ٻئي جا خوني ٿين؟! پر تخت ۽ مال ملڪيت جي لالچ ۾ اورنگزيب جي مرڻ بعد سندس هڪ پٽ ٻئي پٽ کي قتل ڪري ڇڏيو. پٽن ڏيئن کان وڌيڪ پوٽاڻ ۽ ڏوهٽاڻ پياري لڳندي آهي. بهادر شاهہ اول پنهنجي پيءُ جي ٽن پوٽن: بدار، بهادر ۽ شان کي بہ قتل ڪري ڇڏيو. هن کي اهو ئي ڊپ هو تہ مٿان سندس ويڳي ڀاءُ اعظم شاهہ بعد سندس ڪو جوان پٽ تخت ڏٺي ٿئي. بهادر شاهہ اول اهو ماڻهو هو جنهن پنهنجي پيءُ اورنگزيب جي خلاف بہ ڪيترائي دفعا بغاوت ڪئي ۽ ڪيس تخت تان لاهي، پاڻ تخت تي ويهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هر دفعي هن کي ناڪامي ٿي ۽ سزا طور اورنگزيب ڪيس ڪيترائي دفعا جيل ۾ بہ وڌو.

دراصل بهادر شاهہ اول بادشاهہ تہ ٿي ويو پر هو سڪون سان حڪومت ڪري نہ سگهيو. هو 1707ع ۾ تخت تي ويٺو ۽ 1712ع تائين پنج سال حڪومت مس ڪيائين. هو سک ليڊر بندا سنگهہ بهادر جي بغاوت کي منهن ڏئي نہ سگهيو. بهادر شاهہ اول جي قبر دهليءَ ۾ موتي مسجد وٽ آهي. ڏٺو وڃي تہ هندوستان تي صحيح طرح سان مغل سلطنت شهنشاهہ اورنگزيب تائين رهي. پوئين حاڪمن ۾ ليڊرشپ جون خاصيتون نہ هيون ۽ نہ وقت جي ضرورت مطابق قوم ۾ ايڪو پيدا ڪرڻ جون.

1712ع ۾ بهادر شاهہ اول جي وفات بعد تخت حاصل ڪرڻ لاءِ سندس ٻن پٽن جهاندار شاهہ ۽ عظيم الشان جي وچ ۾ لڙائي لڳي. جنهن ۾ جهاندار شاهہ ڀاءُ کي قتل ڪري پاڻ تخت تي ويٺو. هتي اهو بہ لکندو هلان تہ جهاندار شاهہ کي 1671ع ۾ سندس ڏاڏي بلخ جو وزير مقرر ڪيو هو ۽ ان کان اڳ (يا شايد ڪجهہ سال پوءِ) جهاندار شاهہ سنڌ جو صوبيدار بہ ٿي رهيو. مغل حڪومت ۾ اها هڪ وڏي پوسٽ هئي، جيڪا شهزادن کي ڏني ويندي هئي. ٻين لفظن ۾، ٺوڪ طور ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ شروع کان صوبيدارن (پوليس) جي هٿن ۾ رهي. دهلي ۽ آگري ۾

ويهي جهاندار شاهه سنڌ جي سک لاءِ ڪهڙي سوچ ويچار ڪئي هوندي، اهو سندس لائيف اسٽائيل مان ئي سمجهي سگهجي ٿو.

مغل شهنشاهه جهاندار شاهه لاءِ چون ٿا ته هن وڏي عياش زندگي گذاري. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ، رڳو 19 ڏينهن بعد، جهاندار پنهنجي ڀاءُ عظيم الشان کي قتل ڪري پاڻ ملڪ جو بادشاهه ٿي ويٺو. رعيت مان ڪيترن کي اها ڳالهه نه وڻي. ويندي اوسي پاسي جي پرڳڻن جا نواب راجا ان ڳالهه ۾ خوش نه هئا، جو هنن جي نظرن ۾ هن عياش حاڪم جهاندار کان وري به سندس ڀاءُ عظيم الشان ڏاهو ۽ بهترين ٿي لڳو. پر جهاندار شاهه ڪنهن جي به پرواهه نه پئي ڪئي. هن لاءِ شراب ۽ شباب ئي سڀ ڪجهه هو. جيڪو هن enjoy ڪرڻ چاهيو ٿي. ممڪن بغاوت کي روڪڻ ۽ پنهنجي طاقت وڌائڻ لاءِ هو ان وقت جي ترڪيءَ جي ”سلطنت عثمانيا“ جي حاڪم سلطان احمد سوم (ٽئين) ڏي تحفا تحائف موڪلڻ لڳو. اسانجي ننڍي کنڊ (هند سنڌ) جا حاڪم ڌارين وڏين طاقتن جو قرب حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجن تي لئه رکڻ لاءِ انهن ڌارين حاڪمن ڏي سون، هيرن، موتين، گهوڙن ۽ ٻانهن، غلامن جي شڪل ۾ تحفا، ڏن، سوغاتون موڪليندا هئا. يا وري افغانستان، ايران، وچ ايشيا جا غنڊا حاڪم، پنهنجين حڪومتن جو خرچ پکو هلائڻ لاءِ، سنڌ جهڙن ڪمزور رياستن/صوبن تي ڪاهه ڪري، اتي جي حاڪمن کي ڊيڄاري ڌمڪائي، هنن کي هر سال مقرر ڪيل ڏنڊ موڪلڻ لاءِ پابند ڪري ويندا هئا..... ۽ اسانجي حاڪمن کي ڪهڙي پرواهه! اهي اها ئي عيش جي زندگي گذاريندا هئا، تحفن، سوکڙين يا ڏنڊ جا پئسا، غريب عوام مان ڪڍيا ويندا هئا. عوام سک جو ساهه پٽڻ بدران مسڪينيءَ جي حالت ۾ هوندو هيو. مونکي ته اڄ به ڪجهه ڪجهه اهڙو ئي منظرنامون ٿو لڳي، جڏهن آئون ڏسندو آهيان ته اسان جا حاڪم آمريڪا جي صدر، سعودي عرب جي بادشاهه ۽ ٻين اهڙن سان فوٽو ڪيرائي، اخبارن ۾ ڇپرائيندا آهن، جيئن اسان عوام مرعوب ٿيون. هو ورلڊ بئنڪ جهڙن ادارن کان قرض کڻي پنهنجي عياشيءَ جي زندگي ته قائم ئي رکن ٿا، اسان عوام لاءِ پٽاٽا ۽ بصر خريد ڪرڻ به پهچ کان ٻاهر نڪريو وڃي. جهاندار شاهه جي دربار ۾ هر وقت نت نين ڇوڪرين جا ناچ گانا هليا ٿي. تخت تي ويهڻ سان هن هڪ مشهور ناچڻي ڇوڪري لال ڪنور بيگم سان شادي ڪئي، جنهن لاءِ هن جي يقين ڏاڍو منع ڪيس پر نه مڙيو. ان کان اڳ به هو چار شاديون ڪري چڪو هو جن مان پهرين ايران جي صفوي گهراڻي جي، گُذاري چُڪي هيس.

ڏٺو وڃي ته تخت تاج کي حاصل ڪرڻ لاءِ مغل بادشاهن پنهنجن ويجهن توڙي سڳن ڀائرن کي به قتل ٿي ڪيو، جيئن پيءُ جي مرڻ بعد ان تخت تاج جو ٻيو ڪو حقدار نه نڪري. ڪڏهن ڪڏهن ته هنن پنهنجن ڀائرن سان گڏ انهن جي پٽن کي به قتل ٿي ڪرايو يا سندن اکيون ڪيرائي، ڪين انڌو ٿي ڪيو جيئن ان جي اولاد مان به ڪو حاڪم نه ٿئي. اهو ٻڌي/پڙهي اسان پڙهندڙن کي ئي ڏک ٿئي ٿو. پر ڳالهه اها آهي ته اهو ڏک، اهڙيون ڳالهيون فقط ان وقت جي عوام ئي ٿي محسوس ڪيو. پر جهاندار شاهه جهڙي بادشاهه (جنهن تخت حاصل ڪرڻ لاءِ فقط پنهنجي ڀاءُ عظيم الشان کي قتل ڪيو ۽ جنهن جي هٿن مان عظيم الشان جو پٽ فرخ سيار نڪري ويو) کي پڪ سان ان ڳالهه جو افسوس هوندو ته هن پنهنجي ڀاڻٽي فرخ سيار کي ڇڏي چو ڏنو ۽ پوءِ..... واقعي جنهن ڳالهه جو هن کي خوف هو اها ئي ٿي. جهاندار شاهه اڃان سال کن حڪومت مس ڪئي ته سندس ڀاڻٽيو فرخ سيار پنهنجو لشڪر ناهي، پنهنجي پيءُ عظيم الشان جو بدلو وٺڻ لاءِ، جهاندار شاهه تي آگري وٽ حملو ڪيو.

جهاندار شاهه لڙائي کٽڻ جو آسرو نه ڏسي دهليءَ ڀڄي ويو. جتي فرخ سيار جي ماڻهن کيس گرفتار ڪري نئين شهنشاهه (فرخ سيار) جي حوالي ڪيو. فرخ سيار پنهنجي چاچي (جهاندار شاهه) سان گڏ هن جي محبوب راڻي لال ڪنور کي قيد تنهائيءَ جي سزا ڏني. هنن کي مهينو کن اونداهين ڪمري ۾ بند رکڻ بعد، 11 فيبروري 1713ع تي ڳلو گهٽڻ جي ماهرن هٿان مارايو ويو. انهن وقتن ۾ اها به عام ڳالهه هوندي هئي ته دشمنن کي عوام اڳيان قتل نه ڪيو ويندو هو متان انهن مان ڪجهه کي مقتول لاءِ همدردي هجي ۽ قاتل سان نفرت ٿي پوي. ان ڪري ماڻهن کي اهو ٻڌائي خوش رکيو ويندو هو ته بادشاهه سلامت پنهنجي چاچي يا ڀائٽي ڀاڻٽيجي جو سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ بدران، هن کي ڪجهه مهينن لاءِ قيد جي سزا ڏني آهي. پوءِ انهن لاءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ محلات مان ست رڇيون پيون ويندون

جيئن درٻاري ۽ عوام ڏسن تہ بادشاهہ سلامت کي پنهنجي پيءُ، ياءُ يا چاچي، ياٽي جو ڪيڏو خيال آهي.... پر پوءِ اندران ئي اندران سندس مقرر ڪيل خاص ماڻهو ان کاڌي ۾ زهر ملائيندو ويندو جيئن ڪائڻ وارو آهستي آهستي بيمار ٿيندو وڃي ۽ مري وڃي ۽ ماڻهو اهو ئي سمجهن تہ هن جو قدرتي موت ٿيو. يا وري ڪجهہ ڏينهن بعد ان قيد خاني واري ڪوٺيءَ ۾ نانگ ٻلائون ڇڏيا ويندا هئا.... يا وري اهڙا ماهر ڳلو گُهٽڻ وارا جلاد (Stranglers) هوندا هئا، جيڪي رسيءَ ذريعي يا هٿن سان ماڻهوءَ جو ساهہ منٽن ۾ ڪڍيو ڇڏيندا هئا.

جهاندار شاهہ کي بہ مهينو کن دهليءَ جي لال قلعي ۾ نظر بند رکيو ويو ان بعد جلاد کيس گهٽو ڏئي ماريو ۽ ماڻهن ۾ خوف پيدا ڪرڻ لاءِ نئين بادشاهہ جي حڪم تي، جهاندر شاهہ جي سسيءَ کي بانس جي ڏنڊن سان ٻڌي، هاٿيءَ رستي شهر ۾ گهمائندو رهيو. ٻي هاٿيءَ تي سندس ڌڙ رکيو ويو. بهرحال چاچي کان پنهنجي پيءُ جو بدلو وٺي، فرخ سيار مغل سلطنت جو نئون شهنشاهہ ٿيو. مغل سلطنت جيڪا هاڻ اڪبر، جهانگير، شاهجهان يا اورنگزيب بادشاهہ وارن ڏينهن واري نہ رهي هئي. چوڌاري بغاوتون هيون، سلطنت جي فوجي جنرلن ۽ درٻارين جون سازشون هيون ۽ پاڻ حاڪمن ٽوٽي، سست، نشئي ۽ عياش ٿي ئي رهڻ پسند پئي ڪيو.

فرخ سيار بہ بادشاهہ ضرور ٿيو پر ڇڪي تاٽي ڇهہ سال.... تنهن عرصي ۾ بہ هر وقت وڪوڙ متو رهيو. قدرت جا بہ ڇا حساب ڪتاب آهن. سندس فوج جي جنرلن (سيد برادران) فرخ سيار جي طرز حڪومت مان بيزار ٿي، سندس سوٽ رفيع الدرجات کي تخت تي ويهاريو ۽ فرخ سيار جون اکيون ڪڍي کيس ترپوليا ۾ قيد ڪيو ويو. ترپوليا گيٽ بہ هڪ جهڙا دروازا دهليءَ وٽ، جي ٽي روڊ (گرانڊ ٽرنڪ روڊ) تي آهن، جيڪي هڪ ٻئي کان چوٿائي ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهن. هي دروازا دهليءَ جي "رانا پرتاپ سنگهہ باغ" ۽ اتر ۾ "ٻُڙمنديءَ" جي وچ ۾ آهن. دهليءَ ۾ توهانجو ڪجهہ ڏينهن رهڻ ٿئي تہ هي تاريخي دروازا ڏسڻ وٽان آهن ۽ خاص مون جهڙي فوٽو گرافيءَ جي شوقين کي انهن اڳيان بيهي ضرور فوٽو ڪڍرائڻ کپي.

شهنشاهہ فرخ سيار جون اکيون ڪڍي کيس هتي ترپوليا ۾ قيد ڪيو ويو. قيد خاني ۾ ساڻس تمام گهٽي سختي ڪئي وئي. هونءَ ههڙن عياش حاڪمن کان فقط شراب ئي پري رکو تہ هنن جي حالت خراب ٿيو وڃي. اهي جن کي عطر عنبير واري پاڻيءَ ۾ هڪڙين ٻانهين وهنجاريو ٿئي تہ ٻين هنن جي دل پئي وندرائي. اهڙن ماڻهن سان ڇا حالت ٿيندي هوندي، جڏهن هنن کي هڪڙي ئي ڪوٺيءَ ۾ رکيو ويندو هوندو ۽ اتي ئي هنن کي هَنگڻو مُتڻو پوندو هوندو. قيد وارن ڏينهن ۾ فرخ سيار کي صحيح طرح ماني بہ نٿي ڏني وئي. کيس ڪڙو ۽ کارو کاڌو ڏنو ٿي ويو ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي ڏيڻ کان پرهيز ڪئي ٿي وئي. چون ٿا تہ هن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ فرخ سيار الله کي ڏاڍو ياد ڪيو ۽ قرآن جون سورون پڙهندو رهيو. اڄ جي دور ۾ بہ اسان جي ڪنهن حاڪم جي وٽ پڪڙ ٿئي ٿي تہ تسبي هن جي هٿ ۾ اچيو وڃي ۽ نمازن جا وقت پڇندو رهي ٿو. بنديخاني مان ڪڍڻ لاءِ فرخ سيار، پهري تي مقرر سپاهين کي وڏي رشوت آڇيندو رهيو- هن وٽ يا پنيان ڪو اهڙو ماڻهو نہ هو جنهن وٽ دولت هجي، جيڪا آفر ڪري. البت هو انچارج جيلر کي چوندو رهيو تہ هو کيس هن بنديخاني مان ڪڍي، راجا جئسنگهہ تائين پهچائيندو تہ هو هن کي 7000 سپاهين جي دستي جو ڪمانڊر بنائيندو. جيلر اها رشوت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ بادشاهہ سلامت..... بلڪ "سابق" ۽ "نااهل بادشاهہ" سلامت کي هڪ ڏينهن ائين گُهٽو ڏئي ماريو ويو جيئن پاڻ پنهنجي شهنشاهہ چاچي (جهاندار شاهہ) کي مارايو هئائين- هُو 1713ع ۾ تخت تي ويٺو ۽ 1719ع ۾ کيس ماريو ويو. سندس لاش کي همايون جي مقبري ۾ سندس والد عظيم الشان جي پرسان دفن ڪيو ويو.

مون کي دراصل اورنگزيب بادشاهہ تائين جو مختصر احوال لکي، يڪدم بهادر شاهہ ظفر جو احوال لکڻ جو ارادو هو جو هي وچ وارا بادشاهہ..... فرخ سيار تائين ۽ ان کان پوءِ جا: فريع الدرجات، نيڪوسيار، محمد ابراهيم، محمد شاهہ، احمد شاهہ، عالمگير دوم، شاهجهان سوم، شاهہ عالم دوم وغيره ڪي خاص اهميت وارا نہ هئا. مغل سلطنت وٺي پئي ڪمزور ٿيندي. هڪ طرف مرهٽا ۽ سک تہ ٻئي پاسي انگريز ويا پئي مغلن تي چڙهائي ڪندا ۽ مغل بادشاهہ تخت ۽ تاج حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجن جو ئي قتل ڪرڻ ۾ مشغول عياشين پنيان ويا پئي خزانا خالي ڪندا

۽ وڏندڙ خرچ لاءِ ويا غريب عوام جي پيڻنگ ڪندا. بهادر شاهه ظفر (دوم) جي پيءُ اڪبر شاهه (دوم) جي 1806ع ۾ تخت تي ويهڻ تائين, اتڪل هڪ صدي هليا.

مغل شهنشاهه فرخ سيار (ڄم 1683ع, وفات 1719ع) جو احوال هتي ان ڪري ڏنو اٿم جو انگريزن صحيح معنيٰ ۾ هندوستان تي قبضو هن بادشاهه جي ڏينهن ۾ شروع ڪيو. 1717ع ۾ هن بادشاهه, انگريز جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي بنا ڪنهن ڊيوٽيءَ (ٽئڪس ۽ ڍل) جي بنگال (انڊيا) ۾ واپار جي سهولتن جو فرمان جاري ڪيو.

دراصل انگريز انڊيا تي چڱو خاصو ديرو پڙ ڏاڏي تڙ ڏاڏي شهنشاهه جهانگير جي ڏينهن کان ئي ڄمائي ويٺا هئا. انگلئنڊ جي بادشاهه جيمس اول (1566ع ـ 1625ع) انگلئنڊ تي 1603ع کان 1625ع مرڻ) تائين حڪومت ڪئي, سندس حڪم تي انگريز سفارتڪار ۽ تعليم يافته آفيسر سر ٿامس رو (Sir Thomas Roe) 1612ع ۾ انڊيا پهچي, جهانگير بادشاهه جي دربار ۾ حاضر ٿيو هو ۽ انگلئنڊ جي بادشاهه طرفان موڪليل تحفا مغل بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪري, هن کي انگريزن سان واپاري معاهدو (Commercial Treaty) ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو هيائين, جنهن ۾ چيو ويو هو ته انگريزن کي انڊيا جي شهر سورت ۽ ٻين علائقن ۾ رهائش ۽ ڪارخانا هڻڻ جون سهولتون مهيا ڪرڻ جا حق ڏنا وڃن. جهانگير بادشاهه جيڪو انگلئنڊ جي بادشاهه طرفان مليل ننڍڙو تحفا ڏسي نري رهيو هو تنهن کي سفارتڪار سر ٿامس رو چيو ته انهن سهولتن ملڻ جي بدلي ۾ هو (انگريز) بادشاهه سلامت جي خدمت ۾ وقت بوقت عمدا تحفا ۽ يورپ جي مارڪيٽ جون شيون پيش ڪندا رهندا.

سائين! سر ٿامس رو جو مشن واهه جو ڪامياب ويو. برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ انڊيا ۾ پير ڄمائڻ شروع ڪيا ۽ هنن ستن سال اندر 1619ع ڌاري سورت شهر ۾ (جيڪو بندرگاهه به هو) پنهنجي پهرين فئڪٽري لڳائي...... ان بعد 1639ع ۾ مدراس ۽ ٻين هنڌن تي فئڪٽريون لڳايون. 1634ع ۾ شاهجهان بادشاهه ته پنهنجي مهمان نوازي ۽ سخاوت جو مظاهرو ڪندي انگريزن کي ڇڏي ڏنو ته پلي سڄي بنگال ۾ پنهنجو واپار قائم رکن. مغل بادشاهن جون هي ڳالهيون سوچي حيرت ٿي ٿئي ته هونءَ ته هو وڏا پهلوان مڙس هئا, پاڻ کي وڏو عقلمند ۽ ڏاهو ٿي سمجهيائون ۽ سندن هر ڳالهه تي نظر هئي.... پر خبر ناهي چو آفريڪا کنڊ جي شيدي بادشاهن وانگر هنن کي به انگريزن چند تحفن ۽ شراب جي بوتلن تي اڪن چڪن ڪري ڇڏيو ـ ان جو اندازو جهانگير جي ان پهرين خط مان ئي پئجي سگهي ٿو جيڪو هن انگريز سفارتڪار سر ٿامس رو هٿان انگلئنڊ جي بادشاهه جيمس اول ڏي موڪليو. اهو خط ۽ ٻيا اهڙا ڪيترائي ڊاڪيومينٽ اڄ به انگلينڊ جي لئبررين, عجائب گهرن, ۽ اهم جاين تي موجود آهن ۽ جن کي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ پڙهي سگهن ٿا.

”.....حضور والا جي پيار جي موٽ ۾ مون پنهنجي سلطنت جي سيني بندرگاهن ڏي احڪامات جاري ڪري ڇڏيا آهن ته انگريز قوم جي هر ماڻهوءَ کي منهنجي دوست بادشاهه جي رعيت جو ماڻهو سمجهي آڌر ڀاءُ ڪيو وڃي. هنن کي فل آزادي آهي ته هنن کي جيڪي وڻي اسان جي ملڪ ۾ وڪرو ڪن, اسان جي ملڪ مان خريد ڪن ۽ پنهنجي ملڪ کڻي وڃن. پنهنجي پيار ۽ دوستيءَ جو يقين ڏيارڻ لاءِ, آئون خواهش ڪندس ته يوئر ميجسٽي جهازن ۾ ايندڙ پنهنجن واپارين کي حڪم صادر ڪندي ته هو مون لاءِ خاص خاص تحفا آڻيندا رهن. جن سان آئون محلات سينگاري سگهان ۽ مون ڏي آئندي به خط موڪلڻ جو قرب ڪندا رهندا, جيئن مونکي يوئر مئجسٽيءَ جي صحت ۽ خوشحاليءَ جي خبر پوندي رهي ۽ پنهنجي هيءَ دوستي دائم قائم رهي.......“.

نور الدين سليم جهانگير .

ڏٺو وڃي ته ان وقت کان وٺي اسانجي حاڪمن کي اهو خيال نه رهيو آهي ته ڌارين ملڪن جي حاڪمن کان اهو معلوم ڪن ته رعيت کي ڪيئن خوشحال ڪجي, رعيت جي تعليم ۽ صحت لاءِ ڪهڙا اپاءُ ونجن.... هنن کي رڳو پنهنجي ننڍڙي سوچ مطابق پنهنجي ذاتي حاصلات جو فڪر رهيو آهي. اڄ جي دؤر ۾ به اسانجي حاڪمن کي آمريڪا يا انگلئنڊ ۾ پنهنجو ڪاروبار وڌائڻ ۽ پراپرٽي ناهڻ جو فڪر لڳو پيو آهي..... پنهنجي اولاد کي ولايت ۾ پڙهائڻ ۽ هنن جي شهريت حاصل ڪرڻ جو اونو لڳو پيو آهي. انهن هم وطنن جو فڪر ناهي, جيڪي بک ۽

بيروزگاريءَ کان بيزار ٿي، جان جو کم ۾ وجهي، ڌارين ملڪن ۾ نوڪريءَ جي تلاش ۾ آيا. ته جيئن پرديس ۾ رهي، پورهيو ڪري، پئسو پنهنجن ٻچن ڪي موڪلي سگهن. پر غلط طريقن سان اچڻ ڪري هو ڏوهاري بڻجي ويا. اڄ ملائيشيا، سعودي عرب، دبئيءَ جي جيلن کان وٺي اسپين، يونان ۽ يورپ جي ٻين ملڪن جا جيل اسان جي ماڻهن سان ڀريا پيا آهن..... پر آهي ڪو ڪنهن کي به انهن جو فڪر؟!!

فڪر ته جهانگير بادشاهه کي به نه هو. ولائتي تحفا.... جن مان اڄ به اسانجي گهٽي ڀاڳي حاڪمن جي دلپسند شئي ولائتي شراب آهي، ۽ انهيءَ شراب جي رشوت پنيان انگريز ويا هندوستان ۾ پير جمائيندا. ”الله پلو ڪري هن مغل شهنشاهه فرخ سيار جو.....“ انگريز ڀڪَ سان ائين ئي چوندا هوندا. فرخ سيار جي هيٺين حصي Groin ۾ سوڄ ۽ سور ٿي پيو. دربار جي شاهي حڪيمن جي ڦڪين ستين جڏهن اثر نه ڪيو ته بادشاهه سلامت سخت پريشان ٿي ويو. هيءَ سن 1715ع جي ڳالهه آهي. شهنشاهه فرخ سيار 1713ع ۾ پنهنجي چاچي شهنشاهه جهاندار شاهه کي قتل ڪري، اڃان هاڻ تخت ۽ تاج جو مزو وٺڻ شروع ئي مس ڪيو ته هن بيماريءَ ڪيس ڏيجاري ڇڏيو. هن ايترو جلد مرن به نٿي چاهيو.... اڃان ته هن کي پنهنجي دلپسند محبوبا سان شادي ڪرڻي هئي. شهزادا ته ننڍي هوندي ئي شادي ڪندا آهن. هن تيهن ورهين جو ٿي ڪري اڃان شادي نه ڪئي هئا ڇا؟ هو اڃان شهزادو هو ته هن جي پهرين شادي فخر النساءِ بيگم سان ٿي هئي. فخر النساء جي ماءُ هڪ اهم عورت هئي. جيڪا ايران جي صفوي گهراڻي جي معصوم خان صفويءَ جي ڌيءَ هئي. هن سان جڏهن فخر النساءِ جي پيءُ مير محمد تقيءَ شادي ٿي ڪئي ته ان جي بدلي ۾ هن ايران جو مزنداران صوبو معصوم خان صفويءَ جي حوالي ڪيو هو. شهنشاهه ٽيڻ بعد هن هڪ هندو ڇوڪري، مهاراجا اجيت سنگهه جي ڌيءَ ٻائي اندرا ڪنوار سان شادي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ائين ته هن جي وڌيڪ ٻن سالن بعد هڪ ٽين ڇوڪريءَ سان به شادي ٿي. هيءَ پڻ هندو ڇوڪري، ٻائي پوپ ديويءَ نالي، ڪشوار جي راجا جيا سنگهه جي ڌيءَ هئي.

انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا جيڪي انگريز انڊيا ۾ رهيا پئي، انهن جي علاج لاءِ هنن جا انگريز ڊاڪٽر هئا. انهن ۾ هڪ وليم هئملٽن به هو. جنهن جي پوسٽنگ ڪلڪتي ۾ هئي. بادشاهه سلامت جي علاج لاءِ انگريزن کي منٿ ميڙ ڪئي وئي. هنن جي ته جڻ الله ٻڌي. دربار ۾ ڊاڪٽر وليم اچي حاضر ٿيو ۽ هن بادشاهه سلامت جي Groin جي سوڄ جو علاج ڪيو. بادشاهه سلامت صحيح ٿي ويو. اڃان مهينو ڪن مس گذريو ته بادشاهه کي فسچولا (ڦٽ) ۾ شديد سور ٿي پيو. ڊاڪٽر وليم ان جو به علاج ڪيو. جنهن بعد مهينو آرام ڪري بادشاهه صاحب هندو شهزادي ٻائي اندرا سان شادي ڪئي ـ اها شادي بادشاهه جي بيماريءَ ۽ علاج سبب ملتوي ٿي رهي هئي. بهرحال ڊاڪٽر هئملٽن جي ته لئي ٿي وئي. هن کي شاديءَ جي تحفي ۾ هڪ پلو هاٿي، هڪ گهوڙو، پنج هزار روپيا، ٻه ڊائمنڊ جون منڊيون، هيرن جو هار، سونن بيڙن جو سيٽ ۽ ڊاڪٽر صاحب جي تپاس ۽ آپريشن جي سيني اوزارن جا سونا ماڊل ڏنا ويا. هند سنڌ توڙي لنڊن ۾ سيني بادشاهه سلامت جي واکاڻ ڪئي ته وڏو سخي مرد آهي پر پڪ سان اڄ جي غريب عوام وانگر، تن ڏينهن جو غريب عوام به سوچيندو هوندو ته بادشاهه سلامت ڊاڪٽر کي ڪو پاڻ پورهيو ڪري ڪمايل پئسو ته نه ڏنو.... عوام کان ئي ٽئڪس، ڍل ۽ ٻين طريقن سان ڦريل پئسي تي هن سخاوت ڪئي. اهو ته رڳو ڪيس شاديءَ جو تحفو ڏنو ويو جيڪو هن قبول ڪيو پر اهو تحفو ان جي مقابلي ۾ ڪجهه نه هو جيڪو ڊاڪٽر هئملٽن کي علاج ڪرڻ جي بدلي ۾ شهنشاهه فرخ سيار ڏنو پر انگريز ڊاڪٽر قبول نه ڪيو. صحتمند ٿيڻ تي مغل شهنشاهه حڪم ڏنو ته خزاني جا در کوليا وڃن ۽ ڊاڪٽر کي سندس تور جيترو سون ڏنو وڃي.

ڊاڪٽر هٿ ادب جا ٻڌي ان کي قبول ڪرڻ کان معذرت ڪئي. شهنشاهه هند وائڙو ٿي ويو ۽ هن وڏي دل سان ڊاڪٽر کي چيو ته جيڪڏهن هي گهٽ ٿو سمجهين ته تون پاڻ پنهنجي وات سان ٻڌاءِ ته توکي ڇا کپي.

ڊاڪٽر وراڻيو ته هن کي پنهنجي لاءِ ڪجهه نه کپي. هن کي پنهنجي لاءِ ڪمپني (برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني) طرفان ملندڙ معمولي پگهار ئي ڪافي آهي. شهنشاهه طرفان فقط سندس ڪمپنيءَ لاءِ وڌيڪ سهولتون ڏنيون وڃن.

بادشاهہ سلامت انهن پيش ڪيل سهولتن جي لسٽ جي ان ئي وقت منظوري ڏني ۽ فرمان جاري ڪيو تہ ڪمپنيءَ پٽيشن ۾ جن سهولتن جي گهر ڪئي آهي انهن جي پورائي ڪئي وڃي. پوءِ تہ بس فرمان جاري ٿيڻ جي دير هئي. ڪمپنيءَ کي سندس حوالي ٽيل ٽن ڳوٺن: سوتنو تي، گوبنداپور ۽ ڪلڪتو (اج وارو انڊيا جو وڏي ۾ وڏو شهر. جيڪو 1715ع ۾ هڪ ڳوٺڙو هو) جي چوڌاري موجود 38 ٻين ڳوٺن جي خريداريءَ جي اجازت پڻ ملي وئي. سڄي بنگال ۾ بنا ڪنهن ٽئڪس ڏيڻ جي واپار جي موڪل ڏني وئي. دراصل مغل بادشاهہ جي هن فرمان جاري ڪرڻ تي ئي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي اڳتي هلي سڄي بنگال کي ۽ ان بعد سڄي هندوستان تي قبضو ڪرڻ جو موقعو مليو.

اڄ جو تاريخ جو شاگرد پڪ سان اهو سوچيندو هوندو تہ هڪ انگريز سرجن کي پنهنجو ملڪ ۽ قوم ڪيڏي پياري هئي. هن پنهنجي ذاتي فائدي بدران پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جو فائدو ڪيو. هيڏ تہ هيئن ڪتو تي تہ انگريز جيڪي جهانگير بادشاهہ جي ڏينهن کان انڊيا ۾ رهي رهيا هئا ۽ اسان جي ماڻهن کان ماڊرن ٽيڪنالاجيءَ ۾ هوشيار هئا. مغل بادشاهہ انهن تي انڊيا ۾ ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتالون کولڻ لاءِ دٻاءُ وجهي ها تہ جيئن نہ فقط عوام لاءِ نہ پر سندن لاءِ بہ فائدو ٿئي ها. پر عوام جي لاءِ ان قسم جي بهتريءَ جو نہ جهانگير کي خيال آيو ۽ نہ ان بعد شاهہ جهان، اورنگزيب يا ٻين مغل بادشاهن کي آيو ۽ هاڻ فرخ سيار پنهنجي علاج خاطر انگريزن کي ڊاڪٽرن چڏيو پر ڪيس اهو خيال ڪڏهن بہ نہ آيو تہ هيڏي فائدي جي بدلي ۾ انگريزن جي ڪمپني هر سال، ڪجهہ هندستانين کي پنهنجي ملڪ انگلينڊ موڪلي، ميڊيڪل جي ڄاڻ ڏئي تہ جيئن اهي بہ سنا ڊاڪٽر ۽ سرجن ٿي هندوستان اچي عوام ۽ سندن (حاڪمن) جي خدمت ڪن. لڳي ٿو تہ ان معاملي ۾ اسان جا مسلمان حاڪم اڄ ڏينهن تائين ڪورا آهن..... سواءِ هڪ ٻن جي. ملائيشيا جي مهاتير محمد کي جڏهن دل ۾ تڪليف ٿي ۽ ڪيس انگلينڊ يا آسٽريليا وڃي علاج ڪرڻ لاءِ چيو ويو تہ هن اهو ئي چيو تہ آئون پنهنجي ملڪ جي اسپتال ۾ ئي علاج ڪرائيندس، جتي منهنجي عوام ڪرائي ٿي. پنهنجي ملڪ ۾ آپريشن ڪرائڻ بعد هن ان فيلڊ ۾ بہ اسپتالن ۽ پنهنجي ملڪ جي ڊاڪٽرن جو معيار ايترو وڌايو جو اڄ دنيا ۾ دل جي آپريشن جي ڪري جيڪي ٽي ملڪ مشهور آهن، انهن ۾ ملائيشيا هڪ آهي. ان اسپتال ۾ اسانجي ڳوٺ جي هڪ دل جي سرجن جو احوال پنهنجي ملائيشيا واري سفرنامي "هليو آ، هليو آ، ملائيشيا" يا "مونکي موهيو ملائيشيا" ۾ ڪري چڪو آهيان.

.....سو ان معاملي ۾ ملائيشيا يا وري سعودي عرب جهڙي ڪنهن ملڪ جو عوام، ڪٽي پاڳن وارو هجي، جنهن جا حاڪم عوام جي تعليم، صحت ۽ روزگار جهڙين شين جو سوچين ٿا. نہ تہ اسان جي ڪيترن ملڪن جا مسلمان حاڪم اهو ئي سوچين ٿا تہ غريب عوام وڃي ڏوڙ پائي. انهن کي پلي سرڪاري اسپتالن ۾ دوا جي نالي ۾ ڳاڙهو پاڻي بہ نہ ملي، پر سندن علاج سرڪاري خرچ تي ولايت جي مهانگين اسپتالن ۾ ٿيڻ کپي. غريب عوام حادثن ۽ بمن وگهي لولو لنگڙو ٿي وڃي، هو پلي رستي تي زخمن جو تاب نہ جهلي رت ڳاڙي مري وڃي، پيٽ واريون عورتون ڊاڪٽرن يا دوائن جي نہ هجڻ ڪري پلي اسپتالن جي ٻاهر ان روڊ تي تڙپي تڙپي مري وڃن، پر سندن معمولي ٽڏ يا ڪنگهہ جو علاج يا نارمل چيڪ اپ بہ سرڪاري خرچ تي ولايت جي مهانگين اسپتالن ۾ ٿيڻ کپي. اسانجي حاڪمن کي آخر پرواهہ بہ ڇو ٿئي. سندن پنهنجي خرچ تي تہ علاج نٿو ٿئي جو کين تڪليف ٿئي ...... هر ڳالهہ ۾ عوام جو ٽئڪس ذريعي ڏنل پئسو استعمال ٿو ٿئي، جيڪو دراصل عوام جي پلي لاءِ ڪم اچڻ کپي. پر هتي تہ سائين هر دؤر ۾ "مال مفت دل بيرحم" وارو حساب لڳو پيو آهي...... ۽ آئون، خاص ڪري مسلمان حاڪمن کي ان ڪري ٿو Mention ڪيان، جو هنن کي اسلامي تعليمات هجڻ ڪري، غريب عوام جو وڌيڪ خيال ڪرڻ کپي. آخر مسلمانن ۾ اهڙا بہ تہ حاڪم هئا، جن چيو ٿي تہ دجلا نديءَ جي ڪناري تي ڪو ڪتو بہ بک کان پاهہ تي مرندو تہ ان جو ذميوار هو پاڻ کي سمجهندا. پر اسان جا اڄ جا مسلمان حاڪم يا تاريخ ۾ گهٽي پاڳي مسلمان حاڪم، ڪهڙي قسم جا مسلمان هئا، جن شراب بہ پيتا ٿي، چئن کان وڌيڪ شاديون بہ ڪيون ٿي ۽ غريب عوام جو پئسو بہ لٽيو ٿي! هنن کي هر وقت پنهنجي مرڻ جو ڊپ ٿيندو رهيو آهي. عوام پلي لولو لنگڙو ٿي پيو هلي...... عوام وٽ

پئناڊال جون گوريون خريد ڪرڻ لاءِ بہ پلي پئسو نہ هجي، پر پاڻ بادشاهہ سلامت جن سدا حيات ۽ صحتمند هجن جيئن هو عيش جي زندگي گذاري سگهن.

اسان اڄ جا ننڍي ڪنڌ جا مسلمان، خبر ناهي ڪنهن جون غلط سلط تاريخون پڙهي، رڳو ان ڳالهہ تي پيا ٺرون، تہ هندوستان تي هيترا هيترا سال مغل ۽ ٻين مسلمانن جي حڪومت رهي. انهن مسلمان حاڪمن مان، سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي، باقي ٻين عوام سان ڇا ڪيو ان جي پاڻ کي سُڌ نہ سماءُ.

هنن So Called مسلمانن افغانستان، وچ ايشيا ۽ ٻين ڏارين ڏيهن کان اچي هند سنڌ تي حڪومت ڪئي ۽ اصل ديس واسين، هندو توڙي مسلمان عوام سان ڪهڙو سلوڪ رکيائون، ان جي اسانکي نہ خبر نہ چار. بس اسان ان ۾ خوش آهيون تہ هندستان تي اسانجي مسلمانن حڪومت ڪئي. توڙي جو اهي ڏارين ملڪن کان آيل هئا. هنن ترڪ، فارسي ۽ ٻيون ڏاريون ٻوليون ڳالهايون ٿي، پر اسان انهن کي بهتر حاڪم سمجهون ٿا، جو اهي مسلمان هئا ـ جيتوڻيڪ ڏنو وڃي تہ هندي، ڪشميري، پنجابي، گجراتي، سنڌي ڳالهائڻ وارن هندن توڙي مسلمانن جي حالت خراب هئي. ڪين بہ ويلا کائڻ لاءِ نہ هو. جيتوڻيڪ انهن ڏينهن جي عوام جو ويلو ڪو چاشني، برياني، ڪڙهائي، ڪواب يا مئڪڊو نالڊ ۽ KFC جو فاسٽ فوڊ نہ، پر ٿلهو ڊوڊو ڇڏي ڏڏ سان هو يا اپري سيري دال يا ڪچي بصر سان هو ـ پر ان وقت جي عوام لاءِ اهو حاصل ڪرڻ بہ محال هو. حاڪمن ملڪ جي مال ملڪيت ڦري سنين موسمن ۽ معدنيات سان ڀريل ننڍي ڪنڌ جي پيننگ ڪري ڇڏي. غريب لاءِ بافتي جو وڳو ۽ ڪٽڪ جو اڻ مڪيل ڊگڙ بہ عيد. هوڏانهن حاڪمن وٽ ست رڇيون پئي هليون، ريشم ۽ ڪيمخواب جا وڳا ۽ عطر عنبير هئا. يارو! ان وقت جي حاڪمن (مسلمانن توڙي هندن) جو خواب ڪو عوام جي خدمت ۽ ملڪ کي خوش حال ڪرڻ نہ هو ۽ نہ ئي مذهب جي پرچار هو. هنن جو مقصد فقط ڦرلٽ ۽ عياشي هو شراب ۽ شباب هو. زالن ۽ ڪنيزائن سان حرم ڀرڻ هو. پاور/حڪومت ۽ تخت تاج حاصل ڪرڻ لاءِ هنن پنهنجن پيءُ پيئرن جو بہ قتل ڪري ٿي ڇڏيو ڪين انڌو ڪري ٿي ڇڏيو پوڙهن پيئرن کي قيد خانن ۾ بند ڪري ٿي ڇڏيو پنهنجي فئوريٽ زال جي پٽ کي ولي عهد بنائڻ لاءِ ٻئي اولاد کي ڏيهہ بدر ڪري ٿي ڇڏيو..... عورتن ۽ شراب جي چڪر ۾ هنن ڪاهون ٿي ڪيون. هاڻ ٻڌايو اهي حاڪم، جن کي پنهنجي رت جي رشتن جو خيال نٿي ٿيو اهي عوام جو ڇا خيال ڪندا هوندا ۽ اهڙن جڏا ڪم ڪرڻ وارن کي ڇا اسلام جي پوئواري ڪندڙ چئي سگهجي ٿو؟ ها سندن نالا ضرور مسلمانن وارا هئا. اڄ، جي ان دؤر جي ماڻهن کي قبرن مان اٿاري پڇڻ ممڪن هجي تہ اهي سچيون ٻڌائين. پر سائين! ڪوڙيون تعريفون ۽ ڪُوڙي تواريخ لکڻ وارن جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن، جن پئي لکيو آهي تہ هُو وڏا انصاف پسند هئا. محل جي ٻاهران انصاف جو گهنڊ لڳائي ڇڏيو هئائون تہ جيئن غريب غربو آڌيءَ رات جو بہ انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ ان گهنڊ جو رسو اچي ڇڪي. بادشاهہ سلامت شاهي خزاني مان پئسو ڪڍڻ بدران ٽوپيون پري ۽ هٿ سان قرآن لکي، پنهنجو ذاتي خرچ پورو ڪندو هو.... وغيره.

اهو تصور ڪري ئي ڪل ٿي اچي تہ اڄ کان صدي ڏيڍ بعد ..... سمجهو تہ 2200ع ڌاري اسان جي ملڪ يا اسان جي صوبي جا ٻار، اڄ جي دؤر بابت تواريخ پڙهي خوش ٿيندا تہ سنڌ جي حالت خوشحال هئي..... حاڪم نہ رڳو مسلمان هئا پر اسان جي مادري ٻولي ڳالهائڻ وارا اسان جي ڌرتيءَ جا ڄاوا هئا..... وغيره ۽ ڪاش اهو ممڪن هجي تہ 2200ع ۾ سنڌ جي ڪنهن شهر جي قبرستان مان اڄ واري دؤر جي دفنايل مردن کي جياري پڇيو وڃي، تہ بابا! اها حقيقت هئي يا نہ؟ تواريخ تہ هيئن ٿي لکي تہ توهانجا پنهنجا چونڊيل ڌرتيءَ جا ڄاوا هئا، جن کي عوام جي خوشحاليءَ جو وڏو فڪر هو ۽ هنن جمهوريت کي زندهہ رکڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا. منهنجي خيال ۾ پڇڻ واري کي اهي مردا گهروڙي بجو ڏيندا تہ اسانجو اندر ساڙڻ لاءِ اسان کي ڇو قبرن مان اٿاريو ويو آهي؟!

فرخ سيار کي اهو بہ خوف هو تہ هڪ ننڍي نيٽي ڇوڪريءَ سان نئين شادي ڪئي اٿم، ڪٿي وري بستري حوالي نہ ٿيان. اڄ ڪلهہ، جڏهن هي لکي رهيو آهيان، پاڪستان جي مختلف ٽي وي چئينلن تان ملڪ جو وزير خزانا جيڪو مني لانڊرنگ يا ڪرپشن جي ٻين ڪيسن ۾ ملڪ جي وڏي ڪورٽ ۾ گهربل آهي ۽ هر دفعي شنوائي تي

حاضر نہ ٿيڻ ڪري هن کي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو ناقابل ضمانت وارنٽ نڪتل آهي..... ان کي انگلئنڊ جي هڪ وڏي خانگي اسپتال جي ڪمري ۾ مريضن وارا ڪپڙا پائي ليٽيل پيو ڏيکاريو وڃي تہ هو ٻن هفتن کان سخت بيمار آهي ۽ چري پري بہ نٿو سگهي. ائنڪر حضرات ۽ ٽاڪ شوز ۾ گهرايل تجزيا نگار خوب ٽيڪا ٽپڻي ڪري رهيا آهن تہ هو سزا جي ڊپ کان بيماريءَ جو بهانو بنايون وينو آهي..... ۽ ڪيترا اهو بہ ٻڌائين پيا تہ اجان ڪجھ هفتا اڳ ئي تہ هن پارٽيءَ جي هڪ اهم نوجوان ورڪر عورت سان لڪ چپ ۾ شادي ڪئي آهي. جي اهڙو بيمار هو تہ ننڍي نيٽيءَ سان شادي ڇو ڪيائين؟

بهرحال فرخ سيار ضرور اهو ئي سوچيو هوندو تہ جي هو وري بيمار ٿي پيو تہ جو ڌپور جي مهاراجا اجيت سنگھ جي ننڍي نيٽي ڏيءُ ٻائي انڌرا ضرور گاريون ڏيندي تہ: ”ماريا! اهڙو ئي ختم هئين تہ مون سان شادي ڪري، منهنجي زندگي ڇو برباد ڪيئي؟“.

شهنشاهہ فرخ سيار انگريز ڊاڪٽر کي واپس ڪلڪتي پنهنجي ڪمپنيءَ جي هيڊڪوارٽر ۾ وڃڻ کان ڏاڍو روڪيو... ڪيس منٿون ميڙون ۽ وڏي پگهار جي آڇ ڪيائين، تہ هو دهليءَ ۾ سندس ذاتي معالج ٿي رهي. پر ڊاڪٽر هئملٽن جي دل قبول نٿي ڪيو. بادشاهہ سلامت جي گهڻي زور پرڻ تي آخر هئملٽن هن سان وعدو ڪيو تہ في الحال هو يورپ وڃي رهيو آهي. پنهنجي وطن جو چڪر هڻي جڏهن موٽندو تہ هن جو ذاتي فزيشن ٿي رهندو. بادشاهہ کان موڪلائي هو نوڪريءَ جو باقي مدو مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪلڪتي پهتو. پر يورپ وڃڻ کان اڳ 1717ع ۾ هن جو ڪلڪتي ۾ ئي موت ٿيو. هن کي ڪلڪتي جي سينٽ جان گرجا گهر جي پرسان ئي دفن ڪيو ويو. سندس قبر مٿان لڳل ڪتبي تي لکيل سٽون مغل بادشاهہ فرخ سيار جي بيماري ”Malignant Distemper“ جي علاج جي ڪهاڻي ٻڌائين ٿيون. سرجن هئملٽن جي قبر ۽ ان تي رکيل هي ڪتبو اڄ بہ موجود آهي. ان ڪتبي تي هي سٽون لکيل آهن:

Under this stone lyes interred
The body of
"William Hamilton, Surgeon,
Who departed this life 4 December 1717
His memory ought to be dear to his
Nation for the credit he gain'd the English
Incurring Ferruseeker, the present
Kind of Indostan, of a
Maligant Distemper, by which he
Made his own Name famous at the
Court of that Great Monarch;
And without doublt will perpetuate
His memory, as well in Great Britain
As all other Nations of Europe".

شهنشاهه فرخ سيار جي ڏينهن ۾ ئي ان بعد مغل سلطنت ڏينهون ڏينهن وئي تِتر بتر ٿيندي. حالت اها وڃي ٿي ته سلطنت جي فوجي جنرلن ئي چونڊ ڪري هڪ کي تخت تي ويهاريو ٿي ۽ بعد ۾ ان کي لاهي وري ٻئي کي شهنشاهه بنايو ٿي. آئون ٻه ڪجهه گهٽو لکي ويو آهيان. مون چاهيو ٿي ته يڪدم آخري مغل شهنشاهه بهادر شاهه ظفر دوم تي اچي وڃان، پر پڙهندڙن لاءِ مغل حاڪمن جون ڪجهه ڳالهيون لکڻ ضروري سمجهيم. جيڪي مون کي هر وقت حيرت ۾ وجهن ٿيون ته هي ڪهڙا حاڪم هئا. جن رڳو پنهنجي عياشيءَ جو پئي سوچيو. پنهنجن غير اسلامي ڪمن جي باوجود هنن وڏو ديندار ۽ پرهيزگار هجڻ جو ڏيک ٿي ڏنو ۽ ڇا اسان جي اڄ جي حاڪمن تاريخ مان ڪو سبق به حاصل ڪيو آهي يا نه !؟

فرخ سيار کان پوءِ هندستان جو مغل شهنشاهه محمد شاهه ٿيو. جيڪو ”رنگيلي“ جي خطاب سان مشهور آهي. هن جي ڏينهن ۾ مغل سلطنت تباهيءَ جي ويجهو پهچي وئي. محمد شاهه 1702ع ۾ ڄائو ۽ 1719ع ۾ بادشاهه ٿيو ۽ 1748ع ۾ مرڻ تائين 29 سال حڪومت ڪيائين. مغل سلطنت، جيڪا هونءَ ئي تباهه ٿي رهي هئي، پرشيا (ايران) کان 1739ع ۾ نادر شاهه جي حملي، ان جي بنهه پيننگ ڪري ڇڏي. اڳئين زماني ۾ ملڪن جا بادشاهه، حاڪم، راجا، مهاراجا، ملڪ هلائڻ ۽ پنهنجي عياشيءَ لاءِ مال ملڪيت هٿ ڪرڻ لاءِ ڪو ڪارخانا فئڪٽريون نه هٽندا هئا ۽ نه سني فصل جي پوک پنيان پورهيو ڪندا هئا. هو موقعو ملڻ تي اهاني بهاني پرواري ملڪ تي چڙهائي ڪري، اتان جي حاڪم کي موچڙا هٽي، ڪانئس ۽ عوام کان اناج، گهوڙا، گڏهه، هيرا، جواهر ڦري پنهنجي ملڪ ايندا هئا. هو اهو به نه ڏسندا هئا ته ان ملڪ جو حاڪم يا عوام سندن هم زبان ترڪي، فارسي يا عربي ڳالهائڻ وارو آهي ۽ مسلمان آهي. بس ڪو نه ڪو بهانو ڪري ڪمزور حاڪم جي ملڪ تي چڙهائي ڪندا هئا. بلڪل ان بگهڙ وانگر جنهن ٻڪريءَ کي هڙپ ڪرڻ لاءِ چيو ته: ”مٺڙا! تون پاڻي پي اوپر مون ڏي پئي ڪرين“.

ٻڪريءَ وراڻيس: ”تون درياهه جي اڳئين حصي تان پيو پاڻي پيئين ۽ آئون هيٺئين تان. منهنجي اوبر تو ڏي ڪيئن ايندي؟“.

پر سائين ڏاڍي جي لٺ کي به مٿا.... بلڪ، مٿا ئي مٿا ٿيندا آهن. بگهڙ ٻڪريءَ کي ”نالائق، زبان دراز، بدتميز“ چئي به چار ٻيون گاريون ڏئي، چيري ڦاڙي رکيو. سو نادر شاهه جو وات پاڻي تي رهيو هو ته مغل سلطنت ۾ پئسو هڪ طرف آهي ته ان جا حاڪم ڪمزور ٻي طرف آهن. هن ان جو فائدو ورتي، پهريان غزني، ڪابل، لاهور ۽ سنڌ تي حملو ڪيو ۽ پوءِ دهليءَ کي ساڙي ٻاري، مال ملڪيت گڏ ڪري ايران ڪٽي ويو. جيئن اڳتي هلي 1843ع ۾ انگريزن جي هڪ ننيڙڙي لشڪر مياڻيءَ جي جنگ ۾ ٽن چئن ڪلاڪن ۾ فتح حاصل ڪري ورتي. تيئن ان کان هڪ صدي کن اڳ 1739ع ۾ نادر شاهه جي ننيڙڙي لشڪر ڪرنال جي جنگ ۾ مغلن کي ٽن ڪلاڪن اندر سخت شڪست ڏئي ڇڏي. اهو لشڪر رستي ۾ سنڌ تي پڻ حملو ڪري آيو هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙو هو. سنڌ ۾ به وڏي ڦرلٽ ڪيائين ۽ نور محمد ڪلهوڙي جا ٻه پٽ به ڪٽي ويو. دهليءَ ۾ ته اهڙيون ٻاهيون ڏنائين ۽ ماڻهن جو قتل ڪرايائين جو انڊيا ۾ آيل ڏاريا داداگير انگريز ۽ پورچوگالي به ڏڄي ويا ته سندن مستقبل ڇا ٿيندو. انڊيا تي قبضو ڪرڻ جا خواب ته ٿيا پنهنجي جاءِ تي، هنن کي ڏکٽي وٺي وئي ته هاڻ فقط سندن سر سلامت رهن.

نادر شاهه دهليءَ ۾ داخل ٿي، گهرن کي ٻاهيون ڏيڻ جو حڪم هڪ طرف ڏنو ته شهرين جي قتل جو ٻئي طرف. اٽڪل ٽيهه هزار ماڻهن جا سر ڌڙ کان ڌار ڪيا ويا. مغل شهنشاهه محمد شاهه، سندس ڪمانڊر ۽ وزير هٿ ٻڌي نادر شاهه کان معافيون ۽ رحم جي اپيل ڪندا رهيا.... پوءِ وڃي مس مس ٺاپر آئي. نادر شاهه جا سپاهي پهرين بادشاهه جي محلات کي، پوءِ عوام جي گهرن کي ٻهاري، مال ملڪيت ته ڪٽي ويا. پر مغل سلطنت جو تخت طاعوس، 'درياهه

نور' هيرو ۽ سوچ ڪان مٿي دولت ۽ ان ڪان علاوه جيڪي هاٿي ۽ گهوڙا پسند آين، اهي به ڪنيائون. پوءِ ٺي وڃي محمد شاهه رنگيلي جي جان بخشي ٿي. ان ڪان علاوه محمد شاهه ڪي پنهنجي ڌيءُ جهان افروز بانو بيگم نادر شاهه جي پٽ حوالي ڪرڻي پيئي.

هن سڄي خواريءَ بعد، نادر شاهه، محمد شاهه ڪي پڳ ٻڌي دهليءَ تي حڪومت ڪرڻ جي اجازت ڏني. ان جي بدلي ۾ سنڌو نديءَ تائين جو علائقو هن نادر شاهه جي حوالي ڪري ڇڏيو سنڌ ۾ ڪلهوڙن جو لشڪر نادر شاهه جي فوج سان رکي رکي مقابلو ڪندو رهيو. نادر شاهه مٿين مال ملڪيت سان گڏ آخر ۾ ڪوهه نور هيرو به ساڻ ڪٺي ايران روانو ٿيو. نادر شاهه جي ان حملي بعد مغل سلطنت وري مٿيري ٿي نه سگهي.

هتي اهو به لکندو هلان ته هيڏي تباهيءَ ۽ خواريءَ بعد به اسان جي حاڪمن جي عورت ۽ شراب سان دلچسپي قائم رهي. مغل بادشاهه محمد شاهه جون آفيشلي ٽي شاديون اڳ ٿيل هيون ۽ بعد ۾ هن چوٿين شادي صفيه سلطان بيگم سان ڪئي. سندس پهرين زال سندس سوٽ (شهنشاهه فرخ سيار جي ڌيءُ) هئي، جيڪا بادشاهه بيگم (وڏي راڻي) سڏي ٿي وئي. ان بعد محمد شاهه ٻي شادي صاحبا محل سان ڪئي ۽ ٽين شادي هڪ ناچڻي هندو ڇوڪري اُڌم بائيءَ سان ڪئي. جنهن مان احمد شاهه بهادر پٽ ٿيس، جيڪو سندس مرڻ بعد گادي نشين ٿيو.

هتي اهو به لکندو هلان ته نه فقط نادر شاهه، پر ڪجهه سالن بعد 1748ع ۾ احمد شاهه ابداليءَ پڻ دهليءَ تي حملو ڪيو جنهن ۾ محمد شاهه مارجي ويو. احمد شاهه نه رڳو خوب ڦرلٽ ڪري واپس ويو پر مارجي ويل شهنشاهه محمد شاهه جي ڌيءَ حضرت بيگم (جيڪا ٻي زال صاحبه محل مان هئي) سان شادي پڻ ڪيائين.

هونءَ ته مغل سلطنت جي ڪورٽن ۾ ترڪي ۽ فارسي ٻولي پئي هلي پر پوءِ آهستي آهستي اڙدو به مشهور ٿيڻ لڳي ۽ محمد شاهه جي ڏينهن ۾ فارسي ختم ڪري پهريون دفعو اڙدوءَ کي ڪورٽ جي ٻولي ڪيو ويو. ڪيترن ليکڪن جو اهو به چوڻ آهي ته مغلن جي ڏينهن ۾ نه پر 1857ع کان پوءِ انگريزن اڙدوءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو. بهرحال اهو آهي ته محمد شاهه جي ڏينهن ۾ قواليءَ جو بنياد پيو ۽ محمد شاهه جي ڏينهن ۾ قرآن مجيد جو پهريون دفعو اڙدو ۽ آسان فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو ۽ اهو به ته هونءَ مغل بادشاهه ۽ درباري ترڪ اسٽائيل جي ڊريس پائيندا هئا، محمد شاهه بادشاهه جي ڏينهن ۾ شيرواني مشهور ٿي.

يارو! مغل شهنشاهه محمد شاهه، جيڪو سندس تخلص ”سدا رنگيلا“ ڪري رنگيلو به سڏبو هو 1702ع ۾ ڄائو. 1719ع ۾ سترهن ورهن جي ڄمار ۾ بادشاهه ٿيو ۽ 1748ع ۾ وفات تائين حڪومت ڪيائين. هن پنهنجي وڏن بابر، همايون، اڪبر وغيره وانگر ته حڪومت نه ڪئي ۽ نه انهن جهڙو شان ۽ دٻدٻو رهيس. جيڪو 200 سال اڳ انهن جو هو...... بس مڙيئي نالي ماتر بادشاهه ٿيو وينو هو. جيئن اسان وٽ، فضل الاهي چوڌري، رفيق تارڙيا هاڻ ممنون حسين صدر ٿيو وينا آهن. هي شهنشاهه محمد شاهه به انگريزن ۽ پنهنجي فوجي جرنيلن جي هٿن ۾ هلي رهيو هو. ويتر نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابداليءَ جهڙن جي حملن هن کي ۽ هن جي حڪومت کي هر عملي ڪم کان نااهل ڪري ڇڏيو. محمد شاهه کان پوءِ جيڪي بادشاهه ٿيا، انهن جو ته اهڙو به حال نه رهيو. 1748ع ۾ رنگيلي جي وفات بعد 1806ع تائين احمد شاهه بهادر، عالمگير ٻيو شاهه جهان ٽيون ۽ شاهه عالم ٻيو بادشاهه ٿيا.

**محمد شاهہ رنگيلو**
(ڄمر: 1702ع، وفات: 1748ع)
(حڪومت: 1719ع کان 1748ع)

↓

احمد شاهہ بهادر
(ڄمر: 1725ع، وفات: 1775ع)
(حڪومت: 1748ع کان 1754ع)

↓

عالمگير ٻيو
(ڄمر: 1699ع وفات 1759ع)
(حڪومت: 1754ع کان 1759ع)

↓

شاهہ جهان ٽيون
(وفات 1772ع)
(حڪومت: ڪجهہ مهينا 1759ع)

↓

شاهہ عالم ٻيو
(ڄمر: 1728ع، وفات: 1806ع)
(حڪومت: 1759ع کان 1806ع)

مغل شهنشا هيٺ جو اهو وچي حال ٿيو جو هنن کي سنڌن وزيرن، فوجي جرنيلن يا پير پاسي جي نوابن يا ايسٽ انڊيا ڪمپني جي انگريزن لاٿو به ٿي ته نئون چونڊي تخت تي ويهاريو به ٿي. شهنشاهه عالمگير دوم پنج سال به ڪا مس حڪومت ڪئي ته ڪورٽ جي طاقتور وزير عماد الملڪ هن کي قتل ڪري شاهه جهان سوم جي تاجپوشي ڪرائي، هن کي نئون بادشاهه بڻايو. جنهن کي بادشاهت لاءِ چونڊيو ٿي ويو اهو خوش ٿي بادشاهه ٿي پئي ويو بنان اهو پڇڻ ته سندس پياءُ، سؤٽ، چاچي يا مامي کي چو قتل ڪيو ويو جيڪو هن کان اڳ بادشاهه هو. سو شاهه جهان سوم به بادشاهه ٿي ويو پر مرهٽا سردار هن جي بادشاهه ٿيڻ ۾ خوش نه هئا. هن کي يڪدم لاهي، هنن پنهنجي مرضيءَ جو بادشاهه شاهه عالم دوم رکيو. جنهن کي بعد ۾ احمد شاهه دراني‌ءَ به تسليم ڪيو. 1764ع ۾ بڪسر جي لڙائيءَ ۾ انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي سپاهين جي سوڀ ٿي ۽ انڊيا جي ڪجهه حصن ۾ انگريزن جو راڄ شروع ٿي ويو. 1806ع ۾ شاهه عالم جي وفات بعد اڪبر شاهه دوم (مغل سلطنت جي آخري بادشاهه بهادر شاهه ظفر جو پيءُ) تخت تي ويٺو. هن جي دور ۾، انگريزن مرهٽن سان جنگ ۾، مرهٽن کي شڪست ڏني، جيڪي مغل بادشاهن جو بچاءُ ڪريو وينا هئا. مرهٽن جي هار بعد انگريز هندوستان جا طاقتور حاڪم بڻجي ويا ۽ هنن مغل بادشاهه اڪبر شاهه کي ائين نالي ماتر بادشاهه جو درجو ڏنو جيئن هو ملڪ جي ڪجهه حصي ۽ ڪجهه پئسي تي عيش ڪري.... بلڪ انگريز هن کي پنهنجو پينشنر سمجهندا هئا. مغل حاڪم جي اها جيڪا ٿوري گهڻي لئي بچي هئي، سا سمجهو ته انگريزن طرفان هن کي پينشن هئي، جيڪا انگريز ڪائنس ڪنهن وقت به کسي ٿي سگهيا. اڪبر شاهه جي غم ۽ غصي ڪرڻ تي انگريزن سرڪاري خزاني جي سڪن تان به مغل شهنشاهه جو نالو مٽائي ڇڏيو ۽ انهن تي فارسيءَ بدران انگريزي لکت رکي. مغل خاندان کي لال قلعي تائين محدود رکي، هنن ”شهنشاهه هند“ جو خطاب ”بادشاهه دهلي“ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. هو ايترو ته ڪمزور ٿي ويو جو هن جي پنهنجن به نٿي ٻڌي، انگريز هن تي هر وقت پنهنجي ڏمر جو اظهار ڪندا ٿي رهيا. تاريخن ۾ آهي ته اهڙي موقعي تي شهنشاهه اڪبر دوم کي سنڌ وارن طرفان ضرور مان مليو ۽ سندس عزت ڪئي وئي. 1783ع ۾ ميرن ۽ ڪلهوڙن جي جنگ ۾ ميرن جي ڪامياب ٿيڻ تي، مغل شهنشاهه دهليءَ مان فرمان جاري ڪيو ته: ”سنڌ جو نئون نواب مير فتح علي خان ٿيندو“. ياد رهي ته ان وقت سنڌ جي حاڪمن کي دهليءَ جي مغل حاڪمن جو چئيوان ٿي رهڻو ٿي پيو. سنڌ ۾ اڃان انگريز نه آيا هئا. سنڌ تي انگريزن 60 سالن بعد، بهادر شاهه ظفر جي ڏينهن ۾ 1843ع ۾ حملو ڪيو.

بهرحال مغل سلطنت جي ڪمزور ٿيڻ تي انگريز پنهنجو دباءُ وڌائيندا ويا..... ائين ئي ٿيندو آهي...... ڏيري ڏاند تي مچر به گهڻا..... ۽ اڪبر شاهه دوم ته سياسي ۽ مالي طرح اهڙو ڏيرو ٿي چڪو هو جو انگريزن هن کي وڏيڪ ئي تائيت ڪري رکيو. مغل شهنشاهه ۽ سندس خاندان کي نه فقط لال قلعي ۾ محدود رکيو ويو پر هنن مٿان لال قلعي ۾ سيٽان (Archbald Seton) نالي هڪ انگريز آفيسر کي ائڊمسٽريٽر ڪري رکيو ويو. مغل خاندان کي اها ڳالهه ڏاڍي چڀي. سوچڻ جي ڳالهه آهي ته زمانو هو جو مغل بادشاهن جو سڄي هندوستان تي راڄ هو. انگريزن هڪ ڪنڊ ۾ رهڻ ۽ روزگار لاءِ فئڪٽري هڻڻ لاءِ ڏڪي ڏڪي مغل بادشاهن کي منٿون ٿي ڪيون. اڄ سڄو هندستان انگريزن جي هٿ ۾ هيو ۽ مغل بادشاهه اڪبر کي لال قلعي تائين سوڙهو ڪيو ويو هو ۽ خرچ پکي هلائڻ لاءِ هن کي انگريزن طرفان پينشن طور پئسو ملي رهيو هو. ان بعد سندس پٽ بهادر شاهه ظفر بادشاهه کي ته اهو به نصيب نه ٿيو. انگريزن کيس ملڪ بدر ڪري برما (ميانمار) جي شهر رنگون (ينگلون) جي قيد حوالي ڪري ڇڏيو. جتي هو مرڻ گهڙيءَ تائين جلاوطن رهيو. تڏهن ته هن ماضي ۽ پنهنجي وطن کي ياد ڪري چيو ته:

کتنا ہے بدنصیب "ظفر" دفن کے لئے
دو گز زمیں نہ مل سکی کوئے یار میں

ايستائين لکڻ بعد انهن ڏينهن جو هڪ واقعو ٿو لکڻ چاهيان پر ان کان اڳ پڙهندڙن لاءِ، خاص ڪري انهن سياحن لاءِ جيڪي مون وانگر هتي ايندا رهن ٿا، ڪجهه چوڻ چاهيندس.... دهليءَ ۾ اچي هو قطب مينار به ڏس ٿا. جي سِڙجي ڏسڻ لاءِ نه به اچن ته به اهو پري کان به نظر اچي ٿو ۽ هن جي ڀرسان هر هڪ جو لنگهه ته ضرور ٿئي ٿو. قطب منيار جي ڀرسان بلبن جو مقبرو به آهي ۽ اتي ئي قطب مسجد پڻ آهي، جيڪا "قوة السلام مسجد" به سڏجي ٿي، جيڪا مملوڪ يا غلام گهراڻي جي باني قطب الدين ايبڪ ٺهرائي هئي. قطب مينار جو بنياد به دهليءَ جي هن سلطان رکرايو. پر اهو سندس نالي يا ياد ۾ نه آهي، پر اهو صوفي درويش قطب الدين بختيار ڪاڪِيءَ جي ياد ۾ آهي. ان مينار ۾ ٻيون شيون بعد جا سلطان به ڳنڍيندا ويا ۽ ڪيس مڪمل ڪندا ويا. جيئن ته سلطان التمش ۽ ويندي تغلق گهراڻي جي فيروز شاهه تغلق به ان کي وڌايو ۽ سڌاريو. اتي ئي چندر گپتا جي ڏينهن (414ع_375ع) جو 22 فوٽ ڪن ڏگهو لوهي ٿنڀو پڻ نظر اچي ٿو.

مٿيون شيون دهليءَ جي ڏکڻ اولهه واري جنهن ضلعي ۾ آهن، اهو "مهرؤلي" سڏجي ٿو. جيئن اسان وٽ ڪلفٽن ۽ ڪياماڙي وغيره. ڪراچيءَ جي ڏکڻ ضلعي (South Distric) ۾ آهن. هن علائقي مهرؤليءَ جي اتر ۾ هتي جو مشهور تاريخي "حوض خاص" آهي. اولهه ۾ وسنت ڪنج آهي ۽ ڏکڻ ۾ تغلق آباد آهي. مهرؤلي جو ذڪر ان ڪري ڪيو اٿم، جو هتي ڪيترن ئي مغل بادشاهن جا مقبرا آهن ۽ ان وقت جا مغل حاڪم توڙي اڄ جا هندو ۽ مسلمان مهرؤلي ۾ دفن ٿيل صوفي درويش خواجا قطب الدين بختيار ڪاڪيءَ جا معتقد ۽ مريد آهن. جيئن ٿورو اڳيان، مٿرا روڊ تي حضرت نظام الدين اولياءَ جي درگاهه تي حاضريءَ لاءِ ماڻهو پهچن ٿا.

دهليءَ جي ان مهرؤلي واري علائقي ۾ ئي "ظفر محل" آهي، جنهن جي ڀرسان "رنگ محل" آهي. جيڪو فقط "محل" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. "رنگ محل" شهنشاهه اڪبر شاهه دوم ٺهرايو هو. ان بعد سندس پٽ ۽ مغل سلطنت جي آخري بادشاهه ان جي ڀرسان ٻي عمارت ٺهرائي، جيڪا "ظفر محل" سڏجي ٿي. دراصل بهادر شاهه ظفر چاهيو ٿي ته سندس وفات بعد سندس جسم خاڪيءَ کي صوفي درويش خواجا قطب الدين بختيار جي قدمن ۾ ان "ظفر محل" ۾ دفن ڪيو وڃي پر قسمت کي ڪجهه ٻيو ئي منظور هو. هن کي دهليءَ مان نيڪالي ڏئي رنگون (برما) موڪليو ويو. سو پڙهندڙن مان ڪو دهلي گهمڻ لاءِ وڃي ته مغلن جي ٺهيل عمارتن لال قلعي ۽ جامع مسجد سان گڏ مهرؤلي جي علائقي جي قطب مينار ۽ ٻين تاريخي جاين سان گڏ "ظفر محل" ۽ "رنگ محل" ڏسڻ وقت اهو ڌيان ۾ رکن ته "ظفر محل" مغلن جي آخري بادشاهه بهادر شاهه ظفر دوم ٺهرايو هو ۽ "رنگ محل" جيڪو فقط "محل" يا "لال محل" به سڏجي ٿو مغل سلطنت جي آخري بادشاهه جي والد شهنشاهه اڪبر شاهه دوم ٺهرايو هو.

هاڻ اچون پنهنجي چڱيل ڳالهه تي..... اڪبر شاهه دوم کي انگريزن لال قلعي تائين ڪٽي سوڙهو ڪيو هو. نه رڳو ايترو پر ان تي نظر رکڻ لاءِ سيٽان (Seton) نالي هڪ اسڪاٽ آفيسر به مقرر ڪيو هو جيڪو پڻ اتي رهيو پئي. پنهنجو ماضيءَ جو شان شوڪت ياد ڪري، حال جو هي حال ڏسي، ڪنهن جي دل نه پڇرندي..... نالي ماتر بادشاهه اڪبر شاهه دوم ته دل جو سور دل ۾ ئي رکيو پر سندس نوجوان پٽن..... خاص ڪري وڏي پٽ ولي عهد شهزادي مرزا جهانگير (جنهن جو بادشاهه ٿيڻ جو وارو هو) کي ڏاڍا وڏ پيا. ٻيو نمبر پٽ بهادر شاهه ظفر ته شاعراڻي طبيعت جو هو ۽ هر وقت پنهنجي شعر و شاعريءَ ۾ ئي لڳو پئي رهيو. شهزادي مرزا جهانگير جڏهن به پنهنجي آسپاس هن گوري آفيسر سيٽان کي پئي ڏٺو ته دل ئي دل ۾ ته ڪيس گاريون ڏنائين ئي پئي، پر هڪ دفعو ڪيس زور سان اڙدوءَ جي گار واري لفظ سان ڏسيائين، پر سيٽان چپ رهيو. شايد هن کي ان وقت جي ان اڙدو لفظ "لُولُو" جي معنيٰ جي خبر نه هئي. ڪجهه ڏينهن بعد سيٽان دربار مان موٽي رهيو هو ته هي 19 سالن جو شهزادو مرزا جهانگير ان وقت نوبت خاني جي ڇت تي وينو هو. لال قلعو گهمڻ وقت توهان نوبت خانو به ڏسي سگهو ٿا. نوبت خانو جيڪو نقارخانو به سڏجي ٿو....

بادشاهہ سلامت جي ديوان عام ۾ اچڻ وقت هن نوبت خاني ۾ وينل سازن وارا نغارا وڄائيندا هئا. ڪجهہ تاريخدانن جو خيال آهي تہ مغل بادشاهہ جهاندار شاهہ (1713ع ـ 1712ع) ۽ فرخ سيار (1719ع ـ 1713ع) کي هتي قتل ڪيو ويو هو. تاريخ جي شوقينن کي ان بابت انيشا شيکر مکرجيءَ جو آڪسفورڊ پريس طرفان ڇپيل ڪتاب "The Red Fort of Shahjahanabad" ضرور پڙهڻ کپي.

گذريل دفعي جڏهن لال قلعو ڏسڻ آيو هوس تہ تاريخ جي واقفڪار منهنجي راجستاني گائيڊ، نوبت خاني وٽ بيهي، ان جي ڇت ڏي اشارو ڪري چيو هو:

"That is the place from where Mughal Prince shot Britishers".

شهزادي نوبت خاني جي ڇت تي ويٺي ويٺي، پاسي کان لنگهندڙ انگريز آفيسر سيٽان تي بندوق سان نشانو ڇٽيو پر هن کان فائر خطا ٿي ويو. سيٽان تہ بچي ويو پر گولي هن سان گڏ هلندڙ اردليءَ کي وڃي لڳي ۽ هو اتي ئي ڍيري ٿي ويو. انگريزن کي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ هنن مرزا جهانگير کي گرفتار ڪري الهہ آباد قلعي ڏي موڪليو. اهو بڍي بادشاهہ سلامت جي محلات ۾ اداسي ڇانئجي وئي، ڇو جو الهہ آباد قلعي لاءِ مشهور ٿي ويو هو تہ انگريزن جنهن بہ سياسي قيديءَ کي الهہ آباد قلعي ڏي ٿي موڪليو ان جو زندهہ موٽڻ ڪڏهن بہ نٿي ٿيو. انگريزن پنهنجي ملڪ ۾ توڙي انڊيا ۾، ڪي اهڙا هنڌ ٺاهي رکيا هئا، جتي وڏن ڏاڙيلن، خونين ۽ رهزنن سان گڏ مخالفت ڪندڙ سياستدان کي موڪليو ويندو هو. جتي قيديءَ سان تمام گهڻي سختي ڪئي ويندي هئي ۽ اها جاءِ اهڙي اٽانگي هنڌ تي هوندي هئي..... ان هنڌ تي ايڏو سخت پهرو هوندو هو جو ڪنهن قيديءَ جو ڀڄڻ ناممڪن هوندو هو. بعد ۾ انگلينڊ وارن پنهنجي ملڪ جي اهڙن خطرناڪ قيدين کي آسٽريليا موڪلڻ شروع ڪيو. انهن ڏينهن ۾ آسٽريليا ۾ سڄ پٽي واڪا ڪيا. قيدي اهڙي بور ماحول ۽ بک ۾ رهي، سزا جي مدي پوري ٿيڻ کان اڳ ئي پاڳل ٿي، مري ويندا هئا. اهڙيءَ طرح هنن هندي وڏي سمنڊ ۾ موجود ويران ۽ خوفناڪ، جانورن ۽ آدمخورن سبب مشهور، نڪوبار ۽ انڊامان ٻيٽن تي بہ قيد خانا ٺاهيا، جتي هو هندستان جي خطرناڪ ڌوهارين کان علاوه، انهن سياستدانن کي موڪليندا هئا، جيڪي انگريزن جي حڪومت جي مخالفت ڪندا هئا. هاڻ تہ نڪوبار ۽ انڊامان ٻيٽ، ملائيشيا جي لنگڪوري، يا ٿائيلينڊ جي پڪيٽ ۽ پٽايا وانگر، ٽوئرسٽ اسپاٽ ٿي پيا آهن، پر انهن ڏينهن ۾ اهي واقعي خطرناڪ جايون هونديون هيون، جتان ڪنهن جو موٽڻ ناممڪن هو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪي آڻ مڃيندا هئا تہ ڪي وري اهڙا سخت جان هوندا هئا، جو مدو پورو ڪري ويندا هئا. انگريزن جي 1947ع ۾ انڊيا ڇڏڻ ۽ انهن ٻيٽن جي قيدين جي جان بخشي ٿيڻ تي ڪيترائي پنهنجي وطن واپس موٽيا. انهن ٻيٽن جي قيد خاني کي عام ٻوليءَ ۾ "ڪارو پاڻي" سڏيو ٿي ويو. انهن ۾ ڪيترائي سنڌي بہ هئا، جن مان ڪجهہ کي مون بہ اسانجي شهر هالا جي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن وٽ ڏٺو. انگريزن جي مخالفت ڪرڻ ۽ انگريزن کان ملڪ جي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هنن کي ڪاري پاڻيءَ جي سزا ملي هئي. اسان وٽ ڪاري پاڻيءَ جي سزا خوف جي علامت سمجهي پئي وئي. آئون اهو ئي سمجهندو هوس تہ اتي شايد ڪاري رنگ جو ڪنو پاڻي هوندو...... ۽ پوءِ جڏهن وڏو ٿي سامونڊي نوڪري اختيار ڪيم تہ ملائيشيا ايندي ويندي انهن ٻيٽن وٽان لنگهہ ٿيندو هو. هڪ ڏينهن انڊيمان ٻيٽ وٽ اسان جي جهاز جي انجڻ ۾ مسئلو ٿي پيو. اسان جي جهازران ڪمپنيءَ جي مالڪن اسان کي ايمرجنسيءَ جي حالت ۾ هن ٻيٽ جي بندرگاهہ پورٽ بليئر ۾ وڃي جهاز لاءِ ٽيڪنيڪل مدد لاءِ چيو. بندرگاهہ ۾ پهچي خبر پئي تہ انڊيا وارن هنن ٻيٽن کي هاڻ اهڙو تہ خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي جو هر سال دنيا جا لکين ٽوئرسٽ هنن ٻيٽن تي اچي موڪل جا ڏينهن گذارين ٿا. جنهن مان انڊيا جي وڏي ڪمائي ٿئي ٿي.

بهرحال شهنشاهہ اڪبر شاهہ دوم جي وڏي ۽ وليعهد شهزادي مرزا جهانگير جي گولي هلائڻ تي ڪيس گرفتار ڪري، الهہ آباد قلعي ڏي موڪليو ويو جتي هن جو ڪيس هلڻو هو. اها خبر ٻڌي سندس مائٽ..... ماءُ پيءُ تہ بس ٿي ويا ۽ سندس جيئرو موٽڻ محال سمجهڻ لڳا. يارو! سوچيو.... بادشاهہ جي پٽ قتل ڪيو ان جي هن کي سزا ضرور

ملڻ ڪپي. پر اهي ئي بادشاهہ ڪالهہ تائين قتل ڪندا رهيا.... هئي ڪنهن کي هنن کي گرفتار ڪرڻ جي طاقت؟ شهنشاهہ فرخ سيار بنده سنگهہ بهادر تي حملي بعد 2000 سکن جا سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيا ۽ اهي ڀالن تي لڙڪائي دهلي آندا ويا. باقي 780 سکن جي پيرن ۾ زنجير ٻڌي کين دهليءَ جي قلعي ۾ آندو ويو ۽ کين مسلمان ٿيڻ لاءِ زبردستيءَ ڪان ڪم ورتو ويو پر انهن جي انڪار تي هر روز 100 سکن کي قلعي مان گهرائي وچ مارڪيٽ ۾ پبلڪ اڳيان انهن جو قتل ڪيو ويو. هي سلسلو ست ڏينهن هلندو رهيو. ان بعد 9 جون 1716ع تي هنن جي ليڊر بنده سنگهہ جون اکيون ڪڍيون ويون. ان بعد هن جون ٻانهون ۽ ٽنگون ڪپيون ويون ۽ پوءِ جسم جي ڪل روڙي وئي ايئن هن جو قتل ڪيو ويو. ٿوروسوچيو دهلي شهر ۾ ڇا تہ خوف طاري ٿيو هوندو.... هي واقعو سالن جا سال ماڻهن..... خاص ڪري ٻارن جي دلين تان نہ ميٽيو هوندو. ڇا ٿئي کي مسلمان ڪرڻ لاءِ اسلام اها ٿو تعليم ڏئي؟..... سوچيو تہ اسلام پکيڙڻ جو اونو ڪنهن کي هيو؟! جن کي شراب ۽ شباب کان فرصت ئي نہ هئي. جن تخت ۽ تاج حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڀاءُ، ڀائٽي ۽ پيءُ، چاچي جو قتل ڪندي بہ قياس نہ پئي محسوس ڪيو. بهرحال هاڻ هڪ ڌارئي ۽ ڏورانهين ملڪ کان آيل قوم (انگريزن) جي حڪم تي سندن گورڪا ۽ مرهٽا سپاهي بادشاهہ سلامت جي ان پٽ کي ٻڌي ويا، جيڪو بادشاهہ ٿيڻ وارو هو. پڙهندڙ ان مان اندازو لڳائي سگهن تہ هيڏي وڏي طاقتور مغل سلطنت جو ڇا ويچي حال ٿيو هو.... نہ رڳو پڙهندڙ اندازو لڳائين پر اسان جا حاڪم محترم بہ....... جيڪي حڪومت کي ڇهٽيا پيا آهن ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ بدران وتن غريبن جي ٽئڪس جي پئسي سان پنهنجيون تجوڙيون ڀريندا ۽ محل ماڙيون ٺاهيندا..... اهو سوچي تہ سندن ست پيڙهيون تہ ڇا پر ستر پيڙهيون، ان مال سان عيش عشرت ڪنديون. اڄ آئون ڇوان ٿو تہ آخري مغل شهنشاهہ جي اولاد جي غربت ۽ ڪسمپرسيءَ جي حالت ڏسو..... ترڪيءَ ۾ جڏهن بہ منهنجو جهاز ويندو هو تہ اتي جي بازارن، مارڪيٽن ۽ پارڪن ۾ ڪو مونسان دوستاڻي نموني سان ڳالهائيندو هو تہ آئون کيس چوندو هوس تہ سلطنت عثمانيا جي سلطانن جي ڪنهن اولاد سان ملرايو. ڪو بہ نہ ملرائي سگهيو. خبر ناهي هيڏي شان شوڪت ۽ مال ملڪيت وارن اڌ دنيا جي ملڪن جي حاڪمن جو اولاد ڪيڏانهن ويو؟! اهو ئي حال قذافي، صدام ۽ شهنشاهہ ايران جو ٿيو. ان هوندي بہ اسان جا حاڪم پئسي ۽ هوس جي پوبان آهن. جيئن هنن جون ايندڙ ست پيڙهيون عيش ڪن ۽ اڄ جو عوام ڀلي غربت ۽ تنگدستيءَ ۾ مري وڃي.

پنهنجي پٽ شهزادي جهانگير مرزا جي زندگي بچائڻ لاءِ هن جي ماءُ راڻي ممتاز محل جڏهن هِن هُن کي منٿ ميڙ ۽ رحم جو درخواستون ڪري ٿڪجي پئي تہ نيٺ مهرولي ۾ صوفي درويش خواجا قطب الدين بختيار جي مقبري تي آئي. هن سُکا باسي تہ جيڪڏهن سندس پٽ جيئرو سلامت گهر پهچندو تہ هوءَ گلن جي چادر هن درويش جي درگاهہ تي نذراني طور پيش ڪندي.

ٽن چئن سالن جي دعائن بعد هڪ ڏينهن جڻ تہ ڪرشمو ٿي ويو جڏهن شهزادو لال قلعي ۾ موٽي آيو. راڻي صاحبا پنهنجي مڙس کي ٻڌايو تہ هن ههڙي قسم جي سُکا خواجا قطب الدين جي درگاهہ تي باسي آهي. بادشاهہ سلامت انڪار بدران خوش ٿيو ۽ راڻيءَ جو ڪيل وچن پاڙڻ لاءِ پاڻ بہ ان ۾ شامل ٿيو. ٻنهي اهو فيصلو ڪيو تہ هو گلن جي چادر درگاهہ تان وٺڻ بدران پنهنجي رهائش گاهہ لال قلعي ۾ ٺاهي اتان پيرين پنڌ مهروليءَ ڪٽي هلندا، جتي صوفي درويش قطب الدين بختيار جي مزار آهي ۽ جنهن مٿان اها رکڻي آهي. اها خبر جهنگ جي باهہ وانگر چوڌاري پکڙجي وئي ۽ لال قلعي جي اوس پاس ۾ رهندڙ بہ بادشاهہ سان گڏ ان واڪ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

اهو سيپٽمبر جو مهينو هو. بادشاهہ اڪبر شاهہ ۽ هن جي راڻي ممتاز محل گلن جي چادر ڪٽي قافلي جي صورت ۾ پنهنجي رهائش لال قلعي کان مهروليءَ ڏي خوشيءَ جا گيت ڳائيندا ۽ نينگ ٽپا ڏيندا روانا ٿيا. هو جڏهن مهروليءَ واري علائقي جي ٻاهران پهتا تہ اتي جي مندر ماءُ يوگ مايا نالي هڪ آڳاٽي مندر وٽ بيهي بادشاهہ سلامت چيو تہ اسان جي بزرگن ۽ صوفي درويشن جو قبرستان مهرولي، هن ديويءَ جي ڪري مشهور آهي ۽ اهو پاپ ٿيندو جيڪڏهن اسان فقط صوفي درويش جي مقبري تي هلون ۽ هن هندن جي مندر ۾ قدم بوسي نہ ڪريون.

مهرؤليءَ ۾ موجود هن يوگ مايا مندر لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو هڪ آڳاٽو مندر آهي، جيڪو پانڊوئن جي ٺهرايل مندرن مان هڪ آهي. اهو مندر لارڊ ڪرشن جي ڀيڻ ماءُ يوگ مايا ڪي منسوب ٿيل آهي.

شهنشاهہ اڪبر دوم مندر ۾ داخل ٿيو ۽ ديويءَ اڳيان وڃڻو پيش ڪيو. ان بعد هن مسلمانن جي درگاهہ تي گلن جي چادر رکڻ جي رسم مڪمل ڪئي. ستين ڏينهن تائين بادشاهہ سلامت جي سڄي دربار، نوڪر چاڪر، ٻانهيون، خدمتگار مهرؤليءَ ۾ ويٺا رهيا ۽ خوشيون ملهائيندا رهيا تہ هن بزرگ جي ڪري بادشاهہ سلامت جي ولي عهد شهزادي جي جان بخشي ٿي. ديگيون چڙهنديون رهيون، راڳ ۽ قواليون هلنديون رهيون، بانسريون ۽ سرندا وڄندا رهيا، ماڻهو ڪائي پي خوش ٿيا..... پڙهندڙ ان مان بہ اندازو لڳائي سگهن ٿا تہ اسان جا حاڪم نالي جا مسلمان ضرور هئا، جن لاءِ اسان اڄ بہ ڏاڍو خوشي ڪيون ٿا تہ انڊيا تي 300 سالن کان مٿي مسلمانن حڪومت ڪئي پر عوام جو حال ڏسو...... ڪيڏي غربت هئي جو پيٽ جي ٽيليءَ لاءِ سڄو سڄو ڏينهن ڪانپ ٻڌي اچي تي ويٺا. اڄ جي اسانجي سنڌ جو حال بہ ان وقت جي حال کان مختلف نٿو لڳي.

بادشاهہ سلامت حڪم جاري ڪيو تہ هاڻ هر سال هي جشن ملهايو ويندو. رنگ محل نالي هڪ محل تيار ڪرايو ويو جو شاهي خاندان کان علاوه سڄي دربار جي ماڻهن کي هر سال ستن ڏينهن لاءِ مهرؤلي شفٽ ٿيڻو پئي پيو. هن محل جو نالو ان ڪري "رنگ محل" رکيو ويو جو ان جي ڀتين ڇتين کي مختلف رنگن ۽ گل گلڪارين سان سجايو ويو هو. هر سال مغل شهنشاهہ پنهنجي خاندان، درٻارين ۽ اوسي پاسي جي ماڻهن سان گڏ گلن جي چادر ۽ مندر لاءِ عمدو تيار ڪيل وڃڻو ڪٽي لال قلعي کان نڪري مهرؤلي ۾ اچي ديرو پئي ڄمايو. هي جشن اهڙو مشهور ٿي ويو جو اڄ ڏينهن تائين سيپٽمبر جي مهيني ۾ ستن ڏينهن لاءِ ملهايو وڃي ٿو ۽ "سير گل فروشان" ۽ "ڦولن ڪي سئر" جي نالي سان سڏجي ٿو. هاڻ ان جو اهتمام ڪرڻ لاءِ دهليءَ جي اهم مسلمانن ۽ هندن جي سوسائٽي آهي، جيڪا "انجمن سئر گل فروشان" سڏجي ٿي. اها هندن جي مندر لاءِ وڃڻي ۽ مسلمانن جي درگاهہ جي لاءِ گلن جي چادر جو بندوبست ڪن ٿا.

اهي ڳالهيون پڙهي تي سگهي ٿو مون وانگر ٻين کي بہ خيال ايندو هجي تہ مغل بادشاهہ بہ عجيب قسم جا مسلمان هئا. ڪٿي تہ سکن ۽ هندن تي ظلم پئي ڪيائون ۽ ڪين بيدرديءَ سان قتل پئي ڪيائون ۽ ڪٿي وري، شايد هنن کي خوش ڪرڻ ۽ سستي شهرت ماڻڻ لاءِ، هنن جي ديوين ۽ ديوتائن جي پوڄا پاٺ پئي ڪيائون. ڪٿي هنن جا مندر پئي ڍاڻائون ٿي تہ ڪٿي هنن کي مندرن لاءِ زمين جي گرانٽ ڏئي پنهنجي حق ۾ واهہ واهہ پئي ڪرايائون. تبديلي اڄ بہ ناهي آئي. ڳالهہ ڳالهہ تي اسان جا مسلمان هندن جي مندرن کي ساڙيو رکن...... هنن جي غريب نياڻين کي زوريءَ مسلمان ڪريو ڇڏين يا اغوا ڪريو وٺن. حڪومت طرفان ڪو خاص تحفظ ۽ وٺ پڪڙ ناهي پر ڪائنن ووٽ حاصل ڪرڻ ڪارڻ هندن جي هولي يا ڏياريءَ جي دعوتن ۾ وڃن نرڙ تي تلڪ هڻندا ۽ هنن جي ديوين اڳيان واس ۽ پرساد ڏيندا........ بهرحال ڪو خاص اعتراض ناهي...... نہ اڄ جي حاڪمن تي ۽ نہ ارڙهين صديءَ جي مغل شهنشاهہ اڪبر شاهہ دوم تي..... هر ڪنهن جي پنهنجي مرضي آهي..... پر مونکي رڳو حيرت ان تي ٿي ٿئي تہ سنڌس ئي وڏن جي هڪ مغل شهنشاهہ تخت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيءُ کي ماري ڇڏيو ۽ پنهنجي ان گناهہ يا ظلم جي ڪم کي عوام جي نظرن ۾ خوشنود اهو چئي ٻڌايو تہ، هن جي پيءُ ڪفر جو ڪم ڪيو هو. ڪهڙو ڪفر جو ڪم ڪيو هو؟ اهو تہ هن هڪ مندر کي هڪ ٽيبل يا شايد بينچ تحفي ۾ ڏني هئي. ڪم پڪو ڪرڻ لاءِ، هن شهنشاهہ وقت جي مفتين مولوين کان فتويٰ بہ لکرائي ورتي تہ سنڌس شهزادي پيءُ جو اهو ڪم ڪافراڻو هو جنهن جي سزا قتل آهي...... سوچيان ٿو تہ اڄ..... هن ايڪهين صديءَ ۾ بہ جڏهن اسان جو ملڪ ايٽمي طاقت بڻجي چڪو آهي، ان قسم جون فتوائون خبر ناهي ڪيترن معصوم ۽ اڻڄاڻ مردن توڙي نياڻين جي موت جو سبب بڻجن ٿيون.

شهنشاهہ اڪبر دوم جي وفات تي سنڌس وڏو ۽ ولي عهد پٽ شهزادو مرزا جهانگير تہ تخت تي ويهي نہ سگهيو جو مغل سلطنت ايڏي ڪمزور ٿي وئي هئي.... ۽ ڏورانهين ملڪ کان آيل انگريز ايڏا طاقتور ٿي ويا هئا، جو انهن جي مرضيءَ سان بادشاهہ لٿا ۽ چڙهيا ٿي. ڏوهہ ڪرڻ ۽ جيل ڪاٽڻ جي ڪري مرزا جهانگير کي انگريزن بادشاهہ

قبول نہ ڪيو. ان ڪري اڪبر شاھہ جو ٻيو پٽ بهادر شاھہ ظفر تخت تي ويٺو. بهادر شاھہ ظفر ان رنگ محل جو ڪجھہ حصو وڏيڪ ٺهرايو جيڪو اڄ تائين ظفر محل سڏجي ٿو. نئين شهنشاھہ بهادر شاھہ ظفر ان محل ۾ پنهنجي دفن لاءِ اڳواٽ قبر بہ ٺهرائي ۽ ان بابت وصيت ڪئي. پر ڪهڙي خبر تہ هن جو موت ۽ قبر هڪ ڏورانهين شهر رنگون ۾ ٿيندا.

بهادر شاھہ ظفر مغل سلطنت جو آخري بادشاھہ ٿي رهيو. پاڻ 1775ع ۾ ڄائو ۽ 1837ع ۾ سندس والد شهنشاھہ اڪبر دوم جي وفات تي، 62 سالن جي ڄمار ۾ بادشاھہ ٿيو. پاڻ مولائي مڙس هو. حڪومت يا سياست سان دلچسپيءَ بدران شعرو شاعريءَ سان دلچسپي هيس. هونءَ بہ تخت ۽ تاج جو اميدوار سندس وڏو پاءُ ولي عهد شهزادو مرزا جهانگير هو پر قتل جي ڪيس جي ڪري انگريزن هن کي ملڪ بدر ڪري ڇڏيو هو ۽ بهادر شاھہ کي شهنشاھہ هند بڻايو. بس اهو سمجهو تہ انگريز اهڙا طاقتور ٿي ويا هئا جو هنن پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن کي بہ نالي ماتر بادشاھہ بڻائي پئي ڇڏيو. هڪ قسم جي صدارت لاءِ پئي چونڊيو..... ۽ سڄي هندستان تي هن جي حڪومت خاڪ هئي، بس مڙيئي ان وقت جي دهليءَ تي راڄ ڪرڻ لاءِ ڪيس ڇڏيو ويو هيو. تنهن لاءِ بہ بادشاھہ سلامت کي انگريزن طرفان مقرر ڪيل ريزيڊنٽ يا ائڊمنسٽريٽر کان صلاح وٺڻي ٿي پئي تہ هي ڪم ڪريان يا نہ؟ دهليءَ جي شهر جي ٽئڪس جي اوڳڙ بہ انگريزن پاڻ ڪري، ان جو ڪجھہ حصو بادشاھہ سلامت کي پينشن طور پئي ڏنو.

بهادر شاھہ ظفر اڙدوءَ جو هڪ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي ۽ سندس دربار ۾ داغ، مومن ۽ مرزا غالب جهڙا شاعر موجود پئي رهيا. سندس ڪيترائي شعر 1857ع واري هنگامي ۾ گم ٿي ويا، پر ان هوندي بہ ڪيترائي شعر سندس غزلن جي مجموعي ”ڪليات ظفر“ ۾ موجود آهن. جنهن کي پڙهيو ۽ ڳايو وڃي ٿو.

مغل سلطنت جا آخري شهنشاھہ بادشاهي رعب تاب ۽ دٻدٻو وڃائي ويٺا هئا. خاص ڪري هي شاعر بادشاھہ دهليءَ ۾، لال قلعي ۾، ڪنڌ پاسو وٺي شعرو شاعريءَ سان دل وندرائي رهيو هو تہ 1857ع ۾ ميرٺ ۽ ٻين شهرن ۾ سپاهين جو انگريزن خلاف فساد ٿيو. جيڪو وڌندو ويو. انگريزن ان کي سندن خلاف بلوو سڏيو ۽ هندوستان جي هندن ۽ مسلمانن هن کي انڊيا کي آزاد ڪرائڻ جي جنگ سڏيو. سپاهين ۽ ملڪ کي انگريزن کان آزاد ڪرائڻ وارن متوالن هن مغل بادشاھہ جو آشيرواد چاهيو ٿي. بهادر شاھہ ظفر سندن پٺڀرائي ڪئي. سپاهين دهليءَ ۾ بہ اچي ڪيترن انگريزن ۽ عيسائين جو قتل ڪيو. چئن مهينن تائين انگريزن جي خلاف وڏو ٽرٽلو متو رهيو ۽ ان وقت جا ڏسڻ وارا ليکڪ ۽ تاريخدان اهو ئي چون ٿا تہ انگريزن جي حالت خراب ٿي وئي ۽ هو ڀڄڻ جي ڪري رهيا هئا، پر پوءِ اسانجي ئي ماڻهن (جيڪي اڄ وڏا پير، سردار، نواب ٿيو ويٺا آهن) پنهنجا لشڪر دهليءَ موڪلي انگريزن جي مدد ڪئي ۽ کين ھيءَ جنگ کٽرائي. اهڙن پنهنجن ماڻهن بابت حامد مير ۽ حسن نثار جهڙا ڪيترائي لکندا رهن ٿا تہ انگريزن جي خوشامد ڪري هنن کين هن ملڪ ۾ حڪومت ڪرڻ لاءِ مضبوط بڻايو. جنهن جي عيوض ۾ انگريزن هنن کي ڍائي ڇڏيو. ڪجھہ مهينا اڳ ”جنگ“ اخبار ۾ حامد مير، ملتان جي هڪ پير جو احوال لکيو تہ ڪيئن هن پنهنجي ماڻهن خلاف انگريزن جي مدد ڪئي. سندس پڙپوٽو تڙپوٽو اڄ ڪلهہ عمران خان جي پارٽيءَ جو اهم ميمبر آهي. ان کان اڳ پيپلز پارٽيءَ ۾ هو.

1857ع جي هن جنگ ۾ آخر ۾ سڄي بازي ابتي ٿي وئي ۽ انگريز حاوي ٿي ويا. 82 سالن جو پوڙهو بادشاھہ بهادر شاھہ ظفر پنهنجي پٽن، پوٽن ۽ ڪٽنب جي ڀاتين سان همايون بادشاھہ جي مقبري ۾ وڃي لڪو جيڪو انهن ڏينهن ۾ دهليءَ کان ٿورو پري ٻهراڙيءَ ۾ هو. پر انگريزهن کي اتان ڪڍي دهليءَ جي خوني دروازي وٽ وٺي آيا، جتي سندس ٻن پٽن ۽ هڪ پوٽي کي اگهاڙو ڪري بندوقون هنيون ۽ ٻئي ڏينهن سندس خاندان جي عورتن ۽ ٻين ڀاتين جو قتل ڪيو. ساڻس جان بخشيءَ جو وعدو ڪيو ويو هو سو ڪجھہ ڏينهن ڪيس هلائي، ڪيس ملڪ مان ڪڍي برما جي شهر رنگون موڪليو ويو.

وليم (William Dalrymple) 2006ع ۾ ڇپيل پنهنجي ڪتاب ”The Last Mughal“. جا ۾ لکي ٿو تہ بازي کٽڻ بعد.... يعني مغل شهنشاھہ جي سوگهي ٿيڻ بعد جڏهن هندستاني سپاهي ۽ بلوو ڪندڙ ناپر ۾ آيا تہ پوءِ انگريزن

ملڪ جا شاعر ۽ شهزادا، ملا ۽ دڪاندار، صوفي ۽ اسڪالر ڳولي ڳولي انهن جو قتل ڪيو ۽ ڦاهيون ڏنيون. ڪيترين ئي مسجدون، محلات، باغ، مقبرا ۽ دهليءَ ۾ ٺهيل مغلن جا گهر ڍاهيا ويا. مسلمانن جون ملڪيتون ضبط ڪيون ويون. هن لڙائيءَ جا جيڪي به اڳواڻ هئا، انهن کي ماريو ويو يا کين انڊيا مان ڀڄايو ويو. بهادر شاهه جي گرفتاريءَ بعد 330 سالن کان هلندڙ مغل سلطنت جو خاتمو ٿيو. بهادر شاهه کي قيدي بڻايو ويو. سزا طور کيس ڏيهه نيڪالي ڏني وئي. سندس وڏو خاندان هو. جنهن مان ڪجهه سندس اڳيان قتل ڪيو ويو ڪجهه ملڪ جي مختلف حصن ڏي ڀڄي ۽ لڪي ڇپي ويو. ساڻس گڏ جن ساٿ ڏنو انهن ۾ سندس زال زينت محل ۽ ٻه پٽ مرزا جوان بخت ۽ مرزا شاهه عباس ۽ ننهن شاهه زماني بيگم، جيڪا رونق زماني به سڏي وئي ٿي (جوان بخت جي زال) هئا. هنن کي ڍڳي گاڏين ذريعي دهليءَ کان ڪلڪتي پهچايو ويو، جتان نيول جهاز ”Magara“ ذريعي رنگون پهچايو ويو.

رنگون ۾ هي قيدي اتان جي انگريز ڪمشنر ڪئپٽن نيلسن ڊئويز حوالي ڪيا ويا، جن کي هن پنهنجي نظرداريءَ هيٺ رنگون جي مشهور مندر ”Shwe Dagon“ پڳوڊا پرسان هڪ ڪوارٽر ۾ رکيو. جنهن ۾ چار ننڍڙا ڪمرا ڇهه فوٽ ٻاءِ تي فوٽ جا هئا. هڪ بهادر شاهه ظفر جي حوالي ڪيو ويو. هڪ ۾ سندس هڪ پٽ جوان بخت پنهنجي زال زماني بيگم سان ۽ باقي ٻه بادشاهه جي زال ممتاز محل ۽ ٻئي پٽ شاهه عباس کي ڏنا ويا. کين ڪنهن به قسم جي پين، پينسل يا پني رکڻ تي پابندي لڳائي وئي. ڪم ڪار لاءِ کين چار هندوستاني نوڪر ڏنا ويا. هڪ چپراسي، هڪ پاڻي ڀري اچڻ وارو، هڪ ڪپڙا ڌوئڻ وارو ۽ هڪ ٻهارو ڏيڻ وارو ڀنگي.

چئن سالن بعد 87 ورهين جي ڄمار ۾ 7 نومبر 1862ع تي، بهادر شاهه ظفر وفات ڪئي. ان ڊپ کان ته متان انڊيا يا برما جا مسلمان بهادر شاهه ظفر جي وفات جو ٻڌي، هڪ دفعو وري انقلاب آڻين، بهادر شاهه ظفر جي جنازي کي خاموشيءَ سان دفنايو ويو. جنازي نماز ۾ فقط هڪ مولوي ۽ بادشاهه جا ٻه شهزادا، جوان بخت ۽ شاهه عباس هئا. وفات کان هڪ هفتو پوءِ رنگون جي انگريز ڪمشنر نيلسن ڊئويز پنهنجي اعليٰ آفيسرن جي اطلاع لاءِ لنڊن خط لکيو. ان خط جي ڪاپي اڄ به لنڊن ۾ ٻين ڊاڪومينٽن سان گڏ عوام جي پڙهڻ لاءِ موجود آهي. ان ۾ هو پنهنجن حاڪمن کي دلداري ٿو ڏئي ته فڪر ئي نه ڪريو. مون هن جي باقي خاندان کي ڏنو سڀ چپ آهن. سابق بادشاهه جي مرڻ جو اثر نه انهن تي ٿيو آهي ۽ نه رنگون جي مسلمانن تي. بانس جي باڙ سان هن جي قبر جي چوڌاري لوڙهو ٺهرائي ڇڏيو اٿم. وقت سان گڏ اهو لوڙهو غائب ٿي ويندو ۽ قبر جي چوڌاري گاهه ايري ايندو ۽ سڄو علائقو هڪ ئي نظر ايندو. ڪنهن کي خبر به نه پوندي ته قبر ڪٿي آهي؟

“No vestige will remain to distinguish where the last of the great Moghuls rests…….”.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڪيس ۾ به ضياءَ، شايد ڪمشنر نيلسن جي پاليسيءَ کي فالو ڪيو ۽ هن سمجهيو ته ڪجهه ڏينهن بعد ڀٽو ماڻهن جي دلين تان لهي ويندو پر اڄ تائين نه بهادر شاهه ظفر ۽ نه ڀٽو ماڻهن جي دلين تان ميسار جي سگهيو آهي. ڀٽو جي وفات جي خبر break ڪندي بي بي سي جي مشهور نمائندي مارڪ ٽيليءَ ضياءَ کي خوش فهميءَ ۾ مبتلا ٿيڻ جي سلسلي ۾ چتاءُ ڏيندي چيو هو “Dead Bhutto will be more powerful than alive”. 1987ع ۾ سرڪاري دوري تي انڊيا کان برما آيل راجيو گانڌيءَ رنگون ۾ بهادر شاهه ظفر جي قبر تي گلن جو هار رکي، مهمانن جي ڪتاب ۾ لکيو:

“Although you (Bahadur Shah) do not have land in India, you have it here, your name is alive….. I pay homage to the memory of the symbol and rallying point of India’s first war of independence…….”.

هونءَ بهادر شاهه ظفر کي دفن ڪرڻ مهل انگريز سرڪار پوري ڪوشش ڪئي ته هڪ ته هن کي ماٽ ميٽ ۾ دفن ڪيو وڃي ۽ ٻيو ته هن جي قبر اهڙي ڪچي ۽ عارضي نموني جي ٺاهجي جو وقت سان گڏ گم گشته ٿي وڃي. ڇو جو انگريزن کي اهو ئي خوف هو ته متان هيءَ قبر مقبرو نه بڻجي وڃي ۽ پيري مريديءَ جي چڪر بعد بهادر شاهه

ظفر جا سرگھورڻ وارا مريد انگريزن خلاف هل هنگامو نہ پيدا ڪن. خير انگريزن کي اها تہ پڪ هئي تہ انڊيا، جتي جا ماڻهو جذباتي آهن ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي مچرجيو پون. انهن کان بهادر شاهہ ظفر گهٽو گهٽو پري دفن ٿيل هوڻ برما جا مسلمان بہ جيتوڻيڪ بهادر شاهہ ظفر جا معتقد آهن. جو هو بين گهڻن بادشاهن کان بهتر ۽ نيڪ طبيعت جو هو. هڪ سنو شاعر ۽ الله لوڪ سمجهيو ويو تي..... پر برما ۾ ايترا مسلمان نہ آهن. جو هنگامو ڪري انگريزن لاءِ پريشاني پيدا ڪن.

بهادر شاهہ ظفر جي قبر واقعي وقت سان گڏ، خيال نہ ڪرڻ ڪري پٽ تي وئي هئي، پر پوءِ چون ٿا تہ 1903ع ۾ انڊيا کان سياحن جو هڪ ڊيليگيشن جڏهن برما پهتو ۽ هنن بهادر شاهہ ظفر جي قبر تي دعا پڙهڻ چاهي تہ هنن کي اها جاءِ ڳولڻ ۾ ڏاڍي دقت پيش آئي. ان بعد 1905ع ۾ برما جي مسلمانن احتجاج ڪيو تہ بهادر شاهہ ظفر ۽ سندس پير ۾ دفن ٿيل سندس زال جي قبرن جي چڱيءَ طرح سڃاڻپ ڪئي وڃي. ان بعد 1907ع ۾ برطانيا جي واسطيدار اداري ان هنڌ جي چوڌاري لوهي ريلنگ لڳرائي تہ جيئن ماڻهن کي آئيڊيا ٿئي تہ هتي ڪٿي آخري مغل شهنشاهہ جي قبر ٿي سگهي ٿي ۽ ان ريلنگ (لوڙهي) اندر هڪ پٿر جو Slab لڳرايو ويو جنهن تي ٽُڪ ذريعي لکرايو ويو تہ:

"Bahadur Shah, the ex-king of Delhi died at Rangoon November 7th 1862 & was buried near this spot".

۽ ان سلئب تي اهو بہ لکرايو ويو تہ:

"Zinath Mahat wife of Bahadur Shah who died on the 17th July 1886 is also buried near this stone….."

آئون جڏهن 1960ع واري ڏهي ۾ رنگون ويو هوس تہ قبرن جي لاءِ اهو ئي لکيل هو. پر پوءِ اخبارن ۾ پڙهيوسين تہ فيبروري 1991ع ۾ برمي مزور هن قبرستان جي سائيٽ پنيان ڪنهن گٽر جي پائيپ لاءِ کوٽائي ڪري رهيا هئا تہ هنن کي پڪين سرن واري بهادر شاهہ ظفر جي اصلي قبر ملي وئي. هيءَ قبر زمين جي ليول کان ٽي فوٽ هيٺ ۽ پهرين واري سائيٽ کان 25 فوٽ پري آهي. اصلي قبر ملڻ بعد هاڻ اهو ئي ڀڏجي ٿو تہ مڪاني مسلمان هن قبر جي زيارت ۽ دعا ڪرڻ لاءِ تمام گهڻا اچن ٿا. ڪيترن جو اهو يقين آهي تہ بهادر شاهہ ظفر هڪ پهتل درويش هو ۽ هو هن لاءِ دعا گهرڻ ۽ پنهنجي دل جون مرداون پوريون ٿيڻ لاءِ پيرو پرين ٿا. منهنجا جهازي شاگرد جيڪي هينئر رنگون مان ٿي آيا آهن، انهن ٻڌايو تہ بهادر شاهہ ظفر جي مقبري اڳيان، انڊيا جي سرڪار هڪ وڏو "Prayer Hall" بہ ٺهرايو آهي جتي نماز پڙهي سگهجي ٿي. ان هال جو افتتاح 1994ع ۾ ڪيو ويو هو. برما ۾ ملٽري حڪومت کان اڳ بهادر شاهہ ظفر جي مقبري جي نظرداري بهادر شاهہ ظفر جي اولاد پئي ڪئي، پر هاڻ ان ڪم لاءِ هڪ ٽرسٽ ٺاهيو ويو آهي، جنهن جو نالو آهي: "Bahadur Shah Zafar Mansoleum Committee"

بهادر شاهہ ظفر کي رنگون جي جنهن علائقي ۾ زندگيءَ جا باقي ڏينهن گذارڻ لاءِ رکيو ويو ۽ پوءِ اتي ئي دفن ڪيو ويو، اهو علائقو تن ڏينهن جي مرڪزي شهر کان ڪافي پري هو جيئن صدر کان ڪلفٽن يا ڊفينس مارڪيٽ. پر هاڻ اهو هڪ خوبصورت علائقو سمجهيو وڃي ٿو جتي رنگون صوبي جي پارليامينٽ ۽ پرواري علائقي ۾ مختلف سفارتخانا ۽ سفيرن جا گهر آهن. شهر جا بہ سني ۾ سنا هاءِ اسڪول Dagon 1 & 2 هتي آهن. نئشنل ميوزيم ۽ نيشنل ٿيٽر بہ هتي ئي آهي.

بهادر شاهہ ظفر جي اچڻ کان بہ گهٽو آڳاٽو ٻڌن جو پگوڊا (Shwedagon Pagoda) ۽ مهاوزيا پگوڊا پڻ هتي آهن. بهادر شاهہ جو مقبرو شِوي داگان پگوڊا (مندر) جي بلڪل ڏکڻ ۾ زواچا (Ziwaca) گهٽيءَ جي پلاٽ نمبر 6 تي آهي، جتي يو وسارا (U-Wisara) روڊ ۽ شوي داگان پگوڊا روڊ هڪ ٻئي سان ملن ٿا. وچ شهر کان ٽئڪسي 2500 ڪيات (Kyat) تي وٺي. تي سگهي ٿو تہ هاڻ ينگون (رنگون) ۾ بہ ڪراچيءَ وانگر 'ڪريم' يا 'ابر' جون ٽئڪسيون

هلنديون هجن. جيڪي اڍائي هزار ڪيات بدران هزار يا ڏيڍ هزار ڪيات چارج ڪنديون هجن. بهرحال ايتري پنڌ لاءِ ٽئڪسيءَ جو اڍائي هزار ڪيات ڀاڙو گهٽ ناهي. انگ سو هزار ۾ ضرور آهي پر برمي نوٽ (ڪيات) جي ڪريل وئليوءَ سبب اڍائي هزار ڪيات اسانجي پاڪستاني 200 روپيين برابر آهن..... يعني تقريباً ٻن ڊالرن برابر.

بهادر شاهه ظفر 1857ع واري بلوي بعد 82 ورهين جي ڄمار ۾ رنگون موڪليو ويو. جتي پنج سال نظر بند رهڻ بعد 87 ورهين جي ڄمار ۾ سن 1862ع ۾ هن وفات ڪئي. ان بعد پنج سال 1867ع تائين بهادر شاهه جو خاندان ان ننڍڙي ڪوارٽر ۾ رهيو. ان بعد کين ان مان نڪري رنگون جي ڪئنٽونمينٽ واري علائقي ۾ ڪٿي رهڻ جي اجازت ڏني وئي. اهي علائقا اهڙين هئا جيئن ڪراچي، حيدرآباد يا ٻين شهر ۾ انگريزن طرفان جوڙيل ڪئنٽونمينٽ وارا علائقا، جتي فوجي به رهيا ٿي. بنديخاني ۾ ڏکيو عرصو رهڻ ڪري شاهه زماني بيگم (مرزا جوان بخت جي زال) سخت ڊپريشن جي مريض ٿي پئي. هن جي نظر به تيزيءَ سان خراب ٿي رهي هئي ۽ 1872ع ۾ هوءَ بلڪل انڌي ٿي پئي. بهادر شاهه ظفر جو ٻيو پٽ مرزا شاهه عباس جيڪو پڻ هن سان گڏ هن بنديخاني ۾ هو ان هڪ مقامي مسلمان بزنيس مئن جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. سندس اولاد اتي برما جي ئي شهرن ۾ رهي ٿو. ڪي مڇي مانيءَ وارا ضرور آهن پر گهڻا تڻا غربت جي زندگي بسر ڪن ٿا. بهادر شاهه ظفر جي زال زينت محل مڙس جي مرڻ کان پوءِ اڪيلي ٿي پئي هئي. سندس زور آفيم تي هوندو هو جنهن مان کيس تسڪين پئي ملي. مڙس جي وفات بعد به هوءَ 24 سال حيات رهي ۽ 1886ع ۾ وفات ڪيائين. کيس سندس مڙس پرسان ئي دفن ڪيو ويو. ٻن ٽن سالن بعد مرزا جوان بخت به گذاري ويو. هن کي ڏينهن لڳي ويو ۽ دماغ جي نس ٽٽي پيس.

سوچڻ تي ڏک به ٿئي ٿو ته ڏهن پيڙهين جي بادشاهن جي اولاد ڪيڏي ڏکوئيل زندگي گذاري. ڏنو وڃي ته ٻين مغل بادشاهن ته جواني عيش عشرت ۾ گذاري، ظلم به ڪيا، اٽڪل بازيون به ڪيون پر هي آخري بادشاهه پنهنجيءَ ۾ ئي مگن رهيو. هونءَ اسان جي ننڍي کنڊ جا هندو توڙي مسلمان راجا، نواب، سردار انگريزن جي مدد نه ڪن ها ته آزاديءَ جي هيءَ پهرين لڙائي ايڏو ته تيزيءَ سان Momentum ۾ اچي وئي هئي، جو انگريز ڏڪي ويا هئا ۽ هندستان ڇڏڻ ۽ ٽپڙ ٻڌڻ جو سوچي رهيا هئا. ان بعد بهادر شاهه ظفر جي وڏي سوڀ ۽ عزت ٿي وڃي ها. غريب بادشاهه، جنهن کي فقط دهليءَ تائين محدود ڪيو ويو هيو، وري هندستان جو طاقتور بادشاهه ٿي وڃي ها. شايد انگريزن جي اها ڊيڄوڙي واري حالت ڏسي بهادر شاهه ظفر اهو شعر چيو هجي ته:

*غازیوں میں بُو رہے گی جب تک ایمان کی*
*تخت لندن تک چلے گی تیغ ھندوستان کی*

پر قدرت کي ڪجهه ٻيو ئي منظور هو. ان نظاري جو شايد replay ٿيڻو هو جيڪو ساڍا ڇه صديون اڳ مسلمان حاڪم سان اندلس، غرناطا، قرطبه..... يعني اسپين ۾ ٿي چڪو هو. 756ع ۾ بنو اميه جو عبدالرحمان اسپين جو حاڪم / خليفو ٿيو. ساڍا ست صديون اسپين، پورچوگال ۽ فرانس جي ڪجهه حصي تي مسلمانن جي حڪومت رهي ۽ پوءِ مسلمانن جي آخري حاڪمن جي جڏن ڪمن ۽ انڌين عياشين جي ڪري هيڏي وڏي سلطنت وئي سندن هٿن مان نڪرندي ۽ آخر ۾ بنوناصر جو آخري خليفو ابو عبدالله مهمد ٻارهون (الثاني عشر) (ڄم 1460ع ۽ وفات 1533ع) سن 1482ع ۾ غرناطا جو امير ۽ اندلس جو حاڪم ٿيو. سندس هٿ مان سڀ ڪجهه نڪرندو ويو. آخر ۾ سندس هٿن ۾ فقط غرناطا جو شهر وڃي رهيو..... سو به نالي ماتر. اسپين جي بادشاهه فرڊيننڊ ۽ راڻي ائسابيلا (Isabella) حڪم ڏنس ته شهر (غرناطا) جي چابين سميت اچي آڻ مڃ.... پيش پئه. خليفي جي ماءُ، آئسابيلا کي ڏاڍيون آزيون نيزاريون ڪيون ته سندس پٽ جي بي عزتي نه ڪئي وڃي. هو هٿيار ضرور ڦٽا ڪري ٿو ۽ غرناطا شهر به واپس ڪري ٿو پر هن کي ذليل نه ڪيو وڃي.

محمد ٻارهين موراڪو جي بادشاهه کي به خط لکيو ته هن کان يا هن جي وڏن کان جيڪي غلطيون، عياشيون ۽ بڇڙايون ٿيون، انهن لاءِ هو شرمندو آهي، کيس سندن ملڪ ۾ زندگيءَ جا باقي ڏينهن گذارڻ جي اجازت ڏني وڃي.

هن کي فاس (Faz) شهر ۾ رهڻ ڏنو ويو. جتي هو 1533ع ۾ گذاري ويو. گهوڙي تي سوار محمد ٻارهون جڏهن پنهنجي سلطنت جو شهر غرناطا ڇڏي بندرگاهه ڏي وڃي رهيو هو (جتان هن کي جهاز رستي سمنڊ ٽپي موراڪو وڃڻو هو)، ته رستي تي واڳ ڇڪي، هُنَ گهوڙي کي بيهاريو ۽ پنيان غرناطا شهر ڏي نهاري هڪ ٿڌي آهه ڀريائين. اهو هنڌ اڄ به تاريخي سمجهيو وڃي ٿو ۽ اسپين وارن ان هنڌ جو نالو ئي رکيو "Suspiro del Maro" (مور بادشاهه جي آهه). ان بعد ماءُ سان گڏ هو جهاز ۾ جڏهن سمنڊ اڪري رهيو هو ته ڏک مان ڏاڍو رنائين. ان بابت اڪثر پرنٽ ۽ سوشل ميڊيا ۾ ايندو رهي ٿو ته هن جي ماءُ هن کي چا چيو......

”جنهن سلطنت جي مردن وانگر حفاظت نه ڪري سگهئين، ان تي عورتن وانگر ڇو ٿو ڳوڙها ڳاڙين؟“.

خاندان ابو اميه جا عرب مسلمان ست سؤ سالن کان مٿي يورپ جي هڪ اهم ملڪ اسپين تي حڪومت ڪندا رهيا. هيءَ سلطنت هنن پنهنجي جانين جي بازي لڳائي حاصل ڪئي ۽ حسن تدبير سان ست صدين تائين حڪمراني ڪئي. انهن بهادر ۽ جفاڪش عربن جي ڪاهل ۽ بزدل فرزند (جيڪو غرناطا جو آخري حڪمران هو) پنهنجي جان جي سلامتيءَ جي عيوض صدين جي حڪمراني، ابن ڏاڏن جو وقار ۽ پنهنجا هٿيار 2 جنوري 1492ع تي اسپين جي راڻي ازابيلا ۽ فرڊيننڊ جي قدمن ۾ ڦٽا ڪيا. ملڪ بدر ٿيڻ لاءِ جڏهن هو پنهنجي خاندان سان گڏ غرناطا جي ڪناري کان آفريڪا جي سمنڊ ڏي روانو ٿيو ته سندس ڳوڙهن جو جهڻ بند نه پيو. هو اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو. ان تي هن جي ماءُ مٿيان تاريخي جملا چيا.

هونءَ پاڻ ۾ ڳالهه ڪريون ته اها خواري سال 1491ع ۾ ۽ ڪي ڏهاڪا سال اها خبر دنيا ۾ عبرت خاطر ٻڌي ۽ ٻڌائي پئي وئي. ان وقت يعني سن 1791ع ۾ ته فرغانا ۾ رهندڙ بابر ڪٿي نه ٻڌي هجي، جو هو ان سالن جو مس هو پر ڪجهه سالن بعد هن ضرورو ٻڌي هوندي. 1526ع ۾ جڏهن هو 43 سالن جو هو ۽ پاڻيپٽ جي ميدان تي ابراهيم لوڌيءَ کي شڪست ڏئي، دهليءَ جي تخت تي ويٺو ته هن کي ڪهڙي خبر ته اڳتي هلي سندس گهراڻي جي هڪ بادشاهه (بهادر شاهه ظفر) سان به اهڙي ٿيندي جهڙي هن غرناطا جي حاڪم ابوعبدالله محمد ٻارهين سان ٿي آهي. ائين جي احسان ٿئي ته پوءِ باقي چا ڪپي! هر حاڪم، چاهي اڳئين دور جو بادشاهه هجي يا اڄ ڪلهه جو عوامي نمائندو طاقت جي نشي ۾ اهو ئي سمجهي ٿو ته منهنجي حڪومت ۽ گڏ ڪيل اڻ ميوناٽو ڪڏهن ختم نه ٿيندو. چاهي مغل شهنشاهه هجن، اسپين جا خليفا، سلطنت عثمانيا جا سلطان يا صدام، شهنشاهه ايران، قذافي هجي يا اسانجا ايوب خان، ضياءُ، مشرف جهڙا فوجي ڊڪٽيٽريا سياسي ليڊر. هنن کي فقط عروج ئي نظر اچي ٿو. هنن جو نه عقل ڪم ٿو ڪري ۽ نه هو تاريخ مان سبق حاصل ڪن ٿا..... ته زوال به اچڻو آهي. هنن کي ڪهڙي خبر ته ست پيڙهين جي عيش لاءِ عوام کان ڪسيل پئسو سندسن به ڪم اچي سگهندو يا نه ؟!

بهادر شاهه ظفر جا ڪجهه شعر ٿا ياد اچن:

ہم نے دنیا میں آ کے کیا دیکھا
دیکھا جو کچھ، سو خواب سا دیکھا

❋

تھے کل جو اپنے گھر میں وہ مہمان کہاں ہیں
جو کھو گئے ہیں یارب! وہ اوسان کہاں ہیں

آنکھوں میں روتے روتے نام بھی نہیں اب تو
تھے معجزن جو پہلے وہ طوفان کہاں ہیں

❋

يا مجھے افسر، شاہانہ بنایانہ ہوتا
یا میرا تاج گدایانہ بنایاہوتا

اپنا دیوانہ بنایا مجھے ہوتاتونے
کیوں خیر اتمند بنایا، نہ بنایاہوتا

روز معمور دنیامیں خرابی ہے ''ظفر''
ایسی بستی سے تو ویرانہ بنایاہوتا

رنگون ۾ بهادر شاهہ ظفر جي قبر تي جيڪو اڙدوءَ ۾ بورڊ لڳل آهي، ان تي لکيل سٽون پڙهندڙن لاءِ هتي اکر بہ اکر درج ڪريان ٿو جو تي سگهي ٿو تہ هن بورڊ/ڪتبي جي ورتل تصوير ڪتاب جو پبلشر منهنجي هن ڪتاب ۾ نہ ڏئي سگهي. بورڊ جي مٿان وچ تي ”بسم الله الرحمان الرحيم“ لکيل آهي، جنهن جي ساڄي پاسي ”کل من عليها فان ويبقيٰ“ لکيل آهي ۽ کابي پاسي ”وجه ربک ذوالجلال والاکرام“ لکيل آهي ان بعد اڙدوءَ ۾ هيٺين تحرير آهي:

خاندان مغلیہ کا آخري چراغ
حضرت ابو ظفر سراج الدين محمد بهادر شاهہ ظفر رح
سنہ 1837ع جلوس تا سن 1858ع

آج تاریخ 7 نومبر 1862ع بمطابق تاریخ 14 جماد الا ولیٰ 1279ھ، دن جمعہ کو وہ روح جو نواسی(89) سال بہادر شاہ کے جسم میں موجود رہی ہے۔دن ڈھل چکا اور دن کے ساتھ ہی بادشاہ کا پیمانۂ عمر بھی لبریز ہوگیا۔رنگوں کی خاک اس کو آغوش میں لیتی ہے۔ جو خاندان تیموریہ کا آخری چراغ تھا۔جس نے جہاں آباد میں جنم لیا وہ وطن سے ہزار ہا کوس دور ایک معمولی پلنگ پر دم توڑ رہا ہے – سکرات طاری ہے، سانس اکھڑ چکی، جسکی زندگی سچ مچ کا میلہ تھی، جس نے زندگی کا ہر لمحہ جمگھٹوں میں گذارا، آج صرف تین آدمی، ایک بیوی اور دو بچے اس کے دمِ واپسین میں ساتھ ہیں۔آفتاب ابھی غروب نہ ہوا تھا کہ اس باد شاہ نے فانی دنیا کو اپنی عسرت کی تصویر دکھا کر دنیا سے کوچ کیا، اور شاہ جہان آباد کا یہ گوہر آبدار رنگون کی خاک میں ابدی نیند سوگیا۔فاعتبرنی یا اولی الابصار۔

تاریخ وفات:

چودہ جادی الاولین، جمعہ کا روز وقت عصر
حالت قید و بے کسی تھی یہ گھڑی بہت کٹھن
موت نے شاہ ہندسے، عرض کیا وطن سے دور
خُلد ہے آپ کا وطن اے ظفر جلا وطن

بهادر شاهہ ظفر ڪي جيڪو وقت، دهليءَ جي بنديخاني ۾ (اٽڪل 40 ڏينهن) ۽ پنج سال ڪن باقي زندگي رنگون ۾ هڪ ڪمري ۾ بند رکيو ويو، اتي هن کي نہ پنو پينسل ڏنو ويو ۽ نہ ڪتاب قلم. هن جي دل ۾ ڪهڙا اڌما پيدا ٿيندا رهيا، هو ڇا سوچيندو رهيو ڪهڙا شعر ٺاهيائين...... ڪا خبر ناهي. البت هن وساميل تيليءَ سان پنهنجي ننڍڙي ڪمري تي ڪجهہ شعر ضرور لکيا. هڪ بادشاهہ ليول جو ماڻهو تي ڪري سندس شاعري لاجواب آهي. جنهن کي اڄ بہ ڳايو وڄايو وڃي ٿو. سندس غمگين زندگيءَ جي جهلڪ سندس شاعريءَ مان صاف ظاهر ٿئي ٿي:

نہ رہا وہ رنگ، نہ بُو رہی، نہ گلوں کی خوبی وخو رہی
جو خزاں کے ہاتھوں تباہ ہے وہ یادگار بہادر ہوں

یہی حال گلشن دہر ہے، کبھی مہر ہے کبھی قہر ہے
جو کبھی چمن تھا وہ پھول ہوں، جو کبھی سمن تھا وہ خار ہوں

منهنجيون ۽ توهانجون، بادشاهن ۽ حاڪمن تي، سندن ڪيل ظلمن ۽ بي جا عياشين سبب چڙون پنهنجي جاءِ تي، پر مغل سلطنت جي هن آخري مغل بادشاهه جي زندگيءَ ۾ هيئن ايندڙ غمن ۽ ڏکن جو سوچي، انسان غمگين ٿيو وڃي. ڪراچيءَ جي بهادر شاهه ظفر روڊ تي ته رڳو موٽرڪارن جا شوروم ۽ شاپنگ سينٽر آهن، پر دهليءَ جي بهادر شاهه ظفر روڊ تي "خوني دروازي" جهڙيون عمارتون ڏسي دل دهلجيو وڃي. هڪ پيرسن بادشاهه بهادر شاهه ظفر ڪي انگريزن، سندس پٽ پوٽن، هڪ پٽ ۽ خاندان جي ڪجهه عورتن ۽ ٻارن کي پيريءَ ۾ (جڏهن هر ڪو پنهنجي گهر ۾ رهڻ چاهي ٿو) ڏيهه نيڪالي ڏئي ڇڏي. هڪ اهڙو بادشاهه، جنهن جي وڏن ڪان هنن سورت ۽ مدراس جهڙن شهرن ۾ روزگار ڪرڻ لاءِ فئڪٽري هڻڻ جي اجازت گهري. اهو ماڻهو جيڪو "شهنشاهه هند" هو اهو پنهنجي زندگيءَ جا آخري پنج سال هڪ معمولي کٽ تي ڪنگهندي ڪنگهندي گذاري ويو.

دهليءَ جو هي ڪناٽ پليس وارو علائقو گهمائڻ وارو سک ٽئڪسي ڊرائيور اروادي‍پ سنگهه منهنجي منع ڪرڻ تي وري وري پڇڻ لڳو ته: "سر! بهادر شاهه ظفر روڊ تي ڇو نه هلان؟". هاڻ هن کي آئون ڇا ويهي ٻڌايان ته مون کي ڊپريشن ٿو ٿئي...... هن کي ڇا ويهي مغل سلطنت جي شهنشاهن جا قصا ٻڌايان، جيڪي پڙهندڙن کي هن وقت "فاسٽ فارور ڊنگ" ۾ ٻڌايا اٿم.... هن کي ڇا ويهي ٻڌايان ته اسان جا مسلمان حاڪم اڄ به تاريخ مان سبق حاصل نٿا ڪن.... اڄ جي جمهوريت جي دور ۾ به هو عوام سان سندن خدمت ڪرڻ جو واعدو ڪري حاڪم بڻجن ٿا ۽ مغل بادشاهه بڻجي دائمي حاڪم بڻجن جا خواب ڏسن ٿا.

"بهادر شاهه ظفر مارگ" (روڊ) تي نه هلڻ جو ٻڌي سک ٽئڪسي ڊرائيور "ڪڙڪ سنگهه روڊ" ڏي ٽئڪسي موڙي، هن مونکي ان روڊ تي موجود هڪ سکن جو ٽڪاڻو (گرودوارو) ڏيکارڻ ٿي چاهيو جنهن لاءِ مون هائوڪار ڪئي مانس.

1957ع واري هن "بلوي" يا "آزاديءَ جي جنگ" ۾ انگريزن جي هار ٿئي ها ته بهادر شاهه ظفر مغل بادشاهن ۾ هڪ نيڪ بادشاهه مڃيو وڃي ها ۽ اڄ اسان جي هٿن ۾ جيڪو سندس شاعريءَ جو سنهو "ڪلياتِ ظفر" آهي، ان کان به ٿلهو هجي ها. ڪيس سندس پنجن زالن مان ڪيترائي پٽ هئا جن مان به ته ساٽس گڏ رنگون ۾ رهيا ۽ انهن جو اولاد اتي آهي. به پٽ سندس آڏو قتل ڪيا ويا. ٻيا هندوستان جي مختلف شهرن ۾ لڪي ويا. سندس پٽ مرزا فخرو (مرزا فتح الملڪ 1856ع_1816ع) وليعهد شهزادو هو. يعني مغل سلطنت قائم هجي ها ته بهادر شاهه ظفر کانپوءِ سندس هي پٽ تخت تي ويهي ها. شهزادي فخروءَ کي ٻن زالن: رفعت سلطان بيگم ۽ وزير خانم مان ٽي پٽ هئا...... به سڳا ۽ هڪ ويڳو. ويڳو پٽ اڙدوءَ جو مشهور شاعر "داغ دهلوي" سندس زال وزير خانم مان هو. 1857ع جي لڙائيءَ کان چار سال اڳ 1953ع شهزادي فخروءَ کي پنهنجي رهائش گاهه لال قلعي ۾ ولي عهد مقرر ڪرڻ جي رسم ادا ڪئي وئي هئي. شهزادي فخروءَ سان وزير خانم (داغ جي والده) جي ٻي شادي هئي. وزير خانم دهليءَ جي هڪ جواهريءَ جي ڌي پنهنجي وقت جي هڪ حَسين ترين عورت هئي، جنهن فيروزپور جهرڪا جي نواب شمس الدين احمد خان سان عشق جي شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس داغ دهلوي ڄائو. انگريزن 1835ع ۾ نواب شمس الدين کي هڪ انگريز وليم فريزر کي قتل ڪرائڻ جي ڏوهه ۾ ڦاهي ڏني. داغ ان وقت ڇئن سالن جو هو ۽ سندس ماءُ وزير خانم 34 سالن جي هئي. هوءَ ان وقت به بيحد حَسين هئي ۽ هر هڪ هن سان شاديءَ جو خواهشمند هو. وزير خانم شهزادي فخروءَ سان شادي ڪئي ۽ ننڍڙي ٻار "داغ" سميت ولي عهد شهزادي فخروءَ وٽ لال قلعي ۾ اچي رهي. جتي "داغ" کي بهترين تعليم ملي ۽ بعد ۾ هو شاعريءَ جي معاملي ۾ ان وقت جي مشهور شاعر محمد ابراهيم 'ذوق' (1854ع_1789ع) جو شاگرد رهيو. جنهن جو بهادر شاهه ظفر به شاگرد هو. هن خوبصورت شعر وارو "ذوق".....

لائی حیات آئے، قضا لے چلی چلے
اپنی خوشی نہ آئے، نہ اپنی خوشی چلے

ہو عمر خضر بھی تو معلوم وقت مرگ
ہم کیا رہے یہاں ابھی آئے ابھی چلے

ذوق جو هڪ ٻيو شعر يا ٿو اچي:

دنیا میں تیرے ذوق پہ حیران ہو گیا
پھولوں کے کاروبار میں نقصان ہو گیا

۽ هڪ تمام مشهور شعر:

اب تو گھبرا کے یہ کہتے ہیں کہ مر جائیں گے
مر کے بھی چین نہ پایا تو کدھر جائیں گے

بهرحال پڙهندڙن کي آئيڊيا ٿي ويو هوندو تہ انهن ڏينهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا شاعر هئا. جيڪي 200 کن سال گذرڻ بعد اڄ بہ اوترا ئي مشهور آهن ۽ ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪن ٿا. ذوق 1789ع ۾ ڄائو هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، ذوق کان پورا سؤ سال وڏو هو ۽ 1689ع ۾ ڄائو هو. سندس وفات 1752ع ۾ ٿي ۽ 37 سالن بعد ذوق ڄائو هو ۽ ان کان پوءِ 8 سال رکي 1797ع ۾ مرزا غالب ڄائو جيڪو پڻ بهادر شاهہ ظفر جي درٻار ۾ موجود هوندو هو. شاهہ لطيف جي ڏينهن ۾ هندستان جا مغل بادشاهہ هئا: اورنگزيب، بهادر شاهہ اول، جهاندار شاهہ، فرخ سيار، رفيع الدرجات، شاهجهان دوم، محمد شاهہ رنگيلو ۽ احمد شاهہ بهادر.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ داغ دهلويءَ جو پيءُ نواب شمس الدين، جنهن انگريز وليم فريزر (1835ع-1784ع) کي قتل ڪرايو، اهو سول سرونٽ هو- جيئن اسان جا CSP آفيسر ٿين ٿا. هُو انڊيا جي گورنر جنرل جو ايجنٽ (سيڪريٽري ٽائيپ) هو. هن جو دهليءَ ۾ ڪشميري دروازي وٽ گهر هو. اهو گهر اڄ بہ سينٽ جيمس چرچ جي پٺيان موجود آهي، جيڪو اڄ ڪلهہ انڊيا جي ناردرن ريلويز جي چيف انجنيئر جي آفيس طور استعمال ٿئي ٿو. منهنجو بہ ان آفيس ۾ اتفاق سان وڃڻ ٿيو جو ان ڀيري جنهن اوڏ دوست جي پٽ جي شاديءَ تي دهلي ويو هوس، ان جي ساهرن جو ڪو ماڻهو جنهن سان گڏ اسان گهمڻ لاءِ نڪتا هئاسين، ان آفيس ۾ ڪم ڪري رهيو هيو ۽ ڪيس اُتان پنهنجا ڪاغذ پٽ ڪڍڻا هئا.

انگريز وليم فريز جي قتل ۽ نواب شمس الدين جي ڦاهيءَ جو تفصيلي احوال ڪنهن کي پڙهڻ جو شوق هجي تہ هو سر ٿامس (Sir Thomas (Metcalfe جو 1844ع ۾ لکيل ڪتاب "Delhi Book" ضرور پڙهي. وليم فريز دهليءَ جي ان سينٽ جيمس چرچ ۾ دفن ٿيل آهي، جيڪا ڪرنل جيمس اسڪنز ٺهرائي ۽ ان ئي وليم فريزر کي اتي دفن ڪيو.

هڪ ٻي مزيدار ڳالهہ. مٿي بيان ڪيل ناردرن ريلويز جي چيف انجنيئر جي آفيس، جيڪا ڪنهن زماني ۾ وليم فريزر جو بنگلو هئي، ان جو احوال 1994ع ۾ ڇپيل هڪ مشهور ڪتاب "City of Djinns" (جنن جو شهر) ۾ پڻ آهي. جيڪو احوال ڪتاب جي مصنف وليم دالر مپيل (William Dalrymple) هي بنگلو گهمڻ بعد لکيو آهي.

1857ع واري هندستان جي سپاهين ۽ انگريزن جي فساد/بلوي/آزاديءَ جي جنگ کان سال اڳ بهادر شاهہ ظفر جو هي ولي عهد شهزادو مرزا فخرو (داغ دهلوي جو ويڱو پيءُ) گذاري ويو. دهليءَ جون ان وقت کان حالتون خراب ٿي

رهيون هيون. ان کري 25 سالن جو داغ پنهنجي ماءُ سان گڏ پنهنجي اباڻي رياست رامپور ۾ اچي رهيو. جتان پوءِ بعد ۾ هو حيدرآباد دکن جي نظام ڇهين جي دربار ۾ اچي رهيو. جتي هن کي سٺي شاعر جي حيثيت ۾ وڏي پگهار تي رکيو ويو.

آخري مغل شهنشاهه بهادر شاهه ظفر جو احوال لکندي، مون پنهنجي فرمائش تي داغ دهلويءَ جو به ذکر ڪيو آهي. جنهن جا پڻ ڪيترائي شعر اسان ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ ٽيندڙ بيت بازين ۾ استعمال ڪندا هئاسين. ڪجهه ته هينئر به ياد آهن. جيئن:

رات اس کو بھی خواب میں دیکھا
جس کو ہر دم حجاب میں دیکھا

داغ جو هي غزل ته شايد گاني طور ڪنهن فلم ۾ به اچي چڪو آهي:

رہے گا عشق تیرا خاک میں ملا کے مجھے
کہ ابتدا میں ہوئے رنج انتہا کے مجھے

دئے ہیں ہجر میں دکھ درد کس بلا کے مجھے
شب فراق نے مارا لٹا لٹا کے مجھے

بغیر موت کے کس طرح کوئی مرتا ہے
میرا رقیب بھی رویا گلے لگا کے مجھے

غصب کی آہ میری ''داغ'' نام ہے میرا
تمام شہر جلاؤگے کیا جلا کے مجھے

نه فقط مٿيون پر هي شعر پڻ توهان ڪنهن جي سر ۾ ضرور ٻڌو هوندو. ٿي سگهي ٿو هي به ڪنهن فلم ۾ گاني طور آيو هجي ـ هن وقت مونکي اهو ياد ناهي..... پر اها پڪ اٿم ته هي غزل پڻ مرحوم داغ جو آهي:

دل گیا تم نے لیا ہم کیا کریں
جانے والی چیز کا غم کیا کریں

پورے ہونگے اپنے ارمان کس طرح
شوق بیحد، وقت ہے کم، کیا کریں

بخش دیں پیار کی گستاخیاں
دل ہی قابو میں نہیں، ہم کیا کریں

معاملہ ہے آج حسن و عشق کا
دیکھیئے وہ کیا کریں ہم کیا کریں

کہہ رہے ہیں اہل سفارش مجھ سے ''داغ''

تیری قسمت ہے بُری ہم کیا کریں

منهنجو سک ٽئڪسي ڊرائيور جان پاٿ روڊ ڏئي، ڪناٽ سرڪس واري گول چڪر واري رستي (Ring Road) ۾ داخل ٿيو. جيڪو ڪناٽ پليس جي چوڌاري، موجود ٿِن، رنگ روڊن مان سڀ کان ٻاهريون روڊ آهي. بلڪل اندر وارو رِنگ روڊ "راجيو چوڪ" سڏجي ٿو ۽ انهن ٻن جي وچ ۾ جيڪو ٽيون گول روڊ آهي، ان جو نالو ئي "مڊل سرڪل" آهي..... يعني "وچون گول". گول چلي جهڙن رستن جو اهو فائدو آهي ته ڪنهن به روڊ تان اُن چلي ۾ داخل ٿي پوءِ اتان نڪرندڙ ڪنهن به روڊ ڏي نڪري سگهجي ٿو. منهنجو ڊرائيور جان پاٿ روڊ تان ڪناٽ سرڪس واري گول روڊ ۾ پهچي ٿورو اڳيان گول دائري ۾ هلي، هڪ روڊ "سن ساڌ مارگ" چڙي، ٻئي مان ٻاهر نڪتو. جيڪو "بابا کڙڪ سنگهه مارگ" (روڊ) هو. دهليءَ جو هي "ڪناٽ سرڪس" نالي مان لڳي ٿو ته ڪنهن سرڪس (ڪرتب ڏيکاريندڙ نمائش) جو نالو هوندو، پر ائين ناهي. اهو گول چڪري واري رستي جو نالو آهي. جنهن جي چوڌاري اتر، ڏکڻ، اوڀر ۽ اولهه ڏي مختلف رستا نڪري دهليءَ جي ڏورانهن علائقن ڏي پهچن ٿا...... جيئن ته جان پاٿ روڊ، ساساد روڊ، بابا کڙڪ سنگهه روڊ، شهيد ڀڳت سنگهه روڊ، پنج ڪونئان روڊ، چيلمس روڊ، اسٽيٽ انٽري روڊ، برکمبا روڊ، ڪي جي مارگ روڊ وغيره..... سڀ ان گول چڪر واري روڊ "ڪناٽ سرڪس" مان نڪرن ٿا.

"يار! دل ۾ نه ڪجانءِ، توکي بهادر شاهه ظفر روڊ تان واپس هيڏانهن ڪيو اٿم". مون ڊرائيو کي ادب سان چيو. ڇو جو منهنجا به ڪڏهن اهڙا نخرا هوندا آهن. جو ڪن ملڪن جا ٽئڪسي ڊرائيور مون تي ناراض ٿيو پون. خاص ڪري پنهنجي شهر ڪراچيءَ جا، يا مصر، ڪوريا، موزمبق جا...... پر انڊيا جي ٽئڪسي ڊرائيورن سان مونکي ڪڏهن به ماضيءَ ۾ شڪايت نه رهي آهي. "دهليءَ جو درشن"، " هلي ڏسجي هندستان"، "بمبئي منهنجي ڀاڪر ۾" ۽ "بنارس کان برمودا" ڪتابن ۾ مون هميشه سندن تعريف ڪئي آهي.... ته مناسب ڀاڙو ٿا وٺن، همبل (نوڙت وارا) آهن ۽ ٿورو ٽپ ڏيڻ تي به خوش ٿي ٿا وڃن...... پر سک ۽ پٺاڻ جي مزاج جي پڪ نٿي رهي، ان ڪري مون اڳ ورتو مانس.

"سرڪار! مونکي ڪهڙي تڪليف. توهان چئن ڪلاڪن جي حساب سان پئسن جي ڳالهه ڪئي آهي. هي ته ڪلاڪ کان اتي ئي ڪناٽ پليس تي پيا ڦيرايو ۽ منهنجو ڪو پيٽرول خرچ نه پيو ٿئي..... پر جي چوندئو ته آئون ان ڀاڙي ۾ توهان کي راجوري، ڪورال باغ، نجف ڳڙهه، مهرؤلي، ڪالڪاجي، يمنا وهار، پريت وهار، شاهدره به وٺي هلندس".

سک ٽئڪسي ڊرائيور مونکي تيڏي اک سان ڏسندي فلمي هيرو واري ادا سان چيو. مونکي سندس اهو ڊائلاگ ٻڌي خوشي ٿي ڇو جو منهنجو سفر فقط هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچڻ نه هوندو آهي، پر سفرنامو لکڻ جي خيال ڪري، ٽئڪسيءَ مان هر هر لهي فوٽو به ڪيڏا هوندا آهن. ڪنهن عجيب ڊريس ۾ ملبوس يا هوڻ ئي ڪنهن کي اهم ماڻهو سمجهي ان کان سوال جواب به ڪرڻا پوندا آهن. ڪنهن تاريخي ريسٽورنٽ ۾ ويهي چانهه سان گڏ ٽڏا ساهه به کڻڻا پوندا آهن...... ان لاءِ آئون هميشه اهو سوچيندو آهيان ته ڊرائيور چار پئسا ڀلي وڌيڪ وٺي، پر جلديءَ جي باهه نه ٻاري ۽ نه ئي وري ٿوري پريشانيءَ ۾ پائلٽ وانگر بڇڙي شڪل ٺاهي، بلڪ ايئر هوسٽس وانگر منهن تي مرڪ رکي هلي. پوءِ ڀلي هو دل ۾ مون جهڙن بيهودن مسافرن تي مَنيو هلي. پر هي سک ڊرائيور دل ۾ به پڪ خوش هوندو جو هن جي ان لاجڪ سان آئون به سهمت هيس ته منهنجي اتي جو اتي ڪناٽ پليس جي آسپاس ڦرڻ ۾ هن جي پيٽرول جو بچاءُ هيو ۽ جنهن علائقي ۾ هو ڪلاڪ کان هلي پيو ۽ اجان ٿي چار ڪلاڪ هلڻو هئس، اهو دهليءَ جو ڪلفٽن ۽ ڊفينس جهڙو پوش علائقو هيو، جنهن ۾ ٽرئفڪ جئم يا سوڙهن رستن جو مسئلو نه هيو. اجان به جيڪڏهن ڪيس ڪياماڙيءَ کان چاڪيواڙي وٺي هلان، جتان پوءِ لالوکيت يا ڀٽائي نگر، جتان پوءِ سهراب ڳوٺ ۽

سرجاني ٽائون وٽي وڃان هان تہ پوءِ ڪيس ڳاڏي هلائڻ ۾ ڇِتڪتائي بہ ٿئي ها ۽ گهڻو فاصلو هلڻ ڪري پيٽرول تي بہ گهڻو خرچ اچيس ها. ڪٽي لهي چانهہ پئي پيتم يا گاڏي واري ڪان آلو پراڻا وٺي پئي کاڌم تہ هن کي بہ ڪارايم پئي. هُو Waiting ۾ اجان بہ خوش هيو جو نہ سندس پيٽرول پئي سڙيو ۽ نہ گاڏيءَ جي Wear ۽ tear ٿي. منهنجو ساڍس ٻول پنج ٿي ڪلاڪ ٽئڪسي هلائڻ واري خرچ تي هيو۔ چاهي آئون ڪيس هلڻ لاءِ چوان ها يا هڪ هنڌ ويهڻ لاءِ. مونکي ٽيڪسي ڊرائيورن سان اهڙي قسم جي ڊيل ۾، ڪو ٽينشن ناهي رهندو..... ۽ منهنجي سڄي سفرنامي لاءِ اهم نقطا ۽ ڳالهيون دماغ ۾ رکڻ تي هوندي آهي. ڪنهن اخبار يا ڪتاب جي پبلشر Concentration ڪان پنهنجن سفرنامن جي بدلي ۾ نہ پئسا ٿو وٺان نہ ڪتاب. ويندي "ڪاوش" اخبار بہ دڪان تان خريد ڪريان ٿو. "امت" جو ايڊيٽر رفيق افغان چوندو آهي تہ: "امت لاءِ ٿي اڙدو ڪالم موڪليندو رهہ سمجهہ تہ اها تنهنجي اخبار آهي". ان ڪان هاڻ پوسٽ جو خرچ ونندو آهيان. هو پوسٽ جو خرچ Pay ڪري ٿو. اڳ ۾ "عبرت" ۾ لکندو هوس تہ ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو ان اخبار جي مالڪ اسد عابد قاضيءَ کان وٺندو هوس. منهنجيون لکڻيون عوام تائين پهچائڻ ۽ مونکي سنڌيءَ جو اديب بنائڻ ۾ هن جي والد محترم قاضي عبدالمجيد عابد جو ۽ اڙدوءَ جو اديب بنائڻ ۾ رفيق افغان صاحب جو هٿ آهي. رفيق مونکي ڳولهي لڌو ۽ اڙدوءَ ۾ لکڻ لاءِ همت وڌائي. ۽ مونکي سمجهايو تہ اديب اديب ٿيندو آهي. چاهي هو ڪهڙي بہ ٻوليءَ ۾ لکي..... نہ تہ هن کان اڳ هن ملڪ ۾ (هاڻ جي خبر نہ اٿم تہ سنڌي اديبن کي ڪيڏو مان ٿو ملي) منهنجي جوانيءَ واري دور ۾ جڏهن مون چاهيو ٿي تہ منهنجي بہ واهہ واهہ ٿئي، احساس ڏياريو ٿي ويو تہ اڙدوءَ جا اديب سيد، پير آهن ۽ اسين سنڌي لکڻ وارا اڇوت..... اسان جا ڪجهہ اديب ان وقت فئشن مطابق ڪميونسٽ ٿيا...... شايد هنن کي ان ٿيوريءَ Fascinate ڪيو تہ ڪميونزم ۾ برابري آهي..... پر مون ڏٺو تہ اتي بہ سنڌي شاعر ۽ اديب هيٺين درجي جا سمجهيا ٿي ويا......

ڪناٽ سرڪس واري گول رستي (Ring Road) تان "بابا کڙڪ سنگهہ روڊ" شروع ٿو ٿئي تہ نارٿ ايوينيو واري رائونڊ اباٿوٽ (چوراهي) تي وڃي دنگ ٿو ڪري. جتان پوءِ اهو روڊ ٻئي پاسي "مدر ٽريسا" جي نالي سان سڏجي ٿو. ان چوراهي کان اڳ جيڪو چوراهو اچي ٿو اهو "گول ڊاڪ خانا رائونڊ اباٿوٽ" سڏجي ٿو. هن رائونڊ اباٿوٽ کان جيڪو ڏکڻ طرف "اشوڪ روڊ" وڃي ٿو ان سان لڳو لڳ "گر دوارا بنگال صاحب" نالي سکن جو هڪ پراڻو ۽ دهليءَ جو مشهور ٽڪاڻو آهي. بابا کڙڪ سنگهہ روڊ تي چڙهڻ مهل شروع ۾ کاٻي پاسي هڪ 'انڊين ڪافي' ريسٽورنٽ وٽ هن روڊ جو انگريزي هندي ۽ اڙدوءَ ۾ بورڊ تي لکيل نالو پڙهي، ٽئڪسي ڊرائيور کي، فوٽو ڪيڻ لاءِ، ٽئڪسيءَ کي بيهارڻ لاءِ چيم. آئون ٽئڪسيءَ مان لهي بورڊ جي اڳيان ٿي بينس ۽ اروادپ سنگهہ ٽئڪسيءَ ۾ ويٺي ويٺي منهنجا بہ چار فوٽو ڪڍيا. هن ٽئڪسي ڊرائيور ۾ اها بہ پلس پوائنٽ هئي تہ هو تاريخ جو ڄاڻو هجڻ سان گڏ سنو فوٽو گرافر پڻ هو. مون کي چيائين: "توهان ساڳيو ساڳيو فوٽو بہ ٽي ٽي دفعا ڇو ٿا ڪيرايو؟".

مون کيس ٻڌايو: "منهنجي ڪئميرا تمام سادي ۽ ننڍڙي آهي، جنهن ۾ ڪو ڪو فوٽو ٺو سُنو اچي. ان ڪري ساڳيو ساڳيو فوٽو وري وري ٿو ڪيدان، جيئن من انهن مان ڪو هڪ اڌ سنو اچي وڃي". پوءِ مون کيس هڪ چرچو ٻڌايو: "فيملي پلاننگ ڊپارٽمينٽ جي هڪ آفيسر کي ٻارهن ٻار هئا. ان تي ڪنهن ٽوڪ طور چيس تہ توهان تہ سيني کي اها پيا هدايت ڪريو تہ "بچے دو ہی اچھے"..... پر توهان ڇو ڪٽي ٻارهن پيدا ڪيا آهن؟".

ان تي هن معصوميت مان وراڻيو: "ايترا هوندا تڏهن تہ انهن مان بہ سنا نڪرندا".

سو منهنجي ڪئميرا جو حال بہ اهڙو آهي. ٻارهن ڪن ڪيڻ تي ٽي مس مس وڃي بہ ٿا سنا اچن.

ان ڳالهہ تان ياد آيو تہ انڊيا ۾ برٿ ڪنٽرول تي ڏاڍو زور ڏنو پيو وڃي. عوام جي ڄاڻ ۽ چتاءَ لاءِ ڳوٺن توڙي شهرن ۾ جتي ڪٽي آدم شماري گهٽائڻ بابت پوسٽر نظر اچن ٿا. هندي تہ مونکي نٽي اچي..... يعني لکت ۾..... ڳالهائڻ ۾ تہ اڙدو ۽ هندي ساڳي آهي، باقي انگريزيءَ ۾ لکيل پوسٽر ڪافي دلچسپ ۽ ڏيان ڇڪائڻ وارا آهن.... جيئن: "ہم دو، ہمارے دو". هڪ هنڌ تي ڪنهن همراهہ ان بعد هي لکي ڇڏيو۔ "جب تک تیسرا نہ ہو".

اهڙيءَ طرح پوسٽرن تي هي جُملا پڙهڻ لاءِ مليا:

- Don't have more kids than you carry.
- Take care of the children we already have. Don't increase the population.
- More people = Less open space.
- Two is company, Three a crowd.
- Use a Lid – Have just one kid.

فوٽو ڪيرائي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺس ته ارواديپ سنگهه پڇيو: "توهان بابا کڙڪ سنگهه جو ڪڏهن ٻُڌو آهي".
"نه...... ٻه چار ڏينهن اڳ تائين پڇين ها ته منهنجو اهو ئي "نه" ۾ جواب ٻڌين ها. پر هاڻ ڏينهن ٻه ڏينهن اڳ رنجيت سنگهه بابت پڙهي رهيو هوس ته کڙڪ سنگهه بابت ڄاڻ تي". مون وراڻيو مانس.

گذريل ڏهه ٻارهن صديون، ڪا جمهوريت ته نه هئي، جو چونڊيل ميمبرن مان حاڪم چونڊيا وڃن ۽ نه حاڪم آسمان تان لٿا ٿي (جپان جي بادشاهه وانگر جنهن بابت هر هڪ جو اهو ئي اعتقاد هو)..... باقي ملڪن ۾ چاهي يورپ، ناروي، ڊينمارڪ هجن يا جرمني، روس..... اهڙيءَ طرح ايران، افغانستان يا ننڍي کنڊ ۾...... جيڪو پهلوان مڙس هو ۽ جيترو حرفتي ۽ جنگجو هو اوترو ملڪ جو حصو ان جي حوالي هوندو هو. مغل بادشاهه همت ۽ طاقت وارا هئا ته اتر هندستان ۽ ڏکڻ هندستان جي ڪجهه حصي تي قبضو ڪري، ڄمائي ويٺا رهيا. پويان بادشاهه جيئن جيئن ڪمزور ٿيندا ويا، ته ڌرتي هنن جي هٿن مان نڪرندي وئي. انهن جو خال پرڻ لاءِ مرهٽا، گجراتي، ٻاهران آيل يورپي قومون (انگريز، پوچورگالي، فرينچ) طاقتور ٿينديون ويون ۽ سوين نوابي رياستون ۽ صوبا ٺهي پيا. مهاراجا رنجيت سنگهه 1780ع ۾ ڄائو ته مغل سلطنت جو زوال شروع ٿي چڪو هو. اتر هندوستان ۽ اولهه پاسي (جتي اسانجو پنجاب ۽ ڪي پي ڪي آهي) ڪيترن حصن ۾ مختلف سک راجائن، نوابن ۽ بادشاهن جي حڪومت هئي ۽ جڏهن رنجيت جوان ٿيو ته مغل بادشاهن جو ويتر حال هيٺو هو.

هي هڪ اک ڪان ڪاڻو ضرور هو پر ان ڪان ڪو انڪار نه ڪندو ته وڏو حرفتي، چالاڪ، دلير ۽ عقلمند هو. ننڍي هوندي وڏي ماتا (Smallpox) ٿي هيس ۽ هڪ اک جو نور هليو ويو هيس. هن ڏهن ٻارهن سک سردارن ۽ راجائن کي ملائي، سکن جي هڪ وڏي طاقت ٺاهي، جنهن کان ڀيا ننڍن پرڳڻن جا هندو ۽ مسلمان راجا ۽ نواب ڇرڪڻ لڳا. بلڪه هن ڪيترن ڪمزور حاڪمن جي راڄ تي حملو ڪري، انهن کي ٻه پاڻ سان ملايو ۽ پاڻ مهاراجا بنجي پنجاب جي تخت تي ويٺو. افغانستان يا هتان هُتان مسلمان جنگجو پنجاب تي حملو ڪرڻ لاءِ ٿي آيا ته انهن کي ٻه هن وڏي مڙسيءَ سان موچڙا هڻي ڀڄائي ٿي ڪڍيو. اٽڪل ڪري انگريزن سان دوستي ڪيائين. ان وقت جو اصول ٻه اهو هو ته ڪمزور کي موچڙو ۽ طاقتور کي سلام.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته مهاراجا رنجيت سنگهه اڳيون پويون ڪسرون ڪيڻ لاءِ مسلمانن تي ظلم ڪيا ڪيون پر سندس قوم...... سک، هن حاڪم مان خوش هئا جو هن پنجاب کي ماڊرن بنائي ڇڏيو هو. ماڻهن کي روزگار مهيا ڪرڻ لاءِ هن ڪيئي ذريعا پيدا ڪيا ۽ دل آزاريون. هن جي خالسا آرمي ۽ حڪومت ۾ سکن کان علاوه هندو، مسلمان ۽ يورپي پڻ هئا. هن ڪيترائي خوبصورت گردوارا ٺهرايا، جيڪي اڄ تائين قائم آهن ۽ ٽوئرسٽ ڏسڻ لاءِ اچن ٿا. هو "شير پنجاب" جي لقب سان مشهور هو. 1839ع ۾ وفات بعد سندس وڏو پٽ مهاراجا کڙڪ سنگهه پنجاب جي تخت تي ويٺو. سندس تاجپوشي لاهور واري قلعي ۾ ٿي هئي، جيڪو پوڻا ٽي سؤ سال اڳ مغل بادشاهه اڪبر 1566ع ۾ ٺهرايو هو ۽ جنهن ۾ ڪيتريون ئي اضافي شيون، پوءِ جي مغل حاڪمن، شاهه جهان ۽ اورنگزيب پڻ ٺهرايون. جيئن بادشاهي مسجد، عالمگيري دروازو وغيره. مهاراجا رنجيت سنگهه پنهنجي بادشاهت جي ڏينهن ۾ هن قلعي ۾ پئي رهيو. 1849ع ۾ سکن سان انگريزن جي لڙائي ٿي جنهن ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ تي انگريزن لاهور جو قلعو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو.

مهاراجا رنجيت سنگهه جي وفات تي، سندس پٽ مهاراجا کڙڪ سنگهه وڏي ڌام ڌوم ۽ رعب تاب سان تخت تي ويٺو پر پوٽو نه ٻاريائين. ڪي ساڍا ٽي مهينا به راجا مس رهيو ته ڪيس تخت تان لاهي جيل حوالي ڪيو ويو. جتي هن کي ڪاڏي ذريعي آهستي آهستي زهر ڏنو ويندو رهيو ۽ 13 مهينن بعد 5 نومبر 1840ع تي مري ويو. سندس پٽ نونهال جيڪو لاهور ۾ جائو هو تخت تي ويٺو. پر اهو به هلي نه سگهيو. ان بعد سندس ٻن پٽن: خالصا سنگهه ۽ فتح سنگهه مان هڪ تخت تي ويٺو... ان بعد يا ان کان اڳ، هن جي ماءُ به شايد راڻي ٿي، پر ڳالهه جو مطلب اهو ته جنهن ڌوم ڌڙڪي سان مهاراجا رنجيت سنگهه "سک سلطنت" ٺاهي، اها وڌو عرصو هلي نه سگهي. 1840ع ۾ انگريزن پنهجين حرفتن، اٽڪل بازين ۽ طاقت (ماڊرن بم بارودن) ذريعي پنجاب تي قبضو ڪيو ۽ ٽن سالن بعد 1843ع ۾ سنڌ کي فتح ڪيو.

بهرحال مونکي هاڻ خبر پئي هئي ته کڙڪ سنگهه ڪير آهي نه ته اهو نالو اڳ، پنهنجي همر عمر دوست، ٽنڊو ڄام جي عبدالمنان ميمڻ (سبحان، غفران، سلام جو پاءُ ۽ سراج ميمڻ ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين جو سوٽ) جي واتان ٻڌندو هيس. منان ۽ آئون جڏهن ڇهين ڪلاس ۾ ٻارهن سالن جا هئاسين ته جاڻ سڃاڻ ۽ دوستي ٿي. اڄ 75 سالن جي ويجهو اچي پهتا آهيون. هن عمر ۾ ڪڏهن بلڊ پريشر جي گوري ڪاٽڻي ٿي پوي ۽ ڪڏهن ڊائبٽيز جي ٽيسٽ ٿي ڪرائڻي پوي. ان کان علاوه عينڪ جا شيشا بدلائڻ ۽ ڪيٽرڪ (اکين جي آپريشن) الڳ. ان حساب سان منان صحيح فرمائيندو آهي. جڏهن هن کي مهيني ڏيڍ فون ڪري پڇندو آهيان ته: "منان! ڪر خبر، ڪهڙو حال اٿئي؟"...... ته جواب ۾ ٽهڪ ڏئي، جوانيءَ جا ڏينهن ياد ڪري چوندو آهي: "حال ٿي نه پڇ......

پهلے کھڑک سنگھ کے کھڑکنے سے کھڑکتی تھی کھڑکیاں
اب کھڑکیوں کے کھڑکنے سے کھڑکتا ہے کھڑک سنگھ"

چوي ته سچ ٿو. اهي ڏينهن به گذري ويا، جڏهن جهاز هلائيندو هو...... ۽ دربيلي جي اسانجي ڪئپٽن احمد حسين مخدوم کان پڇندو هوس ته: "ڪهڙو حال آهي؟"..... ته جواب ۾ هن جو هميشه هڪڙو Pet جملو هوندو هو: "بس يار! گروئنگ اولڊر بٽ نو وائيزر". (Growing Older But no wiser). ان وقت چاليهه کن سالن جا هئاسين. پر هاڻ اهو جملو به ڇئي نٿو سگهجي، جو جيترو Grow ٿيڻو هو اهو ٿي چڪاسين. هاڻ 75 سالن جي ڄمار ۾ ته اهو ئي چئي سگهجي ٿو ته: "It is a late evening of our life".

يا شاهه لطيف وارو بيت ورجائجي ته: "پئي ڪٽي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي".

پر نه..... شاهه لطيف جو ٽي هڪ ٻيو بيت بهتر جواب آهي، جيڪو شعر ڪجهه ڏينهن اڳ اسانجي ٽنڊي سومري واري رئيس امداد خان نظاماڻيءَ ڳالهين ڳالهين ۾ ٻڌايو ۽ منهنجي خيال ۾ هن عمر ۾ ڪو حال پڇي ته شاهه سائينءَ جو اهو بيت ورجائڻ اڄ وقتائتو نه ٿيندو. ڇي:

تري ٻِگِي ڪِنگري، نلها ڦيرا ڏئي
ڏئي نه ڏکو ٿي، وڃي سات سلهاڙيو

اڄ ڪلهه ٽيوب ويلن ۽ ڏمڻ وارن نلڪن جي عام ۽ آسان ٿيڻ ڪانپوءِ خبر ناهي ڳوٺن ۾ نار رهيا آهن يا نه...... جن ۾ درجن کن ٺڪرجون ڪِنگريون ٻڌل هونديون هيون. ڪِنگري سمجهيو ته ڪجهه ننڍي دلِيءَ يا دکيءَ جهڙي ٿئي ٿي. ڪنگرين جي ڇين، نار هلائڻ سان کوهه مان پاڻيءَ سان ڀرجي ٻاهر نڪري ٿي. هن بيت ۾ شاهه لطيف بي حال، پوڙهي، ۽ ڪمزور ماڻهوءَ جي تشبيهه تري ٻِگِل ڪنگريءَ سان ٿو ڏئي، ترو ٻِگِل هجڻ ڪري منجهانئس سڄو پاڻي رستي تي ئي نڪريو وڃي. مٿي پهچڻ تي اها خالي ٿيو وڃي يعني اها ڪنهن ڪم جي نه رهي..... بس رڳو ٻين ڪنگرين سان گڏ نلها ڦيرا پئي ڏئي!

”سر! توهان جنهن ڪڙڪ سنگهه جو نالو ونو ٿا.....“، ٽئڪسي ڊرائيور اوراديپ سنگهه چيو ”اهو به اسان جي سِر جو سائين هو.... اهو مهاراجا ڪڙڪ سنگهه هو. هي روڊ بابا ڪڙڪ سنگهه جي نالي آهي. جيڪو مهاراجا جي وفات کان 27 سال پوءِ 1867ع ۾ سيالڪوٽ ۾ ڄائو هو ۽ 96 ورهين جي ڄمار ۾ 1963ع ۾ وفات ڪيائين. پاڻ سينٽرل سک ليگ جو صدر هو ۽ انگريز کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ”انڊيا آزاد تحريڪ“ جو سرگرم رڪن هو. هو لاهور جي پنجاب يونيورسٽيءَ جي شاگردن جي پهرين بئچ مان هو. جن 1889ع ۾ گريجوئيشن ڪئي. هن جو پيءُ راءِ بهادر سردار هري سنگهه هڪ امير ٺيڪيدار ۽ ڪارخانيدار هو. انگريزن کان هندوستان آزاد ٿيڻ بعد به بابا ڪڙڪ سنگهه جون هن ملڪ ۽ ان جي ماڻهن لاءِ وڏيون خدمتون آهن“.

بابا ڪڙڪ سنگهه روڊ شروع ٿيڻ سان کاٻي پاسي پراچين هنومان مندر نظر آيو ۽ ان جي پرسان ئي هڪ ريسٽورنٽ ”چاٽ ڪارنر“ نالي سان هيو. ان بعد مسجد نظر آئي. جنهن لاءِ منهنجي سک ٽئڪسي ڊرائيور چيو ته هن مسجد جو ڪو نالو ناهي پر بابا ڪڙڪ سنگهه روڊ تي هجڻ ڪري هيءَ مسجد سڏجي ئي ”مسجد بابا ڪڙڪ سنگهه“ ٿي. مسجد کان ٿورو اڳيان ’اسٽڊيم‘ نالي ميٽرو جي اسٽيشن آهي. ٿورو پر پرو دهليءَ جو ڪانوينٽ آف جيسزائيڊ ميري اسڪول نظر آيو. هن نالي وارو اسڪول، انگريزن ڪلفٽن ڪراچيءَ به ٺهرايو..... جيڪو ٻن تلوارن واري چوراهي وٽ آهي ۽ جتان بينظير ڀٽو به پڙهي هئي. پر ڪراچيءَ وارو هي جيسزائيڊ ميري اسڪول ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي بعد 1952ع ۾ ٺهيو ۽ هي دهليءَ وارو گرلز اسڪول 1919ع ۾ ٺهيو جڏهن ننڍي ڪنڊ تي انگريزن جو راڄ هو. پر ۾ ڇوڪرن جو اسڪول سينٽ ڪولمبا آهي. دهليءَ جي هن جيسزائيڊ ميري اسڪول ۾ 2000 ڇوڪريون پڙهن ٿيون ۽ نرسريءَ کان ٻارهين تائين ڪلاس آهن. انڊيا ۽ ٻين ملڪن جون ڪيتريون اهم شخصيتون هن اسڪول مان پڙهي چڪيون آهن. جيئن ته برما (ميانمار) جي آنگ سان سُو مشهور ڳائڻي ڪويتا ڪرشنا مورتي، سونيا گانڌيءَ جي ڌيءُ پريا نڪا گانڌي، دهليءَ جي وزير اعليٰ شيلا ڊڪشت، بالي وڊ جي پوڙهي ائڪٽريس شما سيٺ، جيڪا فلمن ۾ گهڻو ڪري امتياپ بچن جي ماءُ ٿيندي آهي وغيره.

ڪراچيءَ واري جيسزائيڊ ميري اسڪول مان پڙهيل ڇوڪرين مان به ڪيتريون اهم شخصيتون آهن. جيئن بينظير ڀٽو جنهن بابت مٿي لکي آيو آهيان، انساني حقن جي ڪميشن جي صدر عاصما جهانگير، تهمينا جنجوعا، اٽليءَ ۾ پاڪستان جي ننڍي عمر واري فارين منسٽر، سومي علي اداڪاره ۽ سياستدان شرميلا فاروقي وغيره. ڪراچيءَ کان علاوه هي اسڪول ڪوهه مري، لاهور، سيالڪوٽ، شاد باغ، ٽوبا ٽيڪ سنگهه ۽ ماريخيل ۾ به آهي.

هونءَ ته انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ سان، جتي ريلوي، پوسٽ، پلين ۽ اريگيشن جو نظام شروع ڪرايو اتي ڪانوينٽ (مشنري) اسڪول به ٺهرايا. سکر ۾ ڇوڪرين لاءِ انگريزي تعليم جو اسڪول سينٽ ميري 1881ع ۾ ٺهيو. ان کان ويهه سال اڳ 1862ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سينٽ جوزف اسڪول کوليو ويو هو. حيدرآباد جو سينٽ ميري ۽ سينٽ بونا وينچر اسڪول گهڻو پوءِ 1925ع ڌاري شروع ڪيا ويا. ان بعد 1941ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سينٽ پال کليو. سنڌ ۾، منهنجي خيال ۾، سڀ کان پهريون انگريزن جو کوليل اسڪول سينٽ پيٽرڪ آهي، جيڪو 1861 ۾ کوليو ويو ۽ هن وقت ان کي ڏيڍ سؤ سالن کان مٿي ٿي ويو آهي. هن اسڪول مان اسان جي ملڪ جون ڪيتريون اهم شخصيتون پڙهيون. جهڙوڪ: ايوب کهڙو، محمد خان جوڻيجو جام صادق علي، آصف زرداري، مير هزار خان بجاراڻي، نبيل گبول، لال ڪرشن آڏواڻي، پرويز مشرف، جاويد ميانداد، وسيم باري وغيره. هونءَ سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته اهي سڀ اسڪول تن ڏينهن ۾ سرڪاري سڏيا ٿي ويا يعني انگريز سرڪار ٿي هلايا. تڏهن به ۽ اڄ به انهن اسڪولن جي تعليم اعليٰ سڏي وڃي ٿي. اڄ انگريز اسان جي ملڪ ۾ نه آهن. اڄ اسان جي حڪومت اسان جي پنهنجن جي آهي. هئڻ ته ائين کپي ته ملائيشيا، سنگاپور يا هانگ ڪانگ جهڙن ملڪن وانگر، آزاديءَ بعد پنهنجين حڪومتن کي پنهنجي عوام جو وڌيڪ فڪر محسوس ڪندي، پنهنجن سرڪاري اسڪولن جي تعليم جو معيار بلند رکڻ کپي، پر اسانجي ملڪ جي سرڪاري اسڪولن جو يتيماڻو حال توهان سيني اڳيان آهي.

سرڪاري اسڪولن ۾ جي حال هجي، تہ عوام پرائيويٽ اسڪولن پويان ڇو خرچ ڪري؟ گذريل ٻن ٽن سالن ۾ پاڪستان جي هڪ صوبي خيبر پختونخواهہ جي حڪومت پنهنجن سرڪاري اسڪولن کي بهتر بڻايو آهي، تہ ڪيئن نہ هزارين ٻار..... ويندي سرڪاري ڪامورن، ڪارخانيدارن ۽ وزيرن جا ٻارَ بہ خانگي اسڪول ڇڏي سرڪاري اسڪولن ۾ پيا اچن. ان معاملي ۾ انڊيا بہ ڪافي جدوجهد ڪئي آهي. انگريزن جي ڏينهن جي ڪانوينٽ / مشنري اسڪولن جو معيار تہ اهو قائم رکندا اچن، پر پنهنجن سرڪاري اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جو معيار بہ ايترو بلند ڪيو اٿن جو ايشيا ۽ آفريڪا جا شاگرد تہ انڊيا ۾ پڙهڻ لاءِ اچن ٿا، پر اهي امير انڊين، جيڪي يورپ ۽ آمريڪا ۾ رهن ٿا، اهي پنهنجا ٻار اتي پڙهائڻ بدران، انڊيا موڪلڻ ۾ وڌيڪ بهتر عاقبت سمجهن ٿا. تعليم سان گڏ انڊيا ۾ هاسٽلن ۽ امن امان جي حالت ايتري سني بڻائي وئي آهي جو ٻاهرين ملڪن جا ڇوڪرا تہ ڇا ڇوڪريون بہ انڊيا جي هنن اسڪولن ۾ پڙهڻ لاءِ اچن ٿيون. منهنجي خيال ۾ اسانجي ملڪ جا واسطيدار ادارا ۽ عملدار ان معاملي ۾ پنهنجي پاڙيسري ملڪن: ايران ۽ انڊيا کان سبق وٺڻ جي ڪوشش ڪن تہ اسانجي ملڪ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ رهندڙ ٻارن جو مستقبل بهتر ٿي وڃي.

دهليءَ جو بابا کڙڪ سنگهہ روڊ ڪنات پليس جي ٻاهرين گول رستي (Ring Road) کان نڪري ٿو. اڳيان گول ڊاڪ خانا واري پهرين چوراهي وٽ ٽي سکن جو هي وڏو ۽ مشهور گردوارو "بنگلا صاحب" آهي. پر هي رستو اجان بہ اڳيان هلي هڪ ٻئي چوراهي تي دنگ ڪري ٿو جيڪو چوراهو "نارٿ ايوينيو پارڪ رائونڊ بائوٽ" سڏجي ٿو. ان بعد هن باب کڙڪ سنگهہ روڊ جو نالو "مدر ٽريسا روڊ" ٿئي ٿو. ان چوراهي (نارٿ ايوينيو پارڪ) وٽ هتي جي مشهور اسپتال "رام منوهر لوهيا هاسپيٽل" آهي. اهو بہ لکندو هلان تہ هن چوراهي کان اتر ڏي هڪ ڪُٺي جي پيچ جيترو يعني ڊيگهہ ۾ ننڍڙو روڊ (ڪراچيءَ جي شاهہ عبداللطيف روڊ جهڙو جيڪو PECH سوسائٽيءَ ۾ آهي) بنگلاديش جي پهرين وزير اعظم شيخ مجيب الرحمان جي نالي سان آهي. مڙئي بنگالين کي خوش ڪرڻ لاءِ، شايد......

هڪ هزار کان مٿي بسترن واري هيءَ رام منوهر لوهيا اسپتال دراصل انگريز راڄ ۾ انگريزن 1932ع ۾ "ولنگڊن هاسپيٽل" جي نالي سان ٺهرائي. سر ولنگڊن 1931ع کان 1936ع تائين انڊيا جو ٻاويهون وائسراءِ ۽ گورنر ٿي رهيو هو. سڪر جي لائيڊپل جي منظوري بہ هن ڏني هئي. دهليءَ جي ڪورو نوشن پارڪ جي براري روڊ تي هن جي ياد ۾ لڳل مجسمو اڄ بہ موجود آهي. هونءَ مونکي لڳي ٿو تہ انڊيا وارا هن کي گهڻو پسند نٿا ڪن، جو هن جي ڏينهن ۾ هندوستان جي هلندڙ تحريڪن ۾ هن ڪيترائي ڪانگريس ليڊر قيد ڪرايا هئا. شايد اهو ئي سبب آهي جو سندس نالي واري هيءَ ولنگڊن اسپتال، انڊيا کي آزادي ملڻ بعد 1970ع کان، انڊيا جي آزاديءَ جي متوالي ۽ سياستدان رام منوهر لوهيا جي نالي سان سڏجڻ لڳي آهي. 30 ايڪڙن تي پکڙيل اسپتال دهليءَ جي سرڪاري اسپتالن ۾ هڪ باوقار اسپتال سمجهي وڃي ٿي، جنهن ۾ ساليانو 12 لک کن OPD مريض اچن ٿا، جن مان 46 هزار مريض داخل ڪيا وڃن ٿا. هن اسپتال ۾ هر سال اٽڪل ڏهہ هزار سي ٽي اسڪئن، ٻہ هزار MRI اسڪئن، ٻہ لک ايڪس ري، 30 لک ليبارٽري ٽيسٽ، 25 هزار الٽرا سائونڊ اسڪئن، نوهزار ميجر ۽ چاليهہ هزار ننڍيون آپريشنون ٿين ٿيون.

رام منوهر لوهيا هڪ قابل ماڻهو هو جنهن جا نہ فقط پنهنجا ڪيترائي ڪتاب آهن پر هن تي ۽ هن جي سياست تي ٻين بہ لکيا آهن. اهي ڪتاب مون کي بہ ممبئي يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر منوهر مٽلاٽيءَ سندن يونيورسٽيءَ جي نهرو لئبريريءَ ۾ ڏيکاريا. جتي مونکي حيرت ٿي تہ اسانجي سنڌي اديبن جي ڪتابن جا بہ سڄا سڄا Set رکيل نظر آيا. رام منوهر جا گهڻ ۾ گهٽ هي ڪتاب اسان جي پوليٽيڪل سائنس جي شاگردن کي ضرور پڙهڻ کپن:

- The Caste System.

- Guilty Men of India’s Partition.
- Marx, Gandhi & Socialism.
- Collect works of Dr. Lohia.

هن ڪتاب جا نو واليوم آهن.

رام منوهر لوهيا 1910ع ۾ اتر پرديش ۾ ڄائو. هن بنارس يونيورسٽيءَ مان انٽر ڪرڻ بعد، ڪلڪتا يونيورسٽيءَ جي وديا ساگر ڪاليج مان B.A ڪئي ۽ ان بعد هن اڄ واري همبولٽ يونيورسٽي آف برلن مان تعليم حاصل ڪئي. Ph.D ۾ “Salt Taxation in India” جي موضوع تي ٿيسز لکيائين. پاڻ انگريزن خلاف ماڻهن کي پڙڪائڻ جي ڏوهه ۾ لاهور واري قلعي ۾، جيا پرڪاش نارائڻ سان گڏ ٻه سال قيد جي سزا پڻ ڪاٽيائين. سندس سياسي جدوجهد متعلق گيرش مشرا ۽ برج ڪمار جو لکيل ڪتاب: “Ram Manohar Lohia: The Man & his Ism” پڙهڻ جوڳو آهي.

توهان مان ڪنهن جو دهليءَ اچڻ ٿئي ۽ ڪنات پليس وٽ پهچي، هن بابا کڙڪ سنگهه روڊ تي متئين اسپتال تائين اچڻ ٿئي ته هڪ نظر اتي موجود اڪشارا ٿيٽر تي ضرور وجهجو يا ان جي اڳيان بيهي فوٽو ضرور ڪيرائجو جو منهنجي نظر ۾ هي هڪ اهم ۽ تاريخي ٿيٽر آهي. هي ٿيٽر 1972ع ۾ گوپال شرمان نالي ملڪ جي مشهور ڊرامانويس، شاعر، موسيقي ساز، ٿيٽر ۽ ٽيليويزن ڊائريڪٽر ٺهرايو هو. سندس زال جلابالا وديا جيڪا اڄان جيئري آهي ۽ اسانجي ملڪ جي مشهور اديب امر جليل جي هم عمر آهي، انڊيا جي مٿاهين درجي جي اسٽيج ائڪٽريس مڃي وڃي ٿي. هوءَ راماين ۾ اداڪاريءَ بعد گهڻي مشهور ٿي. اهو ڊرامو انگريزيءَ ۾ “The Epic” جي نالي سان پڻ ٺهيو ۽ انڊيا جو هي واحد ڊرامو (Play) آهي، جيڪو براڊوي، نيويارڪ ۾ هليو هو.

جلا بالا 1936ع ۾ لنڊن ۾ ڄائي هئي. سندس پيءُ سريش وائديا انڊين صحافي، ليکڪ ۽ آزاديءَ لاءِ جاکوڙ ڪندڙ هو ۽ ماءُ مئڊ (Madge) اڌ انگريز اڌ اطالوي هئي. جلا بالا بنيادي تعليم لنڊن مان حاصل ڪرڻ بعد وڌيڪ تعليم ممبئيءَ جي ڪُئين ميري اسڪول مان ورتي. هن دهلي يونيورسٽيءَ مان انگلش آنرز ۾ ڊگري حاصل ڪئي، جنهن ۾ هن ٽيون نمبر ڪنيون. هوءَ يونيورسٽيءَ ۾ ئي هئي ته ڊرامن ۾ حصو ورتائين ۽ تعليم ختم ڪرڻ بعد نيو دهليءَ مان نڪرندڙ رسالي “Link Magazine” ۾ جرنلسٽ طور ڪم ڪيائين.

پاڻ گردوارا بنگلا صاحب جي ڳالهه پئي ڪئي. جيڪو ڪنات سرڪس وارو چوراهو ڇڏڻ بعد پهرين چوراهي ’گول ڊاڪ خانا‘ رائونڊ اباٺوٽ وٽ آهي. سندس هڪ پاسي بابا کڙڪ سنگهه روڊ آهي ته پاسي کان اشوڪا روڊ آهي. پنهنجي سک ٽئڪسي ڊرائيور سان گڏ آئون، هن گردواري ۾ پهتس. هن کان اڳ به مون ڪيترن ئي ملڪن ۾ سکن جا ٽڪاڻا ڏٺا آهن. خاص ڪري ملائيشيا جي شهرن ملاڪا ۽ ڪئالالمپور وارا. ملائيشيا ۾ هڪ سؤ کان به مٿي سکن جا گردوارا آهن. 40 ته رڳو پيراق رياست ۾ آهن، جتي سکن جي تمام وڏي آدمشماري رهي ٿي. سکن جي گهڻائي انگريزن جي راڄ ۾ ملائيشيا ۾ آئي، جڏهن انگريزن جو نئيي ڪنڊ توڙي ملايا (اڄ واري مغربي ملائيشيا) ۽ سنگاپور تي راڄ هو. سکن انگريزن جي فوج ۽ پوليس کان علاوه چوڪيدار ۽ ڏنار طور به ڪم ڪيو ٿي. هندوستان ۽ بعد ۾ ملايا کي آزادي ملڻ بعد ڪيترا سک توڙي مسلمان (پنجابي، پٺاڻ) پنهنجن نون آزاد ملڪن، انڊيا ۽ پاڪستان ڏي موٽي ويا، پر ڪيترائي غربت سبب، ياڙو نه هجڻ ڪري، يا مڪاني عورتن سان شادي ڪرڻ ڪري ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ ٽِڪي پيا، جتي عبادت لاءِ هنن پنهنجا گردوارا ٺهرايا.

دهليءَ جو هي گردوارو پهرين هڪ رهائش جو بنگلو هو ان ڪري هن جو نالو گردوارو بنگلا صاحب پئجي ويو. منهنجي سک ٽئڪسي ڊرائيور ارواديپ سنگهه ٽڪاڻي وٽ پهچي اُها ڳالهه مون ٻڌائي.

سک ڊرائيور ٻڌايو ته هي انڊيا جي راجا جئه سنگهه جو ”جئسنگهپورا محل“ نالي بنگلو هو. راجا جئه سنگهه (1611ع – 1667ع) مغل سلطنت جو سينئر جنرل هو جنهن کي مغل بادشاهه ’مرزا راجا‘ سڏيندا هئا. ان کان علاوه

جئہ سنگھ امبر (جيڪا پوءِ جئپور سڏڻ ۾ آئي) بادشاهت جو حاڪم بہ هو. هن جي ڏيءُ اورنگزيب بادشاهہ جي پٽ بهادر شاهہ اول (جنهن 1707ع کان 1712ع تائين بادشاهت ڪئي) جي زال هئي.

”اسان جو اٺون سک گرو، گرو هرڪش 1664ع ۾ جڏهن دهليءَ آيو هو تہ هو هن بنگلي ۾ اچي رهيو هو“. سک ٽئڪسي ڊرائيور ٻڌايو.

سکن جا ڏهہ گرو ٿيا. گرو هرڪشن (1656ع_1664ع) سندن اٺون گرو هو. هي ننڍي عمر ۾ اچان پنجن سالن جو هو تہ سندس پيءُ گروهري راءِ جي وفات ٿي، سن 1661ع ۾ گرو ٿيو. اڍائي سال کن گرو رهيو تہ ماتا ٿيڻ ڪري 1664ع ۾ گذاري ويو. هي اهو ئي سال آهي، جنهن ۾ هو دهليءَ ۾ جئہ سنگهہ جي هن بنگلي ۾ اچي رهيو هو. انهن ڏينهن ۾ دهليءَ ۾ ڪالرا ۽ ماتا جي وبا پکڙيل هئي. گرو هرڪشن بيمارن جي ٿهل ٽڪور ڪندو رهيو ۽ هن بنگلي ۾ موجود کوهہ مان صاف پاڻي پري ضرورتمندن کي پياريندو رهيو. مريضن جي خدمت ڪندي ڪندي ماڳهين هن کي بہ ماتا ٿي پئي، جنهن وگهي هن 30 مارچ 1664ع تي وفات ڪئي.

گردواري ۾ ٺهيل پاڻيءَ جي نادي ڏيکاريندي سک ڊرائيور ٻڌايو تہ: ”هيءَ نادي راجا جئہ سنگهہ بعد ۾ ان کوهہ مٿان ٺهرائي، جنهن مان اسانجي اٺين گرو پاڻي ڪڍي مريض کي پياريو ٿي“.

هن کوهہ جي پاڻيءَ کي سک پوتر ۽ طرياق سمجهن ٿا. ڏورانهن شهرن ۽ ملڪن کان ايندڙ سک واپسيءَ تي سوکڙيءَ ۽ شفا طور هن پاڻيءَ سان بوتلون پري وڃن ٿا. جيئن هردوار وٽ وهندڙ گنگا نديءَ جو پاڻي بيمارين جي علاج لاءِ هندو ياتري کڻي وڃن ٿا.

سکن جي گردواري واري ڪامپليڪس ۾ هائر سيڪنڊري اسڪول، بابا ٻهگل ميوزيم، هڪ لئبريري ۽ اسپتال بہ آهي. سکن جي ڪيترن ئي گردوارن ۾ هڪ عدد هاسٽل بہ ٿئي ٿي، جتي ٻاهران آيل مفت يا معمولي مسواڙ تي رات گذاري سگهن ٿا. اها هاسٽل ”ياتري نيواس“ سڏجي ٿي. هن گردواري ۾ بہ هڪ ٽريولرس هاسٽل آهي. هر روز تمام گهڻا ٽوئرسٽ اچن ٿا..... پوءِ ڪي عبادت ۽ عقيدت خاطر تہ ڪي اسان جهڙا فوٽو ڪيڻ لاءِ. انهن جي ڪارن جي پارڪنگ لاءِ گهڻ ماڙ پارڪنگ جاءِ آهي. گردواري ۾ هميشہ لنگر جو بندوبست هوندو آهي. هن گردواري جو نہ فقط لنگر هال وڏو آهي، پر ايئرڪنڊيشنڊ پڻ. گردواري ۾ گهڙڻ لاءِ هڪ تہ بوٽ ٻاهر لاهڻو پوي ٿو ۽ پيو مٿو ڍڪڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. ڪا ٽوپي يا پڳڙي نہ هجڻ جي صورت ۾ توهان کي داخلا واري گيٽ تي رومال ڏنو وڃي ٿو. لنگر جو بندوبست گردواري جي انتظاميا ڪري ٿي، پر پوجا پاٺ لاءِ ايندڙ پاڻ سان ڪاڏو آڻين ٿا. ملاڪا شهر جتي مون وڏو عرصو گذاريو، اتي جا سنڌي هندو تامل هندن جي مندرن ۾ وڃڻ بدران گهڻو ڪري سکن جي مندر ۾ ايندا هئا ۽ پاڻ سان گهڻو ڪري سنڌي اسٽائيل واري ڪيرٽي ناهي ايندا هئا. هتي پڻ مونکي هڪ فئملي سنڌي ڳالهائيندي ملي وئي. اهو معلوم ٿيڻ تي تہ منهنجو واسطو پڙهائڻ ۽ لکڻ سان آهي، هنن مونکي چيو تہ آئون هينئر جو هينئر بڪا نيروالا ريسٽورنٽ / مٺائي ۽ نمڪو جي دڪان تي ضرور وڃان، جتي منهنجي ملاقات انڊيا جي هڪ سنڌي اديب پروفيسر ڍولڻ راهيءَ سان ٿي سگهي ٿي. ”هو هينئر هينئر اسان کي هتي ڇڏي مٺائي وٺڻ ۽ چانهہ پيئڻ لاءِ ”بيڪا نيروالا“ پئي ويو“. هنن ٻڌايو.

اسان بہ ان وقت گردواري مان نڪري رهيا هئاسين ۽ بيڪا نيروالا جو نالو ٻڌي مونکي بہ مٺائي وٺڻ جو شوق ٿيو. بيڪا نيروالا کان نہ فقط انڊيا جا، پر ٻاهر جي ملڪن جا ماڻهو بہ مٺائي ۽ نمڪين شين جي حوالي سان واقف آهن. جيئن اسان وٽ بامبي بيڪريءَ کان...... بيڪانير راجستان جو شهر آهي، جنهن جو ذڪر شاهہ لطيف بہ پنهنجي بيتَ ۾ ڪيو آهي تہ:

ڪِنهين جُنبِي جيلسمِير تان، ڏٺا بيڪانِير ٻَڪارَ
ڪِنهين ڀُڄُ ڀڄائِيو، ڪِنهين ڏِٺَ مَٿي ڍارَ
ڪِنهين آڇي آمر ڪوٽَ تان، وَسايو وَلهارَ

1950ع ۾ بيڪانير شهر ۾ ڪنهن مٺائيءَ ۽ نمڪو جو دڪان کوليو. جنهن جي مٺائي ۽ نمڪو ايڏو ته مشهور ٿيا جو ٻين شهرن جا ماڻهو هن بيڪانيرواري مٺائيءَ جي فرمائش ڪرڻ لڳا. پوءِ ته هن دڪان جي مالڪن ڪمپني ناهي. جنهن جو نالو ئي رکيائون ”بيڪا نيروالا“ ۽ ان نالي سان انڊيا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ مٺائيءَ جا دڪان ۽ ريسٽورنٽون ناهيائون. جن تي ويهي ماڻهو چانهه يا ڪوڪا ڪولا سان گڏ مٺائي، ڏهي ٻڙا، چاٽ، گول گپا ۽ پڪوڙن ۽ نمڪ پارن جهڙيون شيون کائي سگهن.

”بيڪانيروالا“ جون اهي شيون ايڏيون ته مشهور ٿيون، جو انهن جا پئڪ ٿيل ڏٻا آمريڪا ۽ يورپ جي شهرن ۾ به نظر اچڻ لڳا..... جتي جتي به انڊيا، نيپال، پاڪستان ۽ بنگلاديش جا ماڻهو رهيا ٿي. هاڻ ته هن ڪمپنيءَ پنهنجي مٺائيءَ جا ڪارخانا ڪيترن ئي ملڪن ۾ کوليا آهن. جيئن تازي تيار ڪيل مٺائي دڪانن ۽ هوٽلن تي سپلاءِ ٿي سگهي. انهن ۾ دبئي، لنڊن، آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ شامل آهن. بيڪانيروالا کان علاوه ڪمپنيءَ پنهنجين شين کي ٻيا برانڊ نالا پڻ ڏنا آهن. جهڙوڪ ٻِڪانو ٻِڪانو چاٽ ڪيفي ۽ آنگن. هي مضمون لکڻ وقت ڪمپنيءَ جي مالڪ شام سندر اگروال جي حوالي سان خبر پڙهي اٿم ته هنن تازو آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ 200 ڪروڙ رپين جو بيڪانيروالا فوڊ بزنيس شروع ڪيو آهي. اسانجي ملڪ ۾ به 1950ع ڌاري به مٺائي ٺاهڻ وارا مشهور هئا. هڪ ”عبدالحنان“ ۽ ٻيو ”احمد“. ٻنهي جا نه فقط چين شاپ هئا پر ٻنهي جون پئڪ ڏٻن ۾ مٺايون..... خاص ڪري سوهن حلوو ۽ حبشي حلوو نه فقط ويسٽ پاڪستان ۾ پر ايسٽ پاڪستان ۾ به مشهور هو. اسان جڏهن چٽگانگ (هاڻ بنگلا ديش) ۾ پڙهندا هئاسين، ته عبدالحنان جو حلوو ان وقت ايوب خان طرفان ٺهيل نئين مارڪيٽ ”ٻين ٻتني“ مان وٺڻ ويندا هئاسين. پوءِ جهازن جي نوڪري شروع ڪئيسين ته ڪيترن ئي اوسي پاسي جي ملڪن ۾ اسانجي پاڪستانين جي دڪانن تان ملندو هو. هڪ ڏينهن خبر پئي ته هاڻ اهو پاڪستان ۾ به نٿو ملي. ڇو ڀلا؟ ماڻهن ٻڌايو ته انهن مٺائين وارن مٺائيءَ ۾ سنو تيل استعمال ڪرڻ بدران گريز استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پڪڙجي پيا - يعني هنن جي مٺائي ٺاهڻ تي بندش لڳي وئي. ڏانهن جو قول آهي ته:

“Success is step by step…….”

يعني ڪاميابيءَ تائين پهچڻ لاءِ هڪ هڪ ڏاڪو ڪري چڙهڻو پوي ٿو پر افسوس جو اسان جا ڪيترا واپاري هڪ رات ۾ امير ٿيڻ جي شوق ۾ پنهنجي تباهي آڻيو ڇڏين. جلد ۽ گهڻو پئسو ڪمائڻ جي لالچ ۾ هو سادا Ingredients استعمال ڪري شئي جو سواد ۽ معيار ڪيرايو ڇڏين. 1911ع ۾ حيدرآباد ۾ پهلراج گنگا رام ٽڏاڻيءَ هڪ بنگلي ۾ ”بامبي بيڪري“ نالي دڪان کوليو هو. اڄ هن کي هڪ سؤ سالن کان مٿي عرصو ٿي ويو آهي. ماڻهو هن بيڪريءَ جي ڪيڪن پٺيان چريا آهن. ڪيترن بيڪرين وارن ان قسم جا ڪيڪ بسڪيٽ ٺاهيا پر هلي نه سگهيا. هر ڪو چوندو هو ته ٽڏاڻي فئمليءَ وٽ ڪيڪ بسڪيٽ ٺاهڻ جي ڪا Secret ترڪيب آهي. جيڪا هو ڪنهن کي ٻڌائڻ نٿا چاهن. مون اڄ کان ڏهه ٻارهن سال اڳ، ان جي مالڪ ڪمار (جيڪو 2010ع ۾ گذاري ويو) کان جڏهن ان متعلق پڇيو ته هن چيو ته هنن وٽ ڪا لکل receipe ناهي ۽ نه هو ماڻهن کان لڪي ناهين ٿا. ”دراصل هر هڪ اسان جهڙا ڪيڪ بسڪٽ ٺاهي سگهي ٿو پر ان لاءِ هنن کي اسان وانگر هر شئي، اٽو مکڻ وغيره اعليٰ Quality جو استعمال ڪرڻو پوندو. اسان اعليٰ معيار سان گڏ قيمت مناسب رکون ٿا. اسانجي مال جو گهڻو وڪرو ٿيڻ ڪري اسان کي چار پئسا فائدو ٿيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ گهٽ وڪري ۾ بچت ٿيڻ مشڪل آهي“. ڪُمارَ مون کي ٻڌايو هو. اسان وٽ ماڻهو ٿوري وڪري ۾ گهڻو فائدو حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ سستي قسم جو گيهه، مکڻ ۽ ٻيو مال استعمال ڪن ٿا، جنهن ڪري تيار ٿيل شئي ۾ اهو سواد ۽ سڳنڌ نٿو رهي.

بهرحال اسان گردوارا بنگلا صاحب تان بيڪا نيروالا تي آياسين، جيڪو پنجن منٽن جي پنڌ تي آهي. اتي اسان جي انڊيا جي مشهور سنڌي اديب پروفيسر ڏولڻ مورواڻيءَ سان ملاقات ٿي. سنڌن تخلص ”راهي“ آهي. ان ڪري ادبي دنيا ۾ هو ”ڏولڻ راهيءَ“ جي نالي سان مشهور آهي. راهيءَ ٻڌايو ته هنن جي وڏن جو ڳوٺ ٽنڊو بهاول خان

هو. ورهاڱي وقت سندس والد شري تيرٿ داس اجمير ۾ ريلوي ڊپارٽمينٽ ۾ هو. ڍولڻ راهي 6 جولاءِ 1949ع تي اجمير ۾ ڄائو. پاڻ بامبي يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ M.A ۽ B.Ed ڪيائين. "انهن ڏينهن ۾ بامبي يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جو هيڊ رام پنجواڻي هو. هيرو شيوڪاڻي، پوپٽي ويرانداڻي، چندرا آڏواڻي ۽ رام شرما منهنجا پروفيسر هئا". راهيءَ ٻڌايو.

ڍولڻ راهيءَ گرئجوئيشن بعد اجمير ڪاليج ۾ پڙهائڻ جو ڪم شروع ڪيو. جتان هو سال 2009ع ۾ رٽائرڊ ٿيو آهي. سندس ڇپيل ڪتاب ڪجهه هن ريت آهن:

- نيڻن اوتيو نينهن ـ 1979ع
- عڪس ۽ پڙدا ـ 1985ع
- ذات جون ڏياتيون ـ 1987ع
- مور پنکي پالا ـ 1995ع
- انڌيرو روشن ٿئي ـ 2003ع
- استري تنهنجا روپ ـ 2006ع
- مان آرسي تنهنجي ـ 2013ع

انهن پنهنجن ڪتابن کان علاوه ڍولڻ راهيءَ ڪيترائي ڪتاب ترجمو به ڪيا آهن. جيئن "منو پاٽي، ڪارو پاٽي"..... جيڪو جيا جادواڻيءَ جي هندي ناول جو ترجمو آهي. جيا جادواڻي 1959ع ۾ ڄائي ۽ هن هندي لٽريچر ۽ سئڪالاجيءَ ۾ ايم اي ڪئي. هوءَ اڄ ڪلهه انڊيا جي مشهور شاعره، افسانانويس ۽ ناول نويس آهي. ڪيس هن سال انڊيا جو هڪ وڏو ادبي ايوارڊ به مليو آهي. جيڪو سندس ان ناول تي آهي، جيڪو ڍولڻ راهيءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. ڍولڻ جو اهو سنڌي ترجمو نه فقط انڊيا ۾ پر هتي ڪراچيءَ ۾ پڻ رڪيل مورائيءَ ڇپرايو آهي. مزي جي ڳالهه اها ته جيا جادواڻيءَ هن هندي ناول جو نالو "مينا پاني ڪارا پاني" رکڻ بدران سنڌي نالو "منو پاٽي ڪارو پاٽي" رکيو آهي. هن 272 صفحن جي ناول ۾ جيا جادواڻيءَ سنڌ جي پنج هزار سال پراڻي تاريخ لکي آهي. جيا جي هن هندي ناول جو رڪارڊ آهي ته هڪ سال اندر ان جا ٽي ايڊيشن ڇپيا. جيا جادواڻيءَ جا ٻيا به ڪيترائي هندي ناول ۽ افسانن جا مجموعا مشهور آهن، جيئن:

- اندر کے پانیوں میں کوئی سپنا کا نپتا ہے
- اسی سے پوچھو
- کچھ نہ کچھ چھوٹ جاتا ہے
- اٹھاتا ہے ایک مٹھی
- ھمیں ہے عشق مستانا

سندس هڪ ناول جو نالو آهي "تتوامسي" (Tattwamasic). ڍولڻ راهيءَ کان پڇيم: "اهو هندي/اڙدو جو ڪهڙو لفظ آهي؟ مون کي ته بلڪل سمجهه ۾ نه پيو اچي!"

"اهو دراصل اسانجي سنسڪرت جي پوڄا مان آهي". ڍولڻ ٻڌايو. "پهرين سٽ آهي ته: اهم برهما اسي..... يعني مان برهم آهيان ـ حق آهيان. ان جي ٻي سٽ آهي: تت توم اسي..... يعني پر تون به اهوئي آهين، سو جيا جادواڻيءَ 'تت توم اسي' کي ملائي پنهنجي ناول جو نالو "تتوام اسي" رکيو آهي".

بهرحال ادب جي شوقينن کي جيا جادواڻيءَ جي ناولن ۽ شاعريءَ جو ترجمو پڙهڻ ۾ ضرور مزو ايندو. ڍولڻ راهيءَ سان گڏ موجود سندس دوست ڪنهيي شواڻيءَ ٻڌايو ته جيا جا ڪجهه ناول انگريزيءَ ۾ هنن نالن سان ترجمو ٿي چڪا آهن:

- No Body Else
- Such woman
- No Sea

ڪنهيو شواڻي ٻوپال ۾ رهي ٿو ۽ سنڌيءَ جو سٺو شاعر آهي. سندس چوڻ تي ڊولڻ راهيءَ هڪ مزاحيہ شعر ٻڌايو جيڪو بنيادي طرح الهاس نگر جي شاعر ايشور مفلس جو آهي. پر ان کي ڊولڻ راهيءَ وڌايو ۽ وڌيڪ مزاحيہ بڻايو آهي. ايشور مفلس گذاري چڪو آهي. هن ٿوري شاعري ڪئي پر تمام بهترين ڪئي اٿس. سندس هي شعر جنهن جو base کڻي ڊولڻ نئون تيار ڪيو آهي، 50 سال اڳ جو آهي.

## مهمان

جڏهن ڪنهن جي در تي ٿو مهمان پهچي
چڱو خاصو گهر کي ٿو نقصان پهچي

هو قسمت سان ڪنهن جي گهر اڪيلو وڃي ٿو
جي سگهرو وڃي ٿو تہ پاسا پچي ٿو

آيو منهنجي مامي جي سالي جو سالو
چاڙهي آيو گهر تي عليگڙهہ جو تالو

وٺي پاڻ سان آيو ڏيلي جو ڏيلو
ڇُوهڙ، چندران، چمن، چيتو چيلو

ستون ماءُ جي هنج ۾ اٺون پيٽ ۾ هو
جو اڄڻو دنيا ۾ ايندڙ جيٺ ۾ هو

اچڻ سان چيائين: ڪهڙو حال آهي؟
منهنجو نالو بجلاڻي خوشحال آهي

تندي ٺوڙهي ۾ هيڊماستر هيس مان
ورهاڱي کان پوءِ آگري ۾ رهيس مان

ٻڌو هوندو شايد اوهان منهنجو نالو
مان آهيان اوهانجي ئي سالي جو سالو

سڃاڻان نہ مان پنهنجا پورا ناناڻا
تڏهن بہ چيم ها! توهان کي سڃاڻان

پلي آيا جي آيا گهر آهي توهانجو
لمبوءِ ڏکيڙو سفر آهي توهانجو

سڃي گهر لاءِ تہ پوءِ آزار تي پيو
منهنجو ڪمرو بارن سان ٽمٽار تي پيو

هٿا هنڌ نہ پورا، نہ پوريون فراسيون
اهو سوچي ٿي مونکي آيون اپاسيون

تڏهن بہ هن ڪاڪي کي ڪو خيال نہ آيو
اسان پنهنجو هنڌ رڌڻي ۾ وڇايو

پوءِ ڪاڪي جي کونگهرن جو آواز آيو
رڙيون، منهنجو بيبو بچايو بچايو

اسر جي ويجي ٿوري ننڊ آئي
صبح جو اٿي ڪاڪي مند جي ٻڌائي

چيائين چئو ڪنوار کي چانهہ ڪاڙهي
تري پوريون ۽ پاپڙ پٽاٽا اوٻاري

مانيءَ سان اسان کي مئو بہ آ گهربو
هجي گهر ۾ ربڙي يا انبن جو مربو

منجهند جو مڇي يا چڪن ٿي گهرايو
هجي چاٽ ڇهري ٻيو تيوڻ تهرايو

ڪيو ڪاڪي اهڙو مها تنگ گهر کي
خبر ان جي مونکي ۽ ٻيو ايشور کي

رهيا چار مهينا ۽ پوءِ موڪل ورتائون
ويندي ويندي ٽي وي ۽ ريڊيو پڳائون

نوان ٽوال پنج، ٽي وهاڻا کڻي ويا
لونگ، مرچ ڪارا ۽ ڏاٽا کڻي ويا

گهڳهي گلاس کنيائون، باندر چاپ منجن
ٻيو لوٽو کنيائون، چئي الک نرنجن

گنجيون بہ کڻي ويا، ڪڇا بہ کڻي ويا
بشرٽون، پجاما اڃا بہ کڻي ويا

دريون در پيجي ويا، ڪري ويا ڪباڙو
اسانکي چڏيو پر اُجائي ويا پاڙو

چڏيائون نہ ببلوءَ جو جانسن پائوڊر
منهنجي زال جون چار ڪوٽيون ۽ ٻہ برئزر

ٿيا حال هيٺا، مليا سور ٻيٺا
ڪري پيننگ گهر جي هليا ويا ڪميٺا

سڄي گهر جي اهڙي تہ حالت ڪري ويا
موهن جي دڙي جهڙي صورت ڪري ويا

ٿيو ان ڪان پوءِ ڇا ۽ ڇا تي سگهي ٿو؟
سو گهر ٻار وارو ئي سمجهي سگهي ٿو

ڏولڻ راهيءَ جو سُر ۾ مٿيون مزاحيہ غزل ٻڌي مونکي ماسٽر چندر ياد اچي ويو جڏهن 1980ع واري ڏهاڪي جي شروع واري سال ۾ هو ڪئالالمپور (ملائيشيا) آيو هو جتي سنڌين طرفان محفل سجائي وئي هئي ۽ ماسٽر چندر پنهنجي مزاحيہ انداز ۾ شعر ۽ ڳالهيون ٻڌايون هيون.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ ڏولڻ راهيءَ ”شيام“ جي شاعري پڻ هنديءَ ۾ ترجمو ڪئي آهي. پاڻ سنڌو راڳي بہ آهي ۽ سندس راڳ جون ڪئسٽون هتان جي سنڌي ڪٽنبن ۾ تمام مشهور آهن، جيئن تہ:

- چيٽي چنڊ جي سوکڙي
- ڪنور جي قرباني
- مور لاڏو
- شاهاڻي شادي
- پڳتن جو پڳواڻ

ڪيس ڪيترائي ادبي ايوارڊ ملي چڪا آهن.

پروفيسر ڏولڻ راهي موروانيءَ ٻڌايو تہ هو اجمير جي پراڳتي نگر ۾ فلورينس اپارٽمينٽس ۾ رهي ٿو ۽ سندس ٽيليفون نمبر 0091-94-6886-8812 آهي. پروفيسر ڏولڻ منهنجا ڪيترائي سفرناما پڙهيا هئا. هو منهنجي تعريف ۽ وڌيڪ لکڻ لاءِ همت افزائي ڪندو رهيو. مون پڻ جيا جادوانيءَ جي ناولن ۽ سندس ترجمي جي واکاڻ ڪئي تہ اهي هند ۽ سنڌ ۾ ڇپيا آهن، ان جو مطلب اهو ئي ٿيو تہ پڙهڻ وارن ان کي پسند ڪيو آهي. هن ٻڌايو تہ سنڌ ۾ هن جا ڪتاب سنڌ جي اديب رڪيل مورائيءَ جي معرفت ڇپجن ٿا. جنهن ڪان آئون ڪراچيءَ پهچي انهن ڪتابن جي ڪاپي حاصل ڪري سگهان ٿو. هن منهنجي خبر ناهي جيا جادوانيءَ سان ڪهڙن لفظن ۾ تعريف ڪئي، جو ڪراچيءَ پهچڻ تي جيا پاڻ مونکي خط لکيو ۽ منهنجي چوڻ تي پنهنجي تصوير ۽ سنڌيءَ ۾ ڇپرايل بايو ڊيٽا موڪلي. هوءَ اڄ ڪلهہ ڇتيس ڳڙهہ رياست جي رائپور شهر ۾ رهي ٿي ۽ سندس فون نمبر 00-91-982794-7480 آهي.

”سرڪار! حڪم ڪريو هاڻ ڪيڏانهن هلون؟“. ٽئڪسيءَ ۾ اچي ويٺس ته سک ٽئڪسي ڊرائيور اروادیپ سنگهه پڇيو.

”ڪمال آهي!“. وراڻيو مانس. ”مسافر ٿي ڪري آئون ٺي ٻڌائي رهيو آهيان. گائيڊ ۽ ٽئڪسي ڊرائيور ته تون آهين“.

”سر! آئون ته حڪم جو غلام آهيان. حڪم ڪندئو ته توهان کي يمنا نديءَ جي ٻي پار نئين ٺهيل شهر نوئدا به وٺي هلندس ته فريد آباد ۽ غازي آباد به“.

”نه. نه. ايترو پري به نه وٺي هل جو آئون ٽڪجي پوان ۽ تو کي پيٽرول جي ٽانڪي وري فل ڪرائڻي پوي“. مون چيو.

”ته پوءِ سر! هتي دهليءَ ۾ ئي يمنا نديءَ جي ڪناري تي ۽ مٿرا روڊ تي جامعيا مليا اسلاميا، شري ڪالڪاجي يا حضرت نظام الدين اولياءَ جي درگاهه تي وٺي هلان؟“. اروادیپ سنگهه چيو.

”اروادیپ! آئون جڏهن پهريون دفعو مهينو کن دهليءَ ۾ پنهنجن اوڏ دوستن جي شاديءَ ۾ آيو هوس ته منهنجي رهائش ڪارول باغ ۾ هڪ سک جي انٽرڪانٽيننٽل هوٽل ۾ هئي، جتان آئون اهي شيون نه فقط ڪيترائي دفعا ڏسندو رهيس، پر انهن بابت پنهنجي سفرنامي ’دهليءَ جو درشن‘ ۾ لکي به چڪو آهيان“.

”۽ هي پاسو؟“. سک ڊرائيور پڇيو. ”منهنجو مطلب آهي هن پاسي ڪناٽ پليس، لال قلعي، جامع مسجد ۽ چانديني چوڪ ۾ نه آيا هُيئو؟“.

”ضرور آيو هيس“. ٻڌايو مانس. ”اڄ به چانديني چوڪ مون لاءِ دلپسند جاءِ آهي“. ”ته پوءِ چانديني چوڪ هلون؟..... ان جي منهن وٽ ئي ته بيٺا آهيون“. ڊرائيور چيو. ”ضرور. اروادیپ! تو کي خبر آهي ته شاهجهان جو ٺهرايل هي چانديني چوڪ اهڙي شئي آهي، جو ڪير سڄي زندگي روز ايندو رهي ته به بور نه ٿئي“. منهنجي ان ڳالهه تي اروادیپ سنگهه وڌو ٺهڪ ڏنو ۽ مون وڌيڪ چيو:

”شاهجهان جي ڌيءَ جهان آرا هتي ويهاررو کن دڪان ٺهرائي پنهنجي سهولت ڪئي، جيئن هوءَ هتان ئي هر شئي خريد ڪري سگهي. هن کي ڪهڙي خبر ته 1639ع ۾ ٺهرايل هن بازار ۾ پوڻن چئن سؤ سالن بعد به دنيا جي هر شئي ملي سگهندي ۽ اسان جهڙا دنيا جي ڀانت ڀانت بندرگاهن جا رولاڪ به هن چانديني چوڪ جي بازارن کي Best سڏيندا سين“.

”سائين! توهان کي اجايو يونيورسٽيءَ ۽ گردواري وٺي هليس. پهرين هتي اچون ها. بس اڃهو پهتاسين، ڪي پهتاسين“. سک ڊرائيور بابا کڙڪ سنگهه روڊ تان واپس ڪناٽ سرڪس واري رِنگ روڊ ۾ اچي، اتان اتر طرف ڏي ويندڙ منٽو روڊ تي آيو ۽ آئون پٺئين سيٽ تان ڪڏهن ساڄي دريءَ مان ته ڪڏهن کاٻيءَ دريءَ مان هيڏانهن هوڏانهن ويندڙ رستا، عمارتون، پارڪ، روڊ تي هلندڙ بسون، ڪارون، آٽو رڪشائون، روڊ ڪراس ڪندڙ ماڻهو ۽ ڪٿي ڪٿي ڪا ڍڳي پڻ ڏسندو رهيس. منٽو روڊ اڳيان هلي هنومان مندر روڊ ۾ داخل ٿيو. اهو اڳيان هلي اجمير گيٽ روڊ تي آيو..... سيتا رام بازار روڊ.... چوري بازار روڊ، راڻي مارڪيٽ ...... اڳيان لال قلعو پرسان جامع مسجد ..... اڃا اڳتي هلڻ سان پنجاب نئشنل بئنڪ ..... ان بعد وئشنو ديوي مندر.... ڪاٽو شيام مندر، ڪناري بازار....... هنومان مندر..... سيسگنج صاحب گردوارو..... ان کان پوءِ چونامل حويلي ..... ان بعد بيگم سامرو حويلي.....! دهليءَ ۾ هاڻ ميٽرو ٽرين هلي ٿي، ان جي ’چانديني چوڪ‘ نالي ميٽرو اسٽيشن.... اڃان اڳتي سينٽ ميري چرچ، کاٻي پاسي گولچا سئنيما ۽ چور بازار به آئي. چانديني چوڪ ميٽرو اسٽيشن کان پوءِ ٻي جيڪا ميٽرو اسٽيشن اچي ٿي اها ڪشمير

گيٽ وٽ آهي، جنهن اسٽيشن جو نالو ئي ”ڪشمير گيٽ“ آهي. دهليءَ جي ميٽرو ٽرين ۽ ميٽرو اسٽيشنون ڏسي نه فقط تهران، ڪوالالمپور بئنڪاڪ، اوساڪا، ٽوڪيو..... ايشيائي ملڪن جي شهرن جي ياد ٿي اچي پر يورپ جي شهرن: لنڊن، پئرس، مئڊرڊ، لسبن جي پڻ..... مون جهڙن ڪراچيءَ کان آيل ٽوئرسٽن کي ته عجيب احساس ڪمتري ۽ شرم جو احساس ٿئي ٿو جو اسان جي ملڪ جي هن وڏي شهر ۾ نه ههڙيون چلڪندڙ ريل گاڏيون آهن، نه ههڙيون صاف ۽ سهڻيون ميٽرو اسٽيشنون. ماڻهون ڪُڪڙَ ٻڌجي پيگل، گنل ۽ گئرنٽي ختم بسن جي ڇتين تي ويهن ٿا، جيڪي پيگل رستن تان ڪرتب ڏيکاريندڙيون هلن ٿيون ۽ پاسن کان ڪچري ۽ ڊونڊ جا ڍير نظر اچن ٿا! ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته اسان جا حاڪم اڪثر ائين ئي دبئي، لنڊن، نيويارڪ، ٽوڪيو ڇو ويندا آهن. ڇا انهن کي انهن ملڪن جا شهر ڏسي به خيال نٿو ٿئي ته اسان پنهنجن شهرن کي به اهڙو ناهيون. ڪين مهاتير محمد وانگر پنهنجي ملڪ کي ولايت بڻائڻ جو خيال ڇو نه ٿو اچي؟! ته جيئن هتان جو غريب عوام پنهنجي ملڪ ۾ ئي رهي ولايت جا مزا ماڻي سگهي. آخر غريبن جي به دل آهي.... هو به سٺي بس ۾ سفر ڪرڻ چاهين ٿا، ڪنهن سٺي پارڪ ۾ ويهڻ چاهين ٿا، موڪل واري ڏينهن پنهنجن ٻارن کي وٺي ڪنهن سٺي تفريح گاهه ۾ گهمڻ چاهين ٿا..... انڊيا ته اسان کان به غريب ملڪ هو.... انڊيا جي آدمشماري ته اسان کان به گهڻي آهي.... مڃيان ٿو انڊيا جي ڪجهه ڪجهه علائقن ۾ اڄ به اسان کان وڌيڪ غربت ۽ گندگي آهي، پر جنهن رفتار سان هو ترقي ڪري رهيو آهي ۽ جنهن رفتار سان اتي خوشحالي اچي رهي آهي، اها وائڙو ڪندڙ آهي..... روڊ، رستا، ريلوي، ايئرلائينز تعليم، صحت، IT، امن امان، روزگار، عمارتون، پارڪ، هوٽلون، ٽوئرسٽ..... هر طرف کان هن جي ترقي صاف ظاهر آهي. اسان جي ملڪ جي حاڪمن کي ان بابت سوچڻ کپي.... فرشتا انڊيا ۾ به نه آهن پر تڏهن به هنن جي ملڪ جو عوام سمجهي ٿو ته هو بهتريءَ ڏي آهن ۽ اسان جي عوام کي ته ڪرڙ به نصيب نٿي ٿئي. ڪراچيءَ جو برنس روڊ، جتي مختلف ڪاڙهن جا دڪان آهن ۽ انهن جي خوشبوءِ ايندي رهي ٿي ۽ بولٽن مارڪيٽ، ڪوڙي گارڊن وارو حصو ملائجي ته ڪجهه ڪجهه چانڊني چوڪ جون سڪون لاهن ٿا.

توهان پڙهندڙن مان ڪنهن ڪراچيءَ جي بولٽن مارڪيٽ ۽ پير ۾ ڪوڙي گارڊن ۽ کجور مارڪيٽ ۽ روڊ جي ٻي پاسي موتن داس مارڪيٽ ۽ اتان کان ٽاور تائين جي مارڪيٽن جو چڪر هنيون آهي؟ هنن مارڪيٽن جي پنهنجي رونق آهي ۽ گهمڻ ڦرڻ ۽ شاپنگ ڪرڻ جو پنهنجو نشو آهي. آئون 1964ع کان اڄ تائين، موقعو ملي ٿو ته چڪر هڻان ٿو. هنن مارڪيٽن ۾ دنيا جي هرشئي، اليڪٽرڪ شين کان صابڻ، ٽٿ پيسٽ تائين، ڪارپينٽري، پلمبريءَ کان اليڪٽريشن جي ڪم جا اوزار، ڊرائي فروٽ، کجور، بسڪيٽ ۽ پلاسٽڪ جو سامان.... مطلب هر قسم ملي ٿو.... ريگل سئنيما ۽ فريئر هال ۾ ڪتابن جو نيلام ۽ وڪرو ته هاڻ نه ٿو ٿئي پر اڄ کان اڌ صدي اڳ پراڻن ۽ ولايت جي نون ڪتابن ۽ رسالن جا شوقين ڪوڙي گارڊن پهچندا هئا، جتي جي هڪ سڄي گهٽي ڪتابن جي دڪانن سان ڀريل هوندي هئي. ڪي ڪي دڪاندار ته ڪتاب ۽ رسالا تور تي ڏيندا هئا، جو هو پاڻ به ٻاهران ولايت کان تور جي حساب سان گهرائيندا هئا. انهن ۾ ولايت جون اخبارون ۽ جپان، سنگاپور ۽ يورپ جي ملڪن جون سنهن مضبوط پنن واريون ٿلهيون ٿلهيون ٽيليفون ڊائريڪٽريون به هونديون هيون. انهن ڪتابن، رسالن، اخبارن وغيره جا خريدار نه فقط ادب جا شوقين هوندا هئا، پر پان لاءِ پڙيون ناهڻ لاءِ پني جا ضرورتمند ۽ پنن مان ٿيلهيون ناهي وڪڻڻ وارا پڻ هئا. بعد ۾ جهاز تي Sail ڪرڻ بعد مون جپان ۽ سنگاپور ۾ ڏٺو ته ڪيترا گدام نما دڪانن جا مالڪ پنهنجي پڪ اپ ڪاهي شهرن جي مختلف هنڌن تان اخبارون ۽ رسالا ڏار ڏار ڪري وڏي ٽرڪ ۾ پري بندرگاهه پهچائيندا هئا، جتان اهي جهاز ۾ لوڊ ٿي مختلف ملڪن خاص ڪري انڊيا ۽ پاڪستان ويا ٿي ۽ اسان کي ڪوڙي گارڊن جي ننڍڙن ننڍڙن پيڍين نما دڪانن تي يا فٽ پاٿ تي وڪامندي نظر آيا ٿي.

ڪراچيءَ جي ڪوڙي گارڊن ۾ منهنجو پهريون دفعو امر جليل ۽ قمر شهباز سان گڏ 1964ع ۾ وڃڻ ٿيو هو. سائين نورالدين سرڪي صاحب جي آفيس ريڊيو پاڪستان جي سامهون هوندي هئي، جتي هفتي ۾ هڪ دفعو ادبي گڏجاڻي ٿيندي هئي. هڪ دفعي گڏجاڻي ختم ٿيڻ بعد نسيم کرل، امر جليل ۽ آغا سليم جن ڪتاب خريد ڪرڻ

لاءِ چيو. آئون بہ انهن سان گڏ هلڻ لڳس. بس اسٽاپ تي بس جو انتظار ڪيوسين، پر هر بس فل پئي آئي. اهو حال ڏسي نسيم ڪرل صاحب تہ روڊ ڪراس ڪري پنهنجي رهائش واري هوٽل..... شايد ”زميندار هوٽل“ هئي..... هليو ويو. اسان ڪنهن ريت ڪوڙي گارڊن پهتاسين. واهہ جو مزو آيو. مون ريڊرز ڊائجسٽ ۽ نيشنل جاگرافڪ رسالا خريد ڪيا. تمام سستي اگهہ تي مليا. ان بعد آئون هر هفتي ٻي، اتي پهچي ويندو هوس. جهاز تي نوڪريءَ دوران، جهاز جڏهن ڪراچيءَ ايندو هو تہ جهاز تان ٻي ٽئين ڏينهن ڪلاڪ ڏيڍ لاءِ ڪوڙي گارڊن ايندو هوس ۽ اڄ ڏينهن تائين چڪر هڻان ٿو. 1960ع واري ڏهاڪي جي دڪاندارن جا پوءِ پٽ ويٺا ۽ هاڻ جيتوڻيڪ اتي ڪتابن جو واپار ختم ٿي ويو آهي، پر مان انهن جي پٽن جي پٽن کي بہ سڃاڻان جيڪي هاڻ انهن دڪانن ۾ ڪتابن بدران اوزار، اسٽيشنريءَ جو سامان، عطر، شئمپو ۽ بوٽ ٽا وڪڻن. هڪ ٻہ ڄڻا اڄ بہ ڪتابن جو ڌنڌو ڪري ٿو پر اهي ڪوڙي گارڊن بدران ڊفينس ۽ گلشن اقبال جي آچر مارڪيٽن ۾ اسٽال هڻندي نظر اچن ٿا. انهن مان هڪ حُسين بہ آهي جيڪو پنهنجن پٽن سان ڪتابن جو وڏو اسٽال هڻي ٿو. حُسين جي پيءُ سان منهنجي سٺي عليڪ سليڪ هئي. ڪڏهن هن جي دڪان (پيڊيءَ) تي ويهي چانهہ بہ پيئندو هوس. انهن ڏينهن ۾..... يعني سٺ، ستر، اسي، نوي وارن ڏهاڪن ۾ منهنجي سنڌ جي ٻين شهرن کان آيل ڪيترن ئي اديبن، شاعرن ۽ استادن سان ملاقات ڪوڙي گارڊن ۾ ٿيندي هئي. دادوءَ جا سائين استاد بخاري، تاج صحرائي ۽ علي محمد وڪيل صاحب انهن مان ڪجهہ آهن. هينئر بہ ڊفينس جي سنڍي بازار ۾ حُسين جي دڪان تي منهنجي ٻہ ٽي دفعا عبدالحئي پليجو صاحب سان مُلاقات ٿي ۽ فاطمہ پٽو سان پڻ اتي ئي ملاقات ٿي. هوءَ بہ مطالعي جي وڏي شوقين ٿي لڳي. گوگل نيٽ ورڪ تي منهنجو ساٿس فوٽو هن آچر بازار جو آهي. ڪوڙي گارڊن مان ڪتابن کان علاوه انجنيئرنگ جا اوزار، گهر لاءِ ڪڙا ڪُنڍا يا ٻيو سامان بہ وٺندو رهيو آهيان ۽ اڄ تائين ويندو رهان ٿو. جيتوڻيڪ حد دخليون (انڪروچمينٽ) وڌڻ ڪري ڪار جي پارڪنگ ڏاڍي ڏکي ٿي ملي ۽ غلط پارڪنگ ڪري منهنجي ڪار ٻہ دفعا پوليس ڪٽائي بہ وئي ۽ ڏنڊ ڏئي ڪارادر جي ٿاڻي تان وڃي ورتم. ان کان علاوه هاڻ ڪڏا ڪُٻا ۽ گند ڪچرو ايترو وڌي ويو آهي، جو هلڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ان هوندي بہ سڄي سنڌ تہ ڇا، سڄي پاڪستان جا ماڻهو شاپنگ لاءِ هتي اچن ٿا ـ خاص ڪري هول سيل جي خريداريءَ لاءِ.

دهليءَ جي چانdني چوڪ ۾ انڊيا کان علاوه سڄي دنيا جا ٽوئرسٽ بہ اچن ٿا. ائين سمجهو تہ ڪراچيءَ جو ڪوڙي گارڊن ۽ بولٽن مارڪيٽ وارو علائقو فلم جو ٽريلر آهي، تہ دهليءَ جو چانڊني چوڪ سڄي فلم آهي ـ اهو هر شئي ۾ وڏو مزيدار ۽ سهڻو آهي، جنهن لاءِ انگريز ٽوئرسٽ بہ اڙدوءَ جو مشهور جملو استعمال ڪن ٿا تہ: “Are Janab! Dilli aae aur chandni chowk nahee dekha?”

دنيا جي اها ڪهڙي شئي آهي جيڪا چانڊني چوڪ جي گهٽين ۾ نٿي ملي. ان کان علاوه لال قلعو، جامع مسجد، جين مندر، سکن جا گوردوارا، عيسائين جا گرجا گهر، مختلف حويليون ۽ تاريخي عمارتون..... جن مان ڪي سئو کان ڏيڍ سئو سال پراڻيون آهن، ڏسي دل خوش ٿيو وڃي ۽ جي توهان تاريخ جا شاگرد آهيو تہ پوءِ پڪ ڏسڻ سان توهان تي سحر طاري ٿي ويندو. ان کان علاوه چانڊني چوڪ جي گهٽين ۾ توهان کي هر قسم جو مصالحو ۽ کاڌي جي شئي ملندي. هڪ گهٽيءَ جو تہ نالو ئي ”پراڻن واري گهٽي“ آهي، جتي هر قسم جا پراڻا (اُڦراٽا) ملن ٿا. اهڙين گهٽين مان لنگهندي هڪ طرف کاڌن جي خوشبوءِ اچي ٿي تہ ٻئي طرف ديڳ اڳيان ويٺل ٿلهي بورچيءَ جي چمچي جو آواز..... جيڪو رکي رکي، گراهڪن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ، چمچو ديڳ جي منهن تي هڻي ٿو ۽ پوءِ ان سان برياني يا ٻوڙ ڪڍي هوٽل ۾ ويٺل گراهڪ لاءِ پليٽ ۾ وجهي ٿو.

”سر! شاهجهان جي دور حڪومت..... يعني سترهين صديءَ کان هي چانڊني چوڪ “Shoppers Paradise” سمجهيو وڃي ٿو“. منهنجي ٽئڪسي ڊرائيور ارواديپ سنگهہ چيو. ”شاهجهان جي ڏينهن ۾ هتان هڪ ڪئنال وهيو ٿي، جنهن جي ٻنهي ڪپرن تي وڻ هوندا هئا. رات جو چنڊ جو عڪس هن ڪئنال مان وهندڙ پاڻيءَ ۾ نظر آيو ٿي..... ان ڪري هن جو نالو چانڊني چوڪ پيو“. جيئن ڪراچيءَ جي بولٽن مارڪيٽ يا ڪوڙي گارڊن جي گهٽين جا نالا،

انهن ۾ وڪامڻ وارين شين ڪان مشهور آهن جيئن: بوتل گلي، پيپر مارڪيٽ، ڪجور مارڪيٽ، دوائون والي گلي وغيره. تيئن دهليءَ جي چانڊني چوڪ جون گهٽيون ۽ سوڙهيون بازارون مختلف شين ڪان مشهور آهن. جيئن، نئين سڙڪ، ڪتابن ۽ اسٽيشنريءَ جي دڪانن ڪان مشهور آهي ـ اسڪول ڪاليج جي سيڪنڊ هئنڊ ڪتابن ڪان وٺي، افسانن ۽ ناولن جا ڪتاب، انگريزي، هندي ۽ ٻين ٻولين ۾ پڻ ملن ٿا. دريبا ڪلان (Dariba Kalan) گهڻ ڳڻن (Jewellery) سبب مشهور آهي. سڪ ڊرائيور ٻڌايو تہ هن جون گهٽي ياڳي پئسينجر عورتون هن مارڪيٽ مان زيور خريد ڪرڻ اچن ٿيون، جو هتي شهر ۽ شاپنگ مال جي دڪانن ڪان سستائي آهي. هتي ڪُندن ۽ ميناڪاريءَ جي ڪم وارا ڳهه پڻ ملن ٿا، جيڪي فارينر وڏي شوق سان خريد ڪن ٿا.

چانڊني چوڪ ۾ هڪ "چور بازار" پڻ آهي، جتي هر قسم جا شادي ڪارڊ ملن ٿا. جيئن ڪراچيءَ جي پاڪستان چوڪ تي هر قسم جي ڪارڊن جي ڇپائيءَ جو ڪم ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح هتي هڪ "ڪِناري بازار" بہ آهي، جنهن کي شاديءَ جي خريدارن لاءِ جنت چيو وڃي ٿو. هتي هر قسم جي وڳن جي ڪِنارين جي آرائش جو ڪم ٿئي ٿو ۽ شاديءَ جا هر قسم جا وڳا وڪامن ٿا. اهڙيءَ طرح هتي "باليماران" نالي مارڪيٽ آهي، جتي هر قسم جا بوٽ، سئنڊل ملن ٿا. اهڙيءَ طرح هڪ گهٽي "ڪاري باٺلي" سڏجي ٿي، جتي هر قسم جو مصالحو ملي ٿو. دنيا جو اهو ڪهڙو مصالحو آهي، جيڪو هتي نٿو ملي. مائي، برفي، مکڻ ۽ مختلف قسم جي پنيرن جا دڪان جنهن گهٽيءَ ۾ آهن، اها "فتحپوري مارڪيٽ" سڏجي ٿي. اهڙيءَ طرح هتي هڪ "ڪُوچا چوڌري" نالي مارڪيٽ پڻ آهي، جنهن جي گهٽين ۾ موجود دڪانن تي فوٽو گرافيءَ جو سامان ملي ٿو.... ڪئميرا ۽ ان سان واسطو رکندڙ هر شئي هتي مليو وڃي، جيئن ڪراچيءَ جي صدر پوسٽ آفيس جي پر وارين گهٽين ۾ ڪئميرائن جا دڪان آهن. مون ڪان منهنجا دوست پڇندا آهن تہ اهڙا سنا فوٽو ڪيڙ واري ڪئميرا ڪٿان ورتي اٿم ۽ ضرور مهانگي هوندي؟! آئون ڪين ڪلي چوندو آهيان تہ مون وٽ بہ ساديون ۽ سيڪنڊ هئنڊ ڪئميرائون آهن. هڪ ڪراچيءَ جي صدر مارڪيٽ، پارشين بيڪريءَ وٽ ڪئميرائن جي دڪانن مان بہ هزار رپين ۾ ورتي هيم ۽ ٻي دهليءَ جي چانڊني چوڪ مان اڳئين دفعي ڏيڍ هزار روپين ۾ ورتي هيم. انهن ڏينهن ۾ پاڪستاني روپيو ۽ انڊين روپيو برابر برار هئا ـ يعني ڏيڍ هزار انڊين، ڏيڍ هزار پاڪستاني ئي سمجهو. بس رڳو روشنيءَ جي مقدار ۽ طرف جو خيال رکو هر ڪئميرا سان ايترو چڱيرو فوٽو اچي سگهي ٿو جيڪو سفرنامي سان گڏ "ڪاوش" يا "امت" جهڙي اخبار ۾ اچي سگهي..... باقي جي ڪنهن کي گهوٽ ڪنوار جا يعني شادي هالن ۾ يا سفارتخانن طرفان قومي ڏينهن تي منعقد ٿيندڙ ڊنر پارٽين جا فوٽو ڪيڍڻا آهن تہ پوءِ پلي ڪا اوچي ڪئميرا رکي.

انهي ئي دهليءَ جي چانڊني چوڪ ۾ هڪ ٻن گهٽين ۾ ڪچي ڪپڙي جا دڪان آهن. جيڪي گهٽيون "ڪترانيل مارڪيٽ" سڏجن ٿيون ۽ هر قسم جي رنگ، ڊيزائين ۽ ميٽريل جي شالن لاءِ "موتي بازار" آهي. هتي هر قسم جا موتي (Pearls) بہ ملن ٿا..... شايد انهن جي ڪري ئي هيءَ بازار "موتي بازار" سڏجي ٿي.

چانڊني چوڪ کاڌي جي دڪانن ۽ ريسٽورنٽن جي ڪري بہ مشهور آهي. ان حساب سان ڪراچيءَ جي برنس روڊ کي "مِني چانڊني چوڪ" چئي سگهون ٿا. چانڊني چوڪ ۾ هر قسم جي مٺائيءَ ڪان وٺي پورين، سنبوسن جا دڪان آهن. جامع مسجد جي پرسان هڪ گهٽي پراٺن واري گهٽي سڏجي ٿي، جتي هر قسم جي اڦراٽن ۽ ڪوابن جا دڪان آهن. منهنجي سڪ ٽئڪسي ڊرائيور چيو تہ هتي جا اڦراٽا کائڻ لاءِ ملڪ جون اهم شخصيتون..... ڪرڪيٽ جي رانديگرن ڪان وٺي بالي ووڊ جي اداڪارن تائين، اچن ٿيون. هن ٻڌايو تہ سڀني ڪان مشهور دڪان آهن: ڪنهيا لعل درگا پرساد ڊڪشت، گيا پرساد شِو چرن ۽ بابو لعل ديوي ديال پراٺي وارو. چانڊني چوڪ تي ٻين بہ ڪيترين ئي مٺين ۽ نمڪين شين جا دڪان آهن..... جيئن تہ "نتراج دهي ٻڙا"، "گيان جي ڪا فالودا"، "ڪنور جي ڀاڳيرٿمل دالبي والا"، "دي جليبي والا"، "چاٽ والا"، تيواري برادرز ڪنفيڪشنرس"، "بيڪانير سويٽ شاپ" وغيره. نالن مان سڀ دهلي لکنوءَ جا تہ نہ ٿا لڳن، پر سنڌي، گجراتي، ڪشميري، بنگالي ۽ مرهٽا بہ لڳن ٿا. بيڪانير مٺائيءَ وارو تہ مٿي لکي آيو آهيان تہ راجستاني آهي، جنهن بيڪانير ڪان هڪ ننڍڙي دڪان سان شروعات ڪئي،

اڄ هن جي مناڻيءَ جا اسٽور نہ فقط انڊيا ۾ پر دنيا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ آهن. پر هن پنهنجو هيڊڪوارٽر دهليءَ ۾ ئي رکيو آهي.

پراڻا گليءَ ۾ وڪامندڙ اڦراٽن بابت اهو لکڻ وسري ويو تہ هتي جيڪي بہ اُڦراٽا ملن ٿا، اهي پاڇين وارا ملن ٿا. ملائيشيا يا دبئي جهڙن ملڪن ۾ ملندڙ مشهور چڪن قيما پراٺا يا مرتباڪ (جن ۾ بيضو ۽ بيف ٽئي ٿو) هتي نٿا ملن. جو هتي جي اڪثريت گوشت کان پاسو ٿي ڪري. گوشت کان علاوه هتي نت نين شين جا اُڦراٽا ملندا، جن جي اندر پٽاٽا، پنير، بادام، ڪاجا ۽ ٻيون شيون پريل ٿين. گوشت کان علاوه بصر ۽ ٿوم وجهڻ کان بہ پرهيز ڪئي ويجي ٿي. ڪن ۾ پاپڙ، ڪيلو ۽ چانور جي ڪُرڙ بہ وڌي وجي ٿي جيئن اهو ڪڙڪ (Crispy) رهي. اڦراٽي سان گڏ ڦودني جي چٽني، گدامڙيءَ جي مني چٽني، مڪس آچار، پٽاٽن ۽ پنير جو رس، گهوٽيل مني ڪدوءَ جو سلاد ۽ لسي ڏني وڃي ٿي. گذريل دفعي هڪ بہ دفعا مون مختلف دڪانن جو اڦراٽو کاڌو هو. ٻن چٽن جو بل ڏيڍ سؤ روپين جي لڳ ڀڳ آيو ٿي. پر اهو آهي تہ هتي جو پراڻو 'فل ميل' آهي...... يعني لنچ/ڊنر. آئون نٿو سمجهان تہ اڄ جي مهانگائيءَ واري دور ۾ سکر يا حيدرآباد جهڙن شهرن ۾ بہ ڏيڍ سؤ روپين ۾ بہ جٽا اهڙي سني ۽ سوادي ماني ڪائي سگهندا. لاهور وانگر هتي دهليءَ جو فوڊ ڊپارٽمينٽ بہ ڪاڌي جي هوٽلن ۽ دڪانن تي ڪرڙي نظر رکي ٿو. هونءَ بہ گهٽي پاڳي هندو دوڪاندار، انڊيا ۾، توڙي ولايت ۾، ڪاڌي پيتي جي شين جو معيار بهتر ۽ قائم رکن ٿا. هو گهٽ فائدي ۽ گهڻي گراهڪيءَ واري فلسفي ۾ يقين رکن ٿا..... اهي سڀ اصول اهي آهن، جيڪي چوڏهن سؤ سال اڳ اسلام اسان مسلمانن کي سيکاريا، پر ان تي عمل انڊين ۽ يورپي پياڪن. ان ۾ دل ۾ ڪرڻ جي ڳالهہ نہ آهي، توهان پنهنجي ملڪ ۾ ئي ڏسو تہ حيدرآباد ۾ بامبي بيڪريءَ تي، عمرڪوٽ ۾ ڪرشن حلوائيءَ جي دڪان تي، لاڙڪاڻي ۾ دليپ سوئيٽ تي، ڪراچيءَ ۾ سوني مناڻيءَ واري جي دڪان تي، شڪارپور ۾ ديوان ٺاڪرداس جي دڪان تي، خريدارن جي ڪيڏي رش لڳي رهي ٿي.

دهلي انڊيا جي گاديءَ جو شهر آهي ۽ هر سال آزاديءَ جو ڏينهن چانڊني چوڪ جي سامهون لال قلعي ۾ ملهايو وڃي ٿو جتي هزارين ماڻهو اچيو گڏُ ٿين. چانڊني چوڪ فلمون ناهڻ وارن ۽ ناول نويسن لاءِ بہ ڪشش جو سبب رهيو آهي. جنهن فلم ۾ دهلي ڏيکارڻي آهي، ان ۾ چانڊني چوڪ جا نظارا سمجهو تہ ضروري آهن. ويجهڙائيءَ جون فلمون: "بلئڪ ائنڊ وائيٽ"، "چانڊني چوڪ ٽُ چائنا" ۽ "Delhi 6" چانڊني چوڪ تي فلمايل آهن. ائين تہ هڪ 1954ع جي فلم بہ آهي، جيڪا اسان ننڍي هوندي هالا جي سئنيما "شاهہ ٽاڪيز" ۾ ڏٺيسين. ان جو نالو ئي "چانڊني چوڪ" هو. ان ۾ هيروئن مينا ڪماري هئي ۽ هيرو شيکر هو. جنهن جي ماءُ پراتيما ديوي، پوءِ بہ ڪيترائي سال انڊين فلمن ۾ ايندي رهي.

چانڊني چوڪ بابت ڪيترائي ناول ۽ تاريخي ڪتاب پڙهڻ جي شوقينن لاءِ هڪ ڪتاب جيڪو سوا پنا لڊل (Swapna Liddle) لکيو آهي، پڙهڻ وٽان آهي. ڪتاب جو نالو آهي: "Chandni chowk-The Mughal City of old Delhi" هن ۾ ليکڪ وڏي ريسرچ ڪري تاريخي ڳالهيون لکيون آهن.

چانڊني چوڪ ۾ ڪيترين ئي تاريخي ۽ مذهبي عمارتون اچي وڃن ٿيون. جيئن لال قلعو جامع مسجد، جيڪا 1650ع ۾ ٺهي، جين ڌرم جي ماڻهن جو سري دگمبار جين مندر، جيڪو 1656ع ۾ ٺهيو اَنَ جي پرسان پکين جي اسپتال آهي، ان کي ٺهي بہ نوري سال ٿي ويا آهن. يعني اها 1929ع ۾ انگريزن پنهنجن پکين ۽ جانورن لاءِ ٺهرائي هئي. جيئن ڪراچيءَ ۾ پراڻي ريڊيو پاڪستان جي پرسان ۽ اين جي وي اسڪول جي سامهون انگريزن جي ڏينهن جي "رچمنڊ ڪرافرڊ" نالي جانورن جي اسپتال آهي. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ جرنلسٽ انور پيرزادي جو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر محمد حسن پيرزادو هن اسپتال جو انچارج هوندو هو. بعد ۾ هن سرڪاري نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي پنهنجي پرائيويٽ ڪلينڪ کولي. مزي جي ڳالهہ اها تہ گذريل سال کان هن اسپتال جو انچارج انور پيرزادي جو ڀاٽيجو ڊاڪٽر مسرور پيرزادو آهي. هن جي پڻ ادب سان دلچسپي آهي. هن جا شاعريءَ جا چار مجموعا ڇپجي چڪا آهن: "چانڊني تو سوا نہ ٿيندي"، "سرور"، "منفرد" ۽ "سپنن سوجهي ڪيئون". مسرور

جي والده بهشت خاتون کي انور پڙهايو ۽ هوءَ پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول جي هيڊماسترياڻي ٿي رهي. مٿي بيان ڪيل جين مندر سان گڏ، هتي چانڊني چوڪ ۾، ڌرم پورا واري علائقي ۾ هڪ ٻيو جين مندر پڻ آهي، جنهن جو نالو ”نيا مندر“ آهي ۽ اهو 1807ع جو ٺهيل آهي. جنهن لاءِ زمين اورنگزيب مغل بادشاهه گرانٽ ڪئي هئي. اتي ئي چانڊني چوڪ ۾ هندن جو هڪ پراڻو مندر ”گوري شنڪر مندر“ آهي، جيڪو 1761ع ۾ مرهٽن جي جنرل اپا گانگڌر ٺهرايو هو ۽ هڪ ٻيو مندر ”شريڪ شِوَ نوڳڙهه مندر“ آهي. تڏهن ته چوان ٿو ته دهليءَ جي چانڊني چوڪ ۾ نه فقط هر قسم جي شاپنگ ۽ کاڌي پيتي جون شيون آهن پر جهونيون مذهبي ۽ تاريخي عمارتون به آهن. انهن عبادت گهرن کان علاه عيسائين جو گرجا گهر ”Central Baptist Church“ آهي، جيڪو 1814ع جو ٺهيل آهي.... يعني ان کي به 200 کان مٿي سال ٿي ويا آهن. هڪ سکن جو گر دوارو ”شيش گنج صاحب“ جيڪو 1783ع ۾ سکن جي نائين گروءَ ”گرو تيغ بهادر“ ۽ ان جي ٽن ساٿين جي ياد ۾ ٺهرايو ويو. هنن کي مغل بادشاهه هن هنڌ تي 1675ع ۾ قتل ڪيو هو. هي گردوارو سؤ کن سالن بعد ٺهرايو ويو، جڏهن مغل سلطنت جا آخري بادشاهه ايڏو ڪمزور ٿي ويا جو سک خالصن ٻگهل سنگهه جي ڪمانڊ هيٺ مغلن تي حملو ڪري دهليءَ تي قبضو ڪري ورتو.

مغل شهنشاهه رنگيلي جي ڏينهن جي ”سنهري مسجد“ به هتي آهي. جيڪا 1721ع ۾ روشن دائولا ظفر خان ٺهرائي. ايراني حملي آور نادر شاهه جڏهن 1739ع ۾ دهليءَ تي حملو ڪيو ته هُنَ هِن مسجد جي ڪُڏ تي ڪيترائي ڪلاڪ ويهي، دهليءَ جي ماڻهن جي قتل عام جو نظارو ورتو، جنهن لاءِ هن حڪم ڪيو هو ته دهلي شهر کي ساڙيو وڃي ۽ ماڻهن جو قتل عام ڪيو وڃي. انهن ڏينهن ۾ وڏن شهرن جي به ڪا ايڏي آدمشماري نه هئي. اتي 30 هزار ماڻهن جي قتل بعد، دهليءَ ۾ ڄڻ راڪاس گهمي ويو.

جامع مسجد ۽ سنهري مسجد کان علاوه دهليءَ جي هن چانڊني چوڪ تي هڪ ٽين اهم ۽ تاريخي مسجد ”فتح پوري مسجد“ آهي، هيءَ مسجد مغل بادشاهه شاهجهان جي زالن مان فتحپوري بيگم نالي هڪ زال (جيڪا فتحپور سڪريءَ جي هئي) 1650ع ۾ ٺهرائي. تاج محل پر سان ٺهيل مسجد به هن جي نالي سان آهي. 1857ع واري بلوي/انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ واري لڙائيءَ بعد..... جنهن ۾ به مسلمان نوابن، راجائن ۽ سردارن جي ئي مدد جي ڪري انگريز بچي ويا ۽ پنهنجا پير پختا ڪرڻ لاءِ هڪ ته هنن انهن مسلمانن کي خطابن ۽ زمينن سان ڍائي ڇڏيو. ساڳي وقت باقي مسلمانن ۽ انهن جي مسجدن ۽ حويلين کي ڍاهي رکيو. جهڙي تهڙي نالي جي مغل بادشاهه بهادر شاهه ظفر جي خاندان کي ته هن اڳيان قتل ڪري، کيس رنگون (برما) قيدي بڻائي موڪلي ڇڏيو پر ان وقت جي دهليءَ (اڄ واري پراڻي دهلي) ۾ رهندڙ مسلمانن کي دهليءَ مان ڀڄائي ڪڍيو ۽ سندن مسجدن کي به ڍاهي رکيو. پڙهندڙ ان مان اندازو لڳائين ته ان وقت جي مسلمان حاڪمن ۽ عوام جي اڄ يورپ جي ملڪن ۾ رهندڙ اسان جي مسلمان مزورن ۽ پورهيتن کان به وڌيڪ ڪسمپرسيءَ واري حالت هئي. اڄ ڪو يورپي انگلئنڊ، فرانس يا سئيڊن ۾ اسلام جي خلاف فقط ڳالهائي ٿو ته اتي رهندڙ مسلمان ايڏو ته احتجاج ڪن ٿا جو اتي جون حڪومتون يڪدم نوٽس وٺي پنهنجي ماڻهن جي غلط حرڪت کي نِندين ٿيون ۽ کين سزائون ڏين ٿيون. پر اسانجي ”ساري جهان سي اڇا هندوستان همارا“ جو انهن ڏينهن جو حال ڏسو ته سڀ مسلمان چُپڙي ڪري ويٺا رهيا. دهليءَ ۾ مسلمانن جي بي حرمتي پئي ٿي، مسجدون پئي سڙيون، پر انگريز جو اهڙو ڏهڪاءُ هو جو نه سنڌ ۾، نه ڪشمير ۾، نه سرحد ۾، نه بلوچستان ۾، نه بنگال، نه ڪڇ گجرات ۾ مسلمانن انگريزن خلاف سگهه ساري ڪو احتجاج ڪيو هجي. ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ مولويءَ يا مدرسي جي ڪتابين ڪو آواز اٿاريو هجي ته اها ٻي ڳالهه آهي..... بلڪ شرم جي اها ڳالهه آهي ته انگريزن اڳيان سرخرو ٿيڻ ۽ هنن کان مالي فائدا ۽ لقب خطاب حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي ڪيترن مسلمانن، پيرن، سردارن ۽ گادي نشينن پنهنجا مريد ۽ پنهنجي قوم جا جَٿا دهليءَ موڪلي، اتي جي مسلمانن جي قتل عام ۾ مدد ڪئي. هتي ڪنهن جو نالو نٿو ڪڻان، ضرور انهن بابت (جن جو اولاد اڄ ڪلهه اسان جي ملڪ جي سياست ۾ يا پيري مريدي ۾ اهم سمجهيو وڃي ٿو) توهان مان ڪيترن پڙهيو ۽ ٻڌو هوندو. تازو ملتان جي هڪ پير بابت حامد مير ”جنگ“ اخبار ۾ وڏو ڪالم ڏنو هو جنهن کي پڙهي شرم ٿو اچي ته پئسي ۽ پاور جي لالچ ۾ اسان جي مسلمانن

ڇا ڇا نہ پنهنجن ئي ماڻهن تي ظلم ڪيا. ان وقت جا حاڪم عياشين ۾ حرمن وڏائڻ ۾ مشغول نہ هجن ها ۽ اسان جا ان وقت جا پير، گادي نشين، سردار نواب وغير انگريزن سان ٻٽ نہ ٿين ها تہ ڇا انگريزن جي ڪا همت هئي تہ ايترو پري ڪان اچي ننڍي کنڊ تي حڪومت ڪن ها؟ پر اسانجي عوام جا ڏاها اهو بہ چون ٿا تہ چڱو جو انگريز آيا جن تعليم، صحت، امن امان، انصاف، روڊ رستن، ريلوي ۽ اريگيشن جهڙين شين تي ڌيان ڏئي ڪجهہ عوام لاءِ بہ سهولت ۽ خوشحالي پيدا ڪئي نہ تہ اسانجي مسلمان حاڪمن، سردارن، گادي نشينن، نوابن، راجائن تہ پيينگ ڪري ڇڏي هئي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جي حاڪمن کي بہ ساڳين پيرن تي هلندو ڏسي عوام انگريزن جا ڏينهن ياد ٿو ڪري..... نہ تہ سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ ڌارين ۽ غير مسلمان انگريزن کان تہ اسانجا پنهنجا، مسلمان هم زبان اسان لاءِ پيارا هئڻ کپن.

بهرحال انگريزن 1857ع جي بلوي بعد هڪ وڏي مسجد ”اڪبر آبادي مسجد“..... جيڪا اڪبر آبادي بيگم (شاهجهان جي زالن مان هڪ زال) 1650ع ۾ ٺهرائي هئي، ڍهرائي پٽ ڪري ڇڏرائي. چون ٿا تہ اها مسجد ان هنڌ تي آهي جتي اڄ ڪلهہ نيتاجي سڀاس پارڪ آهي. شاهجهان جي هن زال اڪبر آبادي بيگم هن مسجد جي ويجهڙائيءَ ۾ رهي قرآن شريف جو اڙدوءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. انگريزن کي اهو ئي لڳو تہ هن مسجد ۾ ويهي باغين هنن خلاف هنگامو ڪرڻ جو سٽل ٺاهيو آهي.

دهلي جي ٻي مشهور مسجد ”فتحپوري مسجد“ جنهن جي پاڻ ڳالهہ پيا ڪريون، اها انگريزن راءِ لالا چونامل کي 19000 روپين ۾ نيلام ڪئي. هونءَ يورپ يا آمريڪا ۾ عيسائين جا عبادت گهر.... گردوارا، اتي جي ماڻهن جي ذاتي ملڪيت هجڻ ڪري وڪامندا ضرور آهن پر اسان وٽ مسجدون خدا جو گهر سمجهيون وڃن ٿيون ۽ اهي ڪنهن جي بہ ذاتي ملڪيت نہ هونديون آهن. بعد ۾ ويهن سالن بعد 1877ع ۾ جڏهن انگريزن مسلمانن کي دهليءَ ۾ رهڻ ڏنو تہ هنن راءِ لالا چونامل کي چار ڳوٺ ڏئي، اها مسجد واپس ورتي ۽ مسلمانن کي ان ۾ عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏني. چونامل جا پوياں اڄ بہ دهليءَ جي چانڊني چوڪ ۾ هنن جي پراڻي حويلي ”چونامل حويليءَ“ ۾ رهن ٿا. گذريل 42 سالن کان مفتي مڪرم احمد هن مسجد جو امام ۽ چيف مفتي آهي. ان کان اڳ 1971ع ۾ سندس وفات تائين مفتي محمد احمد هن مسجد جو امام ۽ مفتي اعظم هو. هاڻوڪو مفتي يعني مولوي مڪرم احمد بہ عربي، اڙدو، فارسي، انگريزي ۽ هنديءَ جو ڄاڻو آهي. هو سني مسلمانن جا هر قسم جا مسئلا.... چنڊ جي نظر اچڻ ۽ عيد ملهائڻ تائين، حل ڪري ٿو. هو خانقاهي عاليہ جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ سندس مرشد طريقت سلسلہ نقش بندي، چشتيا، قادريا ۽ سهروديا سان واسطو آهي. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ پڻ آهي.

شاهجهان جي هن زال فتح پوري بيگم جي ڳوٺ فتحپور سڪريءَ لاءِ لکندو هلان تہ هي شهر آگري ضلعي ۾ آهي. جيڪو 1569ع ۾ مغل شهنشاهہ اڪبر ٻڌرايو هو ۽ 1571ع کان 1585ع تائين مغل سلطنت جو گاديءَ وارو شهر رهيو. ان بعد هنن پنهنجي گادي لاهور شفٽ ڪئي، جنهن کي 1598ع تائين گاديءَ جو شهر رکڻ بعد هو وري واپس آگري آيا. مون کي پهريون دفعو فتحپور سڪري شهر ڏسڻ جو موقعو 1960ع ۾ مليو جڏهن اسان مئٽرڪ جا شاگرد ڪراچيءَ کان چٽگانگ سي اسڪائوٽن جي جهمبوريءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ترين ذريعي ويا هئاسين. ڪراچيءَ کان لاهور ۽ لاهور کان پوءِ ڪلڪتي، جنهن وچ ۾ هڪ ڏينهن رات آگري ترسيا هئاسين ۽ هڪ رات ڪلڪتي. ان بعد بارڊر ڪراس ڪري ڍاڪا پهتاسين، جتان اسٽيمر ذريعي چٽگانگ آياسين. ان وقت آگري ۾ تاج محل ۽ فتحپور سڪريءَ جون تاريخي عمارتون ڏٺيونسين. سفر ۾ مون سان گڏ منهنجي ڳوٺ جو ڪمانڊر نجم انصاري، ڊاڪٽر فهميده حسين جو پياءُ مرحوم مصباح الحق، لاڙڪاڻي جي سفير عبدالفتاح جو پٽ ۽ آمريڪا ۾ رهندڙ هڪ سخي انسان علي نواز جو پياءُ مرحوم علي رضا ميمڻ ۽ ٻيا ڪلاس ميٽ هئا.

پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ اهو بہ لکندو هلان تہ چانڊني چوڪ، جيڪو پراڻو دهليءَ جو حصو آهي، هندن توڙي مسلمانن جي حويلين جو ڳڙهہ آهي. جتي اڄ بہ اهي سؤ بہ سؤ سال اڳ جون حويليون موجود آهن. جن مان ڪجهہ ۾ انهن اصلي مالڪن جو اولاد رهي ٿو. ڪي هندوستان جي ورهاڱي بعد ٻين جي قبضي ۾ اچي ويون. جن

هنن کي وڪٽي ڇڏيو يا فليٽ ۽ دڪان ٺهرائي پئسو ڪمايو. انهن مان ڪيترين جو ڪجهه حصو اهو پراڻو ڇڏيو ويو آهي، جيئن هتي چانڊني چوڪ تي سير ڪندڙ ملڪي يا ڌاريو ٽوئرسٽ..... خاص ڪري اهو جنهن کي تاريخ سان دلچسپي آهي، اندازو لڳائي سگهي ٿو ته هنن حويلين ۾ ڪهڙا ماڻهو رهيا ٿي.... مثال طور هڪ حويلي چانڊني چوڪ جي درياهه گنج واري علائقي جي ڪچا سعد الله خان محلي ۾ آهي، جتي اسانجي ملڪ جي سابق صدر جنرل پرويز مشرف 11 آگسٽ 1943ع تي جنم ورتو هو. هن جو ڏاڏو قاضي محتشم الدين دهليءَ جو هو جيڪو برٽش انڊيا حڪومت ۾ ڊپٽي ڪيلڪٽر روينيو رٽائرڊ ٿيڻ بعد، پنجاب جو ڪمشنر ٿيو. انهن ڏينهن ۾ هن اها حويلي خريد ڪئي هئي. هن حويليءَ بابت تفصيلي احوال آئون انڊيا جي پهرين سفرنامي ”دهليءَ جو درشن“ ۾ ڏئي چڪو آهيان، جڏهن پنهنجي اوڏ دوستن نول راءِ ۽ ڊاڪٽر رامچند جي پٽن جي شادين ۾ شرڪت لاءِ آئون به مهينا ڪن دهلي ۽ احمد آباد بڙودا اچي رهيو هوس.

- چانڊني چوڪ ۾ هڪ ٻي حويلي جيڪا اسان جي ملڪ جا شاعر ۽ اديب ٽوئرسٽ ضرور ڏسڻ چاهيندا، اها ”حويلي مرزا غالب“ آهي، جيڪا گلي قاسم جان ۾ آهي. اها گهٽي هاڻ ”گلي باليمرن“ سڏجي ٿي.
- زينت محل جي حويلي لال ڪونئان بازار ۾ آهي، جيڪا بازار، چانڊني چوڪ جي بلڪل مرڪز ۾ آهي ۽ ڇئن ايڪڙن تي آهي. اها 1846ع ۾ آخري مغل شهنشاهه بهادر شاهه ظفر جي ٽين ۽ دلپسند راڻي زينت محل ٺهرائي هئي. 1857ع واري بلوي بعد هوءَ پنهنجي مڙس (بادشاهه) سان رنگون ۾ قيد رهي. 1886ع ۾ جڏهن زينت محل رنگون ۾ وفات ڪئي ته هن جي نالي واري هيءَ حويلي پٽيالا جي بادشاهه حوالي ٿي چڪي هئي. هندوستان جي ورهاڱي بعد پاڪستان لڏي ويڻ تي هن هيءَ حويلي انڊيا جي حڪومت کي وڪرو ڪري ڇڏي.
- ”هڪسار حويلي“ جيڪا چانڊني چوڪ جي سيتا رام بازار ۾ آهي، هيءَ اها حويلي آهي، جتي جواهر لعل نهروءَ جي 1916ع ۾ اندرا گانڌيءَ جي ماءُ ڪملا نهروءَ سان شادي ٿي هئي.
- ”حويلي بنارسي پاون“ جيڪا مسجد فضور ۽ ميرو جين مندر پرسان آهي.
- ”حويلي ڌرم پورا“ جيڪا چانڊني چوڪ جي گلين گليءَ ۾ آهي.
- ”خزانچي حويلي“ جيڪا خزانچي گليءَ ۾ آهي. هن گهٽيءَ ۾ مغل بادشاهه شاهجهان جا خزانچي رهيا ٿي. جن هن خزانچي حويليءَ کان لال قلعي تائين هڪ سرنگهه (Tunnel) کوٽرائي ڇڏي هئي. جيئن قلعي تائين پئسي ڏوڪڙ جي ٽرانسفر آسانيءَ سان ٿي سگهي.
- چانڊني چوڪ جي ڪناري بازار ۾ ته 18 صديءَ جي جين ڌرم جي واپارين جون هڪ ٻئي جي پرسان نو حويليون آهن.

انهن مٿين حويلين مان ڪيتريون ته منهنجيون پهرين جون ڏٺل هيون. ڪجهه ان ڏينهن هن سک ٽئڪسي ڊرائيور ارواديپ سان چانڊني چوڪ مان لنگهندي پاهران پاهران ڏسڻ جو موقعو مليو. هڪ آڳاٽي عمارت اڳيان لنگهندي (جنهن جي هينان دڪان ۽ ريسٽورنٽون ۽ انهن ۾ ايندڙ ماڻهن جي پيهه پيهان هئي) منهنجي ٽئڪسي ڊرائيور ٻڌايو ته اها مئڊم سمرو جي حويلي آهي.

”اڇا! ترس ته فوٽو ڪيدان“. مون ترسايو مانس.

”توهان هن بابت ٻڌو آهي ته هيءَ انڊيا جي (اڪيلي) رومن ڪئٿولڪ راڻي ٿي گذري آهي؟!“ هن پڇيو.

”هوءَ انڊيا ۾ آسٽريا کان آيل مسواڙي قاتل والٽر (Walter Reinhardt) جي زال جونا ( Jonna Nobilis Sombre) هئي، پر هوءَ بيگم سمرو جي نالي سان وڌيڪ مشهور هئي“. مون ٻڌايو مانس.

”هن جو سارڌنا ۾ ٺهرايل گرجا گهر اتر انڊيا جي سوين گرجا گهرن کان وڏي ۾ وڏو ۽ خوب صورت ترين آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ دنيا جا ٽوئرسٽ اچن ٿا. هوءَ مرڻ گهڙيءَ (1836ع) تائين سارڌنا سلطنت (Principally) جي حاڪم رهي ۽ هن پنهنجي بهترين انتظاميا، رعب تاب، امن امان ۽ انصاف سان پنهنجي علائقي ۾ خوش حالي پيدا ڪئي. ماڻهو ڪيس اڄ به ياد ڪن ٿا. هي رومن ڪئٿولڪ چرچ جيڪو “Basilica, the church of our lady

Graces” سڏجي ٿو. هن راڻيءَ جو بهترين يادگار مڃيو وڃي ٿو. اهو هن 1822ع ۾ ٺهرايو هو. توهان جي دل چوي ته آئون توهان کي ڪنهن ڏينهن سارڌنا وٺي هلان..... ڪلاڪ ڏيڍ جي پنڌ تي ته آهي“. سڪ ٽئڪسي ڊرائيور مون کان پڇيو.

مون کيس ٻڌايو: ”آئون اڳئين دفعي جڏهن دهليءَ آيو هوس ته سارڌنا ويو هوس، جتي هڪ آڳاٽو مهاديو مندر به آهي، جنهن لاءِ چون ٿا ته مهاڀارت دؤر جو آهي. چون ٿا ته لڪشا ڳرهه جي بدنام محلات ۾ وڃڻ کان اڳ پانڊوئن هتي پرارٿنا ڪئي هئي“.

دراصل دهلي ۾ ميرٺ ائين آهن، جيئن اسلام آباد ۾ راولپنڊي. راولپنڊي پنجاب جو شهر بلڪ ضلعو آهي ۽ اسلام آباد ان جي ٻارڊر تي آهي. اهڙيءَ طرح ميرٺ يوپيءَ (اتر پرديش) جي 75 ضلعن مان هڪ آهي، جيڪو دهليءَ جي ٻارڊر سان مليو پيو آهي. اتر پرديش جي ڪيترن ئي ضلعن کان اسان جا ماڻهو واقف آهن، جو اتي جا اسان وٽ لڏي آيل مسلمان، سڀ کان گهڻو پڙهيل ڳڙهيل ۽ شاعر اديب آهن. اتر پرديش انڊيا جي سڀ کان ڳتيل رياست آهي، جنهن جي آدمشماري به سؤ ملين يعني 20 ڪروڙ آهي. يعني اسانجي سڄي پاڪستان جيڏي! هن رياست جا ڪجھ ضلعا جيڪي هن وقت منهنجي ذهن ۾ آهن ۽ جن مان ڪن ۾ منهنجو مختلف سفرن ۾ وڃڻ يا گذريو ٿيو آهي، هن ريت آهن: بنارس، لکنو بانس بريلي، راءِ بريلي، آگرو، علي ڳڙهه، قنوج، متراء، جهانسي، الهه آباد، گورکپور ۽ ميرٺ وغيره. مٿين رومن ڪئٿولڪ راڻي، جنهن لاءِ سڪ ڊرائيور ٻڌائي رهيو هو ته هن سارڌنا ۾ خوبصورت گرجا گهر ٺهرايو اهو شهر سارڌنا ميرٺ ضلعي جو شهر آهي ۽ ميرٺ کان تيرهن ميلن جي فاصلي تي آهي. هونءَ اهو شهر سارڌنا هن رومن ڪئٿولڪ گرجا گهر ۽ مهاديو مندر کان علاوه ڪپڙي جي ڪارخانن جي ڪري به مشهور آهي. جپان جا سڪ ۽ سنڌي هندو واپاري هميشه پنهنجي دڪان جي ڪپڙي لاءِ وڏي ساک سان چوندا هئا ته هنن وٽ سارڌانا جي فئڪٽرين جو ڪپڙو آهي، جيئن اسان وٽ ”گل احمد“ ۽ ”نشاط“ ڪپڙي مِلين جو وڏيڪ نالو ورتو وڃي ٿو.

دهليءَ کان ميرٺ 70 ڪن ڪلوميٽر پري آهي ۽ انهن شهرن وچ ۾ روازانو 20 ريل گاڏيون هلن ٿيون، جيڪي به ڪلاڪ ڪن وٺن ٿيون. آئون ته جنهن ٽرين ۾.... شايد ”هردوار ايڪسپريس“ هئي يا ”اتر انچل ايڪسپريس“ چڙهيس، ان ڏيڍ ڪلاڪ ۾ پهچايو هو ۽ واپسيءَ تي ريڊ بس ذريعي موٽيو هوس ته ان به ايترو ئي وقت ورتو هو. جنهن جي ٽڪيٽ 130 روپيا هئي..... بلڪ بعد ۾ ٽرين ۾ ماڻهن ٻڌايو ته منهنجي عمر 60 سال کان مٿي هجڻ ڪري مون کي ڊسڪائونٽ تي 80 روپئي وٺڻ کپندي هئي. جيڪي ملائيشيا وڃن ٿا انهن کي به اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ کپي ته اتي به ڪيترن شهرن جي ڪيترين ٽرينن ۽ بسن تي پوڙهن (Old Age وارن) لاءِ ڊسڪائونٽ آهي. جنهن لاءِ توهان کي خود ٽڪيٽ ڪائونٽر تان پڇڻو پوندو. ٽڪيٽ وڪڻندڙ چوڪرين کي نه ايترو وقت آهي ۽ نه ايڏي همت جو توهان کان پڇنديون وتين ته جوان آهيون يا ڪراڙا؟ ۽ ڪيترا ته ستر کان مٿي وارا به پاڻ بابت پوڙهو ٻڌائڻ واري بيعزتي برداشت ڪرڻ بدران اڌ رنگت وڌيڪ ڏئي پاڻ کي جوان هجڻ جي ڇاپ لڳرائين ٿا.

”بيگم سمرو جي وفات به سارڌانا ۾ ٿي ۽ هوءَ سندس ٺهرايل گرجا گهر ۾ ئي دفن آهي“. سڪ ٽئڪسي ڊرائيور چيو.

”ها. مونکي ياد آهي، هن جي قبر تي لڳل ڪتبي تي لکيل هو ته:

Begum Samru (Sombre) born on 1753 & died on 27 January 1836 at the age of 90 and was buried under this “church – the Basilica of our lady of Graces”, which she built”.

هتي اهو به لکندو هلان ته ناولن جا شوقين، هن سارڌنا جي رومن ڪئٿولڪ مذهب سان واسطو رکندڙ هڪ ڪامياب حاڪم زادي مئڊم سمرو بابت، رابرٽ برائيٽ ويل جي مشهور انگريزي ناول “Flashman and the

cobra” مان آئيڊيا وٺي سگهن ٿا. جنهن ۾ ليکڪ هن راڻيءَ جو ڪردار پيش ڪيو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ان تي ڪا هالي ووڊ يا بالي ووڊ ۾ فلم به ٺهي هجي.

هي سڀ ڪجهه لکڻ بعد هاڻ مان ٿورو پڙهندڙن سان مخاطب ٿي اندر جي ڳالهه ڪرڻ چاهيان ٿو. ان ڏينهن دهليءَ جي ڪناٽ پليس وٽ ٽئڪسي ڊرائيور سان جيڪو چار پنج ڪلاڪ رلندو رهيس، ان جو احوال شايد آئون به صفحا به نه لکان ها ۽ نه اهو ضروري آ ته ڪو سفرنامو لکندڙ پنهنجي روزمره جي ڊائري پيو لکي. پر ڪي ڪي ڳالهيون اهڙيون در پيش اچن ٿيون. جيڪي دماغ کي ڪِلڪ ڪن ٿيون ۽ ليکڪ ۾ ان بابت لکڻ جي Inspiration ۽ اتساهه پيدا ڪن ٿيون. ان ڏينهن چانڊني چوڪ ۾ بيگم سمرو جي حويليءَ وٽان لنگهه نه ٿئي ها ۽ هن جو نالو نه ورتو وڃي ها ته آئون شام ڏاري به سموسا يا آلو پراٺو کائي، مٿان کير جو گلاس پي هوٽل ۾ اچي سمهي رهان ها ۽ گذريل ڏينهن جو گهمڻ ڦرڻ وساري، نئين ڏينهن تي ڪنهن نئين هنڌ گهمڻ لاءِ نڪري پوان ها. پر پوءِ بيگم سمرو تان ڌيان ۾ آيو ته ان عورت تي ضرور ڪجهه لکندس جيئن پڙهندڙن کي ان بابت ڄاڻ ٿئي ۽ اهو به ته هنن کي هن عورت جي شروع ڪان ڪهاڻي بڏڻ دلچسپ لڳندي. پوءِ جو لکڻ وينس ته 300 کن صفحا گذري ويا آهن.... ٻيون ڳالهيون ڪندي، هن دلچسپ عورت جي ڪهاڻي اجان نه شروع ڪري سگهيو آهيان ۽ اها ڳالهه جيڪا مون ڏهن صفحن جي مضمون ۾ مڪمل ڪرڻ ٿي چاهي، ان پنيان سڄو ڪتاب ٿي ويو آهي. اها ڪا نئين ڳالهه ناهي. ليکڪ سان ائين به ٿيندو آهي. سنڌ، ممبئي، ڪراچي يا اوساڪا يونيورسٽيءَ ۾ جتي مونکي مئرين انجنيئرنگ بدران ادب تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ گهرائيندا آهن ۽ جڏهن ڪو شاگرد اهو پڇندو آهي ته: ”سر! توهان کي هڪ سفرنامو لکڻ ۾ ڪيترا ڏينهن يا مهينا لڳندا آهن؟“..... ته آئون منجهي پوندو آهيان ته ڇا جواب ڏيان!

ڪڏهن ڪڏهن ته سمنڊ تي..... جڏهن سمنڊ به ماٺو ۽ رومانٽڪ هوندو آهي ۽ جهاز جي انجڻ به گڙ ٻڙ ناهي ڪندي، Sprits بلند هوندا آهن. نه ڪو بندرگاهه ويجهو هوندو آهي. جنهن جي تي وي ڏسي وقت پاس ڪجي ۽ نه وري پڙهڻ لاءِ ڪو ڪتاب يا رسالو بچيل هوندو آهي ته پوءِ گذريل بندرگاهن ۾ گذاريل ڏينهن جون ڳالهيون ٻن مهينن ۾ به لکي وٺندو آهيان. پر ڪن ڪن ملڪن جا سفرناما جيئن ايران، انڊيا، سعودي عرب جا اهڙا Sensitive ٿين ٿا، جو انهن ملڪن بابت ڪيترا مهينا پڙهي پوءِ گهمڻ نڪرندو آهيان..... تڏهن به ڇهه ڇهه مهينا لڳيو وڃن. انهن ڇهن مهينن ۾ نه صرف ڪيترائي ڪتاب ۽ مضمون refer ڪرڻا پوندا آهن، پر اتي جي عالمن، مولوين مفتين، پنڊتن ۽ برهمڻ مهاراجائن کان معلومات به وٺڻي پوندي آهي، ته جيڪي ڪجهه آئون لکان پيو (اها ٻوڙي جو ڪٽي منهنجي ذاتي آبزرويشن آهي ۽ اها ڳالهه ڪٽي گهڻي صحيح به نه هجي) ڪنهن جي دل آزاريءَ جو سبب ته نه بڻبي.

هڪ ٻي ڳالهه....... اهو ڪو ضروري ناهي ته سفرنامو لکڻ لاءِ ڪنهن ملڪ يا شهر ۾ وڌو عرصو رهجي. لنڊن ۾ ڏهه دفعا وڃڻ ٿيو هوندو. پر اجان تائين اتي جو سفرنامو لکڻ لاءِ پيو ترسان. اهڙيءَ طرح دبئي، دمام، دئرين (چين)، سيول (ڪوريا) ۽ ٻيا شهر آهن. جپان چين ڏي ويندي هر دفعي هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور ترسڻو پوندو هو پر ڏهه سال ٿي ويا، هانگ ڪانگ تي ته لکندو رهيس پر سنگاپور تي هرگز نه....... پوءِ جڏهن جهاز جي نوڪري ڇڏي ملائيشيا ۾ ڪناري جي نوڪري اچي ڪيم ته هڪ ڏينهن ٻن ٽن دوستن سان گڏ ملاڪا (ملائيشيا جو شهر جنهن ۾ نوڪري ڪري رهيو هوس) کان باءِ روڊ ٽئڪسيءَ ۾ سنگاپور اچڻ ٿيو جتي 24 ڪلاڪ به ڪي مس رهي، ٻئي ڏينهن ملاڪا موٽي آياسين پر ان سفر ۽ گذريل دفعن جي سفرن جي ايترين ته ڳالهين ڪلڪ ڪيو جو سڄو ڪتاب ”سنگاپور ويندي ويندي“ لکي ورتم. سو دهليءَ جي ان ڇئن پنجن ڪلاڪن جي ڳالهين هي سڄو ڪتاب لکڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. جيتوڻيڪ دهليءَ ۾ هڪ هفتو اڳ کان رهيل هوس ۽ هيڏانهن هوڏانهن رلي رهيو هوس. هان انهن ڏينهن جون ڳالهيون خبر ناهي ڪڏهن موڊ ٿئي ۽ ڪڏهن ڇپجن.....؟!

بهرحال هاڻ آخر ۾ وري اچون بيگم سمرو جي دلچسپ ڪهاڻيءَ تي، جنهن تي جيترو غور ٿو ڪجي، اوترو حيرت تي ٿئي ته قدرت ڪنهن کي ڪٿان ڪٿي ڪٿي تي پهچائي. ڪنهن لک جي مالڪ کي ڪک جو مالڪ بڻايو ڇڏي. جيئن انگريزيءَ ۾ چوندا آهن ته ”From Rags to Riches“. اسانجي جهازن تي اسان جهڙو هڪ

معمولي مئرين انجنيئر هو. حڪومتن جي وارن ڦيرن ۾ سنڌس مائٽن جي سياسي اثر رسوخ ۾ طاقت ذريعي هو اسانجو ڊائريڪٽر ٿي ويو. يعني سمجهو ته ڪو سيڪشن آفيسر...... سال ڏيڍ اندر ان ڊپارٽمينٽ جو ڊائريڪٽ سيڪريٽري ٿي ويو. اسان جو چرچائي انجنيئر دوست عبدالصمد ڪاليا چوندو هو: "بابا! هاڻ ته هر جونيئر انجنيئر ڪان به ڊپ ٿو لڳي ته سڀاڻي هو اسانجو ڊائريڪٽر ٿي اسان جون موڪلون به نه ڪئنسل ڪري ڇڏي".

ڪيترا ته نندڙا مستري انجنيئرنگ جي اعليٰ شين جا ايجاد گار ٿي, وڏا امير بڻجي ويندا آهن. ڪيترا ته اهڙا به ڏٺاسين جيڪي بنيادي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ به ناڪام ويا پر هو ملڪ جا صدر ۽ وزير اعظم ٿي ويا. پنهنجي پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج جا ٿو ڏسان ته ڪيترا جيڪي مئٽرڪ ۽ انٽر به ڪا مس ڪري سگهيا, اهي ٻين هوشيار ڪئڊٽن کان اڳ خوشحال ۽ ڪامياب بزنيس مين, اڱريڪلچرسٽ, سياستدان, ٽي وي آرٽسٽ ٿي ويا. مون اهو به ڏٺو ته پاڪستان نيويءَ جو هڪ معمولي سي مئن, محنت, سخت پورهئي ۽ شوق ۽ جذبي ذريعي مرچنٽ نيويءَ جي نه رڳو جهاز جو ڪئپٽن ٿي ويو پر ان وقت جي وڏي ۾ وڏي جهاز سفينه حجاج جو..... ۽ بعد ۾ هو اسانجي مئرين اڪيڊمي, چٽگانگ جو نيويگيشن آفيسر ٿي ويو. سنڌس پڙهائڻ جي طريقي, سخت ڊسيپلين, اسان ڪئڊٽن جي خيال رکڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ سبب اڄ به هن کي دعائون ڏيندا رهون ٿا. اسان انهن لاءِ يا ٻين لاءِ چئون ٿا ته هو ميٽر ريڊر ۽ هوٽل جي بئري مان فيڊرل وزير ٿي ويا. پر يا وري انهن سيني ۾ هڪ فئڪٽر ڪامن نظر اچي ٿو ته هنن ۾ ڪجهه ته هو جو ايڏو ڪامياب ٿيا...... لڳي ٿو ته هنن جي قسمت به سٺي هوندي, قدرت جي به رضا هوندي ۽ هنن ۾ ضرورت قابليت ۾ قدرت طرفان هنن ۾ اهڙيون ڳالهيون هونديون ۽ اهڙيون حالتون پيدا ٿيون هونديون, جو هو اها ترقي حاصل ڪري سگهيا هوندا.

بيگم سمرو يعني آسٽريا جي يورپي گوري والپر رينهارٽ سومبر جي هيءَ زال مسز جونا نوبيلس سومبر جيڪا سرڌانا سلطنت جي حاڪم ٿي, ڪشمير جي اندين ڇوڪري هئي. نه فقط ايترو پر هوءَ چانڊي چوڪ جي هڪ مشهور ڪوٺي تي ناچڻي هئي, جتي دهليءَ جا امير ۽ ڪجهه گورا به ايندا هئا. هن جو اصل نالو جيڪو سنڌس گراهڪن ۾ مشهور هو..... "فرزانا" هو. ان ڪان علاوه هوءَ "زيب النساءِ" به سڏي وڃي ٿي. بنا ڪنهن شڪ جي هن لاءِ هر ڪو اهو ٿي لکي ٿو ته هوءَ بيحد گوري رنگ ۽ لسي چمڙيءَ واري هڪ بيحد خوبصورت ڇوڪري هئي. قد جي ساڍا چار فوٽ هئي پر هن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي نخريلي ادائن, وڏن سردارن ۽ راجائن کي به مات ٿي ڪيو.

1767ع ۾ جڏهن هوءَ چوڏهن سالن جي هئي ته يورپ جي ملڪ لگزمبرگ ڪان والٽر رائينهارٽ نالي هڪ مسواڙي قاتل سولجر (mercenary) دهليءَ ۾ آيو. هتي انهن مرسينرين (ڪرائي جي قاتلن) بابت لکندو هلان ته يورپ جا ڪيترا بيروزگار, لچ لفنگا انڊيا ڪان اچي نڪتا ٿي, جتي ٻن سردارن, نوابن يا ٻن ڌرين جي وچ ۾ ٽڪي, هڪ جو پاسو ڪٽي, ٻئي سان پنهنجن ماڊرن بندوقن ۽ سکيا ڏنل مڪاني سپاهين سان گڏ لڙائي ڪري, پنهنجي مالڪ کي ڪترايو ٿي ۽ ان جي عيوض ڪٽڻ واري ڌر پنهنجي حيثيت مطابق, هنن کي مال ڀاڻي توڙي زمين يا ڳوٺن جا ڳوٺ معاوضي طور ڏنا ٿي. جيئن اسان وٽ ڪيترن ئي مسواڙي قاتل افغانين ۽ برمين جو ٻڌجي ٿو جيڪي ويهه ٽيهه هزار روپيين ۾ ڪنهن جو به خون ڪندي ويرم نٿا ڪن. بس هنن کي پئسو ملڻ کپي, ماڻهو ڪٽي ڪير به هجي. هنن غير قانوني آيل ڌوهارين لاءِ ته سڄي ملڪ جا ماڻهو مري وڃن ته اجهان سنو جيئن هو ملڪ تي قبضو ڪري ويهن.

اهو ئي حال انگريزن ۽ يورپين جو هو. هندوستان جا شهنشاهه, نواب, مهاراجا پيءُ جي مرڻ تي ڀاءُ کي مارائي ڇڏيندا هئا ته متان تخت تاج تي ڀيو ڀاءُ قبضو ڪري. هو پنهنجي سلطنت جو ڪجهه حصو ڪنهن يورپي قاتل گروپ کي آفر ڪري پنهنجي ڀاءُ کي مارائي ڇڏيندا هئا ۽ هن ڪرائي جي قاتل يورپين جي گروپ ۾ هڪ به ٻاڻ جهڙو گورو هوندو هو, باقي سڀ مڪاني (Native) اندين هوندا هئا, جن کي هو ٿوري گهٽي سکيا ڏئي, بندوقون سنڌن حوالي ڪري ٻاڻ سان ونيو پيا هلندا هئا. هنن کي اهڙا مڪاني ماڻهو ڪوڙ مليا ٿي, جيڪي سنڌن حاڪمن جي بد انتظامي, ظلم, ناانصافي, بک ۽ بيروزگاريءَ کان سخت بيزار هئا. هنن کي به هر صورت ۾ خوشحال زندگي گذارڻ لاءِ پئسي ڏوڪڙ جي ضرورت پئي ٿي. هنن کي پنهنجن عياش حاڪمن لاءِ ڪهڙي همدردي؟ هنن لاءِ ته هي گورا يورپي بهتر

هئا. اهو اهڙي طرح هو جيئن اسان وٽ ڪيترا غريب ۽ مجبور انصاف ۽ نوڪريون نہ ملڻ ڪري، پنهنجي حاڪمن خلاف دشمن ملڪ جي ايجنسيءَ جي چنبن ۾ بہ ڦاسيو پون.

حالت اها هئي جو هي يورپي غنڊا ۽ قاتل ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ فلپائين تائين انڊين ۽ سائوٿ چائنا سي جي سمنڊن تائين، پنهنجن ٻيڙن ۾ ان وقت جون ماڊرن بندوقون، توبون ۽ مشين گنون ۽ بارود فٽ ڪري پيا ڦرندا هئا تہ ڪٽي ٻن پائرن، سوٽن يا چاچي پائتي جو تخت يا زمين تان جهيڙو ٿئي تہ هڪ کي کٽائي، ان مان پئسو ڪمائجي. اهڙي ئي هڪ بروناءِ جي گادي نشين انگريز مرسنريءَ کان مدد وٺي تخت حاصل ڪيو ۽ پوءِ هن کي نہ فقط سرواڪ جي سڄي رياست تحفي ۾ ڏئي ڇڏي پر ”وائيٽ راجا“ جو خطاب بہ ڏنو. انگريز راجا بہ وري چا ڪيو جو ان رياست جي عوام کي امن امان ۽ خوشحالي ڏئي، هڪ سٺي فوج ٺاهي، ساڳي سلطان تي حملو ڪيو جيڪو پنهنجو حرم وڌائڻ ۽ عياشيءَ ۾ غلطان هو. سو اهي هئا ڪم اسان جي حاڪمن جا..... تڏهن تہ هيڏو پري کان آيل ڌاريا مٿن چڙهائي ڪري ويا ۽ جن جو ساٿ ڏيڻ لاءِ بہ اسان جا ئي ماڻهو هئا.

سو هي لڪسمبرگ جو والٽر بہ هڪ بدمعاش ۽ غنڊو هجڻ ڪري سنو ”مسواڙي قاتل“ ثابت ٿيو ۽ انڊيا پهچي پهرين ننڍا هٿ هنيائين، جن ۾ ڪامياب ٿيڻ ۽ پئسو ٺاهڻ بعد. هن وڏيڪ هٿيار گهرايا ۽ مڪاني ماڻهو ميڙي، وڏو ٽولو ٺاهڻ بعد هو دهليءَ آيو جتي مغل شهنشاهيت جي مغل بادشاهہ شاهہ عالم دوم (بهادر شاهہ ظفر جي ڏاڏي) جي حڪومت جو دور (1806ع ـ1760ع) هو. پر انهن آخري مغل بادشاهن جي حڪومت جي اصل رٽ، سمجهو تہ ڪراچي شهر جي ڪياماڙيءَ کان ملير تائين ڪا مس هئي. باقي چوڌاري انگريزن ۽ ٻين هندو، مسلمان ۽ سک راجائن، نوابن، سردارن جو راڄ هو.

دهليءَ جي هن ڪوٺي ۾ 45 سالن جو هي يورپي قاتل سولجر والٽر، 14 سالن جي ناچڻي مسلمان ڇوڪري ”فرزانا“ جي سونهن ۽ ناز نخرن تي موهت ٿي پيو. هن ڪوٺي وارن کي راضي ڪري ”فرزانا“ جي ٻانهن ورتي ۽ فرزانا بہ خوش ٿي هن سان معشوقا جي حيثيت ۾ زندگي گذارڻ لڳي. ڪن جو چوڻ آهي تہ هنن شادي بہ ڪئي. بهرحال هوءَ پاڻ کي مسز سومبر سڏائڻ لڳي. جيڪو نالو ديسي ماڻهن لاءِ ڏکيو هجڻ ڪري، ڪيترا هن کي ”بيگم سمرو“ سڏڻ لڳا هئا. هن پوڙهي عيسائي يورپي والٽر ۽ ننڍي نيٽي مسلمان ڇوڪري فرزانا جي عشق محبت تي هڪ انگريز جان لال (John Lall) واهہ جو ناول لکيو آهي، جنهن جو عنوان آهي: “Begum Samru-Fading Portrail in a Giladed Frame”

پلي پاڳ وارو هي يورپي قاتل، شڪار جي ڳولا ۾ دهليءَ کان پوءِ لکنئو اتان کان پوءِ روحيل کنڊ، بريلي ۽ پوءِ آگري، ڊيگ، ڀرتپور ۽ ٻين شهرن ۾ بہ...... ان قسم جي روزگار حاصل ڪرڻ ۾ لڳو رهيو. ڪمال جي ڳالهہ اها تہ سندس زال فرزانا (مسز سومبر/بيگم سمرو) ان معاملي ۾ وڏي دلير، چالاڪ ۽ ذهين نڪتي جو هوءَ راجائن نوابن جون نہ رڳو اٽڪل بازيون ۽ جاسوسيون (Intrigues & Counter Intrigues) سمجهي، مڙس جي رهنمائي ڪرڻ لڳي، پر مڙس کان گهوڙي سواري، تلوار بازي ۽ بندوق بازي بہ سکي قابل ٿي وئي ۽ خوب ناڻو مال ملڪيت حاصل ڪيائين.

ٻين ڳالهين سان گڏ هيءَ ناچڻي فرزانا عشق باز بہ پئي لڳي ۽ پنهنجي مڙس جي ڪيترن يورپي دوستن سان بہ جتي وجهہ لڳس ٿي، دلپشوري ڪندي پئي رهي. انهن مان سندس بہ عاشق تمام مشهور هئا. هڪ لاواسلٽ (Le Vassout) نالي فرانس جو فرينچ ۽ ٻيو جارج ٿامس نالي آئرش هو. هن آئرش قاتل کي مڪاني ماڻهو ’جهازي صاحب‘ بہ سڏيندا هئا. جيڪو آئرلئنڊ جي هڪ غريب هاريءَ جو پٽ هو پر پوءِ مدراس ۾ انگريزن جي نيويءَ ۾ ڊاڪيارڊ ۾ مزوري ڪرڻ لڳو... ۽ پوءِ اها نوڪري ڇڏي، بيگم سمرو جي قاتل ٽولي ۾ اچي ڪم ڪرڻ لڳو ۽ هن بہ ايترو ڪمايو ۽ طاقتور ٿي ويو جو هريانا رياست جي هڪ ننڍڙي سلطنت جو 1798ع کان 1801ع تائين ٿي سال حاڪم ٿي رهيو. هي جيتوڻيڪ بيگم سمرو (فرزانا) جو دل گهريو جنرل هو پر پوءِ فرينچ سولجر لي واسولٽ جي

رقابت ۾ ساڙوارين اٽڪلن ڪري هن بيگم سمرو جي نوڪري ڇڏي ۾ مرهٽي سردار 'اپا ڪنڊي راءِ' وٽ وڃي پگهار جو قاتل ٿيو.

بيگم سمرو جو مڙس 56 سالن جي ڄمار ۾ (1778ع ۾) گذاري ويو. ان ڪري بيگم سمرو پاڻ قاتل ٽولي جي ليڊر ٿي پئي هلي. هن پنهنجن سؤ کن قاتل سپاهين ۾ ٻہ ٽي يورپي بہ رکيا هئا. بيگم سمرو جي مڙس والٽر سومبر جو موت آگري ۾ ٿيو ۽ بيگم سمرو (فرزانا) هن کي آگري جي گرجا گهر جي اڳڻ ۾ پنهنجي هٿن سان دفن ڪرايو ۽ ان بعد هوءَ مڙس جي فوج جي ليڊر چونڊي وئي. انڊيا جي ماڊرن ناول نويس وڪرم چندرا پنهنجي ناول "Red Earth & Pouring Rain" ۾ بيگم سمرو جو ڪردار واهہ جو چٽيو آهي.

مڙس جي مرڻ کان پوءِ ٽن سالن بعد 1781ع ۾ هوءَ ڪيٿولڪ عيسائي ٿي ۽ پنهنجو نالو جونا نوبيلس سومبر رکرايو. 1793ع ۾ مشهور ٿيو تہ بيگم جونا (فرزانا) پنهنجي فوج جي فرينچ سولجر لي واسولٽ سان شادي ڪئي آهي. ان خبر تي سندس سپاهين جي ٽروپن ۾ بغاوت ٿي پئي. هي جوڙو جان بچائڻ لاءِ رات جي اونداهہ ۾ (مڙس گهوڙي تي سوار ۽ پاڻ پالڪيءَ ذريعي) دهلي مان نڪري ويو. رستي تي ٻنهي کي الڳ الڳ خبر ملي تہ ٻي ڌر قتل ٿي وئي آهي. گهران ڀڄڻ مهل هنن اهو ئي سوچيو هو تہ هنن مان هڪ مري ويو تہ ٻيو عاشق خودڪشي ڪندو. هنن جو هاڻ ٻئي جي مرڻ جي خبر ٻڌي تہ ٻنهي پنهنجي جاءِ تي ڪٽي خودڪشي ڪئي. فرينچ سولجر تہ مري ويو بيگم سمرو مٿي ۾ پٽر هڻڻ سان بيهوش ٿي وئي ۽ ڪافي رت ڳاڙيندي رهي پر پوءِ ڪجهہ ڏينهن علاج هلڻ بعد بچي وئي.

اڳتي هلي بيگم سمرو جي قاتل ٽولي، انگريزن جي خلاف واري ڌر سان شامل ٿي. 1802ع ۾ لڙائي ڪئي. ڪامياب ٿيڻ جي صورت ۾ بيگم سمرو کي انگريز فوجي جنرل ليڪ Gerard Lake اڳيان پيش ڪيو ويو. پنجاهہ کن سالن جي بيگم سمرو ان وقت بہ حَسين ترين هئي. هن خبر ناهي جنرل صاحب جي اڳيان ڪهڙي ادا سان نهاريو يا ڪا اهڙي اک ڀڃائينس جو هي انگريز صاحب بہ هن پوڙهيءَ تي فدا ٿي پيو ۽ پنهنجا هوش وڃائي ٻنهي ڌرين جي فوجي ٽروپن اڳيان، مائيءَ کي جهلي، ڪٽي زور سان چُما چاٽي ڪيائينس. ان تي بيگم سمرو جي سپاهين کي باهہ وٺي وئي..... پر بيگم صاحبا نمونو ڪري هنن کي ٿڌو ڪيو تہ بابا! هيءَ چمي ڪا عشق يا پيار جو جوش ڏيارڻ واري نہ هئي پر سمجهو تہ اها هڪ پادريءَ طرفان هڪ گنهگار ٻار جي توبهہ تائب ٿيڻ تي هئي. بيگم سمرو جي هن قسم جي ڳالهين ۽ بگڙيل حالتن کي يڪدم بهتر صورت ڏئي وڃڻ جي انگريز بہ تعريف ڪن ٿا تہ:

"Such tactful nature and skill varely possessed by any woman in those times".

مختلف لڙائين دوران، هوءَ اڪثر مردن واري پوشاڪ اوڍي، گهوڙي تي سوار ٿي، سپاهين جي اڳواٽي ڪري، دشمن جي لشڪر تي وار ڪندي هئي ۽ سندس نشانو ورلي ڪو خطا ٿيندو هو. وڏي دلير هئي ۽ سندس لڙائيءَ جي اٽڪل بازين جو خوف پري پري تائين ويٺل هو. مڙس جي مرڻ بعد هوءَ دهلي ۽ آگرو ڇڏي، ميرٺ ۾ اچي Settle ٿي ۽ پنهنجي سپاهين جي ٽروپن کي پاڻ اتي سکيا ڏيڻ لڳي. وڏيون پگهارون ڏيڻ ڪري هن جي سپاهہ ۾ ڪيترا يورپي "مسواڙي قاتل" خوشيءَ سان ڪم ڪرڻ لڳا. پڙهندڙ انهن ڳالهين مان اندازو لڳائين تہ ملڪ جون ڇا حالتون هيون. حاڪم عياشين ۾ هئا، غنڊن جو راڄ هو ۽ مسڪين عوام سورن ۾ هو. جيئن اڄ بہ اسان جي ڳوٺن ۾ ڪو پرائمري اسڪول جو ماستر رٽائرڊ ٿو ٿئي ۽ ڪيس پروبڊنٽ فنڊ جهڙو ڪو پئسو ملي ٿو تہ هن کي خوف ورائي ٿو وڃي. ڪو نئين موٽر سائيڪل وٺي ٿو تہ ڳوٺ جي غنڊن کي اهو اک ۾ ٿيو پوي ۽ ڪين تيسين سڪون نٿو اچي جيسين اها چوري نہ ڪن..... ڪين پوليس ۽ قانون جي بہ پرواهہ نٿي رهي. انڊيا ۾ اجان نالي جا تہ اسانجا مغل بادشاهہ هئا، پر هو پنهنجو پاڻ ۾ پئي تخت نشينيءَ تان وڙهيا - غريب عوام جي سڪون ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڇا سوچين؟! ڌارين ملڪن کان آيل ڪنگلا، غنڊا، قاتل ٿيو وينا هئا. ڪين ڪا جهل پل نہ هئي، بلڪ اسان جا حاڪم پنهنجن کي قتل ڪرائڻ ۽ غريب عوام جي احتجاج ڪرڻ تي، ڪين خاموش ڪرائڻ لاءِ، انهن قاتل غنڊن کي استعمال ڪندا هئا. جيڪي

هنن پگهارن يا ٽيڪن تي رکيا هئا. 1803ع ۾ جڏهن اتر انڊيا تي انگريز حاوي ٿي ڇانئجي ويا ته بيگم سمرو سارڌانا ۾ خودمختيار حاڪم ٿي اچي پنهنجي رياست جو انتظام سنڀاليو.

1806ع ۾ شاهه عالم دوم مغل بادشاهه وفات ڪئي ۽ سندس پٽ اڪبر شاهه جيئن تخت تي ويٺو ته سندس پيءُ تي ڪيل ٿورن جي بدلي ۾ هن (شهنشاهه اڪبر) بيگم سمرو کي اهو چانڊني چوڪ وارو سهڻو ۽ وڏو بنگلو تحفي ۾ ڏنو. شاهه عالم دوم بيگم سمرو کي پنهنجي ڌيءُ ڪري ٿي سمجهيو. ڇو جو بيگم سمرو هن کي هڪ دفعو 30 هزار سک فوجين کان بچايو هو. جن 1783ع ۾ دهليءَ تي حملو ڪيو ۽ هي پوڙهو ۽ بي پهچ مغل بادشاهه بيوس ٿي ويو هو. سکن جي ٽيهه هزار سپاهه ڪمانڊر بيگهل سنگهه جي اڳواٽيءَ ۾ جنهن هنڌ اچي پڙاءُ هنيون، هاڻ ان جاءِ تي ٺهيل شهر جو نالو "تيس هزاري" آهي. بيگم سمرو هنن سکن سان ڳالهايو، هن مغل بادشاهه کان وڏو پئسو ڪين سوغات ۾ ڏياري، راضي ڪري ڇڏيو ۽ هو خوش ٿي پنجاب موٽي ويا. پئسي کان علاوه مغل بادشاهه سکن کي دهليءَ ۾ اٺ گردوارا ٺاهڻ جي به اجازت ڏني ۽ انهن جي مدد لاءِ هن سڄي سال جو آڪٽراءِ به کين ڏياريو.

1783ع واري انهيءَ ان سکن جي حملي بعد 1788ع ۾ روهيلا رياست جي سردار غلام قادر دهليءَ تي ڪٽي قبضو ڪيو ۽ مغل شهنشاهه شاهه عالم دوم جي فئمليءَ کي تارچر ڏئي لڪايل خزاني جون جايون پڇيون. تڙتڪڙ جي عالم ۾ هن مغل بادشاهه جون اکيون ڪڍي هن کي انڌو ڪري وڌو. بيگم سمرو کي جو خبر پيئي ته هوءَ پنهنجن سپاهين سان بادشاهه جي بچاءَ لاءِ پهچي وئي ۽ هن جي سپاهين سردار غلام قادر ۽ ان جي آنڌل غنڊن کي تڙي ڪڍيو. غلام قادر دهليءَ پڄي ويو جتي آخر هن کي جهلرائي، تارچر ڪري مارائي هن جي اکين کي ڪاٺ جي پيتيءَ ۾ بند ڪرائي بي چينيءَ سان انتظار ڪندڙ مغل شهنشاهه شاهه عالم دوم جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو. هو ڏسي ته نٿي سگهيو پر هٿن سان ضرور محسوس ڪيائين ۽ بيگم سمرو جي همت ۽ ذهانت کي داد ڏيندي هن کي "زيب النساء" جو خطاب ڏنائين. جنهن جو مطلب آهي "عورتن جي سونهن" ان کان علاوه کيس "فرزند عزيزي" جو به خطاب ڏنو ويو جنهن کي هن پنهنجي نالي ۾ آڻڻ لاءِ فرزانا ۾ بدلايو.

سو سائين! پڙهندڙ ان مان اندازو لڳائين، ته اسان جي آخري مغل بادشاهن جي اهڙي ويچي حالت ٿي، جن جي گهرن ۾ ڌاڙيل ڪاهي پيا ٿي ۽ بادشاهه جي پنهنجي ايڏي سڪيورٽي ۽ سپاهه نه هو. جيڪو هن کي بچائي سگهي ـ هڪ مرسنري عورت (مسواڙي قاتل) هن جي جان بچائي ۽ بدلو وٺرائي ڏنائينس. اهو به لکندو هلان ته هوءَ اچ جي بئنڊٽ ڪُئين ڦولن ديويءَ کان وڌيڪ خوفائتي سمجهي وئي ٿي. سهڻي پنهنجي جاءِ تي هئي. پر انڊيا جا وڏا وڏا راجا مهاراجا ۽ نواب سردار هن کان ڊنا ٿي. ڪيترن کي ته اهو يقين جي حد تائين وهم گمان هو ته هوءَ هڪ عورت نه پر ڏائڻ آهي. جيڪا فقط پنهنجو چوغو (Clock) دشمن ڏي ڦتو ڪري دشمن کي تباهه ڪري سگهي ٿي.

1803ع ۾ انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ مرهٽا سلطنت جي وچ ۾ "بي ائنگلو مرهٽا جنگ" جي وڏي لڙائي اڄ واري مهاراشٽرا صوبي ۾ (جنهن ۾ ممبئي ۽ پوني جهڙا شهر آهن) اسائي (Assaye) شهر ۾ لڳي. هي شهر ممبئيءَ کان 400 ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي آهي ۽ آگري کان 1200 ڪلو ميٽر پري آهي. انهن ڏينهن ۾ نه اڄ وانگر موٽر ڪارون يا ٽرڪون هيون ۽ نه اڄ جهڙا روڊ رستا. سپاهين کي ڊوڙڻ لاءِ ڍڳي گاڏيون ۽ اٺ گاڏيون ئي استعمال ٿيون ٿي. بيگم سمرو مرهٽن لاءِ ڪم ڪيو ۽ پنهنجو سپاهه آگري ۽ ميرٺ کان وٺي اسائي پهتي. مرهٽن جو ساٿ ٻن ٽن ٻين ڌرين به ڏنو پر هو انگريزن جي وڌيڪ ڊسيپلينڊ سپاهه ۽ هٿيارن جو مقابلو ڪري نه سگهيا. ڇون ٿا ته سواءِ بيگم سمرو جي فوجي ٽروپن جي، باقي سڀ وقت کان اڳ تڙي پکڙي ويا. بيگم سمرو جي دليريءَ جي انگريزن به تعريف ڪئي.

ان ئي سال علي ڳڙهه تي به انگريزن جو قبضو ٿي ويو. بيگم سمرو کي آڻ مڃڻي پئي. سندس پيش پوڻ ۽ ڇُٽڻ واري واقعو مٿي بيان ڪري چڪو آهيان. پر پوءِ بيگم سمرو انگريزن سان ٺاهه ڪري ورتو ۽ هوءَ انگريز ۽ يورپي اعلي عملدارن ۽ مذهبي پادرين سان پنهنجي رياست سارڌانا ۾ ملندي رهي. هن پنهنجي علائقي سارڌانا جي ماڻهن جي خوشحاليءَ جو خيال رکيو ۽ هن جي حڪمن جي سندس علائقي کان ٻاهر به پوئواري ڪئي ٿي وئي. يعني هن

جي گڏگورننس هئي. هن کي حڪومت جو ڪاروبار ۾ انتظام هلائڻ جو طريقو آيو ٿي. هن 30 سال ڪن، 1836ع ۾ وفات ٿائين. پنهنجي رياست سارڌانا ۾ ان ان جي ماڻهن جي صحيح طرح سارسنڀال لڌي. ان وقت جي هڪ تاريخدان مطابق:

"An unremitting attention to the cultivation of the lands, a mild and upright administration, and for the welfare of the inhabitants, has enabled this small tract dardhana yield a highest revenue per annum….."

منهنجي خيال ۾ هن ڪتاب کي هتي ئي ختم ٿا ڪريون. بيگم سمرو جي چاندني چوڪ واري حويلي (جيڪا ڀاگرٿ محل به سڏجي ٿي)، وٺان لنگهڻ بعد باقي به ڪلاڪ مون وارو سک ٽئڪسي ڊرائيور مونکي ڪٿي گهمائيندو رهيو؟ يا دهليءَ ۾ باقي رهائش وارن ڏينهن ۾ ڪيئن وقت پاس ڪيم؟ ان جو احوال هاڻ ڪنهن ٻي ڪتاب ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪندس، جو هي ڪتاب لڳي پيو ته فوٽن سميت ٽن سؤ صفحن کان مٿي ٿي ويندو ۽ ڪيترا پبلشر اهو ئي چاهين ٿا ته ڪتاب ڪجهه سنهو هجي ته جيئن پڙهندڙ کي هٿ ۾ ڪٽي پڙهڻ ۾ سهولت ٿئي. آئون به اهو ئي چاهيان ٿو ۽ به چار ڏينهن ٻي ڪنهن ڪم ۾ لڳائڻ چاهيان ٿو.

***

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۾ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ ڀڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو ساڻباهو ڪيو آهي ڇو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

**الطاف شيخ جي ڪتابن جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book.altafshaikh



**Altaf Shaikh**
is a famous scholar, seafarer, God fearing, loving, sincere friend with inquisitive mind. He has thirst for knowledge and passion to share & spread his wide and immense knowledge obtained through keen observation and candid eye. His more than 90 travelogues of different seas & oceans, ports & islands from Bali, Brunie & Bangladesh to Brazil, Bermuda & Bangkok; and Sweden, Spain, Sudan to Singapore, Senegal & Srilanka etc are interesting readings for all ages. A marine engineer (ship engineer) by profession, Altaf Shaikh provides information, entertainment & guidance to his readers through his writings. He is always restless to awaken and educate our nation and prepares them to face the challenges of time.
May Allah Almighty grant him long life and best health with prosperity. Aameen.

*Brigadier Surgeon Nizamuddin Danwar*
Pir jo Goth, Khairpur Mirs